سنڌ جا سچڻو سلام .....

سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام پنهنجي وجود جي پهرين ڏينهن کان جيڪي ڪوششون شروع ڪيون هيون انهن جو مقصد ڪمپيوٽر ۽ خاص ڪري انٽرنيٽ تي سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ۽ ترقيءَ جو هيو. سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** متعارف ڪرايو آهي. ان سلسلي جو هي **نائون** ڪتاب **حيدر دريا زئور** جو ناول **"رشتن جي آزادي"** پيش آهي. اسين ٿورائتا آهيون پياري دوست آفتاب حسين کوهاري صاحب جا جنهن هن ڪتاب جي ڪمپوزنگ ڪئي آهي. خاص ٿورا سائين حيدر دريا جا جنهن هي ناول سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني. هي ڪتاب **موسيٰ پبليڪيشن ڪوٽڙي** پاران چپايو ويو آهي.

اوهان سڀني دوستن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين ، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.



محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
salamatsindh@gmail.com
www.sindhsalamat.com


رشتن جي آزادي
(ناول)
حيدر دريا
موسي

رشتن جي آزادي

(ناول)

حيدردريا زئور

موسيٰ پبليڪيشن
ڄامشورو

[حق ءِ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ]

ڪتاب نمبر - 7

ڪتاب جو نالو:

رشتن جي آزادي ـ (ناول)

ليکڪ:

حيدر دريا زئور

ڪمپوزنگ:

صفدر حسين کوهارو

ڇاپو:

پهريون سال ـ 2012ع

ڇپائيندڙ:

موسيٰ پبليڪيشن ڄامشورو

قيمت: [200 روپيا]

Rishtan Je Aazadi

[Novel]

Writer: ***Hyder Drya Zour***

Composed: ***Safdar Hussain Khuharo***

Edition: **First**

Year: **2012**

Published by:**Moosa Publication Jamshoro**

[Price Rs .200]

ارپنا

پنهنجي هر لکڻي، تاحيات جي لاءِ
سنڌونديءَ جي نانءُ ارپيان ٿو.
ء
پنهنجي نيڪ فرزند وحيد حيدر زئور ء
سندس پياري دوست، راحيل رحيم زئور
جي نانءِ
ء سنڌ جي انهن نوجوانن جي نالي،
جيڪي سماجي اوٽائين سبب پنهنجو
پيار حاصل ڪري نه سگهيا !

حيدرڊريازئور

مهاڳ

حيدر دريا زئور صاحب سان منهنجي اڳ ۾ ڪا ملاقات نه هئي پر جڏهن سندس پهريون ناول ڇپجي آيو ته مون ناول پڙهي ڪيس مبارڪباد جي فون ڪئي هئي ۽ اها فون ساڻس رابطي جو پهريون قدم هو. شايد به ڪيس حيرت ٿي هجي منهنجي فون تي ڇو جو اسان وٽ تخليقن تي داد گهٽ پر واسطن يا لابي جي حساب سان تعريف ڪبي آهي ۽ داد ڏنو ويندو آهي. ان ڪانپوءِ وقتن بوقتن فون تي رابطو رهندو آهي ۽ هاڻي ته فيس بڪ جي ڪري به رابطو آهي.

هن مونکي پنهنجي پي ناول "رشتن جي آزادي" جو مسودو موڪليو ته جيئن مان ان تي مهاڳ لکي سگهان. حالانڪ دريا جي پنهنجي لکڻي اهڙي آهي جوکيس مهاڳ جي ضرورت ناهي.

اهو ناول جيئن ئي مونکي مليو هو ته مون پڙهي پورو ڪيو هو. پر الائي ڇو چاهيندي به لکي نه سگهيو هيس. حقيقت اها آهي ته لکڻ هن وقت به نه پيو چاهيان. ڇو ته مان چاهيان پيو ته سندس ان تخليق تي ڪو خشڪ قسم جو مضمون نه هجي پر جيئن ڪهاڻيڪار يا ناول نگار ڪا تخليق سرجيندو آهي ته ان کي گهڻو وقت پنهنجي اندر ۾ ولوڙيندو آهي ۽ پوءِ اها گهڙي ايندي آهي جڏهن تخليق لفظن جي صورت ۾ جنم وٺندي آهي جنهن ڪري اها تخليق پاڻ سان گڏ رواني، پرپور احساس ۽ هڪ مڪمل تصوير ٻڌجي ڪينواس تي ظاهر ٿيندي آهي. ان سبب ڪري مان به اندر ۾ هن جي ناول تي لکڻ لاءِ ولوڙيو پئي ته جيئن سندس تخليق سان انصاف ٿي سگهي ڇو جو هي ناول هڪ پرپور تخليق آهي جنهن ۾ نه رڳو احساس آهن پر رنگ ۽ خوشبون به آهن.

پر جيئن ته گهڻي دير ٿي وئي هئي ۽ دريا به پنهنجي فقيراٽي استائيل ۾ يادگيريءَ جا استيڪر هٽندو پيي ويو. مون به سوچيو ته ڪيس شابس آهي صبر ڪرڻ تي پر هاڻي دير نه ڪرڻ گهرجي.

حيدر دريا جو پهريون ناول "لفظن جي خواهش" هڪ رومينٽڪ ناول آهي. ان ڪري جڏهن سندس هي ناول پهتو ته مون ذهن ۾ اهو رايو رکي ناول

پڑھڻ شروع ڪيو تہ اهو بہ روميٽنڪ هوندو. پر جڏهن مون ناول پڙهيو تہ هي ناول سندس پهرين ناول کان بنهہ مختلف نظر آيو. اهو ڏسي خوشي بہ ٿي ڇو جو نہ تہ عام طور تي ليکڪ، پنهنجي هڪ مخصوص استائيل ۾ گهر ٿي ويندو آهي ۽ سندس هر ڪهاڻي، ناول، ڪالم يا ڊراموساڳو لڳندو آهي اهڙا ڪوڙ مثال اسان جي سامهون آهن. ناول مختلف قسمن جا ٿي سگهن ٿا جهڙوڪ سماجي، نفسياتي، رومينٽڪ، تاريخي، اينٿروپالاجيڪل، بايوگرافيڪل وغيره. حيدر دريا جو هي ناول "رشتن جي آزادي" هڪ سماج ناول آهي پر ان ۾ رومانس، نفسيات ۽ سماج جي مسئلن جي رنگن جا شيڊز بہ شامل آهن.

ناول يا ڪنهن بہ تخليق جي خاص خوبي اها هوندي آهي تہ ان جي اٽت اهڙي هجي جيئن پڙهندڙ ان جو حصو ٿي وڃي. هي ناول بہ ايئن ئي آهي ۽ ماڻهو ان جي سحر ۾ گرفتار ٿيو وڃي ۽ جيستائين ناول کي پڄاڻيءَ تي نٽو پهچائي تيستائين سکون نہ ٿو ماڻي.

آدجڳاد کان وٺي انساني رشتن ۾ مِٺ محبت رهي آهي تہ جنگ و جدل بہ رهيو آهي. جنهن جو سپ کان پهرين مثال هابيل ۽ قابيل جي وڙهہ جي صورت ۾ ملي ٿو. انساني رشتا هڪ گهٽو منجهيل ست آهي، جنهن کي سلجهائيندي سلجهائيندي ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو پاڻ ان ۾ الهجي پئي ٿو. انهن رشتن ۽ انسان جي اٿڻ ويهڻ، ڀالهائڻ ٻولهائڻ سماج ۾ پنهنجو ڪردار نيائڻ تي سماجي سائنسدانن ڪوڙ ڪتاب لکيا آهن. نفسيات جي سبجيڪٽ کان وٺي سوشيالاجي تائين انهن ڀالهين کي پروڙڻ ۽ سمجهڻ لاءِ هزارين ڪتاب لکيا ويا آهن.

الفريڊ ايڈلر، ايرڪ ايرڪسن ۽ سگمنڊ فرائڊ کان وٺي ايموشنل انٽيلجنس جي ڀالهہ ڪندڙ ڊينيئل گولمين تائين سيني انساني ورتاءَ ۽ رشتن تي لکيو آهي. ان کان علاوه ڪجهہ ليکڪن وري ان کي تخليقي صورت ۾ آندو آهي. حيدر دريا جو هي ناول بہ ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. هن ناول ۾ ڪافي ڀالهيون بحث هيٺ آنديون ويون آهن. جن ۾ پنهنجن جي اوپرائپ کان، وٺي هڪ ماڻهوءَ جي انا جي باهہ هيٺ سڙيل خاندان تي بحث تہ نہ پر تخليقي ذريعي سان احساس ڏياريو ويو آهي، تہ

وري ڪٿي اهو سوال اٿاريو ويو آهي تہ آخر والدين اولاد جي تربيت ۾ ڪيترو ڪنٽرول رکن؟

فطرت ۾ هر ڀَالھ ۾ ھڪ سائيڪل / چڪر موجود آهي جيئن نائٽروجن سائيڪل آهي جنهن ۾ هوا ۾ موجود نائٽروجن، برسات جي صورت ۾ ٻوٽن وٽن کان ٽيندي جانورن جي کاڌي تائين پهچندي، قدرتي پاڻ جي صورت ۾ زمين ۾ پهچي وري اتان گيس جي صورت ۾ هوا ۾ واپس ڦري اچي ٿي. اهڙي ريت زمين جي يا ٻين گرهن جي گردش ۾ ھڪ سائيڪل جي صورت ۾ موجود آهي. انسان جو پنهنجو وجود ۽ زندگي ۾ ھڪ مڪمل سائيڪل آهي. منهنجي پنهنجي هڪ راءِ آهي تہ خاندان(هتي خاندان ۾ منهنجي مراد هڪ نسل نہ پر ڪئين نسل آهن) ۽ قومن ۾ ۽ ھڪ سائيڪل موجود آهي، ڪو ۽ خاندان / قوم سدائين ساڳين حالتن ۾ نہ ٿي رهي. ڪنهن وقت جيڪڏهن خوشحال آهي تہ ڪنهن وقت مسڪين تہ وري ڪڏهن ساڳيو اوج ماڻي ٿو.

اها سائيڪل اسان کي حيدر دريا جي ناول"رشتن جي آزادي" ۾ ملي ٿي. جانو يا جان محمد جيڪو پنهنجي گهر مان تڙجي نڪري ٿو ۽ ربو يا ربنواز جي پيار ۽ مدد سان پڙهي ۽ شادي ڪري معاشري ۾ هڪ سنو مقام ماڻي ٿو ۽ پنهنجين ۾ ٽيئرن سان رهي ٿو پر وري چاهت، جي چريائپ ۽ خودغرضي جي ڪري ساري گهر کي ڏانوان ڏول ڪري ڇڏي ٿي وري ڀَالھ اتي پهچي ٿي جتان شروع ٿي هئي. حيدر دريا رشتن جي ان ڄار کي ڏاڍي احساساتي ۽ تخليقي نموني پنهنجي ناول ۾ آندو آهي جنهنڪري پڙهندڙ ڪٿي ۾ جهول محسوس نہ ٿو ڪري پر ان سڄي ماحول جو هڪ جز ٿي ويجي ٿو ۽ اها ئي ليکڪ جي ڪاميابي آهي. ان کان علاوه هن ناول جي ڪردار نويسي ۾ شاندار آهي، هر ڪردار جو پنهنجو هڪ الڳ رويو ۽ اظهارڻ جو ذريعو پنهنجو آهي. مختصر طور ايئن ئي چئجي تہ حيدر زئور جو هي ناول سنڌي ادب ۾ هڪ منفرد حيثيت رکي ٿو.

اسحاق انصاري

ڪراچي

پيماني ۾ اوتيل شراب

سنڌو درياھ جڏھن ڪئلاش پربت کان پنھنجو سفر شروع ڪري ٿو تہ ان ۾ بلا جي مستي ۽ ارڏائي ھجي ٿي ۽ شينھن جيئان گجگوڙ ڪندڙ مست سنڌو جڏھن سنڌ ۾ داخل ٿئي ٿو تہ سندس آڪار وڌي ٿو ۽ سنڌ ۾ سفر ڪندي منجھس گوتم جھڙي سانت اوتجو ويجي ۽ نگر نٿي ۾ پھچندي وشال درياھ جڙ ڪنھن نرتڪي جي ڏيمي، چال جھڙي روم تي سمنڊ ۾ سمائجي وڃي ٿو. ڪئلاش جبل کان سانڍيل سڪ جيڪا ڪيس ٻيچين ڪندي سفر تي اسھائي ٿي، ان جي پورٽا ھو نگر نٿي ۾ ماٽي ٿو... تڏھن مونکي سمجھ ۾ اچي ويجي ٿو تہ نٿي ضلعي ۾ ايڏا مھان ڪلاڪار ڇو ٿا پيدا ٿين؟ جتي سرجڻھار سنڌو پنھنجو اٽانگو سفر پورو ڪري منزل ماٽي سڳلتا پائي، ان ڏرتي تي سونھن، سڪ ۽ سوز جا سلا سدائين اُڀندا رھندا ۽ پنھنجي سرھاڻ سان سنسار کي واسيندا رھندا. سروبچ سجاولي، محمد خان مجيدي، قاسم پٽر، ارشاد ساگر، مريم مجيدي، رنگريز... کان حيدر دريا تائين ڏات جي ڏيھ ۾ اُھي نالا آھن، جن جي ڪوتائن ۾ سنڌ جي سونھن، سپيتا ۽ سنڌو جيڏو وشال سينو سمايل آھي.

نج ڀُوناڻي ٻيھڪ رکندڙ سادو سودو، پنھنجي ڏن ۾ مگن رھندڙ حيدر دريا کي ڏسي ڪير چوندو تہ ھي ڪوپلوڙ ناول لکندڙ بہ آھي؟ اسان وٽ عام طور تي ليکڪ بہ ڪاسميٽڪ خول ۾ رھڻ پسند ڪن. عام طور تي لکڻين کان زياده ڀَالھائڻ جي استائل، اٽڻ ويھڻ جي انداز مان اديب محسوس ڪرائين، پر ھي فقير ماڻھو سنڌ جي عظيم ناول نگار علي بابا جيئان بلڪل فطري ڏيکائي ڏيندڙ ائين جڙ ھن ۾ موھن جي دڙي جو روح سمايل ھجي.

"لفظن جي خواھش" کان پوءِ "رشتن جي آزادي" سندس ٻيو ناول آھي. ھڪ چيني چوٽي آھي تہ "عالم ڪتابن تي ڀَالھائيندو آھي ۽ ڪاسائي رڍن تي". حيدر دريا ھن ناول ۾ سنڌ جي سماجي ٻيھڪ تي ٽيڪاٽپٽي ڪندي اُن ۾ موجود ڪُڌين رسمن ۽ رواجن کي ننديندي آئيندي ان اُجالن

جا گس گهاٽ ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سندس ناول جون هي ستون ان جي پرپور عڪاسي ڪن ٿيون.

"هر انسان پنهنجي خدا جي شڪل ۾ پنهنجي ئي ڪرشمي ۽ ڪرامت ۾ پيو جيئي پر اُن جو ڪيس علم ناهي... جن کي ان جي پروڙ پئي سي علم جو دروازو ۽ سولي تي منصور ٿا سڏائين."

حيدر دريا جي ناول پڙهڻ سان تلسلسل ٽُٽي نڻو ۽ هڪ ساهي ۾ ان کي ختم ڪرڻ تي دل چوي ٿي.

"موپاسان" جي راءِ مطابق، "سڀي ڪهاڻي اُها هوندي آهي جيڪا توهان کي اهو محسوس ڪرائي تہ ان جا ڪردار اوهين بہ ٿي سگهو ٿا."

حيدردريا جي ناول جو ڪردار ڪريمداد، چاهت، بختاور، جان محمد، عادل، علي احمد... بلڪل ائين محسوس ٿين ٿا، جڻ اهي اسان منجهان ئي هجن ۽ اسان منجهہ ئي رهندا هجن.

جيئن سنڌي ادب ۾ ناول نويسي ۾ علي بابا ۽ ماڻڪ جو پنهنجو اسلوب ۽ انداز آهي تيئن حيدر دريا جو ناول لکڻ جو بہ پنهنجو ڍانءُ آهي. ڪردارن کي ناول ۾ ڪيئن سموئجي، منظرڪشي ڪيئن ڪجي ۽ ستاءُ ڪيئن رکجي، اهو فن ڪيس بخوبي اچي ٿو. سندس هن ناول ۾ ڪيل منظرنگاري ترگنين ۽ ٻين روسي ليکڪن جي ناولن جي ياد ڏياري ٿي. ناول ۾ ڳوناٽي ۽ شهري زندگي جو امتزاج، رهٽي ڪهٽي، روين ۽ قدرن جي پرپور عڪاسي ڪئي وئي آهي. هن ناول جي اها خوبي آهي تہ ان جا ڌائلاگ ايڏا تہ جاندار ۽ وزن وارا آهن جو ان کي آساني سان ڊرامائي تشڪيل ڏئي سگهجي ٿي. چيخوف جا چيل اهي لفظ هت ناول تي ٽهڪي اچن ٿا تہ "سڀو توهان لکندا آهيو جڏهن تہ شاهڪار افسانو توهان کي لکندو آهي."

جتي ناول نگار کي ڪردارن کي نمايان ڪرڻ جو فن اچي ٿو اتي هن جي ٻولي بہ ڏاڍي خوبصورت آهي. ناول ۾ آيل تشبيهون، ۽ لفظ ناول جي سونهن کي چار چنڊ لڳائن ٿا.

مثال طور: "مان جيستائين پنهنجي محبت کي هڪ نظر نہ ڏسندو هوس تيستائين باقي سڄو جهان مونکي بدصورت ۽ اداس نظر ايندو هو."

شايد ڪلا جي اهڙي ئي سونهن کان متاثرٿي سئزرلينڊ جي مصور "ڪلي پال" چئي ويٺو تہ آرٽ اڄ جي دور جي اڻ ڏٺل جي مصوري آهي."

حيدر دريا ناول جي روايتي ترتيب ۽ بيهڪ کي ڇڏي اڄ جي دور جي تقاضائن ۽ ضرورتن کي مد نظر رکندي تاريخ، تهذيب، سماجيات، معاشيات ۽ حتاڪ فلسفي تائين هر موضوع کي ناول ۾ مجبور ڪري ٿو. توٽي جو حيدر دريا جي پيش ڪيل نظرين ۽ موضوعن تي اختلاف راءِ رکي سگهجي ٿو. جيڪو آدم جو بنيادي حق بہ آهي. آءٌ آدم کي انهيءَ ڪري بہ سلام ڪندو آهيان جو منهنجي نظر ۾ جيڪڏهن آدم حڪم عدولي نہ ڪري ها تہ شايد اسين هي خوبصورت دنيا نہ پسي سگهون ها. سو آءٌ حيدردريا جي ناول ۾ آيل موضوعن سان کي قدر اختلاف راءِ رکندي بہ ان نتيجي تي پهتو آهيان تہ مون ۽ حيدر دريا پارا ڏات ڏٽي. الڳ رستا جهاڳيندي بہ هڪ منزل جا مسافر آهيون.

حافظ جي هڪ شعر جي تشريح آهي تہ: ڪالهہ ڏٺم تہ ملائڪن مئي خاني جو در ڪڙڪايو ۽ ماٺهو جي متي ڳوهي پيمانو ناهيائون."

حيدردريا ان پيماني ۾ شراب اوتيو آهي. هاٺي اها اسانجي بدنصيبي/ نااهلي چئبي جو اسين ان مان سُرڪ نہ پريون.

پون سنڌي

5 جنوري 2011ع

0331_3684972

جاڳ جي ٻيڙي جو ناکئو

زندگي جي اڙانگين راهن تي هلندي سندس پير اڳي کان ٻہ وڌ پختا، اڻ ٽڪ ۽ اجرا ڏٺا اٿم. سندس ڪيل ارڏائين ۽ مشڪل کان ٻہ وڌ مشڪل جا جوکم ڪٽندو ڏسي سندس حوصلي تي رشڪ ايندو آهي. هن 1980ع کان لکڻ شروع ڪيو ۽ شروع کان اڄ تائين اها ئي روانگي. اها ئي ارڏائي ۽ اها ئي سفر جي سختي، پوءِ انهيءَ راهہ ۾ پلي سمنڊ جي سڄ هجي، دريائي وهڪرن جي هجي، سنڌي جي جهنگلن ۽ ٻيلن جي سرد توڙي گرم راتين جي سفر جي هجي يا وري کيرٿر ۽ هنگلاج جهڙن پربت جبلن جهاڳڻ جي جستجو هجي، پر مون کيس سفر جي ساڻين ۾ مڙني کان پنهنجي رمز ۾ اڳيرو ڏٺو آهي. حيدر "دريا" پنهنجي نالي ۽ تخلص جيئان پنهنجي زندگي ۾ سيئي جرئتون رکندڙ اٿاهہ ساگر جهڙو انسان آهي. سندس من اندر جي نماڻائي ٻہ تمام معنيٰ خيز آهي. آئون لفظ "نماڻائي" ان ڪري پيو استعمال ڪريان جو سندس والد مرحوم جو تخلص "نماڻو" هو. شايد اهو ڳڻ کيس اتان ئي منتقل ٿيل آهي.

سندس قلم جي جيڪا ڪِرپ آهي اها پٽرن کي ميڙ بڻايو ڇڏي. حيدردريا جي من اندر ۾ سنڌ وسي ٿي ۽ سنڌ نگر ۾ سونهن وسي ٿي، سونهن جي باغيچي ۾ سچائي جي خوشبوءِ جو راج آهي. تنهن راج جي سنسار ۾ وري سوچن جي آزادي جا جشن آهن، سندس جذبن ۾ آبشارن جو شور ٻہ آهي تہ نرملتا جو احساس پڻ موجو د آهي. هي پنهنجي سچاڻپ پنهنجي هن اردو شعر ذريعي ٻہ هيئن ٿو ڪرائي:

مين سنده نگر کي نگري کا،
انسان جهان سئ شاد هوا،
کوئي کيا جانئ ميري هستي
کو،
يه عشق مينئ آباد کيا.

حيدردريا ڏٽي ضلعي جي ڳوٺ احمد خان زئور ۾ 1961ع ۾ اکيون کوليون. ادبي شعور ۽ اتي ئي سرجس. ادب جي اوائلي پنڌ ۾ ان وقت جي مشهور شاعرن مان، "پير علڻ شاهه تلي وارو"، "حافظ احمد لاکو" سندس فڪري رمز جي راهه جا رهبر رهيا ۽ پاڻ سيد حيات علي شاهه لڪياري (دادو) کان روحاني سلوڪ جا سبق ورتائين.

سندس شروعاتي ڪِرت درزڪو ڪم هو. ان سڳي ۽ سڀي سندس اپرندڙ جواني جي نيئر ۾ ئي پريت جا پيچ ڏئي ڪيس محبت سان سڀي سوگهو ڪري ڇڏيو.

جڏهن کان هن جي زندگي راڳ جا انيڪ رنگ سندس وجود کي گيڙو ويس اوڍائين ٿا تہ فطرت جي سونهن جي الفي اوڍي سنسار جي سفر تي نڪري پوي ٿو.

هن وقت پاڻ پرائمري استاد آهي. علم ۽ ادب سان گهري نسبت هڻڻ جي ڪري ڪاغذ ۽ قلم ۽ هن جا محبوب رهيا آهن. سندس آڱرين جي مڪتب جا، قلم ۽ بندوق جو ٽريگر تمام هوشيار شاگردن جيان رهيا آهن. تنهن ڪري زندگي جي انتهائي ڏکين ۽ آزمائش جي گهڙين ۾ هميشہ ثابت قدم رهيا آهن ۽ سندس زندگيءَ ۾ سدائين سچائي جو راڄ رهيو آهي. هي فطرت جو سچو عاشق سدائين پنهنجي خدا کي پنهنجي اندر ۾ ۽ فطرت جي گوناگون باريڪين ۾ پسي پائي ٿو.

مون کيس عشق ۾ سانوٽي جي درياهه جي وهڪرن ۾ لڙهندو ۽ ڏٺو آهي تہ وري ساڻ ٻيلي ۽ ٻڏڪا جي ٽڪرن جيئان سينو ساهيندي اٽل ٻيڙ پڻ ڏٺو آهي. مون سندس زندگي ۾ سدائين گلن جي گجرن جي هڪ مهڪ محسوس ڪئي آهي. توڙي جو پاڻ سدائين اصولن جي سولي تي لٽڪيل رهيا آهن. جيئن سندس هي شعر آهي تہ:

ڪڏهن ڪڏهن صداقتون،
هجن ڪي جڙ ڪي قيامتون!
حقيقتون، طبيعتون،
گهرن ٿيون ڏاهه محبتون.

اهڙي طرح اصولن جي سولي تي ان لٽڪاءُ دوران ڪيس ڪمال جي بصيرت رهي آهي. ان ڪري به جو پاڻ سدائين شاهه لطيف ۽ جي ايم سيد جي عملي فڪر جي درياهه کي پٽ شاهه ۽ سن جيئان تمام ويجها رهيا آهن، اها سڱڻ سندس من ۾ مهڪندي دوستن کي به مهڪائيندي رهي ٿي.

حيدر دريا پنهنجي شاعري/ نظم توڙي نثر ۾ يگانو لکاري آهي، لکڻ ويل هي ڪنهن جي به پرواهه نه ڪندو آهي. هن وٽ عشق ۽ جنگ ۽ بلڪل سپ جائز آهي. سچ، پچ ته هي مونکي ان وقت سنڌ جي سورهيه صوفين، سنتن ۽ سامين جي ولر جو وڇڙيل ساٿي لڳندو آهي. جنهن ۾ پنهنجي ولر جي وڇوڙي جا آلاپ به آهن ته سماج جي ڪڏن رسمي روايتن جي خلاف بغاوت به آهي ۽ پنهنجي خلقٽهار سان حق جو نباهه چاهيندڙ پڻ آهي. سندس تخليق ۾ انسانن جي ڪيل زيادتين خلاف اعلان جنگ پر انسانيت جي مجبورين/ هيڻائين سان همراهي جو حامي به آهي. سندس وجود ۾ سدائين جاڳ جي تنبوري جون تندون ڇڙيل ئي رهن ٿيون.

غلام نبي زئور

ميرپور بٹورو

28_01_2011

پيش لفظ

پنهنجي پڑهندڙن لاءِ پڌرو ڪندو هلان تہ منهنجو هي ٻيو ناول آهي. پهريون ناول "لفظن جي خواهش" بازار ۾ اڻ لڀ آهي. پهريان خيال آيم تہ ان جو ٻيو ڇاپو بازار ۾ آڻجي، پر ڪجهہ دوستن جي مشوري کان پوءِ پنهنجو هي ٻيو ناول ڇپرائڻ جو ارادو ٿئي ڪيم. هن ناول ۾ مان پنهنجي طرفان ڪجهہ بہ لکڻ نہ پئي چاهيو پر پنهنجي پهرين ناول کي پنهنجي حال تي رهائي، پنهنجو هي ٻيو ناول ڇپرائڻ ۽ ان لاءِ پنهنجي طرفان پنهنجو رايو لکڻ ان ڪري ضروري سمجهيم، تہ منهنجو پڑهندڙ ڪٿي ائين نہ سمجهي تہ، مان پنهنجو پهريون ناول حادثاتي يا اتفاقي طور لکي ويو آهيان! سنڌي ادب ۾ منهنجو ڪو ايڏو وڏو نالو ڪونهي شايد انهيءَ ڪري جو...

" تون مون کي حاجي چئو ۽ مان توکي غازي چوان "اهو منهنجي ذهني فطرت کان الڳ ۽ پري آهي. منهنجي فطرت، محبت، سچائي ۽ مقصد جي خدائي کي ميچيندڙ آهي. ۽ صلاحيت کي اهميت ڏيندڙ آهي ۽ انصاف بہ اهو آهي تہ، جنهن صلاحيت جو جيترو حق آهي ان کي داد بہ، نہ ان کان وڌ ملڻ گهرجي ۽ نہ گهٽ ! پر سچ اهو آهي تہ، صلاحيتون پنهنجو انصاف پاڻ حاصل ڪندڙ هونديون آهن. حاجي ۽ غازي واري خواري ڪڍجي ڇو ؟ پنهنجي صلاحيت سان خوشامد گڏائي سَين هڻي منگتو ٿيڻ، منهنجو عقل ان کان عارِي آهي. سو مان تہ، پنهنجي خوشامد کان خود خائف ۽ خفي رهندڙ لکاري آهيان. منهنجون لکڻيون مون کي تمام گهڻو پائن ٿيون ۽ مون سان انتهائي پيار ٿيون ڪن. تنهن ڪري مان انهن بِنا جِي نہ سگهندس ۽ جو دم آهيان جهان ۾ لکندو رهندس .منهنجن لکڻين جيڪا مونکي عزت ۽ همٿ ڏني آهي. ان جو اندازو شايد منهنجي پڑهندڙ کي نہ هجي!

منهنجو هي ناول سنڌي سماج جي بي ترتيب ۽ غير مساوي روايتن جي خلاف هڪ اهڙي تحرير آهي، جنهن ۾ اسان سڀ امير توڙي غريب، پڑهيا ۽ اڻ پڑهيا سڀ پنهنجي هن سماج جي صحيح ۽ غلط هجڻ جو حصو رهيا

آهيون ۽ صدين کان اڄ تائين پنهنجي سنڌي سماج ۾ پنهنجو ڪوئي فاتح پيدا ڪري نہ سگهيا آهيون ، ۽ تاريخ شاهد آهي تہ دنيا کي تهذيب اسان سيکاري پر اسان خود کي سيکاري نہ سگهيا آهيون. اڄ بہ سنڌي نوجوان حڪومتي فطرت جا عذاب سهندي بہ پنهنجي ذات ۾ پاڻ وهيڙو رهيو آهي ۽ پنهنجي حفاظت جو احساس هوندي بہ سماجي اوڙائين کان پاڻ بچائڻ واري سبق کان محروم رهيو آهي! يا ڪجهہ لفظن ۾ ائين چئجي تہ سنڌ جو نوجوان سماجي براين ۽ غلط روايتن جي جنگ ۾ رڳو پنهنجي جان جو اڪيلو ۽ ناڪام گوريلو رهيو آهي . زندگي ۽ سماجي انقلاب جي ويڑهہ ۾ هي بي هٿيار بہ رهيو آهي ۽ ان کي موقعو بہ نہ مليو آهي. تنهن ڪري چئي نہ ٿو سگهجي تہ اسان مان اهڙي ڪاهلي ۽ ڪم ظرفي جو اصل ڏوهي ڪير آهي !؟ منهنجو هي ٻيو ناول پڙهندڙ لاءِ واضع ڪندو هلان تہ مون کي پنهنجي ڌرتي، پنهنجي ٻولي ۽ پنهنجي قوم جي آڇيي کان وڌيڪ اهڙي بهشت جي بہ طلب ناهي، جنهن ۾ انفرادي طور، حوضِ ڪوثر جو جام پيئندو هجان ۽ جنهن قوم مان جنم ورتم تنهن کي محتاج، مجبور، لاچار ۽ غلامي جهڙي جهنم جي لعنت ۾ ڏسندو رهان ! جيڪڏهن مون کي دوزخ جي تري ۾ اڇلي، منهنجي قوم کي آزادي جهڙي نعمت ڏني وڃي، تہ اهو سودو منهنجي لاءِ انتهائي سستو هوندو.

مهرباني

منهنجي ٻولي ،
سنڌوءَ جي ڇولي،
منهنجي لاءِ ماءُ جي لولي،
غاصِب تو لاءِ آهي گولي.

ساڻ سلامت

حيدر دريا زئور

ميرپور بٹورو ڳوٺ احمد خان زئورضلع ٹنڈو

رابطو: 03022315714

Email: hyderdrya@yahoo.com

اداري پاران

موسيٰ پبليڪيشن سنڌي ادب جي مختلف صنفن بابت مواد پيش ڪري رهيو آهي. هن ڪان اڳ مختلف موضوع جهڙوڪ، شاعري، سماجي علم، سياسيات ۽ عالمي انقلابن بابت مواد پيش ڪرڻ واري مختصر ڪوشش ڪئي ويئي آهي.

ناول ادب جي هڪ نرالي صنف آهي، جنهن جي سنڌي ادب ۾ وڏي کوٽ پئي رهي آهي، ان ڳالهه جي اهميت کي نظر ۾ رکندي، محترم حيدر دريا زئور جو لکيل هي ناول "رشتن جي آزادي" شايع ڪري رهيا آهيون. اميد ته پڙهندڙ مواد ۾ رشتن جي آزاديءَ واري تصور مان گهربل لاڀ حاصل ڪري سگهندا.

حبدار علي گاڏهي

●⊙●⊙●⊙●

"ڪائنات ۾قدرت پنهنجي حڪمت سان شين کي پنهنجي، پنهنجي جوڙ جي شڪل ۾ جوڙيو آهي! انسان، جن، جانور، پکي، جيت ۽ وڻ، ٽڻ وغيره سڀن ۾ نر ۽ مادي واري جنس جي جوڙ ۾ جوڙيو آهي.

جنهن کي خالق جي تخليق جو درجو ۽ اهميت حاصل آهي.

انهن جنسن ۾ جنهن وقت پنهنجي، پنهنجي نسلي واڌ واري ڪشش جيءَ ۾ جاڳيندي آهي، تہ پنهنجي مختلف احساس، حِس ۽ حرڪتن جي ذريعي سان هڪٻئي کي ڳولي لهن ٿا!

پر ڪُل ارڙنهن هزار مخلوق ۾، سڀ کان وڌيڪ مهذب، سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ ۽ سڀ کان وڌيڪ وڌي شرف واري مخلوق "انسان" آهي.

جنهن ۾ هر ماڻهو جي پنهنجي الڳ سوچ آهي، هر ماڻهو جي پنهنجي هڪ الڳ ڪهاڻي آهي، هر ماڻهو جي پنهنجي هڪ الڳ نيت ۽ عمل آهي. ۽ هر ماڻهو جي پنهنجي هڪ الڳ شڪل ۽ صورت آهي. ۽ سندس عمر جي هر هڪ ڏينهن کي ب پنهنجي هڪ الڳ اهميت آهي.

اهو انهيءَ ڪري جو تبديلي قدرت جي هڪ اهم حڪمت آهي.

۽ جتي تبديلي رُڪجي ٻيهر ٿي ويچي، تہ اهو فنا جو مڪان آهي، جنهن جي شڪل تباهي، بربادي، انت ۽ موت جي صورت ۾ رهي آهي! يا، جو دم سندس جيئاپو آهي ب، تہ ان جو قدر، مقدار، ان جي اهميت ۽ عمر جو باقي رهيل حصو، ناڪاره، بي مقصد، گيدِي ۽ ڏرتيءَ واري ڏوڙ جي برابر رهيو آهي."

جانو! پنهنجو ڪم ڇڏي، حڪيم صاحب جي ان فلسفي کي ڏيان ڏئي ٻڌي رهيو هو، هن کي اهي، اهڙيون ڳالهيون سوچ، ويچار ۾ وجهي ڇڏيندیون هيون. ۽ انهن سان سندس دلچسپي وڌيڪ ب هوندي هئي. هي انهن ڳالهين کي هينئين سان هنڌائي ڇڏيندو هو. ڪيترا ڀيرا هن کي حڪيم صاحب ملامت ڪري چيو هوندو تہ، "تون پنهنجي ڪم سان ڪم رک، تنهنجو ڪم آهي ڦڪيون ڪُٽي صاف ڪرڻ.

دنيا ۾ هر رشتي کان وڌيڪ، مقصد سان رشتو عظيم هوندو آهي. جڏهن تنهنجو ڪوئي مقصد آهي، تہ دنيا جا باقي سڀ رشتا توسان آهن، پر جيڪڏهن تون بي مقصد ماڻهو آهين، تہ دنيا ۾ بس اڪيلو آهين ۽ تنهنجي

ڪائي اهميت ناهي. مان جنهن مريض سان ٿو ڳالهايان، ته تنهنجو اوڏانهن وات ڦاٽو پيو آهي. ۽ ٻيو ڪم سپ ڇُٽو... ڏس جانو منهنجو اهو حمام دستو ٿو پچين؟ ته مان پنهنجي گهر هلندو ڪندوسان؟!"

پر حڪيم صاحب جي اها ملامت بہ ڪيس وسريو ويندي هئي. مئٽرڪ پاس ڪرڻ ڪانپوءِ، ہ سال ڪن پٽس وڌيڪ پڙهڻ لاءِ مٽس زور پريو. پر پڙهائي تان سندس دل ڇڄي پئي. تنهن ڪري اجائي رُلڻ، ڪرڻ ڪان پيءُ ڪيس حڪيم صاحب وٽ، حڪمت جو ڪم سکڻ لاءِ ڇڏيو. ان حڪيم صاحب وٽ هن چار سال ڦڪيون ڪُٽيون، پر ڪي ہ، تي نسخا سمجهه ۾ آيس باقي رڳو ڪيس حڪيم صاحب جون فلسفياڻيون تقريرون ياد هيون!

انهن چئن سالن دوران سندس ماءُ، پيءُ ٻئي وفات ڪري ويا.

هڪڙي ڏينهن ڪا ڦڪي ڪٽيندي حڪيم صاحب جو ڪوئي خاص حمام دستو هن ڇڄي وڏو. ته حڪيم صاحب کان ان ڪاوڙ ۾ اهو نقصان برداشت نہ ٿيو ۽ پنهنجي شفاخاني مان ڪيس هلندو ڪيائين ۽ ويچارو بيروزگار ٿي گهر ويهي رهيو.

هي پنهنجي پيءُ جي اولاد مان پاڻ ۾ صرف ہ پائر هئا، جانو عمر ۾ ننڍو هو.

سندس وڏي ڀاءُ ہ شاديون ڪيون هيون، جنهن کي ٻنهي شادين مان ست ٻار هئا. هي ٻهراڙي جا رهندڙ هئا، سندن پنهنجو ٻني، ٻارو ڪون هو ۽ سندن گذارو روز جي مزوري يا هارپي وغيره تي هوندو هو.

جانو ڏسڻ ۾ سهُٽو، قد، بت جو مضبوط ۽ قدآوار، گول ڳٽا، جاڙا پرون، ۽ وڏيون روبدار اکيون، هڪ وار غور سان سندس اکين ۾ ڪنهن ڏٺو ته وري ٻيو گهمرو سندس منهن ۾ ڏسڻ جي ان کي همت ئي نہ ٿيندي هئي!

جانو جنهن ڏينهن کان بيروزگار ٿي گهر اچي وينو ته سندس ڀاڄائين جو مٽس روز، روز جو ڪروڌ متو پيو هوندو هئس.

سندس ڳوٺ حيدرآباد ۽ تنڍو جام جي روڊ سان، حيدرآباد کي ڪجهه ويجهو لڳندو هو. سندن ڳوٺ جي آسي، پاسي وارين زمينن ۾ اڪثر وونڊن جو فصل گهٽو ٿيندو هو. جن ۾ سندس ڀاڄايون بہ مزدوري جي سانگي حد جي زميندارن جو ن ڦٽيون چونڊڻ ويندیون هيون پر جانو کي اهو ڪم ڏکيو لڳندو هو. جيڪڏهن جُٽ، ڦِٽ ڪري ونڊي بہ ويندا هئس، ته ڪاڙهي تپڻ ڪانپوءِ انهن کي اتي ڇڏي پاڻ گهر ڇڄي ايندو هو.

هڪڙي ڏينهن ڏٽين جي چونڊي دوران، ڪو ڏهين، يارنهين وڳي ڏاري هن پنهنجي ننڍي پاڻائي کي اتي جي ئي ڪنهن پاڙيسري نوجوان سان ڪنهن پاسيري جڳهه تي کل، خوشي ۽ نشڪو ڪندي گڏ ويٺل ڏسي ورتو. ته هن کي پنهنجي اندر غيرت جو غبار چڙهي ويو ۽ سندس من ۾ هڪ عجيب ڪپت پيدا ٿي پئي ته "وڏي پاءُ کي ٻڌائجي يا مڙئي مان ڪري. پنهنجي غيرت کي اهو ڪِنو پاڻي پيئڻ ڏجي! ۽ ڪنهن کي به ڪجهه نه ٻڌائجي؟ ۽ مان، مان ۾ پنهنجو گهر ئي ڇڏي ڏجي!؟"

انهيءَ سوچ کيس ولوڙ ۾ وجهي ڇڏيو هو. پر ان تي عمل ڪرڻ جي بجاءِ هي وڌيڪ سوچڻ لڳو ۽ گهڻي سوچ جي ڪري کو بهتر فيصلو نه ڪري سگهيو ۽ خيال آيس ته "وڏو پاءُ آهي، اڄ نه، ته سپاٽي معاملو نيٺ اگهاڙو ٿيندو. ماٺهو ڪلندا، منهنجي پاءُ جو گهر ڦٽندو. بهتر آهي ته، مان کيس اڳواٽ آگاهه ڪيان، ۽ ائين پوءِ ڪنهن ٻڌو، ڪنهن نه ٻڌو، دنيا جي ڪِل کان گهرجي ڪِل وري به خير جي هوندي!"

بس هاڻ اتي هن جي سوچ بيهي وئي ته، "جيترو جلد ٿي سگهي وڏي پاءُ کي ٻڌائڻ گهرجي؟"

۽ پوءِ ان رات ئي، هن پنهنجي پاءَ کي سڄي حقيقت ڪري ٻڌائي، پر پاڻس بي اعتباري وچان کيس، پنهنجو وات بند رکڻ جي تنبيهه ڪندي چيس "جانو ڏس! ڳالهه غلط نڪتي، ته مون جهڙو ٻيڙو ٻيو ڪٿي کو نه ملندئي.؟"

هن ويچاري وڌيڪ وات مان ٻڙڪ به نه ڪڍي، بلڪ سندس ڏهن هڪ هلڪي پڇتاءُ وارو جهٽڪو کاڌو ۽ پنهنجي پاءَ جي ان بي اعتماد رويي مان هڪ بي جان ٻُت جيئان خاموش ٿي ويو.

ٻن ڏينهن کانپوءِ، هن کي پنهنجي ان وڏي پاءَ گهرجي بند ڪمري ۾ ويهاري چيو "جانو تون منهنجو سڳو پاءُ ته آهين، پر بنهه بيڪار ۽ ڪمينو نڪتين، مون معاملي جي ڇڳي طرح، سُنهن ساک سان جانچ پڙتال ورتي آهي... جڏهن تو اکيون پوري، بي غيرت ٿي پنهنجي ننڍي پاڻائي سان ناجائز تعلقات ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هن جڏهن انڪار ڪيو ته تو ان تي الزام هڻي، مونکي ۽ منهنجي معصوم ٻارڙن جو گهر تباهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.... تنهنجي لاءِ ته منهنجو اندر ٻڙڪي پيو. مان توکي

رات جي وچ ۾ ڪُهي، هن گهر جي ڪنهن ڪنڊ ۾ دفن ڪري ڇڏيان، ان کان اڳ ۾ توکي چڱي طرح سان ٽو چوان ٿو، منهنجو منهن ڇڏي ڪيڏانهن هليو وڃ، هميشہ لاءِ هليو وڃ، مان تنهنجي شڪل وري نہ ڏسان.... منهنجي نظر تي وري چڙهيو آهين، تہ تنهنجي اها سِسي ڪو نہ هوندي...هليو وڃ هتان، هينئر جو هينئر!"

اهو ڪو منجهند جو اڳينءَ وارو وقت هو. جانو ان مهل ئي ڪجهہ ڪُڇڙ ۽ چوڙ کان سواءِ پنهنجي وڏي پاءُ کي سامهون هٿ ٻڌي گهر مان نڪتو، پيرن ۾ پراٽو قاتل جوتو! جيڪو هن ڪجهہ قدم اڳتي هلي لاهي ڇٽو ڪيو، مٽو اگهاڙو، ڪپڙا ميرا، خيسو خالي، ويچارو ڏوهي جي ڪتي جيئان نہ گهر جو نہ گهاٽ جو رهيو.

سندس هڪ مامو هو ۽ ٻہ ماسيون هُيون، پر انهن کي ٻہ هڪ ڏينهن اڳ ۾ سندس وڏي پاءُ چئي ڇڏيو هو تہ "هن ڪميني کي اوهان اتي رهايو آهي تہ ان جي خون جا ذميوار اوهان هوندا؟"

تنهن ڪري اتان بہ ڪيس رڳو هڪڙي ڏينهن جي بہ پناهہ نہ ملي. ۽ هاڻ هن پنهنجي ڳوٺ جي آس، پاس پنهنجي ڪنهن يار، دوست وٽ رهڻ بہ مناسب نہ سمجهيو. بس پوءِ پنهنجا وَر ڪُنجي هن حيدرآباد شهر جو رُخ ڪيو جتي سندس پيءُ جو هڪ پراٽو دوست ربوڏوپي، نالي رهندو هو. جنهن وٽ ننڍي هوندي پاڻ بہ پنهنجي پيءُ سان گڏجي، ڪيترا دفعاانجي دُڪان تي ويو هو.

آڪٽوبر جو مهينو هو. سرءُ جي موسم پچاڙي رهي هُئي، جنهن سنڌ ۾ هميشہ وڏا وڏا درخت بہ هيٺا ڪري انهن جا گُل ۽ گوَنڇ ڇاٽي سنڌ ڪان هميشہ گلزاريون ڪسيون آهن. انهن ڏينهن جانو کي بہ ان پن ڇڻ واري موسم اداس ڪري اهڙي گوندر سان گڏي ڇڏيو هو. جنهن جي لاءِ هن ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو.

پر هر موسم کي پنهنجي قدرت جي حڪم موجب، پنهنجو اثر، آبادي ۽ نتيجو ڏيئڻو پوي ٿو.

جيڪڏهن بهار ۾ گل ڪلي خوشبوءَ نہ ڏيئن، تہ بي بها خوبصورت بهار ڪيئن سڏجي؟

سانوڻ جيڪڏهن پنهنجي گهمسان گهٽائن سان وسڪارا نه ڪري تہ تازي جي تنوار ڪنهن کي وٽندي!؟

سيارو جيڪڏهن اتر جون سرد هوائون ڇيڙي، سڄڻ ياد نہ ڏياري، تہ سڪ جي سوز جو اثر ڪنهن کي ڪيئن محسوس ٿيندو؟

ائين بلڪل اهڙي طرح سرءُ جيڪا هر جيءَ ۾ جدائي وجهي سڪ سرس ڪندڙ موسم آهي. جانو بہ ان موسم جي پڇاڙيءَ ۾ پنهنجن جانَبن کان ڪنهن پن جيئان ڇٽي هميشہ لاءِ رُلي پيو هو.

ڀ هاڻ سترنهن، ارڙهن سالن جي عمر ۾ پنهنجي ابي جي تعلقاتن ذريعي تڳڻ پي چاهيائين. هن حياتي جي باقي طويل سفر کي ڪنهن طرح آسان ڪري جيئڻ پي چاهيو.

هن زندگيءَ کي پنهنجي جيئاپي جو حق ادا ڪرڻ پي چاهيو. پر جنهن سماج سندس ستن پيڑهين کي بہ نسل در نسل سماجي برابري کان محروم رکي سور ڏئي ستائي، ستائي ماريو هو. ليڪن پوءِ بہ سندس جيءَ ۾ جيئڻ وارو جذبو هو. هن ۾ پاڻ جيئارڻ جي همٿ هئي، سندس سوچ سگهاري، ڀ ارادا مضبوط هئا. پر کيس پنهنجن مان مليل ڏڪار جو ڏک هو. جنهن هن کي اندران اندر جهوري وڌو هو. پنهنجن جي پچار، سندس جيءَ ۾ هر، هر جاڳي پي پيئي، هن کي پنهنجي امڙ جون چيل اهي ڳالهيون بہ ياد اچڻ لڳيون، جيڪا کيس چوندي هئي، "جانو! توکي بابهين جان محمد جي نالي سان ٿو سڏي، پر مان توکي جانو ڪري ٿي سڏيان. ان ڪري جو تون منهنجي جان آهين. توکي نہ ڪجهہ ٿي پيو تہ مان جيئري ئي مري پوندیس... ڏس جانو، توکي ايڏا ماڻُ جي رشتي جو احساس ناهي. ايڏا تون ٻار آهين، پر جنهن ڏينهن نہ، تون ڪنهن ڳاري ۾ ڳري ڀ اندر جي اُڏمي مان روئي، روئي مونکي ماڻُ سمجهي سڏ ڪندين، تنهن ڏينهن توکي ماڻُ جي رشتي جو احساس ٿيندو...

جانو پٽ توکي ايڏا اها خبر ڪونهي، تہ جڏهن اولاد پنهنجي پوري وجود سان، پنهنجي ماڻُ جو رشتو ويڙهي، ڪا پڪار ڪندو آهي، تڏهن ماڻُ پنهنجي پيرن هيٺيان جنت ڪيڏي پنهنجي ان سائل اولاد کي عطا ڪندي آهي.

سندس ماڻُ جي انهن يادن کيس هيڪاندو رئاري هيٺو ڪري وڌو ڀ روئڻ وقت ڪو پرچائڻ وارو نہ هجي، تہ اهو روڳ ماڻهو جي روح ۾ گهر

ڪري ويهي ٿو رهي. هونئن ب زندگي ۾ اڪيلو ٿي وڃڻ جهڙو اهڙو ڪو ٻيو روڳ شايد نه هجي!؟

ماڻهو پنهنجي اڻ مِٽ ۽ اڻ ڳٽيل رشتن۾ ڳُتيل آهي. اهي سيئي رشتا جڏهن اچانڪ ٽٽي ٽا پون ته ماڻهو مڪمل يتيم ٿو سڏجي. ۽ پوءِ اهي رشتا عذاب بڻجي سندس لُونءِ، لُونءِ کي لوهار جيئان ٽا ڪُٽين ۽ هو اڪيلو انهن پوڳنائن ۾ ڪيترو پوڳي ٿو؟ ان لاءِ هينئر حقيو جانو هجي ها، ته شايد ايئن ئي چوي ها ته "ماڻهو جڏهن اڪيلو ٿو ٿي پوي، تڏهن وحشتون ۽ ديوانگيون، زماني جون مسڪريون ۽ ٺٺوليون سڀ سندس ساهه سان گڏجي رهن ٿيون. پوءِ ڪنهن مهل انسان، ته ڪنهن مهل عزازيل! اهڙيون ڪيفيتون ڪربناڪ سوچن جو سلسلو جوڙي سي ب ساڻس گڏ رهن ٿيون. اُهي سيئي سلامتي سان پنهنجي ساهه سان گڏ سنياڻي ڪٽي هلڻ ئي مڪمل انسانيت آهي...

هن دنيا جو خلقيندڙ پاڻ اڪيلو ئي پالڻهار آهي. هيڏي ساري جهان جو جهنجهٽ! پوءِ ب ساڻس ڪنهن تعلق جي نسبت سان نه سندس، نه ڪنهن ٻئي جي ڪا شرڪت، شراڪت آهي... واهه!

شايد ان سبب ئي مڪمل خدا ٿو سڏائي. سين ڪان الڳ، سين ۾ اڪيلو ۽ پنهنجي ذات جو پاڻ اڪيلو مالڪ! ...

هڪ مڪمل انسان ۾ ب اهڙي خودداري، جوهر ۽ جولان هئڻ گهرجي"

جانو پنهنجي نئين عمر ۾ اهڙين سوچن ۽ يادن جي جنگ ۾ جُهري جهجي پيو هو. پر پوءِ ب پاڻ جيئڻ جي سَت ۽ سمجهه ايجا سالم هئس.

هي جنهن مهل شهر پهتو هو، ته سج پنهنجي رتول رنگ ۾ راسيون رنگُي چڪو هو. شهر ۾ وڌيڪ رلڻ، ڦرڻ ڇڏي سڏو ربو ڏوبي جي دڪان تي آيو. دڪان ڪليل هو پر ربو موجود نه هو. هي دڪان ۾ هڪ ڪاٺ جي پراٽي ڪرسي تي ويهي رهيو.

هن کي ربو بچپن کان گهٽو قرب ڏيندو هو. پڊس عبدالفتاح۽ ربو جنهن جو سڄو نالو ربنواز هو. ٻئي حيدرآباد ۾ مئٽرڪ تائين گڏ پڙهيا هئا. تڏهن مئٽرڪ ۾ فيل ٿي پيو هو ۽ غربت جي ڪري اتي ئي رهجي ويو. ليڪن پوءِ ب ربو سان سندس دوستي قائم ۽ مثالي رهي هئي.

جانو دڪان ۾ ويهي جڏهن دڪان ۾ هيڏانهن، هوڏانهن پنهنجون نظرون تڪيائين، تہ سندس پيءُ جون اهي ڪچهريون ياد اچڻ لڳس.

جيڪي هو پنهنجي محب دوست، ربو ڏوپي سان ويهي ڪندو هو.

هن کي ياد آيو تہ سندس نالو ڪٽندي سندس پيءَ چيو هو. "ادا ربنواز ٻيلي منهنجو هي جان محمد مونکي سمجهہ ۾ نٿو اچي؟ ڏس ڏي تہ هن لاءِ هاڻ چا ڪجي؟ هي هاڻ پڙهي هرگز نٿو. ٻني ٻارو پنهنجو ذاتي تہ آهي ڪو ن، ۽ هارپي مان بہ ڪجهہ حاصل ڪونهي ۽ حڪيم صاحب وٽ بہ پنج ڏينهن وڃي ٿو تہ، بہ ڏينهن اتان بہ گسايو وڃي. ائين تہ هي هاڻ خراب ٿي ويندو ٻيلي هن جي لاءِ تہ ڪو ٻِگر ٻلو ڏس؟"

تڏهن ربو ڏوپي سندس لاءِ چيو هو "يار... جان محمد تہ مونکي تمام سياڻو ٿو لڳي، پر تو هن تي اجايون سختيون ڪري، ڪري هن ويچاري جا حال رولي ڇڏيا آهن. مٿرڪ تائين تہ پڙهيو پر پوءِ تو پاڻ هن کي پڙهائي مان ڪڍي ورتو. تون شايد هاڻ هن جي ڪمائي کائڻ ٿو چاهين، ها نہ؟"

"پوءِ ٻلا ٻيو چا ڪيان؟ وڏو پٽ بہ، تہ، بہ شاديون ڪري ويهي رهيو ۽ ٻنهي شادين مان، ٻارڙا بہ گهٽا ٿي پيا اٿس، ضرورتون وڌڻ لڳيون آهن، ٻلا سڄي عمر تہ مان هنن کي ڪمائي ڪون کارائيندس ۽ ٻيو تہ سدائين ڪنهن جي لاءِ مائٽ بہ حيات ڪون وينا آهن... ادا پنهنجا ڪلها وهيل هوندن تہ ڪنهن جا محتاج ڪون رهندا، ماڻهو کي پنهنجي سمجهہ، عقل ۽ هنر هوندو تہ، ڪم ايندو!"

"۽ علم تنهنجي خيال ۾ هنن جي ڪم ڪون ايندو ها نہ؟"

"ادا علم تہ الله جي بہ سچاڻپ آهي، پر سو تہ سندس نصيب ۾ نہ هو نہ!"

"نصيب ۾ نہ هو چا؟ هن جي عمر تہ ايجا پڙهڻ جي آهي. ۽ تون هن جي قسمت کي ويٺو ڏوهہ ڏيئين، اها ايڏي ناانصافي اولاد سان ناهي ڪبي عبدالفتاح... غربت پنهنجي جڳهہ تي بلڪل آهي، پر ان سان گڏ جيڪڏهن پاڙپائپ کي گڏائجي، تہ ماڻهو بيڪار ۽ پاڙِي ٿيو پوي!" ربو ڪيس حجت ۾ چيس ۽ ساڃي انداز ۾ جانو جي پيءُ چيو هو "ربنواز مان غريب ضرور آهيان، پر ٻيلي مونکي هروپرو پاڙيو نہ چئو. ياد اٿئي؟ جڏهن پنهنجي

سنگتياڻي جي انجام تي ويندو هئين تہ مونکي ڪيتريون منٽون ڪندو هئين؟ هاڻي ٻڌائي پاڻيو مان يا تون؟"

"ها! اهي يادون پلي ڏُهرائي، پر هاڻ تون همٽ هاري چُڪو آهين، تنهنجي وڏي پٽ ۽ شاديون ڪيون، ان کي ڪجهہ ٻارڙا ٿي پيا تہ انهن جي روزي روٽي جي ڪارڻ پنهنجو پاڻ کي بس ڀيڄي پوري وڏو ڪئي... تہ پوءِ نٿيو، هاڻ هي جانو ڪر منهنجي حوالي.؟"

جانو کي اهي پنهنجي پيءُ جون ڪيل ڪچهريون ياد آيون تہ، سندس اندر جو سانوڻ اُڏمو ڪائي بي مُدو اکين مان وسڻ لڳو، هن پنهنجي قميص جي پلاند سان ڳلن تان ڳوڙها ويني اُگهيا، تہ ربو ڏوهي اوچتو مٿس اچي ٻيٺو، ربو سندس اهو حال ڏسي هو پاڻ ۽ ڏکارو ٿي پيو، پر پوءِ خود کي ڏاڍو ڪندي، پنهنجي دل تي جڙ پٿر رکندي چوڙ لڳس "اڙي... جانو تون ڪيڏي مهل آئين!؟"

ءِ وري سندس منهن ۾ ڏسي چوڙ لڳس "اڙي هي چا؟ تون روئين پيو؟"

بس ربو جو ايترو پڇڻ ءِ جانو اٿي کيس ڀاڪر پائي اوچنگارون ڏئي روئڻ لڳو، تڏهن ربو ڏوهي کيس ڳلي لڳائي دلداري ڏيندي چيس "نہ جانو بس ... روئبو ناهي، ڏس هي بازار آهي، ماڻهو پيا ڏسن، تون هاڻي وڏو ٿي ويو آهين... ماڻهو چا چوندا؟... بابا آئون آهيان نہ... سڀ ٺيڪ ٿي ويندو... تون ۽ بابهين وانگر پاڻيو ٿي پيو آهين... ويهہ بابا ويهہ...؟"

ربو دلداريون ڏئي کيس ساڄي ڪرسي تي ويهاريس ءِ سندس دڪان ۾ بازاري ماڻهن لاءِ پيل ٽڏي مٽ مان پاڻي جو گلاس پري پيارياٿينس تہ، جانو جو تن، من ٺري پيو ءِ مايوس حالت ۾ منهن هيٺ ڪري خاموش ويٺو رهيو.

ربو ڪجهہ دير لاءِ ڇاڻي، واڻي شوڪيس ۾ رکيل ڪپڙن کي هيٺ مٿي ڪري، وري ۽ اچي سندس پاسي ۾ ڪاٺ جي بينچ تي ويٺو ءِ هلڪي ڪنگهڪار ڪري شفيق لهجي ۾ چوڙ لڳس "جانو بابا هر ماڻهو جي زندگي اڻ ڳٽيل ڏينهن جو هڪ اهڙو سفر آهي، جنهن ۾ هر موسم اچي ءِ وڃي ٿي، هر معاملو اچي ءِ وڃي ٿو ثواب ءِ گناهہ ۽ اچن ءِ وڃن ٿا. پوءِ ظاهر آهي تہ، ان اڻ سُونهين سفر ۾ پنهنجا ءِ پراوا ۽ اچن ءِ وڃن ٿا. ماڻهو ڪنهن جي لاءِ ڪيترو روئندو؟ انهن کي ڏس، جن کي دنيا ۾ ڪو پرچائڻ وارو ئي ڪونهي،

انهن جا بہ تہ، ابو، امان هئا، اهي بہ تہ زندگي جي هن ساڃي سفر جا مسافر آهن نہ!"

ربو جا اهي لفظ جانو جي جيءَ کي وڏو ڏيڏ ڏئي ويا ۽ هن منهن مٿي کڻي ربو ڏوڀي جي منهن ۾ ڏسي جهڙو ڪجهہ چوندي، چوندي خاموش ٿي ويو ۽ ربو ان ڳالهہ ۾ راضي هو تہ "پليز خاموش رهڻ فلحال سندس ڪيفيت لاءِ بهتر آهي ۽ جيترو خاموشي کيس سمجهائي، پرچائي سگهي ٿي، اوترو ٻيو ڪير بہ ان حالت ۾ پاڻ روئي بہ کيس ريجهائي نٿو سگهي."

ربو سندس ان خاموشيءَ کي ڪجهہ وڌيڪ وقت ڏيئڻ لاءِ ٻهانو ٺاهيندي کيس چيائين "جانو مان گهران چانهہ کڻي ٿو اچان، گڏجي ٽا پيئون، تون ٽڪل هوندين. هٽ منهن ڏو، اندر ڪٽ تي ڪجهہ دير ٽنگون ڊگهيون ڪر، مان بس اڃهي اچان ٿو، پر جي تڙ ڪريئن، تہ هو سامهون حمام آهي، وهنجي بہ سگهين ٿو؟"

ربو ڏوڀيءَ جو گهر دڪان جي بس ڪجهہ قدمن جي فاصلي تي هو.

پاڻ غير شادي شده نانگو مسافر هو. ٿورو وقت ٽيو هئس، جو سندس عورت جنس سان دلچسپي نہ رهي هئي. گهر ۾ سندس بہ ٻائر شادي شده ۽ اولادي هئا. هي پنهنجي دڪان جي ڪمائي پنهنجي ضرورت ڪانپوءِ، جيترو بہ ٽيندو هو، پنهنجي ٻائرن جي گهر ڏيندو هو. ۽ اتان ڪاڏو، پيتو ۽ ٻي هر ضرورت واري شيءَ کيس عزت سان ملندي هئي.

هوپنهنجي ننڍڙن ٻائٽن ۽ ٻائٽين سان انتهائي پيار ڪندو هو. سندس زندگي جي پيار وارو حصو انهن معصومن جي رشتن سان رلِي، ملي ويو هو.

پاڻ اصل هالا شهر جي ڪنهن عباسي خاندان مان هو. سندن چڱي، خاصي زميندار هئي. هن حيدرآباد جي ڪنهن اسڪول مان مئٽرڪ پاس ڪئي هئي تڏهن کيس تپداري واري نوڪري جي آڇ بہ هُئي، پر سندس پيءَ پنهنجي خاندان روايت موجب سرڪاري نوڪري کي اهميت نہ پي ڏني ۽ کيس پنهنجي زميندارين ۽ شهري ڪاروبار سنيالڻ لاءِ مقرر ڪري ڇڏيو هو.

پنهنجي پيءُ جي وفات کانپوءِ هن کي زميندارين ۽ وڏي ڪنهن ڪاروبار سان دلچسپي نہ رهي ۽ پنهنجي اباڻي ملڪيت مان پنهنجو حصو پٽي سيپ پنهنجي ٻنهي ٻائرن کي ڏئي ڇڏيائين. ربو انهن ٻائرن کان

عمر ۾ وڏو هو. سندس باقي ٻئي ڀائر توڙي انهن جون گهرواريون، هن جي هر ڳالهه رکندا هئا. سندس هڪڙو ڀاءُ مذهبي ۽ مُلاڻي ذهنيت وارو هو. سو سندس سوچن، خيالن جي ڪنهن، ڪنهن مهل تنقيد ڪندو هو، پر سو به پرپٽ. منهن تي ته اهو به سندس وڏو احترام ڪندو هو.

ربو پنهنجي جوانيءَ ۾ هڪ خوبصورت، جوان ڪنهن هروچ خاندان جي ڇوڪريءَ سان پيار ڪيو هو ۽ هڪٻئي سان واعده اقرار ڪري ڇڏيا هئا ته، "هميشه جي لاءِ هڪٻئي جا ٿي رهنداسين"، جيڪڏهن پنهنجن مائٽن خانداني ۽ قبائلي خيال کان قبيلائي يا ذات، پات جي فرق سبب پاڻ کي هڪٻئي سان شادي نٿا ڪرڻ ڏين ته اهو الله لڳ وچ ۾ ٻنهي جو گڏيل اقرار رهندو ته "نه تون ڪنهن ٻي عورت سان شادي ڪندين ۽ نه مان ڪنهن ٻئي مرد سان نڪاح ڪنديس!"

ربو پنهنجي ان پيار جي اقرار تي قائم هو. شايد انهيءَ ڪري ئي سندس ڪاروبار وغيره سان سندس ڪا دلچسپي نه رهي هئي. ليڪن پوءِ به اباڻي ملڪيت جو مالڪ ڪيس ئي تصور ڪيو ويندو هو.

سندس طبيعت سنجيده، نيڪ دل، اشراف، سخي سوچ، عقلمند ڪتابي، ۽ سخن پرواز ماڻهو هو.

عمر ۾ هاڻ ست ڪان ستر سالن جي اندر هو. پر سندس ڪِهي پڪي، پختي ۽ هاڻي جو مضبوط.

هن پنهنجي دل جي مرد کي غلط عملن کان مضبوطي سان روڪي رکيو هو. شهر جا ڪجهه ماڻهو ته کيس قلندر ڪري به سڏيندا هئس. بلڪل آزاد خيال ۽ تنهائي پسند ماڻهو هو.

دڪان ۾ هن پنهنجي لاءِ هڪ ننڍڙو گهر به سجائي رکيو هو سندس روزمره جي استعمال جون شيون ۽ رهڻ، سمهڻ جو سمورو انتظام هن دڪان جي ڪمري ۾ سجائي سنياليو رکيو هو. جنهن ۾ هڪ (Single bed) هڪ نوار تي واڻيل کٽ جنهن تي مهمان مهي لاءِ ويڙهيل بسترو، چار ڪرسيون، هڪ ننڍڙي پر سهڻي ڪاٺ جي ٽيبل، ڪتابن جو ڪٻٽ، هڪ ڪاٺ جي ڏهيل الماري، جنهن ۾ ڪپڙا، پرفيوم، وهنجڻ جي صابڻ کان وٺي روزمره جي استعمال ۾ ايندڙ سڀ شيون موجود هيون پر انهن ۾ جيڪا سندس خاص

شيءَ هئي سا هئي (Green Tea) جيڪا هو اڪثر سردي جي موسم ۾ شوق سان پيئندو هو.

ڪمري سان(Attached) باٿ روم، ڪمري جي ديوار تي اترئين طرف ڪان گھڙيال ۽ ان جي هيٺيان برابر ۾ به فريم ٿيل (Photograph) جنهن ۾ هڪ ذاتي سندس ۽ ٻي جانو جي پيءُ جي تصوير هئي جنهن جي هيٺ نالو لکيل هو. عبدالفتاح سنجراڻي. ۽ هڪ فل سائز ۾ رنگين T.V.

مطلب ته ضرورت لاءِ گھربل سڀ سامان سندس دڪان جي ان گھر نما ڪمري ۾ ڪنهن حد تائين موجود رهندو هو. صرف رڳو ڪائڻ پيئڻ واري ضرورت هن پنهنجي ڀائرن جي گھر سان جوڙي رکي هئي. ۽ اهو ئي باقي ٻهانو هو. جنهن ڪيس پنهنجي ڀائرن ۽ انهن جي اولاد سان سندس رشتي جي پرم کي جوڙي رکيو هو.

نہ، ته فقيرتن ماڻهو پنهنجي پريميڪا جي فڪر ۾ سيلاني فقير بہ ٿي پي سگھيو.

اسان جي سنڌي سماج ۾ هڪ مڪمل انسان جي ڳڻن ۽ وصفن ۾ اهو هڪ وڏو ڳڻ ۽ سنو عمل آهي ته، پنهنجن قريبي رشتن سان تاحيات پنهنجو سٻنڌ جوڙي رکڻ ۽ انهن سان نباهڻ.

پر ان جي ابتڙ حالت ۾ ان کي انسانيت مان بہ خارج تصور ڪيو وڃي ٿو.

جانو ان ڪاٺ جي ڪرسيءَ تان اٿي، هٿ منهن ڌوئي اندر ڪمري ۾ ليٽيو پيو هو. پر سندس مٿي ۾ سوچن جو سور ايڏا هلڪو نہ ٿيو هو. ايڏا سندس اکيون آليون، مٿو ڳرو، بدن ساڻو ۽ هينئون ڪچو لڳو پيو هئس. ڪيس پيءُ جي پيار، ماءُ جي ممتا، ياءُ ۽ ياڄائين جون بي مروتيون، دوستن ۽ هڪجيڏن واريون حجتون وغيره سڀ سندس سوچ تي وڻ ويڙهيءَ جيئان وکڙيل هيون. سندس منهن ۽ اکيون دل جي صدمي سبب ڳاڙهاڻ مائل هيون.

هاڻ سرءُ جو ان ڏينهن وارو سج لهي چڪو هو. اونداهہ جو راڪاس سڄي شهر ۾ ڏوڙي ويو هو. پر پوءِ بہ دڪان جي بجلي ايڏا بند پئي هئي.

ربو گھران چانھ تہ کٹڑ ويو ھو. پر اصل ۾ اھو تہ. ھو ھڪ ٻھانو. تنھن ڪري. ان کي جاڻي واڻي ٻہ ديرِ ڪري اچڻو ھو. سو اُھو پنھنجي وقت سان گھران چانھ ڪٽي جيئن ئي دڪان تي چڙھيو ھو. تہ دڪان ۾ اونداھہ ڏسي جانو کي سڏ ڪرڻ لڳو.

"جانو...او جانو"

"جي چاچا سائين. مان ھيڏانھن ڪمري ۾ آھيان."

جانو کٹ تان اٿندي چيو. ربو کي تہ کيس سڏ ڪرڻ جي ضرورت ڪا نہ ھئي. پر سندس ڪيفيتن جي تبديلي ۽ پنھنجائپ جو احساس ڏيارڻ خاطر چوڻ لڳو "اڙي. بابادڪان جي بجلي ڇو ڪون ٽوٻاريئن؟ اونداھي تہ ماڻھو جي اندر جا عذاب ٿي جاڳائي!"

۽ چانھ جو ٽرماس رکي خود بجلي ٻاريندي چيائين "ھڪ اھا روشني تہ آھي. جيڪا انسان جي روحاني راھہ گذر ۾ راحت بخشي ٿي."

ھن دڪان ۽ ڪمري جي بجليءَ جا بٽڻ ٻاري دنگ ڪيا تہ. جانو ٻہ اڇي اڳيان ٻينس. سندس منھن ڏسي وري چوڻ لڳو "ڪوشش ڪجانءِ زندگيءَ جي راھداريءَ ۾ اونداھہ کي اچڻ نہ ڏجان؟ ھٽ منھن ڏوتو اٿئي...؟ وھنتو ڪون آھين...؟

توکي وھنجڻ کپندو ھوا؟ ٽڪ لھي وڃئي ھا ۽ بدن ھلکو ٿي پوئي ھا!"

۽ وري سندس پيرن ۾ ڏسي چوڻ لڳس "خير! چانھ پيون پوءِ تنھنجي لاءِ ڪو جوتي. چمپل ٻہ ونڻ. اگھاڙا پير ھن عمر ۾ ديوانن جا ھوندا آھن. ۽ دنيا انھن تي رحم نہ ڪائيندي آھي! ٻيو تہ اسان جي سنڌي سماج ۾ ڪنھن ٻہ قسم جي اوگھڙ کي قبول ئي نہ ڪيو ويندو آھي ۽ نہ ئي ان کي عزت ۽ احترام جي لائق سمجھيو ويندو آھي... سمجھئي جان محمد؟"

"جي چاچا سائين" جانو ساڳي ڪاٺ واري ڪرسي تي ويھي رھيو. ۽ ربو پنھنجي آسڻ واري ڪرسي ڏانھن ويندي پڇيس "بک تہ گھٽي ڪون لڳي اٿئي؟"

"نہ چاچا. ماني ڳوڻان کائي نڪتو ھئس!"

جانو اھو ڪوڙ ڳالھايو. پر ھونئن ٻہ سيني اندر جيڪڏھن سورن جو سانڊاٽو سنڊيل ھجي. تہ بک ڪنھن کي لڳندي؟

ربو سمجهي ويو تہ جانو ڪوڙ ڳالهايو آهي. تنهن ڪري جانهہ جو سُرڪ پريندي چيس "جانو هڪڙي ڳالهہ ياد رکجان، ماڻهو جڏهن پنهنجو پاڻ سان ظلم ڪري يا زماني جي عذابن سبب، پنهنجو پاڻ کان ڇڄي، اڪيلو يا اڏ ماڻهو جو ٿي پوندو آهي، تڏهن هو ڪوڙ جو سهارو ونڻي، ڪوڙ ڳالهائي پنهنجو بچاءُ ڪندو آهي.

پر اصل ۾ اهو هو بيوقوفي ڪري، خود سان اهو فريب ٿو ڪري جنهن ۾ ڪيس سواءِ رنج ۽ رسوائي جي ٻيو ڪجهہ حاصل ئي نٿو ٿئي، سو بابا ڪوڙ کان ڪڏهن بہ ٽيڪو نہ ونجان."

جانو بہ سمجهي ويو تہ منهنجي ڪوڙ جڏاءُ نہ ڪيو! سو لڇوٽي انداز ۾ سچ ڳالهائيندي چيائين"چاچا مان ماني واقعي کائي ڪون آيو هئس، پر سچ، سچ تہ، بک بہ گهٽي ڪون لڳي اٿم."

"نہ، نہ مونکي خبر آهي، گهٽي بک توکي لڳندي بہ کان، پر مان صرف ايترو ٿو چوان تہ، ڪنهن بہ حوالي کان، حجاب ڪري، دل ۾ ڪجهہ لکائي نہ رکجان، ضرورت کان وڌيڪ دل ۾ بچت ڪرڻ بہ جڙ قبر جي عذاب برابر آهي."

جانو تہ حڪيم صاحب وٽ اهڙيون ڳالهيون ٻڌي، ٻڌي انهن جي گهرائي کي سمجهڻ جي صلاحيت بہ ڪنهن حد تائين سڏاري چڪو هو. نہ رڳو ايترو پر ڪڏهن، ڪڏهن سندس ذهن ۾ بہ اهڙي کا نئين نرالي ڳالهہ يا ڪو عجيب ۽ نئون خيال ذهن ۾ ايندو هئس تہ، هو پنهنجو پاڻ تي خود بہ حيران رهجي ويندو هو ائين پي لڳو تہ، سندس تخليقي قوت ۾ بہ واڌارو اچي رهيو هو.

چانهہ پِي واندا ٿي، بازار مان جوتو ونڻي، رات واري ماني کائي، دڪان جو دروازو وارائي اندران بند ڪري ٻئي ڇٽا پنهنجي، گهر نما دُڪان جي ان ڪمري ۾ اچي وينا. ربو بيڊ تي بہ وهاڻا سيراندي۽ کان رکي انهن تي اِرڪ ڏئي ليٽي پيو. ۽ جانو پنهنجي سمهڻ واري ڪٽ ڇڏي.. ڪرسي تي ٿي وينو. ڪجهہ دير خاموشيءُ ڪانپوءِ، جانو کان سندس احوال ونڊي ربو پچيس "ها جان محمد! منهنجي خيال ۾ تہ مان ڪجهہ سمجهي بہ ويو آهيان، يا ٿي سگهي ٿو پليو بہ هجان! پر هاڻ تون ٻڌائي تہ، ڇا معاملو آهي، ڇو پريشان

آهين؟ بابِهين جي وفات کان پوءِ پندرنهن، سورنهن مهينن کانپوءِ آيو آهين، سو به ڪنهن ڏک، ڏمر کان آيو آهين، پاڻهين وڏو ته، سال ٽيا آهن، مون ڏانهن اچي ئي ڪون، ائين پيو لڳي، جڙ هن پنهنجي پيءُ وارا واسطا تعلق سڀ ماري، وساري ڇڏيا! پر پنهنجي پي جي سنن دوستن کي به وساري، وڃائي ويهي رهيو آهي. خير ان تي ميار ناهي. هو ته آهي به هڪ نندڙي سوچ، نندڙي دل، نندڙي ذهن ۽ ٿوري عقل وارو ماڻهو، پر توکي ته مان بچپن کان ڏسندو اچان، تون ذهين، عقلمند ۽ ساڃاهه، سمجهه وارو جوان آهين. تون پنهنجي پيءُ جي پوڪي راهي سنيالڻ واري سمجهه رکين ٿو... منهنجي خيال ۾ مونکان تون پنهنجي دل جي ڳالهه ڪون لکائيندين؟"

"نه چاچا سائين، توهان ۽ادا علي احمد سجاول وارو، اوهان ٻئي منهنجا جڙ پنهنجا آهيو، توهان ته منهنجا... مونکي پنهنجي پيءُ جيئان آهيو، پاءُ علي احمد سجاول ۾ ٿو رهي. سو بابا سائين جن جو سڳو سوٽ آهي. ۽ منهنجو هم عمر آهي. بس ڪو مڙئي مهينن جو عمرين ۾ فرق آهي. پر هو هتان کان ڪجهه پريرو آهي، ۽ مون وٽ پاڙي جيترو پيسو ڏوکڙ به ڪون هو. توهان حيدرآباد ۾ مونکي هر لحاظ کان ڪجهه ويجها هئا. تنهن ڪري مان پنهنجي ڳوڻان پنڌ ئي پنڌ توهان ڏي هليو آيس."

جانو جو ڳوٺ ۽ حيدرآباد ايترا ويجها به ته ڪون هئا، جو ماڻهو سندس ڳوٺ کان حيدرآباد تائين پنڌ اچي، وڃي سگهي. ربو ته ڪنهن زماني کان ان فاصلي ۽ گس، پنڌ کان واقف هو. تنهن سندس پنڌ جو اندازو ساريندي پڇيس "اڙي، واهه ڙي، جوان واهه، تون ڳوٺ کان حيدرآباد تائين لاڳيتو پيرين اگهاڙو پنڌ آيو آهين!؟"

"جي ها! چاچا هاڻ هر، هر توهان سان وينو ڪوڙ ڳالهايان اهو ته هاڻ مناسب ڪون ٿيندو، نه!"

"شاباس جانو! اها اهڙي بردباري ۽ همٿ، تو پنهنجي هميشه سلامت رکي، ته يقين ڪر ناڪاميءَ ۽ نااميدي، تنهنجي اندر داخل ئي نه ٿي سگهندي، دنيا ۾ سچ ڪانسواءِ باقي سڀ اجائي پُل آهي جانو."

"جي!" جانو سندس منهن ۾ ڏسي جواب ڏنو.

ربو پنهنجي ٻيڊ تي ٽيڪ ڇڏي، سڏو ٿي، سندس سامهون ويهندي چيس "جانو! پنهنجي تڪليف جي وقت پنهنجو ڏکيو حال، رڳو پنهنجي دل کي ٻڌائڻ سان، ماڻهو پنهنجي اندر ۾ هڪ اهڙو زهريلو اثر ٿو پيدا ڪري، جنهن جي جوش ۾ پوءِ اکين مان اهو زهر پاڻي جي شڪل ۾ ائين ٿو اُڀامي جاري ٿئي جيئن ڪنهن مٽانهين جبل تان آبشار هيٺ ڪرندي، هيناهين واري پهاڙ کي پرزا ڪري ڇڏيندو آهي. اهڙي طرح پوءِ ته اهو ماڻهو پڏرو ساڳي ٽي پوندو آهي. پر پوءِ پنهنجون همدرديون ضايع ڪري ٿو ڇڏي، ڏک، ڏولاوا ماڻهو کي دل سان نه، دل وارن سان اورڻ گهرجن ته جيئن اندر جي اُساٽ ۽ تن جي تپش جهڪي ٽي وڃي... جانو تون ۽ مان، اسان ٻئي هڪٻئي کان ايتري وڏي تائين هڪٻئي کان پري آهيون، جيئن هي هٿ جون آڱريون، تنهن ڪري جو ڪجهه بہ ٽيو آهي، بي فڪر ٽي ٻڌائي، مان تنهنجي لاءِ سڀ ڪجهه ڪري سگهان ٿو."

"جي، چاچا سائين، مان توهان کي پنهنجو سمجهي ته توهان وٽ آيو آهيان، ۽ توهان جوئي، ٽي رهڻ ٿو چاهيان؟"

جانو ائين چئي، پوءِ پاڻ سان ٽيل سموري وارتا کيس سربستي بيان ڪري ٻڌائي ۽ آخر ۾ اکين مان لڙڪ ڳاڙيندي، چوڻ لڳو "چاچا مونکي واپس ڳوٺ نه موڪائجو، ادو مونکي ڪنهن نه ڪنهن بهاني سان قتل ڪري ڇڏيندو ۽ مان جيئڻ ٿو چاهيان. جيڪڏهن مان هتي توهان وٽ ئي رهان ۽ توهان ان ۾ ڪا ڏکيائي محسوس ڪندا هجو ته مونکي بس رڳو سجاول جو پاڙو خرچ ڏجو مان پاڻ علي احمد ڏي سندس ڳوٺ هليو ويندس؟"

ربو سندس ماجرا ٻڌي پنهنجي مرحوم جگري دوست عبدالفتاح کي ياد ڪري آخر پنهنجي دل بہ رڙاري وينو. هو پنهنجي ٻيڊ تان اُٽيو، واٽرڪولر مان پاڻي پيتائين ۽ جانو کي بہ سندس بنا گهُر جي پيارياٸين ۽ وري بہ ڪجهه دير ساڳي حالت ۾ ٻيڊ تي وهاڻن کي ٽيڪ ڏئي ليٽي پيو. ڪجهه دير سوچ ويچار کانپوءِ، جانو کي مخاطب ٿيندي پڇڻ لڳو "جانو ڏس! ان معاملي بابت توکان هڪ دفعو پڇڻ منهنجو بہ ڪو حق ٿئي ٿو. بس مونکي رڳو ايترو ٻڌائي ته، تو پنهنجي پاءُ ۽ پنهنجي ننڍي پاڻائي بابت جو ڪجهه بہ چئي ٻڌايو آهي، ان ۾ تون بي ڏوهي آهين يا توکان ڪٽي ڪا غلطي ٿي

وئي آهي؟ بس هاڻ جو ڪجهه ٻه تون ٻڌائيندين؟ سچ يا ڪوڙ اهو سياڻي وقت ٻه ٻڌرو ڪري ڇڏيندو!؟"

"چاچا. مون اهڙي ڪائي غلطي ناهي ڪئي. جيڪڏهن مان گنهگار آهيان، ۽ سياڻي وقت اهو ثابت ڪري ٿو ته منهنجو سر تنهنجي پيرن ۾ هوندو ۽ توهان پنهنجن هٿن سان منهنجو سر قلم ڪري، مونکي دفن ڪري ڇڏجو. مان توهان کي پنهنجو خون اڄ کان ئي معاف ڪري ٿو ڇڏيان، اهو مان عبدالفتاح جو پٽ توهان سان واعدو ٿو ڪري ڇڏيان...!"

هڪ دفعو وري ٻه ربو ڪجهه سوچڻ لڳو، پر هن پيري جانو جو نظرون کيس چڱي طرح تکي رهيون هيون، ڪجهه دير کانپوءِ ربو سندس منهن ۾ ڏسي ٿڏو ساهه ڇڏيندي چيس "جانو اڄ کان هي دڪان تنهنجي حوالي ۽ مان ٻه تنهنجو... تون منهنجو ٿيئين نه ٿيئين اها الڳ ڳالهه آهي... توکي ڪنهن ٻئي پاسي وڃڻ جي ڪائي ضرورت ناهي. جيسين مان جيئرو آهيان، منهنجي ساهه سان گڏ آهين. تو شام جو اچڻ وقت ئي چيو هو ته، مان جيئڻ ٿو چاهيان، بس پوءِ جيسين سيسيءَ ۾ ساهه اٿم، تيستائين ڪو ٻيو فڪر نه ڪجان، تون نه رڳو پاڻ جيئندين، پر اميد الله ۾ آهي ته، تون ٻين کي جيئڻ سيکارينديں اهو مون ربنواز ڏوہيءَ جو ٻه توسان واعدو رهيو." ۽ پوءِ جانو جي دل وٺڻ خاطر کيس پنهنجو حال محرم ٻڌائيندي چوڻ لڳس "منهنجو جيئاپو ٻڌندين؟ ٻڌايان توکي پنهنجو جيئاپو، ته مان ڪيئن ٻيو پاڻ کي جيئاريان، دل ته چوي ٿي، اڄ مان پنهنجو اندر توسان اوري ڇڏيان جانو. ٿي سگهي ٿو زندگي جي سفر ۾ ڪڏهن ڪٿي ڪنهن ماڳ تي تنهنجي ڪنهن ڪم اچي وڃي؟"جانو سندس دل جي سچائي ۽ خلوص ڏسي، پنهنجي دل جا بار ڏهندي محسوس ڪيا، کيس خبر ئي نه رهي ته، الائي ڪهڙي لفظ لهجي سندس لڳن تان ٽڪ لاهي ڇڏيو. ان سَرهائيِ ۾ هن اسرار ڪندي چيس "چاچا، جيڪڏهن مان توهان جي اندر جو احوال ٻڌڻ جي اهل هجان، ته پوءِ اها توهان جي مون تي وڏي عنايت ٿيندي، جو توهان مونکي پنهنجي روح جي رشتي سان ڳنڍيو تا!" "ها! چو نه جان محمد، تون منهنجي دادلي دوست جو پٽ آهين، تون مونکي ٻڌڻ جي بلڪل اهل آهين."

●⊙●⊙●⊙●

ربو هڪڙو وهاڻو پنهنجي جهوليءَ ۾ رکي، ان تي پنهنجون ٻئي ٻانهُون ائين رکيائين جو جڙ پنهنجي سڄي عمر جو بار انهيءَ ويهاڻي تي اڇلي ڇڏيائين ۽ پوءِ پنهنجي ڪهاڻي جي شروعات ڪندي چوڻ لڳو "جانو! مان تنهنجي عمر جو هئس تہ عشق منهنجي دل ۾ ڪِتڪتايون ڪرڻ لڳو. مان پنهنجي عمر ۾ چوڪرين کي غور سان ڏسڻ ۽ انهن جي جسماني جوڙ جڪ تي پنهنجي دل کي حرصائيندو هئس. ڪڏهن، ڪڏهن تہ ڪنهن چوڪريءَ سان دل لڳي واري حجت بہ ڪري ونندو هئس. منهنجي اهڙي من چلائين آخر هڪ ڏينهن هڪ ٻروچ قبيلي جي نوجوان ۽ خوبصورت چوڪريءَ سان منهنجي پيار جو پيوند جوڙي. ڇڏيو ۽ مان ان سان سچو پچو پيار ڪري ويٺس ۽ ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ هو بہ مون سان محبت ڪرڻ لڳي... هُو اسان جي هڪ ايماندار هاريءَ جي لکي، پڙهي ڏيءَ هئي... آهستي، آهستي اسان هڪٻئي سان ائين هڪ ٿي وياسين، جيئن پڙاڏو ۽ سڏ! ... پر ايڏا ان معاملي جي ڪنهن کي بہ ڪا خبر ڪان هئي. تڏهن اسان هالا ۾ وينل هئاسين. اڄ بہ ايڏا اسان جون زمينون اتي آباد آهن. اهي ساڳيا هاري، ساڳيا خاندان منهنجي ان محبوبا سميت اتي آباد آهن. مان پنهنجي ان محبوبا واري محبت جي سحر ۾، روز صبح، شام پنهنجي ٻني تي رڳو سندس ڪري ويندو هئس.

اسان جي محبت ۾ روز نوان پيچ پوندا رهيا ۽ اسان جي محبت مضبوط ٿيندي وئي.

جان محمد! قدرت واري دنيا ۾ محبت پيدا ڪري، نہ رڳو انسان تي پر هن پنهنجو پاڻ تي ۽ هر ساهہ واري تي هڪ وڏو احسان ڪيو آهي.

دنيا ۾ محبت نہ هجي ها، تہ نہ انسان جي انسانيت هجي ها ۽ نہ خدا جي خدائي!

نہ وڻ ميوا پچائن ها! نہ ماکي رس ناهي ها!

نہ مُلو مسجد اڏي ها، نہ شيطان شرارتون جوڙي ها ۽ نہ ولي ولايتون حاصل ڪن ها!

نہ تيرٿ، حج ۽ تکيا جُڙن ها ۽ نہ ثواب، گناهہ جي ساجاهہ هجي ها!

نہ جڳ ۾ رشتا جڙن ها ۽ نہ رقيبن ۾ جدائي جو روڳ هجي ها!

هي اسان ساهه وارا سڀ محبت جي صدقي ساجاهه رکون ٿا، نه ته وڊيي جو ويج ته هٽ ئي ڪون اچي ها!

هر ڪوئي ڪوري ڪاغذ جيئان ڀُري، سڌي اڪيلو ئي مري ها! نه سماج نه سياست، نه قبيلا ۽ نه قتل عام ۽ نه تون ۽ مان.

بس ڪرم ان آدم جا ٽيا، جنهن آسمانن جي بهشت مان محبت کي هيٺ هن ڌرتيءَ تي آندو ۽ اسان سندس بيِ، بيِ حوا واري محبت جو اولاد ٿي پياسين.

بس ان ساڳي حضرت آدم جي آندل محبت اسان کي به آدم ۽ حوا ياد ڏياري ڇڏيا ۽ اسان هڪٻئي سان شادي جا اقرار ڪري ويناسين. توٽي جو اها اٽڪيٽي ڳالهه هئي. ائين ٿيڻ مشڪل پيي نظر آيو.

اسان جي سنڌي سماج ۾ اسان اڃان پنهنجي، پنهنجي ذات جي جيل مان ٻاهر نڪري نه سگهيا آهيون. اڃا تائين سنڌي سماج مڪمل قومي وحدت کان ڇڻ ته محروم آهي. سنڌي سماج اڃا تائين قبيلن خاندان ۽ الڳ الڳ ذاتين ۾ ورهايو پيو آهي. هڪڙو قبيلو ٻئي قبيلي کان رت جي رشتن ۾ ٽنو پيو آهي. هڪڙي ذات وارو ٻيءَ ذات واري سان سڳ، سيڻاپو نٽو ڪري، ميمڻ، ملاحن سان سڳ نٽا ڪن، ملاح ڪٽين سان نٽا ڪن، ڪٽي، ملاحن سان نٽا ڪن، رند، جتوئين سان نٽا ڪن۽ سما لاکن سان نٽا ڪن، ۽ لاکا ٻروچن سان نٽا ڪن ۽ وري ٻروچ قبيلا سنڌ ۾ پنهنجن ٻروچن قبيلن ۾ به ائين ئي ورهايا پيا آهن، ۽ ان کان پوءِ سادات قبيلا به ائين آهن، پوءِ اها الڳ ڳالهه آهي، ته ڪٽي کي پيار ڪندڙ به دليون، انهن سماجي غلط اصولن جي پرواهه نه ڪندي پنهنجي پيار جو پرٽو حاصل ڪري ٿا وٽن، پر سي به ته، پنهنجي سماج ۾ جهڙي خوني دشمني ٿا پرائن.

مونکي ۽ منهنجي پريمڪا کي به اهو ئي خوف هو.

سنڌ ۾ ته اسان وٽ مذهبي صورتحال به ساڳي آهي. مثلن: ڪوئي غيرمسلم خاندان ڪلمو پڙهي مسلمان ٿئي ٿو ته ان سان ڪنهن مسلم خاندان جو رشتو تعلق ڳنڍيڻ ته ڇا؟ پر انهن نون مسلمان ٿيندڙ خاندان جي گهر جو پاڻي پيئندي به، اصل مسلمانن جو ڇڻ روح ٿو خراب ٿئي! ائين سنڌ

۾ سمات ۾ بروچ قبيلن جي وچ ۾ بہ اهڙي ڪراهت ڏري گهٽ ساڳي عملي حالت ۾ آهي!

مان ۾ منهنجي محبوبا اسان ۾ن مختلف قبيلن جا ڄايا هئاسين. هُوءَ بروچ ۾ مان سَمات!

انهيءَ قبيلائي ورچ، جيئن اسان ۾نهي کي ڪنهن اڻ ڏٺي خوف ۾ دهشت ۾ رکيو هو. ائين پورو سنڌي سماج، تاريخ شاهد آهي تہ ڏارين قومن اڳيان اهڙي ڪنهن اڻ ڏٺي خوف ۾ دهشت جي سبب، گيدي ۾ غلام رهيو آهي.

جيڪڏهن سنڌي سماج پنهنجي اها بدترين قبائلي ورچ وارو عمل ڇڏي گڏجي هڪ ٿي وڃي، ۾ پنهنجي قدرتي خون کي ذاتين ۾ قبيلن ۾ ورهائڻ ڇڏي ڏي، تہ نہ پيار تي پابنديون هجن ۾ نہ گيدي پٽي وارو گنگهر گهارٽو پوي."

جانو کي سندس ڪهاڻي مان پنهنجو حڪيم صاحب ياد اچي ويو. جيڪو اڪثر پنهنجي تڪيي ڪلام ۾ چوندو هو "محبت جا مريض مون وٽ ڇاجي لاءِ ٿا اچن؟ انهن بيوقوفن کي پنهنجو مرض پاڻ سمجهه ۾ نٿو اچي، تہ مان پلا کين ڪهڙيون ڪيون، ٻُڪيون ڏيان."

جانو کي تڏهن بہ اهو خيال فڪر ۾ وجهي ڇڏيندو هو. ۾ هاڻ جڏهن ربو جو داستان وينو ٻڌائين تڏهن بہ پنهنجو من جهڙو اڏورو. اڏورو پي محسوس ڪيائين. جڏهن هڪجيڏن سان گڏ پڙهندو هو. تڏهن سندس ذهن قومي سياست ڏانهن مائل ٿيو هو. پر پوءِ سماجي اوچ، نيچ واري ڏڦيڙ سبب انهيءَ سطحي سياست ۾ ڪيس مزو نہ آيو ۾ سياسي سرگرميون گهٽائي ختم ڪري ڇڏيائين. ۾ هاڻ ان مهل جيڪو ربو جي واتان وينو ٻُڌائين، سو سندس ذهن کي هڪ نواڻ ۾ فڪر ۾ گهرائي پيدا ڪري رهيو هو. هن خاموشي ۾ سڪون سان وينو ٻڌو ۾ جانو جي ان خاموشيءَ ۾ ربو بہ پنهنجي محبت جي داستان ۾ پيار جا رنگ پريندي پنهنجي ڪيفيت عجيب طرح جي محسوس ڪري رهيو هو. ۾ پنهنجي ناحاصل پيار جي ڪَيف ۾ سنڌي سماج تي ڪاوڙ ڪائيندي چوڻ لڳو "خبر ناهي سنڌي سماج کي پاڻ ۾ ورهائجي رهڻ واري ٻِٽ ڪٽان لڳي، الائي ڪٽان اها بيماري لڳيس، جنهن کي پنهنجي غلاميءَ

تان غيرت گهٽ، ۽ پيار، محبت جهڙي معراجي معاملي تي وڌيڪ غيرت اچي ٿي!؟

جانو! هُوءَ پڙهي، لکي ڏهين ۽ سني خاندان جي چوڪري هئي، اسان ٻنهي کي پنهنجي سماج جي خوني ريتن ۽ ڪروڌي رسمن جي ڄاڻ هئي، پر محبت ته، مذهبن ۽ ريتن رسمن تي سوچي نه ايندي آهي! دنيا ۾ صرف اهي به شيون آهن جن جي ڪا به موسم ۽ وقت مهل مقرر ٿيل نه آهي. سي آهن هڪڙي "محبت ۽ ٻيو موت"!

اهي ٻئي حالتن ۽ همدردين سان ڪوئي تعلق نٿا رکن، پر تڏهن اسان ٻنهي پنهنجي عمرين مطابق اڃا محبت ۽ موت جي فلسفي تي سوچيو به نه هو. اسان تڏهن محبت جي نتيجن کان اڻ ڄاڻ ۽ موت جي انتظار کان آجا هئاسين!

هُوءَ مونکان وڌيڪ خوبصورت هئي. ۽ اڄ به جنهن عمر ۾ هُوءَ آهي. تڏهن به سمجهان ٿو ته، سندس خوبصورتي مونکان سرس هوندي. الائي ڇو منهنجي دل کي اهو يقين آهي ته، مان سندس ئي سونهن مان پنهنجون خوبصورتيون سکيو آهيان!

جان محمد ـ سچ پچين ته، بابهين کانپوءِ. اهو پهريون ماڻهو تون آهين، جنهن سان اڄ مان پنهنجي دل جي دري کولي، پنهنجو هينئون ويٺو ٺاريان! اهو مون توکي پنهنجي لاءِ مناسب سمجهيو تڏهن، نه ته، هن کان اڳ مان پنهنجي سڃڻ جي سونهن کي سوغات سمجهي پنهنجي سيني ۾ ساهه سان سلهاڙي رکيو هو. پر اڄ سمجهان ٿو مان پنهنجون اهي ڪيفيتون مائِي سسُئي جيئان قبر ۾ کڻي وڃي سمهندس، تنهن کان بهتر ٿيو سي مان توسان بيان ڪري ٻيو ڇڏيان، شايد توکي پنهنجي زندگي جي لاءِ به اهڙن تجربن جو علم ضروري هو ۽ خدا توکي ڪنهن ٻهاني مون تائين آندو آهي.

تون جئيڻ ٿو چاهين، ماڻهو کي پنهنجي جيئاپي جا ٻيڇرا پاڻ ڳولڻا پون ٿا. پر سو تڏهن جڏهن ڪو مون جيئان پنهنجي پيار کي پرستش ۽ پنهنجي دل کي خدا سمجهي پنهنجي وجود کي ئي وساري ڇڏي... مونکي تو مان ڪجهه اهڙو ئي نظر اچي ٿو جانو. توڻي جو تون منهنجو رت، جگر ۽ سڳو پٽ نه آهين، پر توکي خبر هوندي ته، حضرت عيسيٰ نبي کي پنهنجو

پيءُ ڪون هو. بيِ بيِ مريم کي پنهنجو مرد (مڙس) نہ هو ۽ حضرت آدم کي پنهنجا ماءُ، پيءَ ٻئي ڪون هئا.

ياد رکجان، جيڪو سماج پنهنجي عظيم رشتن جي سچاٽپ نٿو رکي ۽ رشتن کي پاڻ ۾ ويڙهائي، ورهائي، وندي، ورچي ٿو ڇڏي، تہ اها قوم ۽ اهي قبيلا پنهنجي عظمت کي ائين رسوا ڪندا آهن جيئن حضرت عثمان غني سان پنهنجي قوم ڪيو ۽ حضرت آدم سان پنهنجي خدا!

۽ بي بي مريم سان پنهنجي قبيلي ۽ مون جهڙن سان پنهنجي پيار ۽ محبت واري خواهش!

... جانو! منهنجي محبت جي خبر جڏهن منهنجي والد کي پئي، تڏهن ان مونکي ٻني، ٻاري تي وڃڻ کان منع ڪري ڇڏي. منهنجي والد صاحب کي اهو خوف ٿي پيو هو تہ، بروچ مونکي قتل ڪري ڇڏيندا. منهنجا والد صاحب مون سان انتهائي محبت ڪندا هئا ۽ منهنجي حالت اها هئي جو مان جيستائين پنهنجي محبت کي هڪ نظر ڏسندو نہ هئس، تيستائين باقي سڄو جهان مونکي بدصورت ۽ اداس نظر ايندو هو. مونکي تڏهن اهو محسوس ٿيو تہ، محبت تي بندش ماڻهو لاءِ دوزخ جي عذاب کان وڌيڪ آهي.

هونئن بہ بيڪار ۽ بي مقصد پابندي ماڻهو جي ذهن کي موڪو ڪري سوچن کي زهر ڏئي، سندس صلاحيت کي ڪنهن اوڙاهہ ۾ اڇلي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيندي آهي.

پر پيار تي پابندي، پاپن کي جنم ڏئي ماڻهو کي پنهنجي هٿرادو دوزخ ۾ جلائي فنا ڪري ڇڏيندي آهي!

مان بہ پنهنجي والد صاحب جي ان لڳايل پابندي ۾ بي سُکو ۽ بيمار ذهن بڌجڻ لڳس. مونکي گهر ۽ شهر کان ٻاهر ڪيڏانهن بہ وڃڻ جي اجازت نہ هئي. مان پنهنجي پيءُ جي عزت ۽ وڏو احترام ڪندو هئس. سندس هر حڪم تي هاڪاري جملا ڳالهائيندو هئس. پر سندس منع ڪرڻ کان پوءِ هڪڙي پاسي مونکي پنهنجي پيءُ جو احترام عزت ۽ادب سامهون هو، ٻي پاسي کان وري قبيلن ۾ ورهايل پنهنجو سماج، جنهن ۾ پيار ۽ محبت کي

ڏوهه ۽ غيرت جو نالو ڏئي ڪهاڙين سان ڪُنو ويندو آهي. ۽ ٽئين پاسي منهنجي محبت ۽ ان سان ڪيل قول ۽ قرار.

انهن تي سوچي، سوچي منهنجن سوچن کي جهڙو ڪينسر جو مرض لڳي پيو هو. مان روئي، روئي پنهنجي والد صاحب کان صرف رڳو هڪ دفعو ملڻ جي اجازت ورتي، پر ان ۾ به اهو شرط لاڳو هو ته، منهنجي اها ملاقات ڏهن منٽن تائين هوندي. ۽ اها آخري به هوندي، ان کانپوءِ ان سان وري نه ملڻ جو به واعدو ۽ قسم ورتائين.

مون سوچيو ته، محبت وارن لاءِ هڪ منٽ جي ملاقات به معراج ڪرايو ڇڏي، ڏهن منٽن ۾ ته مان پنهنجي خدا کي به ڏسي وٺندس.

انهيءَ سوچ ۾ مان پنهنجي پريتم سان ملڻ لاءِ الائي ڪيتريون ڳالهيون ڳولي ٿاهي، سنيالي کنيون ۽ اهو به فيصلو طئي ڪري ويس ته، آخر ۾ ائين ئي چوندوسانس ته... اي منهنجي محبوبا هاڻ تون مونکي وساري ڇڏ ۽ مان توکي وساري ڇڏيندس!

پر مونکي ايڏا اها سمجهه نه هئي، ته محبوبن سان سندن سامهون هٿرادو ۽ نقلي ڳالهيون پنهنجو پاڻ فنا ٿيو ويجن.

پوءِ جڏهن وقت ۽ واعدي موجب ان سان مليس ته پنهنجا پچايل خيال ته الائي ڪيڏانهن ڪري ڇڏيم پر پنهنجي پيءُ سڳي سان ڪيل واعدو به وسري ويم! ۽ اسان ڏهن منٽن ۾ ته هڪٻئي جون ميارون به ڪُٽائي نه سگهياسين. هڪٻئي کي اهڙيون ميارون ڏيندي، وري به ڪي نوان واعدا ۽ نوان قول اقرار ڪري، اسان هڪٻئي کي، هڪٻئي سان قولن، اقرارن جي مُلهه ۾ وڪڻي ويناسين.

اسان ان ڏينهن شايد پورو ڪلاڪ هڪٻئي جي حال تي رناسين ۽ هاڻ هڪٻئي کان موڪلائڻ تي هئاسين، ته سندس ننڍو پاءُ جنهن جي عمر شايد ڏهه يارنهن سال ٿئي ها؟ تنهن اسان کي پنهنجي ٻکن ۾ ان لڪل جڳهه تي ڏسي ورتو هو. جنهن کان پوءِ مٽس به سختيون مڙهيون ويون.

اسان جي پڏرائي سبب اسان جي اها آخري بس ملاقات رهي.

جان محمد! ماڻهو جڏهن پنهنجي نيت ۾ سچا اقرار ڪندو آهي، ته خدا تعاليٰ ڪنهن طرح اهي اقرار قائم ئي رکندو آهي.

مون جنهن وقت پنهنجي والد محترم سان اهو واعدو پي ڪيو تہ مان هُن سان وري بلڪل ڪون ملندس تڏهن خدا شايد منهنجي ان اقرار کي ان وقت ئي قائم ۽ قبول ڪري ورتو هو.

ان آخري ملاقات کانپوءِ ٻئي، چوٿي ڏينهن تي، سندس خاندان مان ڪنهن سنجيده ماڻهو منهنجي ان عملي محبت جي منهنجي والد صاحب کي ڪا ميواري دانهن ڏئي ويو. تنهن کانپوءِ، منهنجي والد صاحب کي منهنجي لاءِ پريشاني ايترو اچي ورايو. جو آخرڪار هالا مان لڏي هميشہ لاءِ حيدرآباد اچي آباد ٿياسين."

ايترو ٻڌائي ربو ائين خاموش ٿي ويو. جو هن جڙ پنهنجو قصو پورو ڪري ڇڏيو. ۽ پوءِ سندس ڏکڻي خاموشي جو وجهہ ونندي جانو پڇس "پر توهان هڪٻئي سان شادي ڪرڻ جو واعدو ڪيو هو سو؟"

تڏهن ربو پنهنجي ڪمزور ۽ جهڙو ڪنهن بيمار آواز ۾ چيو. "ها اسان جيڪو هڪٻئي سان شادي وارو واعدو ڪيو هو تہ شايد ان وقت اتي ہہ خدا موجود هو ۽ اسان جو اقرار ان ڏينهن کان اڳا تائين قائم رکيو اٿس!"

"ڇا پوءِ توهان جي شادي ہہ ٿي هئي؟" جانو پڇيس.

"نا!' جان محمد ان وقت اسان هڪٻئي سان اهو اقرار ڪري اڻيا هئاسين تہ نہ مان ڪنهن ٻي عورت سان شدي ڪندس ۽ نہ هو ڪنهن ٻئي مرد سان نڪاح ڪندي! ۽ اڄ ہہ اڳا اسان ٻئي زنده آهيون ۽ پنهنجي اقرار تي قائم ہہ... شايد ٻئي جنم ۾ اسان جو سماج ذاتين ۽ قبيلن ۾ ورهايل نہ هجي ۽ پوءِ اسان پيار جو پرڻو ہہ شايد ڪري ڇڏيون!؟"

جانو ڏيان ڏئي سندس داستان ٻڌڻ سان، خود سان ٿيل تعدي ہہ وساري ويٺو سندس دل چاهيو پي تہ شل خدا ڪري اڳا ہہ ڪجهہ ٻڌائي، پر ربو شايد هاڻ پنهنجي روح ۾ ڪجهہ رهايو پي. ليڪن پوءِ ہہ جانو سندس پڇر اڳا نہ پي ڇڏي. ۽ سوچي، سوچي وري هڪ ٻيو سوال پڇيس "چاچا توهان نالو ہہ تہ ان جو ڪون ٻڌايو؟"

تڏهن ربو ٿورو مسڪرائيندي چيو "ٻڌائڻ لاءِ تہ مان. توسان سڄي رات ويهي سگهان ٿو پر يار باقي نالو! سو تہ مان پنهنجي روح ۾ ئي رکڻ ٿو چاهيان. ۽ مان سمجهان ٿو تہ، ان تان تون دل ۾ ہہ ڪون ڪندين!!"

رات جو هڪ وڃي جو وقت ٽي چڪو هو. ربنواز ته گهڙيال تي وقت ڏسڻ کانسواءِ به دڪان ۾ ويٺل، سرءُ مند ۾ آيل جيتن جي آواز مان اندازو لڳائي چڪو هو پر جانو پهراڙي جي ڪليل ميدان واري ماحول ۾ چنڊ يا تارن ۾ ڏسي وقت جو اندازو لڳائيندڙ هو! تنهن کي شهر جي روشنين ۾ بند ڪمري ۾ وقت جي خبر ئي نه رهي، ان لاءِ ته دڪان جي ڪمري کان ٻاهر ايجا جهڙو ڏينهن هو! پاڻ تازو ڏکايل هو.تنهن ڪري ايجا به ڪجهه ٻڌڻ جي ڪيفيت ۾ هو. جنهن کي ربو به محسوس ڪيو پي، تنهن سندس سوچ کي گهڙيال جي طرف ڏيان ڏياريندي چيو "جان محمد هو ڏس رات جو هڪ ٽي ويو آهي. تون به ٽڪل آهين بابا... صبح جو دُڪان ۾ گراهڪن کي به منهن ڏيڻو آهي... سياڻي توکي پهريان، پهريان ڪپڙن تي نمبر هڻڻ، ڪم ڪار جي ترتيب ۾ ڪپڙن جي مصالحن بابت ڪجهه سمجهائڻو آهي... باقي ڪچهريون ته، جيسين آهيان جيئرو تيسين راتيون پنهنجون آهن. پيا مارڪا ڪنداسين.

ربو آهستي آهستي موضوع بدلائڻ لڳو ۽جانو جو ڏهن به موضوع تان هٽائڻ خاطر چيائين "جان محمد، جيڪڏهن تون ڳوٺ واپس وڃڻ چاهين ته، مان توسان گڏجي به هلندس، باقي ٻئي پاسي ڪيڏانهن به وڃڻ جي توکي مان اجازت نه ڏيندس... ٺيڪ آهي؟"

"نه چاچا، مان ڳوٺ واپس نه ويندس، ڳوٺ سان ته هاڻ منهنجو رشتو باقي رهيو آهي موت وارو. سو موت جي اوڏانهن گهرايو ته ٻي ڳالهه آهي. باقي مان پنهنجي خوشيءَ سان ڪڏهن به هاڻ ڳوٺ ڪون ويندس. ..."

"ته بس ٺيڪ آهي... مان هي پنهنجي دڪان جو ڪاروبار تنهنجي ئي حوالي ڪندس، مونکان هاڻ هي ڪم سنڀاليو نٿو ٿئي، مزورن جا ماڻا، ۽ گراهڪن جي گهه ٻِيهه مون کي ٽڪايو وجهي، سجو ڏينهن هڙ هڻان هاڻ نٿي پڄي يار."

۽ پوءِ ٻيڙ تي ويهاڻو سري کان ٽاهيندي چيائين "چگّو هاڻ سُمهنداسين جان محمد... پر چگّن ويچارن چيو آهي ته، سُمهڻ مهل ڪوئي چگّو خيال سوچي پوءِ سُمجهي تو وٽ ڪو اهڙو خيال آهي، ٻڌائيندين؟"

جانو بنا سوچڻ جي چيو "چاچا سنو خيال... منهنجي خيال ۾ بس خدا کي ئي ياد ڪري سُمهجي!؟"

"ها، اها به سڻي ڳالهه آهي. پر خدا ته جدا ڪونهي نه، اهو ته ساهه سان گڏ آهي. پر منهنجي چوڻ جو مقصد اهو آهي ته، ڪنهن نئين سوچ جو ڪو نئون خيال، جيڪو صبح جو اٿجي ته بلڪل چڱي طرح ياد هجي، جيئن ذهن تازو رهي . جيئن حضرت علي جو قول آهي ته "ماڻهو جنهن ڳالهه کي نٿا ڄاڻن، تنهن جا دشمن ٿيندا آهن."

ربو حضرت علي جو قول ٻڌائيندي، پنهنجي هنڌ تان اٿي بيهي پنهنجا ڪپڑا چنڊيندي وري چيائين "جان محمد! يار بابهين تمام پيارو ماڻهو هو. مان ڪيس حجت ۾ پاڻيو چئي ويندو هئس، پر يار هُو پلو ماڻهو هو.

خبر اٿئي هڪ پيري مونکي چيائين... ادا ربنواز ٻيلي ڏس ڏي مان پنهنجي دل ڪهڙي ڏوهي کان ڏوڪاريان!؟ تون ته مونکي دل ڏوئي نڻو ڏيئن، مان جو غريب آهيان، پيسو هجي ها ته ڪونه ڪو ضرور سڏي چوي ها ته... اڄ هيڏانهن، تنهنجي دل تي ڏس ڪيترا داغ چڙهي ويا آهن، توکي پنهنجي دل تي ڪراهت نٿي اچي؟ اڄ هيڏانهن ته تنهنجي دل ڏوئي صاف ڪري ڇڏيون!! ... او... هو... هاءِ هاءِ يار کهڙيون خبرون توکي ٻڌايان... تنهنجي پيءُ جون؟ سمهڻ مهل اڪثر تنهنجي بابي جو ڪو نه ڪو خيال مونکي ضرور ياد اچي ويندو آهي.

...چڱو هاڻ شب خير"

۽ پوءِ ٻئي سمهي پيا.

●⊙●⊙●⊙●

صبح جو ربنواز پنهنجي دستور موجب سج اپريي کان اڳ اٿيو ۽ ٽي وي کولي قرآن پاڪ جي تلاوت هلڪي آواز ۾ ٻڌڻ ويهي رهيو. ۽ ڪجهه ئي دير کان پوءِ جانو کي سجاڳي ٿي ته، ڪنهن اوپري مهمان جيئان، هڪدم کٽ تي اپو ٿي ويهي رهيو.

ربنواز سمجهي ويو ته، جانو جي ذهن ۾ ايڏا شايد اجنبين واري سوچ آهي، تنهن ڪيس پنهنجائپ واري احساس ۾ چيس "بابا هٽ منهن ڏوئي دڪان کول ۽ ڳوٺان ڪٽي آيل دل جا داغ به ڏوئجان،! پنهنجي اندر جي اذيت

کي ماڻهو اڪثر روئي ڏوئيندا آهن. ان کي هميشہ لاءِ سنياڻي رکڻ بيوقوفي آهي. جن پنهنجي اندر جي عذاب کي سانڊيو سي پنهنجي عقل، علم، ۽ سوچن کي سنياڻي اڳتي وڌائي نہ سگهندا آهن. انهن کي پنهنجا سور پنهنجي آدرش لاءِ وقت ئي نہ ڏيندا آهن... معاف ڪجان؟ تون چوندين ۽ سوچيندين تہ، چاچا ربنواز صبح ساڻ پنهنجي تقرير چالو ڪري ڇڏي! پر اصل ۾ خبر اٿئي تہ رات جو سمهڻ مهل سڀ خيال سوچي سمهڻ ۽ صبح جو ننڊ مان اٿڻ وقت مضبوط خيال ۽ سگهاري سوچ سان پنهنجي شروعات ڪجي. زندگي ۾ جيئڻ، مرڻ وارن اصولن جي پابندي ڪرڻي پوي ٿي."

"جي چاچا، توهان صحيح پيا چئو مان ڪوشش ڪندس... پوءِ بہ توهان وينا آهيو نہ، مان تہ پنهنجي اها وڏي خوشنصيبي ٿو سمجهان!"

جانو کٹ تان اٽندي چيس ۽ پوءِ هٽ، منهن ڏوئي دڪان کولي ان جي صفائي کي لڳي ويو.

بعد ۾ نيرن گڏجي ڪيائون، جنهن کانپوءِ دڪان جي ڪم ڪار جي ترتيب ۽تفصيل کيس سمجهايو ويو. ۽ پوءِ دل لڳائي دڪان جو ڪم ڪندو رهيو سال ٻن جي اندر هن ۾ وڏي تبديلي اچي وئي، ۽ هن سڄو دڪان سنياڻي ورتو. هاڻ هن ربنواز کي رڳو پنهنجي دڪان جي مالڪي ۽ مالیت جي سنيال رکڻ ۽ ايندڙ ويندڙ گراهڪن سان ڏي، وٺ ۽ ڪچهري، ڪلام تائين محدود ڪري ڇڏيو هو.

شروع ۾ ربو جانو سان اهو شرط سختي سان لاڳو ڪري ڇڏيو هو تہ:

"جان محمد توکي پنهنجي پڑهائي کي ڪيئن بہ ڪري اڳتي وڌائڻو آهي؟ پوءِ پلي پرائيويٽ يا ڪنهن بہ طريقي پر هاڻ توکي پڑهائي مان هٽ ڪيڏو ناهي. جيستائين تون گريجوئيشن نٿو ڪرين؟"

۽ جانو پنهنجي واعدي موجب پنهنجي پڑهائي کي پرائيويٽ طريقي سان اڳتي وڌائيندو رهيو.ائين هن ڇهن سالن تائين B.A پاس ڪري خود کي Graduate سڏائڻ وارو حق حاصل ڪري ورتو. ان کان علاوه سندس غير نصابي تعليم ۾ ربنواز پاڻ سندس اهڙي تربيت ڪئي جنهن جي اڳيان سندس سرڪاري B,A واري ڊگري جي بہ جاءِ نہ هئي.

عشق تہ استاد، ۾ شاهن جو شاهہ، سو جي خود تعليم ڏئي تہ، ماڻهو دوزخ مان ٽاندو ڪڍي بهشت ڪي بہ باهہ ڏئي ٽا سگهن، پر عشق جي شاگرد جي تعليم بہ ستارن کان اڳتي روانو ڪريو ڇڏي. ربنواز بہ ڪيس اهڙي فڪر جي ڦرهي جا سبق پي پڙهايا.

جنهن ڏينهن جانو جي بي اي جي رزلٽ آئي هئي، ان رات خوشيءَ ۾ هي ٻئي سڄي رات ڪون ستا هئا.

انهيءَ رات ڪچهري ڪندي، ربنواز اچانڪ تڪڙو اٿي جانو جي پيءُ جي تصوير کي سامهون بيهي چوڻ لڳو " اي دوست! تون جانو کي پڙهائڻ ۾ پاڙيو نڪتين، پر ڏس مون پنهنجي دوستيءَ جو اڃ حق ادا ڪيو. اڄ تنهنجو جانو مون جان محمد سڏائي ڇڏيو آهي. هاڻ هن جي نوڪريءَ لاءِ تون ايڏاهين پنهنجي خدا کي سفارش ڪجان ۽ مان هن دنيا جي ناخدائن کي چورائيندس... پر تنهن کانپوءِ مونکي پاڻ ڏانهن جلدي گهرائي ونجان!

ڏس دوست دنيا ۾ گهڻو جيئڻ، سمنڊ ۾ ٻيڙيءَ بنا هلڻ جي برابر آهي. ۽ مون ۾ هاڻ سا سگهہ نہ رهي آهي! هاڻ تہ هي دنيا، يا مون کي نٽي وڃي يا مان دنيا کي نٽو وڃان. بس هاڻ اهڙو جيئڻ،مون کي جهڙو اڏارو پيو لڳي، ۽ مان اهڙي قرض ۾ جيئڻ جهڙو ناهيان."

ايترو چئي سندس اکيون ڀرجي آيون، جانو سندس ان ارمان کي سمجهي نہ سگهيو. ۽ اٿي کيس ڳل ڳرانڙي ڏئي ونڊي اچي سندس ڪرسي تي ويهاريس.

جانو پنهنجي همدردانا ڪيفيت ۾، جڏ ڪنهن اڻڄاڻ پيڙاءَ جو درد محسوس تہ ڪيو پر ان وقت ربُو کان ان معاملي بابت ڪجهہ پڇڻ لاءِ، سندس ئي ڪيفيت اجازت نہ پي ڏني.

ربنواز جي اکين ۾ ڀرجي آيل پاڻي آخر ڳوڙهن جي شڪل ۾ وهي پيو. جانو سندس اهي لڙڪ اگهڻ چاهيا، تہ ڪيس منع ڪندي چيائين "بابا! انهن کي وهڻ ڏي، اهي اندر ۾ رهجي ويا تہ، منهنجو اندر ڪچو ڪري وجهندا، جنهن کي مون نهائين جيئن راڳي رات ڏينهن سنياليو آهي. اهو بند اڄ وري سالن کان پوءِ پنهنجي پُراڻ سبب ٽٽو آهي تہ انهيءَ کي وهڻ ڏي، اڄ وري اُٽل

کائي اکين کي آباد ڪيو اٿس تہ، پلي من تي رهيل ڪا مَرُ، مصيبت ڏوئي ڇڏي!"

ڇ ڪجهہ دير جي خاموشي کانپوءِ وري چوڻ لڳو "جان محمد! بابهين منهنجو حال محرم دوست هو، هو عظيم انسان هو، هن دوستيءَ ۾ مون سان ڪڏهن بہ دنگ نہ ڪيو. جڏهن مان راتين جي رولاکين ۾ پنهجي پريتم سان ملڻ ويندو هئس، تہ پروگرام موجب مون سان گڏجي هلندو هو. هڪڙي رات مونکي چيائين "ربنواز! دنيا ۾ جن کي محبت ملي تن کي بہ روئيندو ڏٺم ڇ جن کي ڪجهہ نہ مليو تن کي بہ تاحيات روئندو ڏٺم هي محبت بنهہ ڪو عجيب معاملو آهي هي تہ مضبوط کان مضبوط ماڻهو کي بہ اندران، اندر توڙي، ٽُڪر، ٽُڪر ڪري ڇڏيندڙ آهي... ٿورو پنهنجو خيال رکجان يار؟"

جڏهن اها هدايت بابهين جي ياد آيم، تڏهن پنهنجي اندر جودرياءَ اٿلي پيم يار... سچ، سچ تہ محبت ۾ جيئڻ هڪ عجيب ايذاءُ بہ آهي، تہ اندر جي آڪار لاءِ پاڻ مارڻ واري هڪ پيڙاءُ بہ... زندگي اقرارن جي آکاڙي ۾ جيئارڻ سپ ڪنهن جي وس جي ڳالهہ ناهي. ماڻهو جي اندر ۾ هڪ اهڙي آگ ٻرندي رهي ٿي جيڪا نہ وسامي ٿي، ڇ نہ جلدي جلائي پسم ٿي ڪري! ٿي سگهي ٿو اها نہ پسم ٿيندڙ آگ دوزخ جي باهہ ڇ بهشت جي بهار، ٻنهي کي گڏي خدا اهڙي نہ ختم ٿيندڙ جلن جوڙي هجي؟ جيڪا انسان کي جيئڻ ڇ مرڻ جي وچ ۾ رکي ٿي! ڇ ماڻهو نہ جيئي ٿو نہ مري ٿو!؟"

اهڙي طرح ربو هڪ دفعو وري پنهنجي ماضي جو باب کولي وينو. هُو رومانواد ڪون هو سندس اهو پهريون ڇ آخري پيار هو. جنهن جو هو جانو سان وقت سِر ذڪر ڪندو رهيو. محبت سندس اندر جي اوطاق جا اهي سپ دريون، دروازا پٽي اڇلي ڇڏيا هئا. جن جي تاکجڙ سان ماڻهو جومن گُهٽجي، ٻُوساڻجي پنهنجي سوچ ڇ فڪر کي ڪُٽائي ختم ڪري ڇڏيندو آهي، ڇ سندس نيتون ڏبجي ڪِنيون ٿي ڏپ ڪري ويندیون آهن.

ربو کي محبت اها راهہ ڇ رستو نہ ڏيکاريو هو، جنهن ۾ ماڻهو پنهنجي سوچ ڇ خيال سان گڏ گهمندي پاڻ بہ الائي ڪٿي گُم ٿي ويندا آهن، تہ پنهنجن دوستن کي بہ انهن اٽڄاڻ راهن ۾ رلائي وڃائي ڇڏيندا آهن.

هن کي تہ محبت اهي راهون ۽ رمزون ڏنيون هيون جن کي زباني طرح کولي بيان ڪرڻ تہ ڇا، پر سندس هڪ نظر جي اشاري سان بہ ماڻهو محبت جي راهہ اختيار ڪري پي سگهيو.

ربو جي انهن پُراثر محبتي بيانن ۽ اشارن جانو کي بہ محبت جو قائل ڪري ڇڏيو.

ماڻهو جنهن شهر ۾ رهي ٿو، پنهنجي ضرورت وارو وکر بہ ان شهر مان ئي ونندو آهي!

جانو ۾ محبت واري اڇ جاڳڻ کانپوءِ، هن گهر ۾ ربو جي سپ کان ننڍي ياءُ جي ڏيءَ زليخا سان پنهنجي سڪ جو سڳو سبڻ شروع ڪري ڇڏيو هو. ۽ زليخا بہ سندس انهيءَ محبتي محنت کي خوش آمديد چئي ڇڏيو هو. هنن ٻنهي پنهنجي دلين جا آواز ٻڌي ۽ سمجهي ورتا هئا.

پر جانو ان گهر جو پاتي ٿي رهڻ جي سبب ان ڪٽنب جي احترام ۾ ۽ ربو جي احسانن سبب هن خود کي لڪائي رکيو هو.

۽زليخا، جانو کي ڏاريي قبيلي جو سمجهي، پنهنجي قبيلي جي خوف کان خود کي ظاهر ڪرڻ مناسب ئي نہ پي سمجهيو.

پر جيڪا محبت سندن وچ ۾ اوچتو سبجي سِلائي ٿي وئي هئي. تنهن مان هاڻ ٻئي هٽ ڪيڻ لاءِ تيار بہ نہ هئا.

ان رات، ربو جنهن مهل پنهنجي دوست جي ياد ۾ خود کي رڌاري وينو هو ۽ سندس اندر اُڏما کائڻ لڳو هو ان مهل ڪجهہ دير کانپوءِ هن پنهنجي ڪيفيت بدلائڻ جي خيال سان جانو کان پڇيو "جان محمد! هاڻ تون پهريان نوڪري ڪرڻ چاهيندين يا شادي، ڇا ايرادو آهي؟"

تڏهن جانو چيس "چاچا سائين، اهي ٻئي ڪم منهنجي تہ وس کان ٻاهر آهن! نوڪري لاءِ پيسو کپي، رشوت کان سواءِ نوڪري نٿي ملي!۽ شادي لاءِ... پيسو بہ کپي تہ گهر بہ کپي، جڏهن تہ منهنجو نہ مِٽ نہ مائٽ نہ گهر، تڙ ۽ نہ پيسو ڏوڪڙ!؟"

"نہ ائين نہ چئو مائٽ تنهنجو مان آهيان ۽ ٻيو هو سجاول وارو تنهنجو مائٽ علي احمد، جنهن ڏانهن مهيني ۾ تي چڪر تہ ڪندو آهين، سو اهڙي ڪم ۾ ڪم نہ آيو تہ پوءِ ٻيو تنهنجي ڪهڙي درد جي دوا ٿيندو. اسين بہ ڇٽا

ٿيندا سين تنهنجي شادي کي منهن ڏئي ويندا سين. هڪڙو شادي جو خرچ ڪندو ۽ ٻيو گهر جي معاملي کي منهن ڏيندو بس! ۽ باقي نوڪري ان لاءِ ۽ همٿ ڪان هاربي، تون وڏي همٿ وارو جوان آهين، مان نٿو سمجهان ته نوڪري وٺڻ تنهنجي لاءِ ڏکيو مسئلو هجي؟"

"پر چاچا توهان مون تي اڳيئي ايڏا وڏا احسان ڪيا آهن، جيڪي مان پنهنجي سڄي عمر لاهي ڪون سگهندس ۽ هاڻ وري وڏيڪ شادي وغيره جي لاءِ توهان کي خرچا ڪرايان اهو ته هاڻ مونکي منهنجو ضمير ۽ اجازت نٿو ڏئي."

"ڏس جان محمد، هونئن ته اسان جي فئملي جو فرد ٿي چڪو آهين، پر اصل سچ اهو آهي ته، تنهجو اهو دلي ۽ روحاني رشتو جهڙوڪر رڳو مون تائين محدود آهي. ۽ منهنجي هاڻي عمر جي لحاظ کان اها حالت آهي جو، مان پنهنجي هڪڙي ٽنگ... جهڙي قبر ۾ داخل ڪيو ويئو آهيان- باقي هڪڙي ٽنگ اٿم دنيا ۾ ... مان ته هاڻ اهي خواب ئي ڪون ٿو ڏسان، جيڪي منهنجي عمر جا رڳو ڏهه ڏينهن وڌائي سگهن!... ماڻهو جڏهن پنهنجي موت کي ويجهو ايندو آهي. ته سندس حوصلي ۽ همٿ جي پوري خبر تڏهن پوندي آهي. مان ته، اڄ ڪلهه انهيءَ سوچ ۾ آهيان ته، خدا مونکان شل تيستائين حوصلو نه کسي جيستائين منهنجو موت مونکي پاڻ سان وٺي روانو نه ٿئي... پر جان محمد! موت جي ته ڪا مهل نه هوندي آهي. تنهن ڪري مان تنهنجي لاءِ ايڏا به ڪجهه ڪرڻ چاهيان ٿو، پر دل ٿي چوي ته، اهو جيترو جلد ٿي سگهي، ان ۾ هاڻ دير نه ڪريان."

"چاچا مان اوهان جي احسانن جو قرضي آهيان، مان ته هاڻي پنهنجي ذاتي معاملي ۾ ڪجهه ڳالهاءِ به نٿو سگهان."

"نه جان محمد، انهن کي احسان ڪون چئبو آهي! جنهن کي انسانيت چئبو آهي، تنهن جي ڀلائين کي، قرض جي شڪل ڏئي، ٿورن ۽ مهربانين ۾ شمار نه ڪبو آهي... ڀلا جي مون توتي احسان ڪيا آهن، ته ان جي بدلي ۾، مون تي اهو احسان ڪري، ٻڌائي ته پهريان شادي جو خيال آهي يا نوڪري جو؟"

"چاچا چوٽا مون تي ايڏو زور پريو توهان؟"

"ڏس جان محمد، منهنجي هي محبت جي قولن ٻڌي حياتي، هڪ نانگي مسافر جيئان گذري آهي ۽ مان هاڻ پنهنجي سفر جي آخري پٽڙ تي اچي ٻينو آهيان. پر پنهنجو موت ويجهو ڏسي مان ايجا ايڏو بيڪار۽ اندر ۾ ڪمزور ناهيان. مان ايجا تنهنجي ڪم اچي سگهان ٿو... بس الاءِ ڇو اها منهنجي اندر جي خواهش آهي، جنهن کي مان ماري نٿو سگهان."

"مونکي ڪجهه سوچڻ جي مهلت ڏيو چاچا؟" جانو ويچارگي مان چيو.

۽ربو چيس "پلي ائين ٻه ٽيڪ آهي... پر ٻن ڏينهن تائين، وڏيڪ انتظاري ڪرائي، منهنجي عمر نه ڪتائجان؟ هونئن ٻه منهنجي عمر جا ڏينهن شايد کي ٿورا باقي بتا هجن!"

"نه چاچا سائين، مان توهان کي ايڏو انتظار نه ڪرائيندس."

جانو ايترو چئي وري تکڙو ئي چوڻ لڳو "هاڻ آرام ڪجي چاچا؟ هو ڏسو گهڙيال ۾ رات جا ٽي پيا ٿين!"

"نه، ايجا سمهون ڪون ٿا، سياڻي تون ڀالهيون ڪندين ته، چاچا ربنواز پچاڙي پيريءَ ۾ بنهه پاڙيو ٽي پيو هوا پوڙهو ضرور آهيان پر ايجا تو جهڙي جي ٽڪائڻ جو ناهيان... تون ٽڪو هجين ته پوءِ اها ڀالهه ڪر؟"

"نه، چاچا، مان سمهي پوان ۽ توهان وينا هجو ائين ٽي نٿو سگهي."

"ته پوءِ، هينئن ڪر... ٻاهر ڏس ڪا هوٽل کليل هجي، ته چانهه پيار؟"

جانو ان مهل ئي اٿيو ۽ دڪان کان ٻاهر نڪتو پر سجو شهر نند جي موت ڀڙڪائي ڇڏيو هو. رات ٻه ڪنهن طوائف جيان ستارن جي رقص ۾ پنهنجي جوبن تان موٽ کائي هاڻ جهڙو پنهنجن پاپن جي پچاڙي واري حصي ۾ داخل ٽي چڪي هئي، ماڻهو ڇيٽهو جو آواز ته ڇا، پر ڪنهن جيتام جي چيچاهٽ ٻه ٻڌڻ ۾ ڪون پي آئي بس رڳو ڪنهن، ڪنهن مهل ڪنهن گاڏي هلڻ جو ڪو هلڪو آواز ٻڌڻ ۾ پي آيو. جنهن مڙئي زندگي جو احساس پي ڏياريو نه ته ائين پي لڳو ته، جهڙو هي دنيا وري جيئري ئي ڪون ٿيندي!

جانو کي ويجهڙ ۾ ڪا ٻه هوٽل کليل نظر نه آئي ۽ هو خالي واپس اچي چوڻ لڳو "چاچا پنهنجي ايريا جي اندر ڪائي هوٽل کليل ڪانهي، باقي ڇئو ته ڪجهه پندڙ اڻتي وڃي ڏسان؟"

"نہ بابا! رات جي وقت، شهر ۾ هيڏانهن، هوڏانهن جو رولڙو صحيح نٿو لڳي، حالتون تنگ آهن، امن ته هن ملڪ ۾جايوئي ڪونهي... هن ملڪ ۾ امن جي ماءُ سان اجتماعي زنا ڪري ان کي سنڊيڪري ڇڏيو اٿن، تنهن ڪري هاڻ هن ملڪ ۾ امن جي اميد رکڻ ئي اجائي آهي! ... چانهه جي ڪوپ تان مڙس ئي چٽ... ڇڏينس ڪٽي، الماري ۾ ڏس Green Tea پيل هوندي اها تيار ڪر ته ٿڪ لاهيون."

جانو الماري مان Green Tea ٿوري کنڊ ۽ هڪڙو چوڏو دالچيني جو ڪٽي، سگري ٻاري ڏهن منٽن ۾ ٻه ڪوپ چانهه جا تيار ڪري ورتا. چانهه پي توانا ٿيا ته، سندن ڪچهري ۾ وري هڪ نواڻ اچي وئي. هاڻ جانو جي من ۾ اها هورا کورا پيدا ٿي پئي، ته چاچا ربنواز کي اڄ ڪجهه گهر جي معاملي تي ڳالهرائجي، ته ٿي سگهي ٿو زليخا جي ٻه ڪا معلومات ملي پوي. انهيءَ خيال سان جان محمد هڪ هلڪي اوگرائي ڏئي پڇيس "چاچا! گهر ۾ ته سيئي، توهان جي هڪٻئي کان وڌيڪ عزت ڪندا آهن، توهان محسوس ڪريو ٿا ته، سڀ کان وڌيڪ توهان سان محبت ڪير ٿو ڪري؟"

ته ربو ڪلندي چيس "اهو ساڳي سوال مان توکان پڇان، ته مون کانسواءِ، باقي گهر ۾ تنهنجو وڌيڪ خيال، ڪوئي رکي ٿو؟"

"منهنجي ته ڳالهه الڳ ٿي نه چاچا؟"

"اهوئي ته منهنجي من ۾ گمان رهيو آهي، ته تون گهروارن کان خود کي الڳ رکندو آيو آهين، توڻي جو گهر وارن توکي ڪڏهن ڏاريو تصور نه ڪيو آهي... جان محمد ڪنهن سان گڏ رهڻ کانپوءِ، خود کي الڳ ۽ نرالو رکڻ معنيٰ پنهنجي لاءِ پريشانيون پاڻ پيدا ڪرڻ وارو عمل آهي! ۽ ٻيو ته اهڙو ماڻهو پنهنجو پاڻ ۾ ورهائجو وڃي... زندگي لاءِ ڪنهن قسم جي ورهاست يا ورڇ ماڻهو کي اڪيلو ڪري ڇڏيندي آهي، ۽ اقليت غلاميءَ جو اصل نالو آهي."

"مون اهو ڪڏهن سوچيو ٻه ناهي چاچا، ته گهروارا مونکي پنهنجو غلام ٿا سمجهن، پر توهان جي ڳالهه کي ٻه رد نٿو ڏئي سگهجي، ليڪن اهو ٻه هڪ سچ آهي ته، دلين جا رشتا ڳنڍيندڙ خدا بي پرواهه جي ذات آهي. باقي انسان

تہ، رڳو رسمي رشتن جي اٽڪل ۾ ٿو گذاري، ۽ خدا ٿو ڏسي تہ، مان توهان ۽ گهر وارن جي تعلقاتن سان ڪڏهن بہ اٽڪل بازي نہ رکي آهي."

"اڙي بابا جان محمد! ان کان بہ وڌيڪ وڌو سچ اهو آهي تہ، هي زندگي، معاملن جو هڪ اهڙو اٽ ڪٽ سلسلو آهي، جنهن ۾ نہ چاهيندي بہ، ماڻهو ويچارو اٽڪلون ڪري ٿو. ۽ اها ماڻهو جي مجبوري آهي تہ، زندگي جي رشتي سان نباهڻ خاطر، نہ چاهيندي بہ هو ڪڏهن، ڪڏهن اٽڪل بازي ۾ اٽڪي پوي ٿو ۽ زندگي جي معاملي ۾ اهو ايڏو ڪو وڏو ڏوهہ بہ ڪونهي... تو زندگي جي نباهہ لاءِ ڪا اٽڪل نہ ڪئي آهي، تہ اهو تنهنجو ذاتي عمل آهي، پر زندگي ۾ آخر ڪڏهن ڪا اٽڪل ڀلي بہ پئجو ويجي! ۽ پوءِ اٽڪل سان بہ اٽڪل ڪرٽي پوي ٿي!"

ربو اهو ايترو ڪجهہ ان نيت سان پي چيو تہ، هن ٻيڙي تريي، جان محمد کي اسان جي ڪٽنب سان گڏ رهندي لڳ، ڀڳ اٺ سال اڇي ٽيا آهن، پر گهر ۾ ڪنهن سان پنهنجي ويجهڙائپ بہ شايد ٿاهي نہ سگهيو آهي. جي سندس دل چاهي ها تہ، مان کيس پنهنجي ڪٽنب مان بہ شادي ڪرائي پي سگهيس، شايد هن خود کي احسانمند سمجهي ان معاملي ۾ پنهنجي نيت کي بہ ماري ڇڏيو هجي."

ايترو سوچي، وري خيال آيس تہ "ٿي سگهي ٿو انسان آهي، سندس سيني ۾ زنده دل پيل آهي... گهر ۾ ڪنهن سان سندس ڪا ويجهڙائپ هجي بہ؟ ۽ هي ڪنهن ادب، احترام ۽ حجابن وچان ڀڏائي نہ سگهندو هجي؟"

بس ان خيال کي اتي ئي روڪيندي، هاڻ هن جانو جي من اندر مان سندس دل جو رايو کوٽي ڪڍڻ جي ڪوشش سان هن جانو کان پڇيو "منهنجي ڀالهہ توکي سمجهہ ۾ آئي؟ تہ زندگي سان نِباهہ خاطر، ماڻهو اٽڪل بازي ۾ اٽڪي پوي ٿو؟"

عجب صورتحال هئي، ٻئي هڪڙيئي ساڳي معاملي جي مُنجهہ ۾ هڪٻئي جي دلين ۾ جهاتيون پائڻ لڳا، پر ڪير هو وچ ۾ جنهن ٻنهي جي دلين واري ساڳي راز کي، ٻنهي کان پي لکايو!؟ شايد اِها ئي اُها هستي آهي، جنهن خود کي بہ سين کان لکائي رکيو آهي.

جانو پنهنجي دل جو راز ڪجهه ترسي، ترسي ڏيئڻ واري نيت سان جواب ڏنو "چاچا! تہ بس توهان ائين سمجهو تہ، مان ڪا اٽڪل ڪري پيو پڇان تہ، گهر ۾ سڀ کان وڌيڪ محبت، توهان سان ڪهڙو فرد ڪندو آهي؟"

جان محمد جو ان سوال تي اٽڪي بيهڻ سان، ربو ڪيس، سڏو سڏو چئي ڏنو "جان محمد، توکي تقريبن اٺ سال اڇي ٽيا آهن مون سان گڏ رهندي تون مونکي چڱي طرح سمجهي چڪو هوندي تہ مان آزاد خيال ۽ ڪليل ذهن وارو ماڻهو آهيان، جو ڪجهه بہ چئجي، چئي ڏجي. من ۾ لڪائڻ سان ماڻهو جي ماڻهپي تي زنگ ٽو چڙهي، منهنجي اها ڳالهہ توکي هاڻ ڪجهه سمجهہ ۾ اچي ٿي؟"

"جي ها، بلڪل... معنيٰ تہ پنهنجن سان پردا ڪون ڪبا آهن" جانو پنهنجو ڪليو اظهار ڪيو تہ ربو چوڻ لڳس "ٺيڪ، بلڪل ٺيڪ تہ پوءِ هاڻ مان توکان اهو ٽو پڇان تہ، جيئن تو ٽوري دير اڳ ۾، خدا وچ ۾ وجهي چيو تہ، مون ڪا بہ اٽڪل بازي نہ ڪئي آهي... ائين مان بہ خدا وچ ۾ وجهي توکان پڇان ٿو تہ گهر وارن مان ڪنهن ماڻهو جي توسان ڪا چاهت، پيار، يا محبت آهي؟"

"جانو خاموش ٿي، ٺري، ٺپي ويو، سوچيائين تہ، هاڻ ڪجهه لڪائڻ سان، شايد پنهنجي اعتماد ۽ پنهنجي ساک کي نقصان رسائيندس، بس پوءِ نيٺ دل جهلي چوڻ لڳو "چاچا پيار، محبت کي تہ اٽڪل ڪون چئبو آهي؟"

"ها! تون درست آهين، پر تون ڪجهه دير لاءِ ڪٽي ائين سمجهہ تہ ان کي مون پنهنجي ڪنهن مقصد طوراستعمال پي ڪيو... ليڪن مون کي، منهنجي سوال جو، توکي سڏو جواب ڏيئڻو پوندو؟"

۽ جانو بس سڏو، سڏو جواب ڦهڪائي ڏنو تہ "مان سمجهان ٿو تہ، زليخا، مونکي چاهي ٿي چاچا"

"۽ تون؟"

"مان توهان سان انڪار نٿو ڪري سگهان؟" ۽ دل ۾ چيائين ڪتي يا ڳ"

ءِ ربو وڏي اتساهه مان چيو "واهه! ... ويري گڊ ... اڄوڪي رات وارو اوڄاڳو سڃايو ٿيو جان محمد... ڪنهن ماڻهو کي مڪمل ڪري، مان سمجهان ٿو ته، مون پنهنجي انسانيت مڪمل ڪئي."

ائين چئي ءِ پوءِ جانو ۾ پنهنجائپ واري نظر سان ڏنائين، جيڪو ڇڙ ڪنهن گنهگار جيئان ڪنڌ هيٺ ڪيو وينو هو. ربو سندس ان احترا ءِ شرم حضوري واري ڪيفيت ٽوڙڻ خاطر سندس دل وڌائيندي چوڻ لڳس "مان محسوس پيو ڪيان ته، هن وقت تنهنجي من ۾ ان معاملي مطابق هڪ هلڪو خوف آهي. پر اهو هئڻ گهرجي جان محمد... پنهنجائپ لاءِ اهڙو خوف انسان ۾سندس انسانيت کي دائم رکي ٿو... منهن مٽي ڪٽي مون کي ڏس، مان ڪيڏو خوش آهيان. تو ته، اڄ منهنجي عمر جا الائي ڪيترا ڏينهن وڌائي ڇڏيا."

جانو منهن مٽي ڪنيو، ته سندس منهن ۾ گهبراهٽ ڏسي چوڻ لڳس "نه! پريشان ٿيڻ جي ضرورت ناهي. خبر اٿئي مان تنهنجي اهڙي اقراري جواب لاءِ ڪيڏي تجسس ۾ هئس... مان ڪنهن انتظار ۾ هئس، مون کي خوف هو، ته ڪٿي تون به مون وانگيان اڪيلو نانگو نه رهجي وڃين!"

جانو ڪجهه دير لاءِ منهن مٽي ڪري، وري به پنهنجو ڪنڌ ائين هيٺ جهڪائي ڇڏيائين جو جهڙو ربو کي پنهنجائپ جو وڏيڪ احساس ڏياري. پاڻ کي وٽائڻ جي ڪوشش ڪندو هجي پر ٻنهي جي وچ ۾ پنهنجائپ هاڻ محبت جي ٻج سان پنهنجون پاڙون پختيون ڪري چڪي هئي. تنهن ڪري ڏاريائپ جي گمان جو وجود ئي نه رهيو هو.

بي اي پاس واري خوشيءَ ۾، سڃي رات ڪچهري ڪندي، هنن کي فجر ٿي چڪو هو اسر واريون صدائون روانيون ٿي چڪيون هيون، شهر ۾ هر طرف کان آذان جي پڪار ٻڌڻ ۾ اچي رهي هئي. آذان مڪمل ٻڌي ڪلمو پڙهي، ربو چوڻ لڳو "جان محمد! هاڻ دعاڪجان، ته خدا انهيءَ آذان جي صدقي، اسان جي به التجا اگهائي، ته تنهنجي شادي واري معاملي ۾ ڪا آساني پيدا ٿي پوي؟"

جانو سندس نيڪ نيتي واري اهڙي اظهار مان، پنهنجي من واري خوشي ماپي نه پي سگهيو پر ظاهري طرح پنهنجي من جي اها مسرت لڪائيندي

چيائين "چاچا هاڻ تہ ڏينهن ٿي ويو آهي، مان ڏسان، گهر وڃي، ڪو ناشتي جو انتظام ڪيان... ۽ اڄ مان دڪان پاڻهي سنڀالينڊس، توهان اڄ آرام ڪجو؟"

"نہ! اڄ ڇوٽي ٿا ڪيون جان محمد... اوڃاڳي ۾ ڪم ڪار ڪون ٿي سگهندو، پنهنجو دڪان آهي... مزدور تہ ناهيون ڪنهن جا، منجهند کانپوءِ ڏسنداسون ان ڳالهہ کي... تون وڃ گهر، ڪو ناشتي جو بلو فلحال ڪر. خالي پيٽ سمهڻ صحت لاءِ سٺو ناهي، باقي دڪان فلحال نہ کولجانءِ، بس هڪڙو طاق کولي گهران ڪجهہ ٺهرائي اڃ... منهنجي لاءِ هڪ اڌ اڻو ۾ بيدو آڻجان."

سج تہ ايڏا ڪون نڪتو هو، پر ڏينهن پڌرو ٿي چڪو هو. چئني طرفن کان انساني هُل آهستي، آهستي وڌڻ لڳو هو، اهو دنيا جو ڪائون جنم هو، تنهن جي ڪنهن کي ڪا خبر ڪان هئي.

جانو ناشتي جي لاءِ گهر ويو، گهر ۾ اچڻ، وڃڻ تہ هن جو رات ڏينهن ٽيندو ئي رهندو هو. پر ان ڏينهن گهر ۾ داخل ٿيڻ وارو انداز ئي سندس نرالو هو. گهر تہ اهو ئي ساڳيو گهر جا ماڻهو بہ اهي ساڳيا، ڪا شيءَ ڪان بدلي هئي، بدليو هو تہ، هاڻ رڳو جانو بدليو هو، ربو سان پنهنجي پيار جو اظهار ڪري ڇڏڻ ڪانپوءِ، اهو گهر هاڻ سندس محبوبا جو گهر بڻجي پيو هو، گهر جي هر شيءَ کي، سندس نظرن ۾ وڏي اهميت ملي وئي هئي. ائين پي ڪيس محسوس ٿيو، جو جڻ زندگيءَ جون سموريون جنگيون هن ڪتي ورتيون هيون.

گهر ۾ داخل ٿيڻ ڪانپوءِ هن ناشتي ٺهرائڻ ڪان وڌيڪ، اها پي ڪوشش ڪئي تہ، ڪهڙي طرح سان زليخا کي بہ، ان حقيقت ڪان هينئر ئي واقف ڪندو وڃا؟

گهر جا تقريبن سيئي فرد بيدار ٿي چڪا هئا، جانو ناشتي جي لاءِ سڏو اچي زليخا جي ماءُ کي چيو، جنهن کيس چيس "ها، تون ويهہ، مان اِجهي تيار ٿي ڪري وٺان... ويهہ وڃجانءِ نہ؟... ناشتو ڪنيو وڃجان... صبح سويلي دڪان تي اچڻ لاءِ ٻار چيو نٿا مڃين ۽ ناشتو ٺريو وڃي تہ، ادا ربنواز رنج ٿو ٿئي!"

جانو گهر جي وراندي ۾ خالي کٽ پيل ڏسي ايا وينوئي مس ته، ڪمري مان زليخا اکيون مهٽيندي ٻاهر نڪتي، زليخا کي پنهنجي پاسي مان لنگهندو ڏسي، سندس ٻن اکين مان جڻ چار اکيون ٽي پيون! هن پنهنجي هوشياري سان، پنهنجي هڪڙي ٽنگ وڌائي، پنهنجو پيرزليخا جي ٽنگ ۾ هنيائين ته زليخا سندس منهن ۾ ڏسي، پنهنجي اکين جي ٻولي ۾ ئي پڇڻ لڳس "چا ٿو چوين!؟"

ڇ جانو ٻنا ڪنهن وقت وڃائڻ جي آهستي چيس "رات مان پنهنجي پيار واري ڪهاڻي چاچا ربنواز کي ٻڌائي ڇڏي، ڇ هو ڏاڍو خوش ٿيو... شادي ڪندييئن نه مون سان!؟"

ڇ زليخا ان ڏينهن واري پنهنجي پهرين کل، جانو سان کلندي هلي وئي.

جانو ڇ زليخا جي پيار واري خبر پوڻ کانپوءِ ربو کي وقت جي رفتار جڻ تيز محسوس ٿيڻ لڳي، ۽ مهينا گذري ويا سرءُ جي موسم سور ورهائي رواني ٽيءِ سيارو سڪ جون پريون کڻي سنڊ ۾ اچي لٿوهو.

ڊسمبر جو مهينو هو، ربو هاڻ دڪان جي هر ڪم کان آجو، اڪثر پنهنجي ڪمري جي حوالي هوندو هو... هن پنهنجي صحت کي هر حوالي سان سنيالي رکيو هو، پيريءَ ۾ ته داخل ٿي چڪو هو، پر سندس رت ايا ڪنوارو هو! هن زندگي ۾ پنهنجي محبت واري پيڙاءُ کانسواءِ باقي بي ڪا وڏي بيماري کڏهن به نه ڏٺي هئي. ڇ پنهنجي سوچ کي ٻ، بيڪار ڇ بي مقصد خيالن جي بيمارين کان ٻ بچائي رکيو هو.

صاف ستڑو پائڻ، ٿورو ڇ هلڪو ڪاڏو ڪائڻ، پورو پُنو آرام، نٽ ٽانگر ڇ پيسي، ڏوڪڙ سان دلچسپي نه هڻڻ جي برابر!

وقت جو پابند، ڇ زندگي جي معاملي ۾ غير سنجيدگي کي ناپسند ڪندو هو.

هُو حضرت علي رضہ جي ان قول کي دُهرائيندو رهندو هو ته "دنيا وارا سوارن جيڏان آهن، جو انهن ايا مس منزل ڪئي، ته هڪليندڙن کين للڪاريو ڇ اهي هليا ويا... ڳالهايو ته جيئن سجاتا وجو، چو ته ماڻهو پنهنجي زبان هيڻان لڪل آهي."(حضرت علي رضہ)"

ربو صوفي صنف جو ماڻهو هو ۽ اڪثر عثمان مروندي (قلندر) جو اهو شعر ٻه دل کي ٻڌائيندو رهندو هو.

"از خيال غير حق، بيگانه باش
اي دل اگر، عاشق ديوانه باش"

(عثمان مروندي)

"اي دل جيڪڏهن عشق آهي، تہ تون ديوانن وانگر رهہ ۽ غير حق جي خيال کي دل مان ڪڍي ڇڏ."

هن پنهنجي محبت ۽ وفا ۾ سچائي سان نباهيو هو. توڙي جو سندس زندگي جي وڻ کي، بادِ خزان جهڙين هوائن لوڏيو ضرور هو، پر تنهن رهگو سندس پيار جي پنن کي پي ڇاڻيو. باقي هي سڀ سَٽون سهي چڪو هو.

سندس خيالن جي موسم ٻه ڪيترين ئي چؤماسن جون هوائون ۽ آلودا طوفان اٽاريا هئا، پر هي تہ پنهنجي اندر جو ڏوهي ٻه پاڻ هو. تنهن خيالن جي گندگي ۽ سوچن جي واچوئڙن سان ڇڪي طرح ۽ مضبوطي سان مقابلو ڪري، خود کي قابو ڪري رکيو هو.

پر هاڻ دنيا، جهان جا جهڳڙا هن سان وڙهي، وڙهي هو پاڻ ٽڪي پيا هئا. دنيا جي لذت سان، هاڻ نہ هن کي ڪا دلچسپي هئي، ۽ نہ دنيا کي ٻه هاڻ هن مان ڪو مزو ٿي آيو.

سندس ذهن زماني جي زنگ آلود معاملن کان ٻه آزاد ٿي چڪو هو. بس هاڻ هي رهگو. جانو ۽ زليخا جي شادي جي معاملي ۾ بيچين ٿي پيو هو. شايد سندس زندگي جي مقصدن مان اهو هاڻ آخري مقصد هو. باقي قسمت جا ڪم هن جڻ خدا جي حوالي ڪري ڇڏيا.

زليخا جو پيءُ هن جو سين کان ننڍپڻ ياءُ هو. ان جي عمر تقريبن پنجونجاهہ سال ڪن هئي، پر پاڻ ننڍڙو ذهن، هلڪي طبيعت پوري پني سوچ ۽ مذهبي ذهن وارو ماڻهو هو.

ربو کي ڊپ هو تہ زليخا جو رشتو جان محمد لاءِ مشڪل قبول ڪري؟ پر ربو خود کي پوءِ ٻه مايوس ڪون ٻيي ڪيو. هي انهيءَ سوچ ۾ هو تہ "جانو ۽ زليخا جي شادي ۽ انهن لاءِ هڪ ننڍڙو گهر ڇپر ڇانءُ لاءِ ٻه ضروري آهي."

سندس سوچ مطابق، اهو معاملو ايترو تکڙو ايندو، ان لاءِ هن سوچيو ٿي ڪون هو، ۽ نہ ان جي تياري ٻہ ڪئي هئي.

صبح جو وقت هو ربو پنهنجي ڪمري ۾ ليٽيل هو، جانو دڪان جي ڪنهن نئين فٽنگ جي ڪم ۾ سڄي رات ڪون ستو هو. پر ڪم پوءِ ٻہ سڄي رات ۾ مڪمل ٿي نہ سگهيو هو ۽ صبح جو ٻہ جانو تہ سمهڻ نہ ڏي چاهيو، پر ننڍ جو موت ماڻهو جو پيڇو ڇڏيندو ٿي ناهي.

صبح جو ڪجهہ دير کان پوءِ، جانو جي اکين ۾ ننڍ جي موت جلن پيدا ڪري وڌي، آخر تنگ ٿي، دڪان اندران بند ڪري جانو ٻہ سمهي پيو ۽ ربو تہ اڳيئي ستل هو. سو ٻن ڪلاڪن جي ننڍ کانپوءِ جاڳيو تہ، بدن ۾ هلڪو ٿڪ محسوس ڪيائين، سياري جي موسم هئي. راتيون ماڻهن جي خيالن جيئان ڊگهيون ۽ڏينهن نيتن جيئان ننڍڙا هئا.

ربو گهڙيال ۾ ڏنو تہ ڏينهن جا يارنهن ٽيا هئا. هي پنهنجي بيڊ تان اٿيو ۽ وهنجي ڪپڑا بدلائي، بدن هلکو ڪري، ٽي وي تي خبرون ٻڌڻ ويهي رهيو.

جانو ۾ جواني جو رت هو، جنهن تي ننڍڪاهہ ڪري ائين غلبو ڪيو هو، جيئن محمد بن قاسم سنڌ تي ڪاهہ ڪري، قتل ۽ غارت جي ذريعي سنڌين جا ذهن بي ستا ڪري ڇڏيا هئا... جانو جو ذهن ٻہ ننڍ نهوڙي ائين بي موت ماري بي سَتو ڪري ڇڏيو هو. تنهن پنهنجي ان گهَرِي ننڍ ۾ خواب پي ڏنو تہ، سندس مرحوم ماءُ، سندس هٿن پيرن تي ميندي رکي سندس شاديءَ جا سهرا پئي ڳائي تہ وري روئي ٻہ پئي! هن پنهنجي ماءُ کان پڇيو "امان تون روئين ڇو پئي!؟"

ماءُ چيس "جانو پٽ، هنن ڳوڙهن ۾ غور سان ڏس، منهنجن انهن ڳوڙهن ۾ توکي سڄي دنيا نظر ايندي، جيڪا مون بدنصيب جيئان پنهنجن خواهشن خاطر توکي ماتم ۽ شرنائين جي وچ ۾ منهنجي لڙکن جيئان ڏوڙندي نظر ايندي... جانو پٽ! هي شادي جي ڪجهہ گهڙين واري خوشي، ماڻهو کي دنيا جي الائي ڪيترن اڻ ڏٺل غمن سان ٻہ گڏائي ٽي ڇڏي... بس هڪ ماءُ جي ناتي سان، تنهنجي باقي عمر جي حال تي سوچيندي، منهنجا ڳوڙها ڳڙي پيا. پر تون ڇو ٿو پريشان ٿيئن؟ مان تنهنجي ماءُ آهيان، روئڻ ڪلڻ تہ، هر ماءُ جي مقدر ۾ آهي پٽ!"

"نہ امان مان توهان کي روئندو نٿو ڏسي سگهان."

تڏهن ماءُ کيس پيار وچان، سندس گول ڳڻتي ۾ ڇهندڙو وجهي، ٿورو ڏوٽو ڏنس ته، سندس خواب ٽٽي پيو ۽ پاڻ ڇرڪ ڀري جاڳي پيو ته، سندس اکيون لڙڪن سان ڀرجي آيون، ۽ ربو سندس اکين ۾ ڏسي چيس "سمهي پئو جان محمد! تو ايڏا ننڍ پوري نہ ڪئي آهي،تنهنجن اجاڳيل اکين ۾ ايڏا ڏس، پاڻي پيو تري!"

جانو دل ۾ چيو "هاءِ ڏي بي خبري، دلين جا خون هميشہ توئي خشڪ ڪيا آهن"

۽ پوءِ خواب واري حقيقت لڪائيندي ربو کي چيائين "چاچا سياري ۾ ڏينهن جو گهٽو سمهڻ، ماڻهو کي بيمار ٿو ڪري وجهي."

"ها! اها ڳالهہ صحيح آهي." ربو سندس جواب سان سهمت ٿيندي چيو.

هاڻ جانو بہ وهنجي، ڪپڙا بدلائي دڪان کولي ڇڏيو ۽ آسڻ جي ڇنڊ ڦوڪ ڪندي چيائين "چاچا، بک ڪان لڳي اٿَو؟ يا نيرن پاڻي ڪري وينا آهيو.؟"

"اڙي بابا انسان ويچارو تہ پنهنجي سڄي عمر ۾ بک مان تہ پاڪر ڪڍي ئي ڪون ٿو ... مان بہ تہ ماڻهو آهيان معافي تہ بک مونکي بہ ڪان ڏيندي! ... پر مان هاڻي گهر ٿو وڃي ڪاوان ۽ تنهنجي لاءِ دڪان تي موڪليان ٿو."

ربو گهر هليو ويو، پر ان ڏينهن گهر پهچندي ئي، زليخا جي ماءُ کي پنهنجي منهن ويهاري چوڻ لڳس "بس هاڻ توکي گهٽي دير ويهاري، ڊگهيون ڳالهيون ڪون ٿا ڪريون. ڳالهہ توکي ٻن اکرن ۾ ٻڌايان تہ، پنهنجي ڏيئڙي زليخا، مان پنهنجي دل ۾ جان محمد جي نالي ڪري ڇڏي آهي. تنهنجو ڇا خيال آهي؟"

"ادا تون گهر جو وڏو آهين، مان توکي ڪيئن ٿي جواب ڏئي سگهان. باقي پڌس شل راضي ٿئي، هُن ۾ تہ ان ڳالهہ جو اُلڪوئي نٿي ڏسان، آهي بہ روزي، نماز جو پابند، پر ڪيس نياڻي جو بار نظر ئي نٿو اچي!؟"

"مان ساڻس ڳالهائيندس، پر تون ڪجهہ ٽيڪو ڪرائجان... جان محمد لکيو پڙهيو سنو چوڪرو آهي. ۽ وڏي ڳالهہ تہ، اسان پنهنجو ڪري

سنياليو آهي، جهڙو گهر جو پاتي ٽي رهيو آهي. ۽ سياڻو ڇوڪرو بہ آهي، بس هاڻي زليخا ان جي آهي، مونکي رڳو تنهنجي مرضي ڏسڻي هئي، باقي هن تو واري مُلي کي سپ گڏجي پيا منهن ڏيندا سين."

اهڙي طرح سان، ربو زليخا جي ماءُ کي جهڙو مڪمل راضي ڪري ورتو ۽ پوءِ وري، بہ ٽي ڏينهن سهي، هن ٻنهي زال مڙس کي گڏ ويهاري سندن گڏيل راضپي تي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي تہ، سندس ياءُ مُلو چوڻ لڳو "ادا تون درويش آهين! ... جانو جو تہ، نہ راج نہ پاڳ، نہ گهر نہ تڳ، مان پنهنجي نياڻي ايئن ان سُڄي سر کي پرٽائي ڇڏيان؟ جنهنجو پنهنجو نہ روزگار، نہ ڪاروبار! تون ايترو تہ سوچ، جنهن زليخا کي تون سورن ۾ڻو وجهين، سا رڳو منهنجي ڏيءُ آهي ڇا؟ تنهنجو بہ تہ ٻچو آهي؟"

تڏهن ربو سندس ذاتي ذميواري جو احساس ڏيئاريندي چيس "بابا لائق نياڻي جو بار، مائٽ کي ٽڪائي ٽو وجهي، مان پنهنجي نياڻي سمجهي تہ، توتان بار لاهڻ ٽو چاهيان!"

"مونکي تون ٽو ٽڪائين، باقي زليخا جي بار ۾ مان ٽڪو ناهيان." مُلي ٽورو ڪَهري لهجي ۾ چيو، پر ربو ڪيس سنجيدگي سان چيس "هڪ لائق نياڻي جي پيءُ کي اهڙو ٽڪ هئڻ گهُرجي منهنجا ياءُ... تون منهنجي ڳالهہ سمجهين ڇو نٿو؟ مون کي بہ اوتري پياري آهي جيتري توکي... مان هن مان بيزار ٽي، ان کي نہ پيو پرٽايان، هُو تہ ٻئي هڪٻئي کي پسند ڪن ٿا... اسان کي سندن پسند جو احترام ڪرڻو پوندو!؟"

تہ مُلي چيو "ڏس ادا، اها جيڪا تون پسند واري ڳالهہ ٽو ڪرين، تہ ان ۾ مان پنهنجي نياڻي کي اچلينداس تہ ڪون... ڇا آهي جانو وٽ؟ جو اسان سندن پسند جو احترام ڪريون... مان کيس ٻلهن هٿن تي، پنهنجي سياڻي، سهاڳي خيرات ۾ ڏئي ڇڏيانس، ائين؟"

"ڏس مولوي!مان زليخا جو نصيب وڪٽان ڪون پيو، جو تون اهڙيون ڳالهيون ٽو ڪرين! مان توکي ايترو ٻڌائي ڇڏيان، تہ سندن پسند جي خلاف، سياڻي کو فيصلو ٽئي ٽو... تہ اهڙي غلطي جو ذميوار تون هوندين؟ ۽ پنهنجي خدا جي اڳيان، ان جو پڇاڙو توکي ئي ڏيئڻو پوندو؟... تون پلي

ڏينهن، ۽ سوچ پر منهنجي مرضي ۽ ڏيان ۾ رکجان؟"... ۽ ٿي سگهي ٿو منهنجي اها آخري خواهش ۽ هجي!"

ربو جي ايتري کوشش کانپوءِ ۽ سندس پاءُ کوئي خاطر خواهه جواب کون ڏنس، ۽ پوءِ کجهه ڏينهن رکي. ربو هڪ رات جانو کي چيو "جان محمد! نه تو پاڻ پيسو ڏوکڙ گڏ کرڻ لاءِ کجهه کيو ۽ نه وري مون ۽ توکي اهڙي کا صلاح ڏني، پر هاڻ تنهنجي لاءِ کجهه پئسن جو هجڻ تمام ضروري ٿي پيو آهي. جنهن جو توکي ايڏا علم کونهي... تو نوکري لاءِ درخواست ڏني هئي، ان جي ۽ ايڏا کا يقين جوڳي اميد نظر نه پئي اچي ۽ مان تنهنجي لاءِ جيکو فيصلو کري وينو آهيان، ان کان ۽ تون اٽڄاڻ آهين... خير ان ۾ تہ مونکي تون ناااميد کون کندين؟" جانو سندس هلندڙ بياني ۾ چيس " چاچا سائين، توهان اها ڳالهه کيئن ٿا کريو، منهنجو سڀ کجهه توهان ئي آهيو. توهان کي ناااميد کري، مان پنهنجي انسانيت جو قتل کون کندس، توهان بس رڳو هڪ دفعو مونکي حقيقت کان واقف کريو. کٽي ائين نه ٿئي، جو مان اڻ ڄاڻائي ۾، کا غلطي کري توهان جي دل رنجائي وجهان؟"

"تہ پوءِ ٻڌ جان محمد. تنهنجي شادي لاءِ، زليخا جي گهُر کري چکو آهيان، تہ زليخا تنهنجي آهي ۽ تنهنجي لاءِ آهي، بس مهيني، ٻن ۾ اسان ٻنهي، توکي ۽ مونکي اهو معاملو حل کرڻو آهي؟"

جانو اها ڳالهه ٻڌي، پاڻ تائين دنگ رهجي ويو. کيس اها توقع ئي کان هئي تہ، پنهنجن کان ڏکارجي، اکيلو يتيم ٿي وڃڻ کانپوءِ ۽، زندگي ۾ کا اهڙي شخصيت يا انسانيت ۽ مون تي ايڏو احسان کندي، جنهن جي بدلي ۾ مان چند لفظن جي شکراني کانسواءِ ٻيو کجهه عطا کري نه سگهندس، هن بس ٿتل، ڦٽل لفظن ۾ ربو کي چيو "چاچا ايڏي وڏي ذميواري جو وزن مون تي رکو پيا، جنهن جي مان اهل ئي کون هئس."

"ڏس جان محمد! اوهان هکٻئي کي چاهيو ٿا، هکٻئي کي پسند ٿا کريو... دنيا ۾ پيار، محبت ئي تہ آهي، جيکا ماڻهو ۾ اهليت پيدا کري ٿي، جيکڏهن تنهنجي من ۾ سچي محبت آهي، تہ پوءِ توکي يقين هئڻ گهرجي، تہ اهليت تنهنجي محتاج آهي، جيکا بس رڳو گهربل وقت تي

ڪم ايندي رهندي ۾ سيئي شيون انسان کي هڪ ئي وقت حاصل نٿيون ٿين... هي ڊسمبرجو مهينو آهي ۾ ايندڙ مارچ مهيني ۾ جيئن ئي سموري سنڊ جا گل خوشبوءَ ڏئي ڪلن... تيئن مان توهان ٻنهي کي ان گلزاري سان گڏ ڪلندي ڏسڻ ٿو چاهيان... ڇا خيال آهي تنهنجو؟"

"چاچا مان تہ ڪجهہ نٿو چئي سگهان، منهنجو حال توهان کي ساريو پيو آهي؟" جانو ويچارگي مان چيو.

"رڳو پنهنجي حال تي سوچي، سوچي پنهنجي دل ٽڪائي وجهڻ، اها تہ ڪا مردانگي ڪان چئبي؟ حال کي سنيالي ونڻو چريا! رڳو ايترو ٻڌائي مارچ وارو مهينو ٽيڪ رهندو... ڪجهہ ٿورو وقت وچ ۾ آهي، پنهنجو ڏهن ڏاهي ونجان... مان هاڻي ڪمزور ٿي چڪو آهيان ۾ جسماني طور مان سواءِ پنهنجي ڀالهين، صلاحن جي باقي تنهنجي ڪا مدد ڪري نہ سگهندس... سياڻي معاملو ڪهڙي طرح ٿو حل ٿئي، ان لاءِ توکي ڏهني طرح تيار رهڻو پوندو."

ربو جانو کي هر طرح ۾ هر حوالي کان مضبوط ۾ پُختو ڪرڻ پي چاهيو ڪيس خدشو هو تہ، معاملو خوش اصلوبيءَ سان حل ٿيڻ شايد مشڪل ٿي پوي" تنهن ڪري هن جانو کي بار بار پي همٿايو تہ ڪٿي هو پنهنجي اڻ هوند واري ويچار ۾، پنهنجي همٿ نہ هاري ويهي"

ربو پنهنجي ڪجهہ رقم بينڪ ۾ ٽاري ڇڏي هئي، سابہ انهيءَ خيال سان تہ، اهي پيسا پلي هڪڙي پاسي ٽريا پيا هجن، ڪنهن ڏکئي وقت، مهل ڪم اچي ويندا" پر انهن پيسن جي خبر ٻئي ڪنهن ٻني بشر کي ڪان هئي.

هاڻ هن سوچيو تہ "جي ضرورت پئي تہ، ان مان ڪجهہ رقم جانو لاءِ ڪيرائي ونبي."

ربو هڪ ڏينهن پنهنجي گهر ۾ وري بہ، پنهنجي پاءُ مُلي سان ساڳيو ذڪر ڇيڙيو تہ زليخا کانسواءِ باقي گهر جا سڀ ياتي اچي گڏٿيا هئا. جيئن ئي زليخا جي شادي جو ذڪر گهر ۾ ٿيو هو تہ ڪجهہ ڏينهن کان آهستي، آهستي سڄي گهر ۾ هاڻ رڳو زليخا ۾ جانو جو ذڪر هو.

سڄو گهر ان رشتي ۾ راضي ۾ خوش هو بس رڳو هڪ زليخا جو پيءُ جيڪو پنهنجي ضد ۾ اڙيو ٻيٺو هو! پر هڪ ڏينهن سندس زال انهيءَ ٻهاني

تي راضي ڪري ٻيهاريو هو تہ، "جانو کي پنهنجو گهر نائي ڪري پاڻ سان گڏ رهائيندا سين!"

هو ان ڳالهہ تي راضي ٿي ويو هو. جڏهن سيني گهر ڀاتين اڳيان ربو کانئس پڇيو "تو مونکي ايجا، منهنجي سوال جو جواب نہ ڏنو آهي؟... مان چوان ٿو منهنجا ڀاءَ، مونکي سمجهڻ جي ڪوشش ڇو نٿو ڪرين؟ مان تنهنجو وڏو ڀاءُ آهيان، مون کي پنهنجي خاندان جو توکان وڌيڪ اونو آهي... رڳو روزي، نماز تي گهر ڪون هلندا آهن. پنهنجي اولاد جو حق ادا ڪرڻ بہ فرض آهي. ڇڏ پنهنجي ضد کي... مونکي عزت ڏي، انهيءَ ۾ تنهنجي عزت آهي."

ربو جي منٿ ميڙ کان علاوه، زليخا جي ماءُ ان معاملي لاءِ هالا مان پنهنجي وڏي ڀاءُ کي گهرايو هو. تنهن بہ زليخا جي پيءُ کي گهٽو ڪجهہ سمجهايو. جنهن کانپوءِ هن پنهنجي ڀاءُ ربو کي چيو "ٺيڪ آهي! مان توسان انڪار ڪري، تنهنجي دل نٿو ڏکائڻ چاهيان، پر هڪڙي ڳالهہ منهنجي بہ توهان کي رکڻي پوندي."

ربو تکڙ مان چيس "ها چو نہ، چئو ڪهڙي ڳالهہ آهي؟"

مُلو چوڙ لڳس "مان جانو کي پنهنجو گهر نائي ڪري رهائيندس؟"

تڏهن ربو سختيءَ سان چيو "ائين تہ مان هرگز ڪرڻ ڪون ڏيندس، هُن کي تنهنجي نياڻي ڏئي، مان تنهنجي گهر جو غلام هرگز نٿو ٻڌائڻ چاهيان... شادي کانپوءِ، ماڻهو کي پنهنجي آزاد حيثيت ۾ پنهنجي ذميواري جي احساس سان جيئڻ گهرجي...اهو تون جڻ ٻنهي کي، پنهنجي نظر جي غلامي ۾ رکڻ ٿو چاهين، جيڪو مونکي منظور ناهي... هن کي گهر نائي رکي، تون سڄي گهر کي ڪروڌ جي وَر ٿو چاڙهين، ائين هي سڄو گهر ڦٽائي، پنهنجي خاندان کي خوار ڪندين؟"

وچ ۾ زليخا جي ماما چيو "ادا ربنواز، ڏس جان محمد کي تو پنهنجي گهر جي ٻچي جيئان، پنهنجي گهر جو پاتي سمجهي ساريو. سنياليو آهي، تہ هاڻ پلا شادي ڪري هن گهر ۾ ئي رهيو. تہ ڪهڙو فرق پوندو. پاڙي وارن کي خبر آهي تہ، هو هن گهر جي لاءِ هاڻ ڏاريو ناهي، تنهن ڪري هاڻ هڻي، هڻي مُلي کي راضي ڪيو اٿئون، تہ وري تون سندس راز نٿو رکين، ادا هاڻ نياڻي

تي، سندس مرد جو نالو رکي ڇڏيوسين. هاڻ اهو نالو بدلائي ٻه نئو بدلائي سگهجي... اسان جي سنڌي سماج ۾ اها اُن نياڻي جي لاءِ گار برابر سمجهيو ويندو آهي."

تہ ربو چيس "مان سڀ سمجهان ٿو محمد علي، مون کي اها خبر آهي. پر تون سلجهيل ماڻهو آهين، تون اهو چو ٿو وسارين تہ جان محمد کي گهر نائي ڪري ويهارڻ سان، هڪ تہ اسان ان کي، سندس ذميوارين کان جڙ معذور ٿا ڪريون ۽ ٻيو جڏهن اسان هن کي پنهنجي نياڻي پرڻائي ڏيون ٿا، تہ پوءِ هن کي پنهنجي سسُ ۽ سُهري اڳيان ڪيس باندي ٿا بنايون. اهو تہ اسان ان سان ظلم پيا ڪريون، ان کان علاوه اهو اسان پنهنجي سماج ۾ هڪ غلط روايت ۾ واڌارو پيا ڪريون... توکي تہ، منهنجو ساڻ ڏيئڻ گهُرجي... هن مون واري ياءُ مُلي کي تہ، مسجد کان ٻاهر پنهنجو خدا ئي نظر ڪون ايندو آهي، تہ باقي ماڻهو ۽سماجي اصول هن کي ڪٿان نظر ايندا."

۽ وري کلندي زليخا جي ماءُ ڏانهن اشارو ڪندي چوڻ لڳو "ادا محمد علي! تون پنهنجي هن ٻيڙ کي سمجهاءِ، مان سمجهان ٿو منهنجي هن ياءُ مُلي جي مٿي ۾، اهو بُس انهيءَ درويش پريو آهي!"

محمدعلي تہ دلي طرح، اڳيئي ربو جي خيالن سان سهمت هو، پر ان ڏٽو تہ، فلحال ڪنهن طرح معاملي کي حل ڪري ونجي، بعد ۾ پوءِ ٻہ الله چڱي ڪندو"

پر ربوا جيڪو پنهنجي گهر جي خاندان جو سربراهہ هو، تنهن معاملي کي مڪمل طرح صفائي سان حل ڪرڻ پي چاهيو. ان کي اها شادي هر حال ۾ ڪرائڻي هئي. جنهن ۾ زليخا خود ٻہ مڪمل سندس چئي پڻيان هُئي... پر ربو سوچيو پي تہ " نياڻي جي پيءُ سان ان معاملي ۾ جبر ڪرڻ مناسب ڪون ٿيندو، پر جي آخر تائين ڀالهہ نہ مڃيائين ۽ پنهنجو ضد چهاڙيندو رهيو، تہ پوءِ مجبورن ڪوئي طريقو اختيار ڪري ٻہ، زليخا، جانو سان پرڻائبي."

ربو وڏيڪ اڳيان، پويان جي سوچ ئي ڪون پئي ڪئي. بس اها جڙ سندس اٽل مرضي هئي. ۽ اٿڻ مهل ربو زليخا جي مامي، محمدعلي کي چيو. "محمدعلي، توکي تيستائين پنهنجي ڳوٺ هالا واپس ناهي وڃڻو... مونکي

هي مُلو راضي ڪري ڏئي پوءِ ويجهان، نہ تہ منهنجي مئي، خدا منهنجو منهن ڏسڻ بہ نصيب نہ ڪندئي؟"

"ادا الله توکي وڏي حياتي ڏي، اهڙي ڳالهہ نہ ڪر... ٻيلي مُلي کي الله ساڃاهہ ڏي، باقي مونکي ڪائي اميد نظر ڪان ٿي اچي... بس تون ان تي ايترو گهڻو نہ سوچ، نياڻي جو ننگ آهي... سڀ سندس دعاڳو آهيون، الله ان جي لاءِ ڪو آسان رستو جوڙيندو."

ڀ پوءِ اهو معاملو گهر ۾ ڪجهہ ڏينهن لاڳيتو هلندو رهيو، جنهن ۾ گهر جا سڀ ماڻهو ربو جي فيصلي سان مُتفق هئا، پر زليخا جو پيءُ پنهنجي ضد تان هڪ انچ بہ هٽڻ لاءِ تيار نہ هو.

سندس زال جنهن کيس اهو گهر نائي وارو عقل ناهي سندس سوچ ۾ وڏو هو، ان بہ کيس ڪافي سمجهايو، پر آخر اها بہ تنگ ٿي سندس مخالفت ۾ اچي وئي.

ربو توڙي جو گهر جو وڏو هو، پر هُن مُلي بہ روزا، نمازون ادا ڪري جيڪي نيڪيون گڏ ڪيون هُيون، انهن جي فخر سندس من ۾، هوڏ، هٽ، تکبر، بغض ۽ پاڻ وٽائڻ جهڙي غلط سوچ پيدا ڪري ڇڏي هئي!

مُلي چاهيو پي تہ،"منهنجن سڻن عملن جي ڪري، گهر۾ منهنجي بہ ڪا مڃتا هئڻ گهرجي."

اهڙي طرح زليخا جي پيءُ پنهنجن چڱن عملن کي ڳٽيندي، خود کي خود نمائي جهڙي سوچ ۾ ڦاسائي وڏو هو. تنهن ڪري سڄي گهر ۾، رڳو بس خود پاڻ اڪيلو ئي گهر نائي وارو شرط سامهون ڏئي، سڄي گهر کي رنجائي وڏو هو.

جنوري جو سڄو مهينو زليخا جي پيءُ کي مڃائيندي گذري ويو، زليخا جو ماما بہ موٽي پنهنجي ڳوٺ هالا هليو ويو، پر ويندي، ويندي پنهنجي پيٽ کي چڱي طرح هدايت ڪندي چئي ويو تہ " زليخا لاءِ ادا ربنواز جيڪو بہ فيصلو ڪري، تون انڪار نہ ڪجان، هُن سڄي عمر جو ڪجهہ ڪيو ڪمايو آهي، اهو اوهان ۽ اوهان جي ٻچن لاءِ ڪيو آهي، هن پنهنجي اباڻي ملڪيت مان بہ، ڪجهہ ڪون رکيو ۽ هاڻ هُو عمر جي پڇاڙي ۾، اوهان کان رڳو زليخا جي سڱ جي حجت پيو ڪري، ۽ ٻيو هاڻ هو وڏي عمر جو ماڻهو

آهي، ٽي سگهي ٿو اها اوهان سان هن جي آخري حجت هجي، تنهن ڪري هن جو تمام گهٽو خيال رکجان ۽ هن کي ڪنهن بہ قسم جو رنج نہ رسي؟"

زليخا جي ماءُ پنهنجي پاءُ جي هدايت تي عمل ڪندي، هن پنهنجي پيٽ جائي نياڻي جي نصيب جا سڀ اختيار ربو کي ڏئي ڇڏيا. ايتري تائين جو ربو کيس پنهنجي آخري فيصلي کان واقف ڪندي اهو بہ ٻڌايس تہ "تنهنجو مڙس جيڪڏهن گهر نائي واري ضد تان نہ لٿو تہ، مان زليخا ۽ جانو جي شادي ڪورٽ مان ڪرائي کين ڪنهن ٻئي پاسي روانو ڪري ڇڏيندس؟"

تڏهن بہ زليخا جي ماءُ کيس اهو جواب ڏنو "ادا مان تہ چوان ٿي اهو ڪم تون اڄ ڪرين يا سياڻي ڪرين؟ مون پنهنجي نياڻي جو ننگ تنهنجي حوالي ڪيو، باقي منهنجو مڙس مونکي نٿو ميڻي ۽ نڪي ميڻندو بہ... بس رڳو اها مون تي مهرباني ڪجو، جو منهنجي مڙس جي ڀَالهہ دل ۾ نہ ڪجو، بس توهان مون ڏانهن ڏسجو، توهان وڏا آهيو، وڏيون نظرون رکجو؟"

بس پوءِ ربو ان نيڪ نمازي پاءُ سان زليخا واري معاملي تي، وڌيڪ ڀَالهائڻ ئي ڇڏي ڏنو، سندس دل تہ، ارمان جو غوطو کاڌو، پر پنهنجي ان ننڍي پاءُ کي مهٽو ڪون ڏنائين.

بهار جي موسم بہ هاڻ اچي منهن ڏيکاريو هو، گلن وارا ٻوٽا، هاڻ ڦُلڙيون وجهي گُل ٻاڻي تي هئا، ٽڏيون، منيون واهُونديون ماڻهن جا ذهن ۽ سوچون تازيون ڪري رهيون هيون، بادِ بهار جي ڪري، پکي پکڙ، جيت جڻا ۽ وڻ ٽڻ سڀ تازا توانا نظر پي آيا، سڄي سنڌ ڪنهن سنڌي ڪنوار جيئان، پنهنجا سينگار ڪرڻ شروع ڪري ڏنا هئا.

مارچ جو مهينو اچي ويو، چؤطرف گُلِ، گلزاري لڳي وئي، سڄي سنڌ اڻ ڳٽيل خوشبوئن سان واسجي وئي. هر ماڻهو جي ڪيفيت ڇڻ نکيڻي واري رات جهڙي محسوس ٿيڻ لڳي.

مالهي طرح طرح جا گل پٽي گڏ ڪري، پنهنجي، پنهنجي ملهہ وکڙڻ لڳا هئا، ربو لاءِ بہ جانو ۽ زليخا ٻنهي ڪنوارن گلن کي هڪٻئي سان گڏ ڪلائي، همیشہ جي لاءِ هڪ ٻئي سان ملائي ڇڏڻ وارو وقت هاڻ جهڙو ربو جي

نظرن اڳيان اچي، بيهه ڪيس چوندو هجي ته "اي ربنواز ڪجهه سعيو ڪر، ڪٽي اهي گل پنهنجي خوشبوءَ پراٽي ڪري ختم نه ڪري وڃن؟"

ٻيءِ پوءِ هن جانو کي پنهنجي صلاح ۾ وٺندي چيو "جان محمد! مونکي غور سان ٻڌ، هاڻ مان جيئن چوان تيئن ڪرٻو آهي؟"

"چاچا توهان ته الاءِ ڇا ٿا چوڻ چاهيو پر جيئن به چوندا،مان توهان جي حڪم جو پابند رهندس."

جانو ان گهر واري معاملي سڄي کان، ايڏا الڳ، ٽلڳ هو. ڪيس ڪا به خبر نه هئي، ته چاچا ٿي گذريو آهي، اهو سپ ڪجهه رهيو پنهنجي راضداري سان ڪيو هو. پر ائين ضرور هو ته، جانو کي به ڏهني طرح تيار رکڻ واري جستجوکي هن نه وساريو هو.

ان مهل به رهيو پنهنجي شروعات ائين ڪئي ته "جان محمد، مون ڪافي ڪوشش ڪئي ته، معاملو خوشيءَ، خوشيءَ سان حل ٿي وڃي، جنهن ۾ اسان سيني جون گڏيل خوشيون هيون ... پر دنيا ۾ خوشين جو مُلهه تمام ڪو وڏو آهي يار... پاڻ نه پهتاسين... سڄي عمر ائين ڇڻ، ڪنهن وادي جي اوزار جيئان پنهنجي دل جو جوڙ ڀُندينديَ گذاري ڇڏيم... پر خير! پوءِ به مان سمجهان ٿو ته، تنهنجي ٻيءِ زليخا جي رشتي کي سڄي گهر کان الڳ ڪري، اوهان کي پنهنجي مرضي سان جيئڻ ٻيءِ آزاد حيثيت سان رهڻ وارو حق ادا ڪري، شايد مان ڪجهه سڪون محسوس ڪريان... ٻيءِ سمجهان ٿو، تون به ذهني طرح ان لاءِ تيار هوندين؟ جيڪڏهن تون ان حالت ۾ ناهين! تڏهن به هاڻ سواءِ تنهنجي خودداريءَ جي، باقي ٻيو ڪو به حيلو بهانو، مونکي نظر ڪون پيو اچي!"

جانو ان مهل ڇڻ ائين سمجهي ورتو ته، "زليخا ڪٽي ورتم" پر ڪٽڻ هارائڻ واري بازي، ايڏا مڪمل نه ٿي آهي. جنهن ۾ باقي آخري ڪلاڙي شايد مان ئي رهيو آهيان!"

ٻيءِ پوءِ دل جي ڀالهه لڪائيندڙ ماڻهو جيئان چيائين "چاچا مان توهان جي حڪم موجب بلڪل تيار آهيان، پر رڳو بس اها پريشاني اٿم ته، منهنجي مالي حالت، هڪ فقيرڪان وڌيڪ ڪانهي، مون ته پنهنجي قسمت

جو ڏٽي ٻ، اڄ تائين توهان کي سمجهيو آهي، پر پوءِ ٻ، توهان جي ڪنهن حڪم کان، انڪار نٿو ڪري سگهان."

ربو کي يقين هو تہ،جانو ۾ منهنجي تربيت هڪ ڏينهن پنهنجي جوهر جو اثر ضرور ڏيکاريندي! تنهن ڪري جانو جو جواب ٻڌي، هن کي جهڙو پنهنجي محنت جو اجورو هَڪيو تڪيو ملي ويو هجي. ان سوچ ۾ پنهنجي خوش چهري سان جانو کي چوڻ لڳو "پندرهن مارچ تي تنهنجي ءِ زليخا جي شادي اسان طئي ڪري ڇڏي آهي... پر سا ڪورٽ جي ذريعي! ءِ ها! شادي جي معاملي ۾ هاڻ تنهنجو ڪو سوال، جواب ڪون هلندو، بس ايئن سمجهہ تہ، اها مان توسان... پهريون گهمرو ڪا حجت پيو ڪيان... باقي مونکي خبر آهي، تہ رهائش جي معاملي ۾، تون پريشان ضرور هوندين؟ پر وچ ۾ ايجا هڪ هفتو پيو آهي. ڪو نہ ڪو حل ڳولي وٺبو."

جانو ان مهل خاموش ئي رهيو، ڪوئي جواب جيڪڏهن ڏئي تہ ڏئي ٻ ڪهڙو؟ ويچارو يتيم بي گهر، هڪ ڇنل پُراٽي گل جيئان، سُڪِي پنهنجي قرابت واري خوشبوءِ ئي ڇڏي ويو هو. ءِ ربو ڪيس ڪنهن مالهي جيئان پنهنجي پيار ءِ قربت واري پاڻي جا ڇنڊا هٽي ڪيس تازو پي رکيو نہ تہ هن پنهنجي زندگي جڙ اوڏارو اٿو پي تصور ڪئي!

پندرانهن مارچ تي، شادي واري ڳالهہ ٻڌي، جانو وائڙو ٿي ويو. پر سندس شادي واري معاملي تي ڪيس ڪجهہ ڳالهائڻ تي پابندي مڙهيل هئي، ليڪن پوءِ ٻ سندس من تہ هرڙ جي چال جيئان ڇُوٽ ءِ آزاد هو. هن سوچيو تہ، "زليخا کي ساڻ وٺي، سندس ماسين يا ماماڻن وٽ وڃي رهنداسين ءِ اتي ڪنهن ڏوپي وغيره جي دڪان تي مزوري ڪري پيو گذارو ڪندس ءِ زليخا ٻ ذهني طرح آسودي هوندي!؟" پر وري خيال آيس تہ، "متان اُهي مونکي رول، يتيم ءِ نڊڪو سمجهي، پيا زليخا کي مهڻا ڏيئن، اهو صحيح ڪون ٿيندو!؟"

ءِ وري سوچ آيس تہ "سجاول... پنهنجي مائٽ علي احمد ڏانهن هليو ويندس... هُو مونکي جيءُ ۾ جايون ڏيندا، اتي ڪوئي طعني، ٽُنڪي وارو ٻ ڪون هوندو!"

ليڪن ان لاءِ ٻه اهو سوچي پريشان ٿيڻ لڳو ته "علي احمد ته ڀهراڙيءَ ۾ ٿو رهي ۽ ٻيو ته هو غريب لڏي وارو ماڻهو آهي، اتي ڪو روزگار جو وسيلو ٻه هٿ ڪون اچي سگهندو ۽ مان انهن تي اجايو بوج ٿي پوندس!"

ان ارادي تان ٻه هٽي ويو ۽ پوءِ اوچتو ياد آيس، "دادو هليو ويندس، اُها ڪنهن زماني جي پُراڻي مائٽي آهي، منهنجي حال حقيقت جي ٻه ڪين ڪا پروڙ ڪان پوندي ۽ ٻيو ته، اُهو ڳوٺ شهر سان ويجهو، جهڙو گڏ آهي، ڪوئي پنهنجو روزگار ٻه ڪري سگهندس ۽ ضلعي هيڊ ڪوارٽر آهي، ڪوشش ڪري ڪائي سرڪاري نوڪري ٻه حاصل ڪري سگهان ٿو."

بس هاڻ هن سوچي، ويچاري پاڻ کي ذهني طرح تيار ڪري ڇڏيو ته "ضرورت پئي ته، دادو هليو ويندس."

رات جو سمهڻ مهل، ربو ساڻس ان حال احوال بابت پڇيس "جان محمد ڪا سوچ ويچار ڪيئي؟ ڏس شادي ڪورٽ جي ذريعي پئي ٿئي، ان ڪري جو زليخا جو پيءُ، توکي گهر نائي ڪري ويهارڻ واري ضد تان نٿو لهي تنهن ڪري مون اهو سوچيو آهي ته، ڪورٽ مان نڪاح ڪرائي اوهان ٻنهي کي ڪجهه وقت لاءِ فلحال ڪنهن ٻئي شهر ۾ رهائجي ۽ پوءِ زليخا جي پيءُ کي آهستي، آهستي راضي ڪري وٺجي، انڪانپوءِ هٽي ڪوئي مسواڙ تي گهرڙو وٺي، پنهنجي هن دڪان تي ئي پيو گذارو ڪجانءِ، پر تيستائين تون پنهنجي مڙسي ڪندين ته، ڪا سرڪاري نوڪري ٻه هٿ ڪري وٺندين!؟"

جانو دل ۾ سوچيو "هاءَ ڙي جانو تنهنجي قسمت! پنهنجن کان ته مري بتاسين، پر هاڻ ته پراون کان ٻه وياسين!"

سنڌي ۾ عام چوٽي آهي ته "تِر جي ڳُٽي، سؤ چوٽون کائي"

پوءِ اها الڳ ڳالهه آهي، ته ڪا چوٽ چَٽ ڪريو ڇڏي، ته ڪا چوٽ اهڙيءَ چوٽيءَ تي چاڙهيو ڇڏي، جتي پڄڻ ملائڪن جي ٻه جاءِ ناهي! جانو کي ٻه ظاهري طرح اهي چوٽون ايجا چاڙهي رهيون هيون، پر سندس پيڙائن ۾ لاڻ نظر ئي ڪون پي آئي.

ظاهر آهي ڪنهن مٽانهين منزل ڏانهن ويندي، عذاب، اذيتون ۽ سفر جا سور ٻه گڏئي رهندا آهن. پر اوڏانهن ويندي انهن ايذائن جي لذت سمجهه

کان ئي ٻاهر هوندي آهي. پر اتان ڪرندي سالم ۽ سلامت رهڻ! ان لاءِ ٻہ ڪا يقيني ۽ آخري راءِ قائم نٿي ڪري سگهجي.

ماڻهو کي پنهنجي زوال جو علم هجي، تہ ڪمال جي لاءِ، شايد ڪُسي وڃي، پر قدم ٿي سگهي ٿو اڳتي نہ وڌائي!؟

۽ دنيا ۾ اڪيلو ٿي وڃڻ ٻہ، ڪنهن قوم يا انسان لاءِ بدترين زوال آهي! جيڪو جانو جي خيال ۾ نہ هو پر، اهڙو زوال جهڙو هن کي پاڻ ڏانهن سڏي رهيو هو.

۽ سنڌ ۾ آباد قبيلن ٻہ شايد ائين ئي، خود کي هڪٻئي کان الڳ ۽ اڪيلو رکي، صدين کان پنهنجي قومي وحدت کي اهڙي زوال جي حوالي پي ڪيو آهي!

جانو ۽ زليخا ٻہ ٻن مختلف قبيلن مان هئا، جانو ٻروچ قبيلي مان ۽ زليخا سمات خاندان مان هئي.

سماجي آزادي ڇاکي چئجي؟ اهڙي سوال جو علم جيڪڏهن جانو کي هجي ها تہ، شايد ڪسڻ قبولي ها، پر زليخا کي ساڻ وٺي سين کي ڇڏي، دادو هرگز ڪون وڃي ها: ۽ نہ ڏئي ڏکن ڏاکڻن ۾ پوي ها!

پر جانو جهڙا تہ الاءِ ڪيترا، ٽڪرن ۾ ٽنڊل هن سماج، پيار جي پنڌ ۾ ستائي، ٽڪائي ڪُهي ڪواب تہ ڪري ڇڏيا، پر پنهنجي ذاتيات واري انا تان هڪ انچ ٻہ هي سماج هيٺ لهي نہ سگهيو!

جانو کي ٻہ پنهنجي سماج جي ان حاسد ۽ نفاقي اصولن، مُنجهائي ۽ ڏکائي وڌو هو. ۽ ان خاندان کان ٻہ الڳ ٿيڻ وارو عمل وري ٻہ جهڙو ڪيس، پنهنجن کان پري ڪري رهيو هو. پر ويچارو ٻيو ڪري ٻہ ڇا پي سگهيو. هن پنهنجي مسئلي کي ڏيگهہ ڏيڻ جي بجاءِ معاملي کي ڪٽائيندي چيو "چاچا مان دادو هليو ويندس."

۽ ربو پنهنجي صلاح ڏيندي چيس "پر دادو کان، تو واري مائٽ علي احمد وارن ڏانهن وڃڻ، منهنجي خيال ۾ وڌيڪ بهتر ٿيندو؟ هو تنهنجا پنهنجا آهن... لاڙ سنڌ وارا ماڻهو، وڌيڪ ٽڏي دل وارا ماڻهو آهن!"

ربو جي خيال ۾ تہ، ڪيس پنهنجن ڏانهن وڃڻ گهرجي، اتي پنهنجائپ ۾ ڪيس، پنهنجا نوان، پراڻا درد ستائيندا ڪون ۽ نہ وري اتي زليخا بہ ويڳاٽي ٽيندي.

پر جانو ڪيس مطمئن ڪندي چيس "چاچا توهان بلڪل درست پيا چئو، پر علي احمد وارا پهراڻي ۾ ٽا رهن، جنهن ڪري مان پنهنجي نوڪري وغيره، لاءِ ڪا بهتر ڪوشش ڪري ڪون سگهندس، دادو ۾ رهي مان پنهنجي نوڪري لاءِ وڌيڪ بهتر ڪوشش ڪري سگهان ٿو ۽ مونکي پنهنجي ڪنهن روزگار جا وسيلا بہ ڪوڙ ملندا، توهان فڪر نہ ڪريو، مان اتي جن وٽ وڃي رهندس، اهي بہ منهنجي ناناٽڪي وراڪي جا مائٽ آهن."

بس پوءِ ربو مطمئن ٽيندي چيس "ٺيڪ آهي! مونکي ڪو اعتراض ڪونهي ... پر مون پنهنجو رايو ان خيال سان ڏنو تہ، تون هڪ دفعو وري بہ چڱ اڪيلو ٽي ويندين، مونکي ان جو ڏڪ بہ آهي، تہ پريشان بہ ٽيان ٿو، سوچيان ٿو تہ، ڪٽي ائين نہ ٽئي جو سارين جي سنگ جيئان، بار، بار پنهجن ڪان ڇڄي پري ٽيڙ سان، تون پنهنجو حوصلو نہ هاري ويهين!؟"

ربو جي ان سوالیہ سوچ سان، جانو جو اندر هڪ دفعو وري بہ ڳري ڪچو ٽي پيو، پنهنجن کي وسارڻ، ڏاڍو ڪو ڏڪ وارو عمل هوندو آهي! ۽ وري زماني جي عذابن ۾، زندگي واٽيي جي اوڙ جيئان گذارڻ بہ، ڪنهن بازاري ڪاغذ جيئان پراون هٿن جي نُپوڙ ۽ بازاري پيرن جي لتاڙ بڻجو پوي! يا پنهنجن جي ڏنل روڳ ۾، روئي، روئي اکيون ٻيرا ڪرڻ وقت، ڪو دلداري ڏيئڻ وارو بہ نہ هجي! تڏهن ماڻهو اندران اندر ائين ٽوڀجي، پُري پوي، جو چڱ ان جي وري مڪمل ٽيڙ جي اميد ئي باقي نٿي رهي!

جانو جي قسمت بہ، جانو سان ائين ئي کيڏڻ لڳي هئي... ربو جي ان جملي! جنهن ۾ هن چيس "سارين جي سنگ جيئان بار بار پنهنجن کان ڇڄڻ!" انهن لفظن تہ ڪيس هيڪاندو هيڻو ڪري وڌو هئس، ۽ اکيون ڳريون ٽي پيون هئس، هن پنهنجا ٻئي هٿ ربو جي پيرن تي رکندي چيو "چاچا مون اڃ مئل، اياڄي کي دعا ڪجو... مونکي پنهنجي قسمت جي راند سمجهہ ۾ نٿي اچي؟... ماڻهو کي پنهنجي مقدرسان ملڻ جو موقعو مليل هجي ها، تہ

مان پهرين ملاقات ۾ ئي، پنهنجي مقدر کان کلي ڳالهائڻ واري حجت ئي کسي ونان ها! هاڻي دعا ڪجو ته، خدا شل زليخا جي صدقي ۾ منهنجو نصيب سڌو ڪري!؟"

ڀ ربو پنهنجا پيرسن هٿ جانو جي ڪلهن تي رکندي چيو "مٺي سڌو ٿي پٽ... ياد اٿئي توکي چيو هئم ته، عيسيٰ نبيءَ جو پنهنجو پيءُ ڪون هو، حضرت آدم کي پنهنجا ماءُ، پيءُ ٻئي ڪون هئا، ڀ بي بيءَ مريم سان پنهنجو مرد ڪون هو. پر پوءِ به دنيا جي هر خطي ۾ اڄ به اهي جهڙا زنده آهن، ڀ شايد قيامت تائين سندن نالا قائم رهندا... انسان کي پنهنجا بهتر ڀ ڪامل عمل زنده رکندا آهن...پنهنجي ماءُ، پيءُ واري رشتي کان به، پنهنجي انسانيت سان رشتو نباهڻ وڌيڪ ڏکيو آهي... بس پنهنجي انسانيت سان رشتو قائم رکجان... ڀ پوءِ باقي دنيا جا رشتا، پنهنجو پاڻ تو ڏانهن پنهنجا هٿ وڌائيندا... پنهنجي قسمت جي شڪايت ڪنهن سان به نه ڪجان، اها ڪمزور، بي همٿ ڀ بي عمل ماڻهن جي سڃاڻپ آهي! ... ماڻهو جڏهن پنهنجي همٿ وڃائي، پنهنجو ايمان بيمار ڪري، پنهنجي شخصي حيثيت فنا ٿيندي ڏسندو آهي، تڏهن ڊگهيون دعائون پنندو آهي... تون دعا پنندڙ کي چڏي، عمل پنندڙ کي اهميت ڏجان... جن کي پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ وارو فهم ڀ فڪر آهي، اهي ماڻهو دنيا ۾ اڪيلا ناهن هوندا... مان نٿو سمجهان ته، تون پنهنجو پاڻ کي اڪيلو تصور ڪري، پنهنجي انسانيت جي رشتي جو قتل ڪندين! ... ڏکن جون گهڙيون پاڻي تي ڦوٽي جيئان هونديون آهن. انهن گهڙين کي سال سمجهندڙ عقل کان سُڃا هوندا آهن، سندن حوصلو ڪمزور، نيت بيمار ڀ نظر چوٽي هوندي آهي، دنيا ۾ انهن کي رسوائي کانسواءِ ٻيو ڪجهه نه ٿو ملي... تون پنهنجي نظر بيدار، سوچ سخي، عقل سُجاڳ ڀ سُڌ سُلجهٽي رکجان! ... توکي ڪهڙي دعا ڏيان جانو!؟ ... دعا جي لائق ته مان آهيان، هر حوالي کان هيٺو ڀ ڪمزور ٿي چڪو آهيان... هيءَ عمر ته هاڻ، ڪنهن سخيءَ جي ڪُتل خيرات پئي لڳي... تون پنهنجي اندر کي خوش رک، خدا تنهنجو مددگار ٿيندو... مايوسي ماڻهو جو گوشت کايو چڏي! ڀ انساني رت سندس اُڇ اُجهائيندڙ آهي! سا، ماڻهو کي مَرَ جيئان چٽي ڪنهن ڪم جو نٿي چڏي! ... زندگيءَ ۾ جيتري مون مايوسيءَ کان

نفرت ڪئي آهي. اوتري مون پنهنجو پاڻ سان محبت ۾ نہ ڪئي آهي ... تون دعائون ونيِ ڪهڙي جيئاپي ٿو جيئڻ چاهين!؟ ... ماڻهو سڄي عمر دعائن جي سهاري نٿو جِي سگهي! ... تنهنجي لاءِ تنهنجي محبت ئي ڪافي آهي... حياتيءَ جي هڪ گهڙي ۾، اگر ڪوئي محبت بنا ٿو گذاري، تہ اهڙو ماڻهو جڙ سڄي عمر لاءِ پنهنجو خدا، ئي وساري ٿو ڇڏي.. دنيا ۾ جيڪڏهن ڪا عظمت آهي، تہ اها محبت ئي آهي. جيڪا اسان کان اڳي ۾ هئي ۽ اسان کان پوءِ ۾ هوندي.. ڪير آهي؟ جيڪو دنيا ۾ عزت سان جيئڻ نٿو چاهي؟... پر هي خدا جي نگري آهي، هتي انسان پنهنجي خواهش جي ڪوج ۾، پنهنجو مان، مريادا وساري ٿو ڇڏي.. هر ماڻهو جي اندر ۾ حسرتن جو هڪ وڏو شهراڏيل آهي، جنهن جو هُو حاڪم ٿيڻ ٿو چاهي! پر هُو ان شهر جو فقير ۾ آهي تہ بادشاه ۾ پاڻ آهي، پر افسوس اهڙي سمجهہ کان محروم آهي! ...

مون کي ڏس! مان پنهنجي محبت جي حسرت ۾ بادشاهہ ۾ آهيان، تہ فقير ۾ آهيان! ... سماجي بندشن سبب مان فقير آهيان ۽ پنهنجي محبت سان سچائي جي سبب، پنهنجي حڪم جو حاڪم مان پاڻ رهيو آهيان... سڄي عمر پنهنجي محبت جو انتظار ڪندي، مون پنهنجي خدا کي ۾ ڪڏهن رڳو چپن جي دانهن ۾ ڪون ڏني آهي.

هر انسان پنهنجي خدا جي شڪل ۾، پنهنجي ئي ڪرشمي ۽ ڪرامت ۾ پيو جيئي، پر ان جو ڪيس علم ناهي... جن کي ان جي پروڙ پئي، سي علم جو دروازو ۽ سوليءَ تي منصورتا سڏائين... بلاول جو سڏ، گوتم جو گيان ۽ لطيف جي وائي... سڀ ڪنهن جي ڪن ڪي، سمجهہ ۾ نٿا اچن... جن سمجهيو سي پنهنجي ساهہ جا سپاهي نٿا رهن...

محبت تہ الائي ڪيترا ميهار، تڙ تان ئي موتائي ڇڏيا... تون تہ خوشنصيب آهين جانو توکي تنهنجو پيار، پنهنجي جوانيءَ ۾ ئي حاصل ٿيو، سڄي عمر جي انتظار وارو زهر خدا توکي معاف ڪيو.. ٻڌائي توکي باقي ڪهڙي دعا جي ضرورت آهي!؟"

۽ پوءِ پنهنجو پاڻ ڏانهن اشارو ڪندي چوڻ لڳو "هن پوڙهي عمر ۾ تہ، دعائون ۾ دير سان ٻڌيون ويندیون آهن! پر پوءِ ۾ مان توهان لاءِ دعا گهري پنهنجي خدا کي خوش ٿو ڪريان تہ... اي اسان جا پالڻهار، تون انصاف سان

فيصلا ڪندڙ آهين... تون، اسان ۾ اسان جي قوم جي وچ ۾ انصاف سان فيصلو ڪر... اي ميزان عدل جا مالڪ، تون جان محمد ۾ زليخا کي نفرت ۽ اوپرائپ جي قيامت کان بچائجان؟... اي، سائي مان سُڪو ۽ سُڪي مان سائو ڪندڙ رت ۽ پوُنء، ساهه ۽ پساهه جا سائين تون زليخا ۽ جان محمد جي نسل ۾ رت ۽ روح جو رشتو قائم رکجان ۽ قيامت تائين انهن کي ذاتين ۽ قبيلن ۾ ورهائي، ڇڙوڇڙ نه ڪجان؟... آمين."

ربو پنهنجي دعا وارا هٿ منهن تي گهمائي ڪلمو پڙهيو. ۽ جانو جيڪو لاڳيتو تيستائين بينو ئي هو، ربو جي پوري دعا ٻڌي پاڻ ۾ آمين چيائين.

●⊙●⊙●⊙●

ٻئي ڏينهن ربو جانو کي چيو "بابا! جان محمد تون دادو وڃين ها، ۽ پنهنجن مائٽن مان ڪنهن سان ملي پنهنجي رهائش وغيره جو ڪوئي جوڳو بندوبست ڪري اچين ها، ته بهتر هو؟"

"جي چاچا سائين مان سپاٽي نڪري ويندس ۽ ڪوشش ڪندس ته، مان ڏينهڪ ئي موٽي اچان!"

پر اتفاق اهو ٿيو جو، ان رات اوچتو ربو کي هڪ هلڪو دل جو دورو پئجي ويو ۽ سين، سڄي گهر کي سندس اُلڪو ۽ پريشاني وٺي وئي، اهو سندس سڄي عمر ۾ پهريون پيرو ائين ٿيو هو نه ته، محبت جي مريض کي دل جو دورو نه ، دماغ جا دؤرا پوندا آهن، پر ربو کي اهو پهريون پيرو، قدرت به ڪيس حياتي بخشي ڏني هئي. ۽ صبح تائين بلڪل ٺيڪ، ٺاڪ ۽ ساڳي حالت ۾ اچي ويو. البت بدن ۾ هلڪو ٽڪ محسوس ڪيائين پي، پوءِ به هن پندرنهن مارچ ڏهن ۾ رکي جان محمد کي پنهنجي منهن چيو "بابا توکي ته اڄ دادو وڃڻو هو؟ هاڻ ته باقي ٽي ڏينهن وڃي بتا آهن. ڇا تون بغير اطلاع ۽ چوڻ، ٻڌائڻ جي، زليخا کي ساڻ وٺي، ايئن وٽن اوچتو وڃي نڪرندين؟"

"چاچا ڪهڙو فرق ٿو پوي، انهن کي ٻڌائڻ ۽ نه ٻڌائڻ مان؟... مان انهن وٽ مهمان جي حيثيت سان ويندس ۽ پوءِ انهن وٽ، ڏينهن، ٻه رهي، مان پنهنجي لاءِ اتي پاڻ ڪجهه نه ڪجهه ڪري وٺندس، باقي توهان کي هن حالت ۾ ڇڏي، ۽ مان ڪنهن ٻئي پاسي هليو وڃا، اهو ائين ته مان هرگز ڪون ڪندس"

"چو؟ ڇا ٿيو آهي مونکي!؟ مان نيڪ آهيان، مون گهر ۾ سيني کي ڇڻي ڇڏيو آهي ته، مون بابت اجايو سوچڻ ڇڏي ڏيو... اڙي بابا! ڪڏهين ڪنهن، حياتي جا ڪٽل ڏينهن به، ڪنهن کي ڳڻي پورا ڪري ڏنا آهن!؟ ... جان محمد، جيڪڏهن دنيا جي پيٽ ۾ گهڙي، ان جي چگي طرح سان جانچ ونندين، ته دنيا توکي ڪٽل نظر ايندي... دنيا ايڏا اڌوري آهي... آهي ڪو اهڙو جيڪو دنيا جي حياتي جا ڏينهن ڳڻي پورا ڪري ڏيکاري؟... خير ڇڏ ان قصي کي، پاڻ ونون پنهنجي حال کي...!"

ڪجهه دير خاموش رهي، هڪ دفعو وري به، جانو جو ڏيان ساڳي معاملي ڏانهن نيندي کيس چوڻ لڳو "ته تون مونکي ڇڏي، فلحال ڪيڏانهن وڃڻ لاءِ تيار ناهين؟... نيڪ آهي! تنهنجي مرضي، اها تنهنجي ذميواري آهي ۽ پنهنجي پريشانين کي تون پاڻ منهن ڏجان، مان توتي جبر نٿو ڪيان، اڄ جيڪڏهن ڪيڏانهن نٿو وڃين، ته پوءِ ٻي اها ڳالهه ذهن ۾ رکجان، ته تون پنهنجا ڪم ڪار لاهي، واندو ٿي ته، اڄ رات تنهنجن باقي گهربل ضرورتن تي سوچي، ويچاري انهن کي مڪمل ڪري ڇڏيون... پر اها ڳالهه وسارجانءَ نه؟ مان هاڻي آرام ٿو ڪيان ۽ تون پنهنجا ساڄُهر ئي ڪم ڪار لاهي وٺ نيڪ...؟"

۽ پوءِ ربو ٽنگون ڊگهيون ڪري سمهي پيو، پر جانو ۽ زليخا بابت سوچڻ جي ڪري ڪيفيت بيچين هئس ۽ آرام کون پي آيس، گهڻي دير کان پوءِ مڙئي کا ٿوري ننڊ جي پنڪي کاڌائين. پر ان ٿوري ننڊ به، سندس ڪيفيت ۾ ڪافي هلڪائي آڻي ڇڏي.

سج لهي ويو، رات پئي، پر هو پنهنجي ڪمري ۾ ئي ليٽيو رهيو، گهروارن به سندس به، چار چڪر سنيال لڏي، پر زليخا جو پيءُ (مُلو) پنهنجي ان گهر نائي واري ضد جي سبب، شرم حضوريءَ کان سندس منهن کون پي چڙهيو.

ربو ته دل ۾ اهو سوچي رکيو هو ته "زليخا جو پيءُ، منهنجي هن بيمار حال ۾، منهنجي منهن چڙهيو، ته شايد هاڻ مان کيس راضي ڪري ونندس." پر هُو به اٽڪل باز ماڻهو هو، گهر وارن کان سندس بابت حال احوال ورتائين پي، پر سندس سامهون کون پي آيو.

جانو ڪمر ڪار لاهي، واندو ٿيو تہ رات جا ڏهہ ٽي چڪا هئا ۽ دڪان جا دروازا ورائي، ربو وٽ ڪمري ۾ آيو ۽ اڇ شرط سندس دوائن جو پچيائينس، تہ ربو چيس "تون بس ويهہ، منهنجي مدد ڪرڻ وارا ٻيا بہ آهن، مان بس سپ ڪجهہ کائي پِي وينو آهيان، توکي ڪا ضرورت هجي، تہ ان جو پورائو ڪري، پوءِ لاڳيتو واندو ٽي اڇ ... ياد اٿئي،نہ، تہ اڄ رات اسان کي چا ڪرٽو آهي.؟"

"جي، ها بلڪل ياد اٿم." ائين چئي جانو ٻاهر هليو ويو. گهران ماني کائي، بازار مان ٿورو وڙڪي، ڦري ۽ جلد ئي واپس اچي وٽس ڪمري ۾ وينو. جانو ايڏا وينو ئي مس هو تہ ربو چيس "بابا دروازي کي اندران ڪڙو ڏئي بند ڪري اڇ؟"

"چاچا اندران ڪڙو وغيره ڏئي آيو آهيان."

"تہ پوءِ ٺيڪ آهي... هاڻ منهنجي ڳالهہ ٻڌ؟ مان سياڻي توکي پنجاه هزار روپين جو چيڪ صحيح ڪري ڏيندس، اهي پيسا سياڻي بينڪ مان ڪڍرائي وٺجان. پر اها ڳالهہ ڪنهن سان بہ ناهي ڪرڻي، ۽ اهي پنجاهہ هزار مان زليخا جي مدد طور توکي ڏيئڻ ٿو چاهيان، بينڪ ۾ منهنجا هڪ لک روپيہ پيل آهن. تون جي وڌيڪ ضرورت سمجهين، تہ اهي سپ پئسا مان توهان کي ڏئي ڇڏيان، پر جان محمد، حقيقت اها آهي تہ، باقي پنجاهہ هزار روپيا، مان پنهنجي ٻئي ياءَ جي نياڻي جي ڏاج لاءِ رکيا آهن، ايڏا بہ جيئن تون چوين؟"

جانو پنهنجي ڏهن کان پيسن جي کوٽ وارو بار هلڪو محسوس ڪندي چيس "نہ چاچا، مان پاڙي خرچ کان علاوه ٻيو ڪجهہ توهان کان وڌيڪ ڪون گهران ها، پر توهان اهي پنجاهہ هزار روپيہ زليخا جي نالي، زليخا جي مدد ڪرڻ ڏا چاهيو تہ مان ان ۾ ڪو بہ اعتراض يا انڪار ڪرڻ وارو حق نٿو رکان، اها زليخا جي مرضي آهي، وٺي يا نہ وٺي؟"

تڏهن ربو منع ڪندي چيس "نہ زليخا سان فلحال ان معاملي تي ڪجهہ بہ ناهي ڳالهائڻو هُن جي تياري مڪمل ٿي چڪي آهي. زليخا جي ماءُ مردن جي مَٽ آهي، تنهن پنهنجي حال مطابق پنهنجي ڏيءُ جون گهربل ضرورتون ٻہ مهينا اڳ مڪمل ڪري رکيون آهن."

جانو ڪجھ بہ ڪُڇي، پُڇي ڪون سگھيو. وٽس اھڙو ڪو دليل ئي ڪون رھيو ھو. جو ھاڻ انھن پنجاھ ھزار روپين بابت ڪجھ ڳالھائي سگھي!

جانو کي اھا بہ سوچ ھئي تہ ڪجھ ڏينھن لاءِ پيسن جي تہ ضرورت رھندي. تنھن ڪري پيسا ونڻجن يا نہ ونڻجن؟ ھئي پاسا ڪيس وزندار ۽ مشڪل بہ نظر آيا. ۽ ھن لاچار ٿي ان مسئلي کي اتي ئي رھڻ ڏنو.

ربو ڪيس پنھنجي ھمٿ ۽ پنھنجي مڙسيءَ سان رھڻ ۽ زندگي سھڻي نموني گذارڻ جون ھدايتون ڪري. سندس ايندڙ وقت لاءِ مشڪلن ۽ مسئلن جا تجزيا ڪندي ٻئي سمھي پيا.

ٻئي ڏينھن تي. جانو بينڪ مان پنجاھ ھزار روپيا ڪڍرائي. ڪٽي اچي جڏھن سندس حوالي پي ڪيا تہ ربو پيسن ونڻ کان انڪار ڪندي چيس "اھي تون پاڻ وٽ محفوظ ڪري رک جان محمد... ۽ اھا ڳالھ ذھن ۾ رکجان تہ. پيسو دنيا ۾ سڀ ڪجھ بہ ڪونھي. تہ ڪڏھن. ڪڏھن سڀ ڪجھ پيسو ٿي پوندو آھي! تنھن ڪري. ھن وقت تنھنجي لاءِ پيسو وڌيڪ اھميت رکي ٿو. پر زندگي ۾ پاڻ کان وڌيڪ پيسي کي اھميت نہ ڏجو... بس عمر ائين گذري. جو نہ ڪنھن جي اڳيان ھٿ ٽنگڻو پوي. ۽ نہ ڪوئي ٻيو ھٿ اوھان ڏانھن ڪڍڻ ڪپي!؟ ... سياڻي پندرنھن مارچ آھي. پنھنجي مڪمل تياري ڪري رک... ڪا دل ۾ ڳالھ ھجئي تہ چئي ڏي؟... منھنجي طرفان ڪائي تڪليف يا ڪو ڏک رسيو ھجئي تہ مونکي معاف ڪري ڇڏجان؟... يانصيب. وري پنھنجو ملڻ ٿئي يا نہ ٿئي... زندگي ڪنھن سان بہ وفا نٿي ڪري... تنھنجي ۽ منھنجي. ھڪٻئي لاءِ وفا بہ ھاڻ پنھنجي پُڄاڻي کي پھتي... ھاڻ تون پنھنجي پيار سان وفا ڪجان ۽ مان پنھنجي موت جي وفا جو انتظار ڪندس."

جانو سندس اھي دل ڏکائيندڙ ڳالھيون ٻڌي. زارو قطار روئڻ لڳو. پر ربو ان ڏينھن کيس پرچائڻ يا دلداري ڏيڻ جي بجاءِ پنھنجي دل مضبوط ڪندي چيس "روئي وٺ جيترو روئڻ چاھين؟ وري منھنجي اڳيان روئڻ جو موقعو توکي شايد نہ ملي... منھنجي تہ ھتي ھي سمھڻ واري جڳھ بہ موت ڏسي ويو

آهي... ڪوشش ڪجان، جيڪڏهن منهنجو ڪانڊي ٽي سگهين تہ؟ ضرور ٽجان؟ مئي پجاٽا منهنجو روح بہ شايد تنهنجون راهُون ڏسي!؟"

هاڻ تہ جانو وڏيڪ هانءُ ڦاڙي روئڻ لڳو، پر پوءِ بہ ربو سندس هيئين تي هٿ نہ رکيو، توڙي جو هاڻ ربو پنهنجو بہ اندر جهلي نہ پي سگهيو، پر هن پنهنجي سچي محبت کي، پنهنجي سڃي عمر ڏئي،پاڻ پلڻ وارا سبق سکي ورتا هئا، تنهن ڪري پنهنجي اندر جو ڀگارو پنهنجي ئي من کي پياري ان کي اکين تائين اڇڻ نہ پي ڏنائين، ليڪن سندس اندر جو انسان جانو کان وڏيڪ وڏيون ڏکون ڏئي پي رُنو.

جانو روئي، روئي جڏهن صفا ساٿو ٽيو تہ ربو کي چوڻ لڳو "چاچا مونکي ايترو چو ٽا رڳاريو؟" ءِ سُڏڪا پريندي چيائين "توهان کي ياد هوندو تہ، مون توهان کي چيو هو تہ، مان جيئڻ ٿو چاهيان، ءِ هاڻ بار، بار پنهنجن کان ڇڄي، ڪٽي ائين نہ ٽئي جو مان پنهنجي جيئڻ واريو راهون نہ گم ڪري ويهان؟... ها! باقي توهان تي منهنجو ايترو ڏک صرف آهي، تہ توهان مونکي ايترو پيار چو ڏنو؟... مونکي پنهنجائپ جو مان مرتبو چو ڏنو؟ ءِ جي ڏنو! تہ پوءِ مونکي هاڻ پنهنجي روئڻ جو پرچاءُ چو نٿا ڏيو!؟ ... ڇا مون يتيم جون غلطيون ءِ بيوقوفيون، مون کي معاف نٿا ڪري سگهو؟"

جانو جڏهن سڏڪا پري، پري آهستي، آهستي خاموش ٽي ويو ءِ جڏهن سندس من ۾ مانار آئي، تہ ربو کيس پاڻ ڏانهن سڏي پنهنجي بلڪل ويجهو ويهاري ءِ پاڻکي پڪو ڪندي، ڪندي بہ آخر اکين مان لڙڪ ڳاڙي چوڻ لڳس "اهو تنهنجي لاءِ ضروري هو جان محمد! ... ڪلڻ وقت سڃي دنيا گڏ ڪلندي آهي! پر روئڻ وقت تمام ڪي ٿورا ماڻهو آهن، جيڪي ڏک جي وقت نظر ايندا آهن! ... تون جيئڻ ٿو چاهين، تہ پنهنجي روڳ کي پاڻ پرچائڻ سکي ڇڏ! ... ظاهري ڏک ۾ تہ ماڻهو سچو ڪوڙو ڏيڻ ڏيندا آهن، پر اندر جي اجهاڳ روڳ سان ماڻهو اڪيلو رهي ٿو... تون ڇا ٿو سمجهين، مون کي تنهنجي لاءِ ڪو ارمان ڪونهي؟... اڙي تون آئين تہ منهنجي حياتي وڏي هئي ءِ هاڻ وجين ٿو تہ، منهنجي حياتي ڪٽي ٽي... مونکي اهو ٻڌائي مان تنهنجي رشتي کي نانءُ ڪهڙو ڏيان!؟... بس وڏيڪ ڪجھ نٿو چوان، نہ تہ اندر جو روڳ دل ءِ اکين تان روانو ٽي پيو تہ، تنهنجي شادي کان اڳ منهنجي

موت سان شادي ٿي ويندي، بس جيڪو هيستائين هڪٻئي کي ڏٺوسين، ورتوسين، اهو تنهنجي لاءِ ڪافي آهي.!"

اهڙي طرح جانو کي ٽڏيون ٻڪالهيون ٻڌائي، خود کي بہ ٽاڏاري خاموش ٿي ويو.

ڇ پوءِ پندرنهن مارچ جو ڏينهن هو. جانو جو ان دڪان واري گهرنما ڪمري ۾ رهڻ آخري ڪجهہ ڪلاڪ هئا، صبح جو ناشتي جي وقت هن پنهنجن ڪوتاهين غلطين ڇ دڪان جي ڪاروبار ۾ فائدن، نقصانن بابت پنهنجي محسن ربنواز سان ڪچهريون ڪندي پنهنجن معذرتن ڇمعافين جو بہ اظهار ڪري ڇڏيو.

ڇ پوءِ سندس محسن ربنواز جي مڪمل انتظام موجب، ڪورٽ ۾ نڪاح ٿيو ڇ هُو هميشہ لاءِ هڪٻئي جا ٿي ويا، ڇ ڪين ٽيڪسي ڪار تي چاڙهي دادو روانو ڪيو ويو.

●⊙●⊙●⊙●

ان سڄي عمل دوران، زليخا جي پي ڪي ڪُڙڪ ئِي ڪان پئي، هُو صبح جو فجر مهل ستي ماٽُهُن گهر مان نڪرندو هو. مسجد ۾ نماز پڙهي، پنهنجو ريزڪي دڪان کوليندو هو. ڇوري رات واري سومهٽي نماز پڙهي، ورد وظيفا مڪمل ڪري گهر ايندو هو تہ، سڄو گهر ستل هوندو هو. اهي ٻئي وقت، پنهنجي زال سان رڳو ڪاڏي مهل ڪا ٻڪالهہ، ٻولهہ ٽيندي هيس، باقي رڳو مسجد ڇ پنهنجي دڪان جي حوالي هو. گهر ۾ ڪير مري، ڪير جيئي؟ سا سندس واپاري ذهن ۾ سوچ ئي ڪان هوندي هئي.

ان ڏينهن بہ دڪان بند ڪري، رات واري نماز پڙهي، دعا، ٻٽ مان واندو ٿي، گهر آيو. تہ روز جي معمول جيئان، سڄو گهر آرامي هو. رڳو سندس زال سندس اوسيئڙي ۾ جاڳي رهي هئي.

گهر اچي ماني لولو ڪائي، واندو ٿي، اچان وينو ئي مس تہ زال چيس "ادا ربنواز اڄ زليخا کي، جانو سان پرٽائي، ڪنهن ٻئي پاسي روانو ڪري ڇڏيو! ... اڄ پنهنجي زليخا گهر ۾ ڪانهي."

اها ٻڪالهہ ٻڌي ملي ويچاري جي وائي بہ بتال ٿي وئي. ڪيتري دير تہ رڳو زليخا جي ماءُ جي منهن ۾ ڏسندو رهيو. ڇ پوءِ هلڪي، ڇ ڳري ڳڙيل آواز ۾

چوڙ لڳو "ائين چو ڪيائين، مان پيءُ هيس، مونکي پنهنجي نياڻي جي مٽي تي، هٿ رکي، موڪلائڻ ته ڏي ها!؟"

ڀ زال کيس پنهنجي ڪم عقلي جو احساس ڏيارينديِ چيس "اهو سڀ رڳو تنهنجي اجائي ضد جي ڪري ٿيو... هاڻي جيڪو ٿيو سو پنهنجي ڏيءَ جو نصيب هو. وڌيڪ ادا ربنواز کي ڪجهه نه چئجان، هُو اڳيئي، زليخا لاءِ روئي، روئي بي حال ٿي هاڻ ستو آهي. وڌيڪ سندس حال اڳي به ڪونهي، چئي پيو ته، هاڻ مان دڪان ئي ڪون ڪوليندس."

"پر زليخا جي ماءُ، زليخا ڇا سمجهنديِ، چونديِ مان پنهنجي پيءُ هونديِ، گهر مان يتيم ٿي نڪتس؟... مونکي ان ڳالهه جو ارمان پيو ٿئي... ڀ سياڻي ماڻهن کي ڪهڙو منهن ڏيکاريندس... ماڻهو ڇا چوندا؟... هرڪو ائين چوندو ڪا ته ڳالهه هئي، جو چوڪري لِکي لِکي پرٽائي ڇڏيائون؟ اها کل ته مون تي ٿي نه؟... هيڏي عمر ۾ ادا ربنواز اهو چگو ڪم ناهي ڪيو، مان سندس ننڍو پاءُ هئس ان رشتي جو خيال ڪري ها!؟ نه ته پلا پيءُ هئس، ان رشتي کي هن چو وساريو؟"

ڀ وري ربو جي عيب جوئي ڪندي چوڙ لڳو "بس هُن جو ڏوهه ڪونهي... شادي ڪري ها، نياڻيون ٽينس ها، ته ڪو ڪهڪو اچيس ها، پر پاڻ نانگو مسافر ٿي رهيو، ته زليخا کي به اهڙو سمجهي، روانو ڪيائين، بس!"

"ائين نه چئو، هو گهر جو وڏو آهي. هن سڄي عمر جيڪو ڪجهه ڪيو سو اوهان ٻنهي ڀائرن جي ڪم پيو اچي، ڀ اڄ به هُو چوي پيو ته، دڪان جان محمد پي هلايو، مونکان هاڻ هلاڪي، ڪان ٽيندي، ٻڌائي ڇڏجو ٻنهي ڀائرن کي، ٻنهي مان جنهن کي وٽي، وڃي دڪان سنيالي!"

تڏهن مُلي مٽين دل سان چيو "هُون... مونکي ڪون ٿو سندس دڪان ڪپي... تون سياڻي چئجانس ته، مونکي ڏاڍو ڏڪ آهي... مان هاڻ پنهنجي ڏيءَ جي منهن ڏسڻ لاءِ سڪي ويندس... اهو صدمو مونکي سڄي عمر ڪون وسرندو... منهنجي زليخا هن پرٽائي ڪانهي، پر منهنجي لاءِ هن جڙ هميشه ڪاڻ ماري ڇڏي!"

"بس جيڪو ٿيو سو ته ٿي ويو، هاڻ نماز پڙهي، پنهنجي زليخا کي دعا ڪجان... باقي اجائي وِلِ سان ماڻهو ڪلندا."

۽ پوءِ پنهنجي زال جي سمجهائڻ، مجائڻ تان، آڏي رات تائين پي ڪروڌ ڪيائين ۽ ائين ڪجهه راتيون پوءِ ٻه پنهنجي زال سان، ڪاوڙ ڪروڌ ڪري، ڪيس ڏک ڏوراپا ٻه ڏينڊو رهيو، پر پنهنجي وڏي پاڻ ربنواز جي سامهون، ڪجهه چوڻ جي پوءِ ٻه همٿ ساري نه سگهيو ۽ آهستي، آهستي واپار جي ڪِرت سندس ذهن بدلائي ڇڏيو.

جانو ۽ زليخا جڏهن دادو پهتا، تہ اتي جانو پاڻ کي مهمان سڏائڻ جي بجاءِ، هن ڪجهه ڏينهن اتي وڌيڪ رهڻ جي خيال مان بيوقوفي ڪري اهو ٻڌايو تہ، "اسان ڪورٽ مان پيار جو پرٽو ڪري، توهان جي سامر آيا آهيون؟"

زليخا سندس ان غلط بياني تي چيس "جانو اسان اها غلطي ڪئي آهي... اسان کي سپ ڪجهه سچ ٻڌائڻو هو... هي ماڻهو الائي تہ ڪيئن سمجهن... اسان پاڻ کي هرو، پرو چور پيا چورايون؟"

پر جانو ڪيس مطمئن ڪندي چيس "نہ زليخا اهڙي ڳالهه ناهي. مون اهو ان لاءِ ڪيو تہ، ڪجهه وقت هتي رهي، مان ڪوشش ڪري ڪا، نوڪري يا ڪوئي روزگار، وٽي وٺان... هونئن تہ هتي گهٽو وقت رهي پيا لڄي ٽيون ها، مهمان جي حيثيت سان تہ پاڻ وڏ ڪان وڌ هڪڙو هفتو رهي پئي سگهياسون، پوءِ ڪهڙي خبر تہ قسمت جي ڪاهه ڪيڏانهن ٽئي ها، پر هاڻ ان ٻهاني، ڪا پريشاني ڪان ٽيندي، ۽ تيسين گذر، سفر جو ٻه مان ڪوئي ٻِلو ڪري وٺندس."

پر جانو جيئن سوچيو هو، قصو ان جي ابتڙ ٽي ٻيئو شروع ٿر ڇهن، مهينن تائين تہ، جانو کي گهر کان ٻاهر ٻه نڪرڻ ڪون پي ڏنائون، چون پيا "بابا توهان اسان وٽ سامر وتي آ... توهان کي ڪجهه ٽي پيو تہ، اهو اسان تي عمر پر جو ٽڪو لڳي ويندو... ماڻهو چوندا ايڏا پاڙي، ها، جو آيل کي امان ڏئي نہ سگهيا... نا، بابا، نا مهرباني ڪري ٻاهر ڪاڏي نہ نڪرجانءِ... ايڏي ڪا مجبوري يا ضرورت ٽي پئي، تہ اسان جو هرماهه ٻه ساڻ هلندو نہ تہ، ائين اڪيلو ڪاڏي متان نڪتو آهين، پائوءُ!"

۽ وري گهر ٿر پيل هٿيارن ڏانهن اشارو ڪندي چوڻ لڳس "هيڏي ڏس، هي ڇاجي ڪاڻ رکيا هِن، هتي ڪوئي ٻه خوف نہ ڪجانءِ... هي دادو آ... هيڏي تہ هروپرون ڪوئي ماءُ جو لال تڪڙ ڪري ايندو ٻه ڪونہ... اَوَن

جھڑي، تھڑي جي ته مجال ئي ناهي، جو رڳو تنهجي سکٽي ٻانهن ۾ هٿ وجهي!"

اهڙي طرح هاڻ هي جهڙا جيل ۾ بند ٿي ويا، ڇهن مهينن کانپوءِ به ڪڏهن،ڪڏهن جانو گهرکان ٻاهر نڪرندو هو ته، ميزبانن مان ڪونه ڪو گڏهوندو هئس. هن زليخا جي اعتراض مطابق، غلط ڳالهه ڪري، پنهنجو پاڻ کي پريشاني ۾ وجهي ڇڏيو هو... ۽ هي ڪنهن بيوقوف وانگر، جڙ پنهنجي نڪ جي سڌائي تي ويندي کوهه ۾ ڪري پيو هو ۽ اتي پنهنجي ئي اڳڻ ۾ وڃڙي پيو هجي!

جانو صورتحال کي بدلائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪو به سندس ڪائي ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار ئي نه هو.. پورو سال مٽس اها سختي رهي ان وچ ۾ ربو کي وري ٻيو دل جو دورو پيو، جنهن جي هو ست نه سهي سگهيو ۽ وفات ڪري ويو ۽جانو ان جو ڪانڊي به ڪون ٿي سگهيو!

هنن کي ڳولڻ لاءِ ربو جي پائرن وس ڪري ڇڏيا، پر هن کي پنهنجي هروچ مائٽن جهڙو پنهنجي ساهه ۾ لڪائي ڇڏيو هو. سو سندس ڪٽان به ڪو پتو کين ڪون پئجي سگهيو ۽ آخر، جيئرا، مئا سمجهي، دل ڏاڍي ڪري ويهي رهيا.

سال کانپوءِ وڃي جانو کي شهر گهمڻ يا پنهنجو ڪم ڪار ڪرڻ جي ڪُلي آزادي ملي. جنهن کانپوءِ به هن ڪنهن اٽڪل سان پنهنجي مُحسن ربنواز جي خبر ورتي، ته سندس وفات جو ٻڌي، دل جي صدمي کان بيمار ٿي پيو ليڪن زليخا کان هن اها خبر لڪائي رکي هئي.

پنهنجي صحت جي سڌري وڃڻ کانپوءِ هن نوڪري لاءِ جاکوڙ ڪري پوليس کاتي ۾ ڪلارڪي حاصل ڪري ورتي.

نوڪري ملڻ کانپوءِ، جڏهن زليخا هن کي بار بار ستايو ته "چاچا ربنواز جي ڪا خبر چار وٺ؟"

ته هن آخر لاچار ۽ مجبور ٿي زليخا کي ٻڌايو ته "چاچا ربنواز وفات ڪري ويو!"

تڏهن زليخا تي، چار ڏينهن لاڳيتو پنهنجي محبوب چاچي لاءِ روئندي رهي ۽ پوءِ جانو کي چيائين ته هاڻ ته اوڏنهن هلڻ ئي پنهنجو اجايو ٽيندو...

منهنجي بابا کي تہ مونکان وڌيڪ مسيت سان محبت هئي... ۽ امان کي خبر آهي، تہ مائرون، ڏيءَ جو اولاد ٻين لاءِ ڇٽيندڙيون آهن... بس هاڻ خدا ملايو تہ ملنداسين، نہ تہ انهن جو اونو دل مان ڪڍي ڇڏ جانو... بس منهنجا تہ سيئي رشتا هاڻ تنهنجي ساهہ سان آهن."

دادو ۾ نوڪري ڪندي جانو کي پنج سال ٿي ويا، هي پنهنجي هڪ مسواڑ واري گهر ۾ رهندا هئا. هنن کي اولاد ۾ هڪ پُٽ ۽ ٻہ نياڻيون ڄايون، پُٽ وفات ڪري ويو، نياڻين مان هڪڙي جو نالو چاهت، ۽ ٻي جو نالو صديقا رکيائون. چاهت وڏي ۽ صديقا ننڍي هئي.

دادو جي گرمين زليخا کي هاڻ تنگ ڪري وڏو هو، تنهن ڪري جانو کي چوندي رهندي هئي تہ" جانو! تون پنهنجي بدلي ڪرائي تہ وري ٻہ هلي حيدرآباد ۾ رهون، هتي گرمي تہ ننڍڙين کي ٻہ تنگ ٿي ڪري۔ جانو ڪوشش ڪري پنهنجي بدلي تہ ڪرائي، پر سا حيدرآباد جي بجاءِ ڪيس سيوهڻ ۾ مقرر ڪيو ويو. سيوهڻ ۾ ٻہ زليخا جا ماماٽا ۽ماسيون رهنديون هيون، ۽ سندس ماءُ ٻہ اصل اتي جي هئي، ۽ هڪ دفعو وري ٻہ زليخا جهڙو پنهنجن سان اچي گڏي.

سيوهڻ ۾ سرڪاري ڪوارٽر جي سهولت نہ هئڻ سبب، هي پنهنجو الڳ مسواڑ تي گهر ونڊي ان ۾ رهڻ لڳا.

چاهت ۽ صديقا ٻہ، هاڻ اسڪول وڃڻ جيڏيون ٿي ويون هيون، انهن جي پڑهائي جو ماءُ، پيءُ ٻنهي کي تمام گهڻو خيال رهندو هو.

سيوهڻ ۾ اچي، جانو پنهنجي سجاول واري مائٽ علي احمد سان ٻہ اچڻ، وڃڻ وارو سلسلو قائم ڪري ورتو. ۽ علي احمد هون. ٻہ سندس گهڻي عزت ڪندو هو، پر جانو جو پوليس ڊپارٽمينٽ ۾ نوڪري ڪرڻ ڪانپوءِ، علي احمد ساڻس وڌيڪ ويجهڑائپ ناهي ورتي، علي احمد کي ايتري تعليم ڪون هئي، هو پنهنجي غربت جي ڪري ٻن درجن کان مٿي پڑهي ڪون سگهيو هو.

علي احمد کي اولاد ۾ ٽي ٻار هئا، جنهن ۾ هڪ پٽ ۽ ٻہ نياڻيون، پٽ جو نالو ڪريمداد ۽ ڏيئرن مان هڪڙي جو نالو حليما ۽ ٻيءَ جو نالو شهربانو هو، شهرُو سڏيندا هئس.

سنڌس پٽ ڪريمداد، جان محمد جي ڏيئرن، چاهت ۽ صديقا جي وچ واري عمر جو هو.

سيوهڙ ۾ جانو ڪلارڪ مان آفيسر ٿي ويو. آفيسر ٿيڻ کانپوءِ ڪيس بدلي ڪري حيدرآباد ۾ مقرر ڪيو ويو. پر حيدرآباد هاڻ اهو ساڳي حيدرآباد ڪون رهيو هو. جو جانو کي رات جو به لڳي کانپوءِ ڪاهوٽل ڪليل نظر نہ اچي. انهن ڏهن، ٻارَنهن سالن ۾ حيدرآباد جي دنيائي بدلجي ويئي هئي. شهر جي آبادي، ٽريفڪ، وڏيون وڏيون بلڊنگون، واپار، هوٽلون، سئنيما حال، وڏا وڏا شو روم...مطلب تہ، جڏهن رات جي وقت حيدرآباد ۾ گهمندي، جانو کي ڪُتن جو ڀپ ٿيندو هو. پر هاڻ ڪُتن کي، ماڻهن جو ڀپ ٿيندو هو. تنهن ڪري جانو پنهنجي رهائش سيوهڙ ۾ ئي مناسب سمجهي، ۽ اتي ئي رهندو هو. پر حيدرآباد ۾ اچي هن پنهنجي مالي حالت بہ ٺيڪ ناڪ نموني ٺاهي ورتي ۽ پوءِ پنهنجا ٻارڙا وٺي حيدرآباد ۾ هڪ ننڍڙي مسواڙي بنگلي ۾ رهڻ لڳو. ۽ پنهنجن ننڍڙين کي بہ بهتر تعليم سان لڳائي ڇڏيائين ۽ زليخا بہ جهڙو پنهنجن باقي حال حيات مائٽن سان گڏجي پئي پر ڪجهہ وقت کانپوءِ سنڌس ماءُ بہ وفات ڪري وئي، تہ باقي سنڌس مائٽن کيس قرب ڏيئڻ ڇڏي ڏنو تہ هن بہ پنهنجي اچڻ، وڃڻ وارو واسطو بہ ڇڏي ڏنو. ۽ علي احمد سان هنن پنهنجا تعلقات وڌائي ڇڏيا.

هڪ ڏينهن جانو پنهنجا ٻار ٻچا وٺي، علي احمد جي ڳوٺ ويو. تڏهن هن علي احمد تي زور پريو تہ، "اهو تو وارو پٽ ڪريمداد منهنجي حوالي ڪر تہ، مان حيدرآباد ۾ ڪنهن چڱي اسڪول ۾ پڙهايانس؟"

پر علي احمد کي اولاد مان پٽ صرف اهو هڪڙو ڪريمداد هو. تنهن پنهنجو گڏيل، سڌيل خيال ڏيکاريندي چيو "ادا! آهي منهنجو اهو هڪڙو... مان ڪٽي تنهنجي حوالي ڪيانس، پر ماڻس پاڻ کي پوءِ ڪير ڏيو سمجهائيندو، پرچائيندو؟"

علي احمد جي گهر واري ٽپ اڻ پڙهيل هئي، ۽ عقل جي پورڙي هئي، سگريٽ ڀيڙيءَ جي بہ موالڻ هئي. علي احمد پاڻ پيئندو هو. تہ هو بہ ساڻس پائيواري ڪندي، ڪندي موالڻ ٿي وئي هئي. سنڌس نالو سجو پاڳوند هو، پر سڏيندا پاڳان هئس.

سنڌي سماج ۾ ماڻهو کي اڪثر سندس اڌپوري يا اڌ نالي سان سڏيو ويندو آهي. جيئن انگريزي سماج ۾ نالي ۾ واڌارو ڪري، نالي جي پٺيان هڪ ٻيو وڌيڪ نالو ڏيندا آهن، تيئن سنڌي سماج ۾ وري نالي کي ڪُٽائي اڌ نالي سان سڏيندا آهن. ائين علي احمد جي زال پاڻگوند مان پاڻگان ۽ سندس ڌي شهربانو مان شهرُو ٿي پيون هيون. ائين ٿو لڳي، جڙ اسين ماڻهو ئي اڌورا آهيون!

جانو ڪريمداد جي لاءِ علي احمد کي چيو "تون پاڃائي کي ڪيئن ٻه ڪري راضي ڪر؟ هتي ڪريمداد رُلي رُلي اجايو خراب ٿي ويندو! هتي مان ڏسان پيو، پهراڙيءَ ۾ تعليم آهي ئي ڪان، مان ڪيس ڪنهن سني اسڪول ۾ داخل ڪرائي ڇڏيندس!"

جانو کي پنهنجي دل ۾ اهو احساس هو ته، جيئن مونکي منهنجي مُحسن چاچا ربنواز، پڙهائي، پرچائي هڪ مڪمل ماڻهو ڪيو، تيئن مان ٻه، علي احمد جي پٽ ڪريمداد کي سني تعليم ڏياري، پنهنجو روحاني سڪون ٻه حاصل ڪريان، ته زليخا کي ٻه پٽ جي اولاد جي ڪمي محسوس ڪان ٿيندي!"

هن جڏهن زليخا سان اها صلاح ڪئي، ته زليخا خوشيءَ وچان چيو "ائين جي ٿي پوي، ته مان منائي ورهايان."

تڏهن جانو کي پنهنجو ماضي ياد اچي ويو، ۽ سوچڻ لڳو ته، چاچا ربنواز پنهنجي محبوبا سان ڪيل اقرار موجب شادي ڪان ڪئي، ۽ مونکي پنهنجي سڳي ڀاءُ گهر مان تڙي ڪڍي ڇڏيو هو، مان يتيم ۽ بيواهو ٿي چاچي ربنواز وٽ پنهنجي پيٽ پالڻ لاءِ پاڻ هلي ويو هئس، ۽ علي احمد کي مان پاڻ منٽون پيو کيان، ته جيئن سندس پٽ کي چڱي تعليم حاصل ٿئي، پر خدا جي قدرت هي چريو منهنجي ڳالهه ئي نٿو سمجهي!" ... پر جانو کي پنهنجو پٽ نه هئڻ سبب شايد اهڙي حقيقت سمجهه ۾ نه پي آئي ته، سنڌي سماج ۾ پٽ جي اولاد کي ڌيءَ جي اولاد کان اهميت وڌيڪ مليل آهي، اهڙي طرح علي احمد کي ٻه پنهنجو جهڙو تهڙو پٽ پيارو هو.

جانو جي ڪافي سمجهائڻ ۽ ليلائڻ ڪانپوءِ ٻه، علي احمدهٺ ٻڌي انڪار ڪيو. جانو کي فلحال جيئن، تيئن ڪري ان ڳالهه تان لاٿو. پر جانو جڏهن سندس مهماني ڪائي واپس پي ويو، ته هن علي احمد کي چڱي طرح

سان حجت ۾ چيو "علي احمد اهو ڪريمداد تون، مونکي ڏيئين نٽو پر ياد رکجان، اهو آهي منهنجي پتيءَ جو؟"

ماڻهو پنهنجا سور پنهنجي خدا کان بہ وڌ گهري ونندو آهي، اها اهڙي حجت نہ جانو کي سمجهہ ۾ هئي ۽ نہ علي احمد بہ اها ڳالهہ سمجهي، بس علي احمد ويچارو کلي ماڻ ڪري ويو.

۽ ويندي ويندي آخر ۾ وري زليخا علي احمد کي چيو "ادا هاڻ تون جان محمد جي ان حجت واري ڊپ کان تون ڪريمداد کي پڙهائيندين تہ ضرور، پر پڙهي، پڙهي ان پڙهائي مان ڪٽي ماستر ٿئي، پر اسان تہ ڪيس ڪنهن وڏي عهدي تي رسائي ڇڏيونس ها!"

هاءِ ڙي انسان! تنهنجون اهي اڻ ڏٺي اونهي ۾ ٽهيون هڻڻ، خدا جي قدرت کي تہ نٽو سمجهي، پر خود پنهنجي قدرت کان بہ اڻڄاڻ!

وقت پنهنجي ڪروٽ ڪيئن ٿو بدلائي؟ ان سان گڏ تہ ڪڏهن ڪنهن نند ئي نہ ڪئي آهي: جي سُمهي ٿو پوي تہ، وري جڏ قيامت ۾ اٿندو ۽ جي جاڳي ٿو پوي تہ سندس وري سمهڻ جو ڪنهن کي ڪو گمان ئي نٽو رهي.

جان محمد ۽ زليخا بہ پنهنجي پيار جي محلي ۾ آباد ۽ عام ماڻهن کان الڳ، نرالي زندگي جي سفر ۾ پنهنجي پيار جي قدرت بہ سمجهي نہ سگهيا هئا.

پريت ۽ ميِت جي حاصل، خوشيءَ ۾ هو وقت جي عظمت ۽ سندس ظُلمت بہ وساري چڪا هئا.

۽ وقت! سندن اڳيان، پويان پي ناهيون، ڦٽايون، تن جو ڪين احساس ئي ڪون هو. هنن تہ بس رڳو پنهنجي نينهن جي نند ۾ پي خواب لڏا. ۽ وقت وري بہ ماڻهو جي خيال جيئان تڪڙو گذري ويو... جانو جون ٻئي ڏيئرون چاهت ۽ صديقا، انٽر پاس ڪري يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ لڳيون، ۽ علي احمد جي پٽ ڪريمداد انٽر اڌ ۾ ڇڏي ڏنو.

پاڪستان ۾ وقت جو فوجي چيف آف آرمي اسٽاف، جنرل ضياءُ الحق... ذوالفقار علي ڀٽو جي، چونڊيل سياسي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري، ملڪ تي مارشل لا هڻي، ملڪ جو پاڻ والي ٿي ويهي رهيو، جنهن ۾ نوي ڏينهن ۾ چونڊن جو ڪوڙو اقرار ڪري يارنهن سال ملڪ تي حڪمراني ڪيائين. هن پنهنجي دؤر ۾، سندّ جي تعليم کاتي ۾ مسجد

اسڪول جو بنياد وجهي، پنهنجي تعليمي پاليسي موجب، پرائمري ماستري جون پرتيون شروع ڪري ڇڏيون جنهن ۾ مڊل پاس نوجوان ۽ رٽائر ماسترن کي بہ رشوت ذريعي پرائمري ماستر جا آرڊر پي مليا. ڪائي، سمجهه، سوچ جي سيڃاڻپ ڪان هئي، انهيءَ ڊپڙ دؤنس ۾ ڪريمداد کي بہ پرائمري ماستري جو آرڊر ملي ويو. ۽ هُو Father of nation بڻجي ويو جنهن جي خوشيءَ ۾ سندس اڙ پڙهيو پيءُ ماپيو نہ پيو ماپجي، اها هئي زليخا واري وائي، جنهن چيو هو تہ "ڪريمداد وڏ ۾ وڏ پرائمري ماستر ٿيندو." ۽ هاڻ انتظار هو جان محمد جي انهن الفاظن جو جنهن چيو هو تہ، "ڪريمداد منهنجي پتيءَ جو آهي."

ڪريمداد جي ان سرڪاري نوڪري کان علاوه علي احمد جي اباڻي ملڪيت مان بہ ايڪڙ زرعي زمين بہ هئي. سندس گذارو چڱي نموني سان پي ٿيو.. هاڻ علي احمد پنهنجي اڪيلي ان پٽ ڪريمداد کي پنهنجي ڳوٺ مان پي پرڻايو. سندس شاديءَ جا ڏينهن چٽا ڪري، جڏهن جان محمد کي پنهنجي پٽ جي شادي جي دعوت ڏيئڻ ويو تہ جان محمد پنهنجي دلي رنجش مان ڪاوڙ ڪندي چيس "علي احمد تو ڪريمداد جي شادي لاءِ ايڏي تڪڙ ڇو ڪئي؟ ڇڏينس ها، تہ هو اڃا ڪجهه پڙهي ها؟ پر هاڻ هن جو پڙهائي تان چاهه ڪجي ويندو، اهو تون ظلم پيو ڪرين علي احمد؟"

جان محمد تہ پنهنجي مالي خوشحالي موجب تہ ٺيڪ پي چيو، پر علي احمد جي غربت تہ علي احمد جي ڪِسي ۾ هوندي هئي، تنهن جي جان محمد جي جهان کي خبر ئي ڪان هئي.

علي احمد ويچارو هڪ تہ اڙ پڙهيو، پيو غريب، غربت ۽ بي علمي قدرت جي انسان سان ان کان وڏي بي رحمي تہ ٻي ڪا ڇئي نٿي سگهجي!

علي احمد تہ پنهنجي ان بہ مُنهين مصيبت ۾ جڪڙيل هو. تنهن کي پنهنجي اڪيلي ۽ سڪيلڏي پٽ لاءِ، شادي ۽ سندس روزگار جي وڏي پريشاني رهندي هئي. جنهن کي هن پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي مڪمل ڪرڻ پي چاهيو. هن پنهنجي ان سوچ موجب چيو، "ادا توهان صحيح پيا ڇئو جان محمد! پر پڙهڻ تان هو هٽ ئي ڪٽي ويو هو. ٽلهو پي رُليو. ليڪن هاڻ هن کي ماستري ملي آهي، ان مان پگهار مليس ٿو. باقي هو سندس شادي جو مسئلو.

سو منگائي ڇڏيوهومانس ۽ هاڻي بس پنهنجي حياتيءَ ۾ اهو بار بہ لاهي ٿو ڇڏيان، باقي هاڻ اڳتي سندس مرضي؟"

۽ وري وڌيڪ جان محمد کي پنهنجي رشتي جو احساس ڏيئاريندي چيس "ڏس هاڻ تون ۽ مان پنجاهہ سالن کان ٽپي ويا آهيون، هي عمر اڌ صدي جو جڙ ڳڙڪائي وئي، ۽ منهنجي تہ نظر بہ الاءِ ڇو گهٽبي ويڃي، پلا انڌو ٿي ويهي رهندس، تنهن کان اڳ ۾ پٽ جي خوشي تہ ڏسي ڇڏيان، کهڙي خبر نصيب کيستائين ساٿ ڏئي؟"

تڏهن جان محمد چيس "ها خير، تنهنجو ٻچڙو آهي، مان انهيءَ ۾ کو ناراض کون آهيان... پر علي احمد توکي پنهنجن خوشين کان وڌيڪ هاڻ پنهنجي پٽ جي خوشين تي سوچڻ گهرجي ها! اسان پنهنجن خوشين جي خاطر پنهنجي اولاد جون عمريون ئي کتائي تباهہ ڪري ڇڏيندا آهيون! ... حالانڪ اسان کي پنهنجون خوشيون بہ هاڻ، پنهنجي اولاد کي ڏيئڻ گهرجن، اسان پنهنجي عمر جي حصي واريون خوشيون کائي چڪاسين، هاڻ اسان پنهنجي ذاتي خوشيءَ لاءِ جيڪا طلب رکنداسين سا سياڻي، اسان جي اولاد لاءِ خراب هوندي... تون تہ تکڙ ڪري، پنهنجي پٽ جي شادي واري خوشي ڏسڻ ٿو چاهين، پر منهنجون تہ بہ بہ نياڻيون ايجا ويٺيون آهن، تکڙ کيان ها تہ، مان کيان ها!پر اهڙي تکڙي خوشيءَ مان بہ کهڙو فائدو، جيڪا تکڙي ڪُتيءَ جيئان انڌا گلر ڇڪي... اهڙا تکڙا فيصلائي تہ، مائيٽن کي پنهنجي اولاد مان ڏک وڻي ڏيندا آهن!... ڪٽي ائين تہ ڪونهي، جو مون توکي چيو هو تہ، ڪريمداد منهنجي پتيءَ جو آهي، ۽ تون ان ڏپ وچان، تکڙو پرٽائي پيو قابو ڪرينس!؟"

علي احمد ننڍي سمجهہ وارو ماڻهو هو، جان محمد جون ڳجهارتون، هن کون پي سمجهيون ۽ انهن تي وڌيڪ سوچڻ جي بجاءِ، هن رڳو پنهنجن تعلقاتن جي سچائي پيش ڪندي چيس "نہ، نہ پنهنجا کهڙا ويڃا آهن. جان محمد؟ هُو تنهنجي پتيءَ جو آهي، تہ مونکي ان تي خوشي ٿي ٿئي... ڪريمداد ڪيترا ڀيرا اوهان ڏانهن آيو ويو آهي، تہ مون ڪڏهن بہ دل ڪوسي نہ ڪئي آهي! ۽ مان تہ هن کي اوهان جي لاءِ الاهي چوندو آهيان، هو توهان سان رڳو بي رُخو ٿي ڳالهائي، تہ مان هڏ پيڃي ڇڏيانس، ۽ هو اهڙو

آهي بہ ڪون، هو توهان جو ئي ٻچو آهي، توهان جي ڪنهن خدمت ۾ ڪمر اچي، تہ مونکي خوشي ٿيندي، پر منهنجي خيال ۾ تہ، هو توهان جو تمام گهڻو خيال رکندو آهي."

"نہ علي احمد! ادا تو منهنجي ڳالهہ نہ سمجهي، ائين هو سنو چوڪرو آهي. عقلمند آهي، منهنجي توڙي سڄي گهر جي عزت ڪندو آهي، ۽ هو ايڏو بي سمجهہ بہ ڪونهي، جو مان سندس شڪايت ڪيان... الله توکي بچائي ڏئي، پلي تون پنهنجي خوشي ڏس، پر علي احمد، توکي سندس خوشين جي بہ پارت هجي... ٺيڪ آهي، تون پنهنجي سمجهہ ۾، اهو سڀ ڪجهہ، سندس خوشين لاءِ ڪيو ڪرين، پر اصل ۾ اها بہ تنهنجن ذاتين خوشين مان، هڪ تنهنجي، پنهنجي خوشي آهي. مائٽ ۽ اولاد جو رشتو، عظيم آهي، پر ان عظمت جو خيال پهريان والدين کي وڌيڪ رکڻ گهرجي... پر جيڪڏهن ان ۾ ماءُ ۽ پيءُ رڳو پنهنجي خوشي ۽ پنهنجي مانَ، مرتبي جي اميد رکي، پنهنجي اولاد کي پنهنجي حڪم جي غلامي ڪرائيندو، تہ پوءِ ان اولاد جي دل ۾ ان مقدس رشتي جي عظمت ۽ احترام قائم نٿا رهن، جنهن جو مائٽ بہ دل ۾ تہ ڏکندو محسوس ڪندو آهي، پر ڪڏهن، ڪڏهن تہ اهو معاملو ايترو بگڙيو وڃي، جو ان عظيم رشتي جي تند قائم ئي نٿي رهي! ۽ ٽٽڻ ڪانپوءِ جيڪي مصيبتون ۽ مشڪلاتون، ٻنهي جي وچ ۾ پيدا ٿين ٿيون، سي تہ پوءِ دوزخ جي تري کان بہ هيٺ وڃيو نڪرن، نتيجي ۾ اهو پوءِ سڄي عمر جو سور ٿيو پوي!!"

"ها! تون سچ ٿو چوين جان محمد، پر اهي معاملا، مان سمجهان ٿو ان خاندان ۾ پيدا ٿين ٿا، جنهن خاندان جون، وڏيون جاگيرون، ۽ مال ملڪيتون هجن، اسان مسڪين ماڻهو، مون وٽ تہ ڪا ايڏي ڏن، دولت ڪانهي، جنهن جي لالچ ۾، اسان مٿس اجايون سختيون ۽ پابنديون مڙهيون، مون وٽ تہ بس رڳو بہ ايڪڙ اباڻي ٻني آهي، سا بہ شادي ڪانپوءِ، سندس ئي حوالي ٿو ڪريان، پوءِ تہ ٻن ويلن جو ماني ٿُڪر بہ اسان جو، سندس هٿ، وس هوندو، وڌيڪ الله ساڃاهہ ڏيندس."

۽ جانو سندس عقل تي عجب کائيندي چيس "علي احمد، تون تہ درويش ماڻهو آهين! چريا مائٽ ۽ اولاد جو رشتو، روح جي ڏاڍي سان سبيل

هوندو آهي، جيڪو جيترو مضبوط آهي، اوترو اهو ان کان وڌيڪ ڪمزور آهي! ۽ جيترو اهو رشتو اسان کي ڪليل، خلاصو ۽ وڏو نظر اچي ٿو، اهو اوترو ئي مخفي، ڳجهو ۽ ضخيم آهي... جيڪڏهن گهٽي ڏن، دولت جي سبب اهو رشتو متاثر ٿئي ٿو ته هيڪاندي غربت ۽ مسڪيني ۾ ماڻهو کان پنهنجي مَت کسيو وڃي... اڙ هوند، اهو فتنو آهي، جيڪو پيار، محبت، امن ۽ پائيچاري ۾ اختلاف وجهي، رشتن جي نباهه ۾ ڏکيائون ۽ جدايون وجهندڙ آهي! ... هي رشتو ته، درمياني روين، آزاد سوچ ۽ شفيق برتاءُ سان پنهنجي عمر جي پڇاڙي تائين قائم رهي سگهي ٿو! ...صالح ۽ نيڪ اولاد ڪڏهن به ائين نه چاهيندو آهي ته، پنهنجي والدين کي رُسوا ڪريان ۽ نه ئي مائٽ به سوچي سمجهي ائين چاهيندو آهي ته، منهنجو اولاد، بدچلن، بي علم، بيڪار ۽ بي عمل بڻجي؟...پر اهو سڀ مائٽ جي پنهنجي حاڪماڻين روين، غلط فيصلن ۽ بي جا، سختين ۽ حد کان وڌيڪ اميدون وابستا رکڻ جي سبب، هن رشتي جون روحاني تندون ڪمزور ٿي، آخر ڳري، مري ٿيون پون ۽ مري ويل شيءَ کي وري جيئارڻ، اهو ته انسان جي وس ۾ ئي ڪونهي! ... تون ته عام ماڻهن وانگر، پنهنجي غريبي ڏسي، رڳو اميرن تي ٿو سوچين علي احمد! پر پيءُ جي حيثيت سان به سوچ؟ توکي ڪريمداد جي آئيندي لاءِ رڳو ۽ ايڪڙ ٻني ڀئي نظر اچي، پر علم، اخلاق، عقل، انسانيت، انسان دوستي، ۽ آزاد سوچ کي به ته اهميت ڏيئڻ گهرجي... ڪجهه شيون اهڙيون به دنيا ۾ آهن علي احمد! جيڪي امير به حاصل نٿا ڪري سگهن ۽ اهي شيون غريبن کي به حاصل آهن. ليڪن جيتري انهن جي اهميت آهي. اوترو انهن جو غريب وٽ قدر نه هوندو آهي... مثلن، سچائي، سادگي، ايمانداري، محبت ۽ اولاد وغيره، اهي ته دنيا جي ڪنهن به امير کان خريد نٿا ٿي سگهن، جيڪي غريبن کي مفت ۾ مليل آهن، پر انهن جو وٽن قدر ئي ڪونهي! ... ۽ سڄي دنيا ۾ ائين ڪونهي، علي احمد! اهو اسان وٽ، اسان جي سماج ۾، پنهنجي ذاتياتي ۽ خاندااني اوچائي جي سبب، پنهنجي ئي سماج ۾ پاڻ کي قبيلن، ذاتين ۽ خاندان ۾ ورهائي رکڻ سان، اهڙيون ٻيون الائي ڪيتريون لاتعلقيون ۽ بي قدريون آهن، جنهن جي ڪري، پنهنجي هر رشتي جو ماتم، اسان پنهنجي مٿي پاڻ پٽيندا آهيون ۽ هڪٻئي لاءِ احساس ئي نه رکندا

آهيون! ... خير ڇڏيون ٿا انهن ڳالهين کي، تون چوندين تہ، آيس جان محمد کي دعوت ڏيئڻ ۽ جان محمد مونکي ٻلائتي جُٽ ڪري ڇڏي!!"

علي احمد کلي ڏنو ۽ کل، خوشي واري انداز ۾ ئي چيائين "تون سچ پيو چوين ادا جان محمد. اها جُٽ ڪونهي، پر منهنجي غريباڻي حال جو قد ۽ ننڍو تہ سوچ ۽ نظر جي ڏيگهہ ۽ اوتري آهي، هر هڪ پيءُ پنهنجي اولاد ۾ڏيءَ لاءِ سوچ الڳ رکندو آهي تہ پٽ لاءِ الڳ، مون ڏيئرن جو بار لاهي ڇڏيو، باقي پٽ لاءِ سوچي، سوچي، منهنجي عقل شايد اتي ئي دنگ ڪيو، تہ پٽ کي شادي ڪرائي ڇڏيان."

۽ جان محمد خلوص وچان چيس "بس پوءِ اچبو... تو تہ ڏينهن چٽا ڪري دعوت ۽ ورهائي ڇڏي آهي. مونکي دعوت نہ ڏيئن ها، تہ ۽ اسان تہ اچون ها... ادا وڏي خوشيءَ سان کائينداسين پر مان تہ، هڪ رات کان وڌيڪ تو وٽ ڪون ٽڪي سگهندس ۽ نہ وري مون تي ايڏو زور ڪجانءِ؟"

"ائين ڪيئن ٿيندو جان محمد، تون ڪريمداد جي شادي کائڻ اچين ۽ مون وٽ ۽ ڏينهن ۽ نہ رهين؟ واهڙي واهہ ائين کو ٿيندو ڇا؟... ڳوٺ وارا ڇا چوندا؟ هونئن اچو تہ پنهنجي مرضيءَ سان رهيا پيا آهيو ۽ شادي جي موقعي تي، رات رهي صبح مان واپسي ڪندا... اهو تہ مون تان ماڻهو ڪلائيندا؟"

۽ جان محمد پنهنجي مجبوري ڏيکاريندي چيس"ادا علي احمد، هي نوڪري ڪونهي، سرڪاري گڏهہ ٽيٽو ٿو پوي، سو ۽ پوليس کاتي ۾، جنهن ۾ هڪڙي پاسي بالا آفيسرن جي روين سبب ماڻهن جي لعنت، ملامت ۽ گارگند تہ ٻئي پاسي سرڪاري سلاميءَ لاءِ سڏ، ڪوئي منسٽرجو دورو آهي، تہ ۽ اسان جي پُڇ مهت ٽئي، ڪنهن جو ڏڳو چوري ٿي وڃي تہ، ۽ اسان تي گار جي سِيڙهہ ۽ ڪوئي پيار جو پرٽو ڪري تہ ۽ ڪورٽ ۾ اسان ٽنگيا ٻينا آهيون؟... اسان سان پنهنجي سماج جي روين ۽ اسان کي انسانيت مان ڪڍي ڇڏيو آهي... ڇا ڪريون؟ هتي هن رشوت جي راج ۾، پنهنجن جا تہ ڪانڊي ۽ ڪڏهن، ڪڏهن ڪون ٿا ٽيون... پنج ڏوڪڙ رشوت وٺون ٿا، تہ آفيسر ۽ سڏجون ٿا، ۽ جي نٿا وٺون، تہ زال ۽ گڏجي نٿي سُمهي! ڇا ڪريون؟ مان تہ عزت ۽ ذلت جي وچ ۾ وينو آهيان... تون جي شادي جي تاريخ بابت مونکان صلاح ڪري وٺين ها، تہ پوءِ ڪا اهڙي تاريخ وچان ڪڍون ها، جو

مان ٻڌي ڏينهن تو وٽ رهي پوان ها! ۽ ٻارڙا بہ خوش ٿين ها. پر هاڻ ڪريمداد جي شادي وارين تاريخن ۾ مان ايترو مصروف آهيان، جو هڪڙي رات وچان ڪيڏ بہ مشڪل ٿيندي... پر اچبو نہ ايندس، تہ وري توکي پرچائڻ ڏکيو ٿي پوندو، پر جي مونکي تنگ ڪري رهائڻ جي ڪوشش ڪندين، تہ پوءِ موراڳي پاڻ هڪٻئي کي بہ پرچائڻ ۾ ڏکيا ٿي پوندا سون. تنهن ڪري مهرباني ڪري، شاديءَ ۾ گهٽن ماٺهن جي اڳيان مونکي ان معاملي ۾ مجبور نہ ڪجان، باقي! شادي کان پوءِ ڪنهن فرصت جي وقت ڳوٺ ايندا سين، ۽ تنهنجون سڀ سڳون لاهيندا سون."

پر علي احمد جي روح کي تہ، اها ڳالهہ وٽي ڪون پي، هن ويچاري سوچيو هو تہ، شادي واري ڏينهن جان محمد جي موجودگي، مهمانن ۽ آيلن اڳيان مون غريب جي مانَ ۾ واڌارو ٿيندو، ماٺهو منهنجا لاڳاپا ڏسندا ۽ ڪريمداد، منهنجي پٽ جي بہ عزت وڌندي"

سندس سوچ هئي تہ، گڏيل خوشيءَ ۾ ماٺهو جو اندر الاهي هلڪو ٿيو پوي، ذهني سڪون ٿو ملي، ماٺهو پنهنجي ڪيفيت ۾ پنهنجو پاڻ کي بہ ڏاڍو ٿو وٽي، تڏهن تہ دنيا بہ وٽي ٿي، نہ تہ ماٺهو پنهنجو پاڻ کي نٿو وٽي، تہ پوءِ دنيا کي بہ نٿو وٽي!"

علي احمد ائين، اهڙي طرح پنهنجي پٽ جي ڪاج ۾ پاڻ وڙائڻ پي چاهيو جنهن لاءِ هن جانو کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش پي ڪئي، پر پچاڙي جڏهن ناااميد ٿيو، تڏهن وري سندس زال زليخا ۽ سندس ڏيئرن چاهت ۽ صديقا لاءِ مٽس زور پريندي چيائين "ٺيڪ آهي. پوءِ تون پلي هليو اچجان، پر ٻارڙن کي تہ اجازت ڏجان، اهي تہ بہ ڏينهن رهن؟... انهن کي تہ اسان ڪون ڇڏينداسين ۽ واپسي انهن جي! منهنجو ذمو... ڪريمداد آهي، پاڻهي ٻارڙا تو وٽ پهچائي ويندو بس!"

ان تي جان محمد چيس "ادا ٻارڙا توهان وٽ ڇڏي اچان، انهيءَ لاءِ مونکي ڪو بہ اعتراض ڪونهي، بلڪ اُهي تہ ان ڳالهہ تي وڌيڪ خوش ٿيندا، پر پوءِ هتي ڪير ڪندو؟... مان اڄ تائين نوڪر ناهي رکيو، گهر ۾ سڀ ڪجهہ اسان پنهنجي هٿ سان پاڻ ڪندا آهيون، توکي تہ خبر آهي، بچپن کان ئي مان پنهنجي محنت جو قائل آهيان... چاچو ربنواز مرحوم هو،

تنهن بہ مونکي اهو ئي ماڻهپو ڏنو تنهن ڪري مان ڏاڍو پريشان ٿيندس، هتي آئي ويئي جي بہ ڪير ڪندو؟... علي احمد توکي هڪڙي نئين ڳالهہ ٻڌايان تہ ڪريمداد جي شادي ڪانپوءِ ٿي سگهي ٿو جلد ئي منهنجي مقرري، ايڏهين اوهان ڏانهن نٽي ۾ ٽئي، پوءِ تہ بس، ويجها ٿي پونداسون، نٽو ءِ اوهان جو ڳوٺ ايڏو ڪو وڏو مفاصلو منهنجي خيال ۾ تہ ڪونهي ءِ پوءِ تہ اوهان اسان مان بيزار ٿي پونداٿ؟"

"اها ڳالهہ ڪيئن ٿو ڪرين جان محمد؟ اسان توهان مان بيزار ٿي پونداسين؟... الله اهو ڏينهن نہ ڏيکاري، جيسين جيئرا آهيون. هڪٻئي کي ڪون ڇڏيندا سين اهو تو تي ءِ مون تي ڇڏيل آهي، باقي پويان پوءِ، پوين جي مرضي!"

تہ جان محمد ان ۾ واڌارو ڪندي چيس "علي احمد! ادا پوين کي بہ پنهنجي مرضيءَ تي ڪون ڇڏبو، اسان انهن کي هڪٻئي لاءِ ڪيترو ويجهو ٿا رکون، اهو تہ اسان تي ڇڏيل آهي نہ... واسطا اچڻ ءِ وڃڻ سان زنده رهن ٿا، ماڻهو هڪٻئي جي منهن ڏسڻ لاءِ سڪي، تہ سمجهہ واسطن مان روح نڪري وبو، باقي يادون ءِ پچارون، سي تہ پوءِ ٿيون، مڙئي مئن تي ميارون ڪرڻ... جيئن اسان ءِ چاچا ربنواز جو خاندان، هڪٻئي ڏانهن اڃ، وڃ ختم ٿي تہ، جڙ هڪٻئي لاءِ مري ويا آهيون. بس!"

●⊙●⊙●⊙●

ان ملاقات ءِ ڪريمداد جي شادي ڪانپوءِ، هنن پنهنجن تعلقاتن کي وڌيڪ ويجهو ڪري پنهنجي گهرائپ وڌائي ڇڏي هئي، شادي وارن ڏينهن چاهت ءِ صديقا، پورو هفتو وٽن رهيون ءِ شادي کان مهينو کن پوءِ، جانو وري بہ پنهنجا ٻارڙا ونڻي اچي وٽن ڳچل ڏينهن رهيو تڏهن هنن ۾ پنهنجون ڪي باقي پراٽيون وڇوٽيون بہ پوريون ٿي ويون، انهن ڏينهن ئي ڪريمداد جي دوست عادل آزاد جو بہ چاهت ءِ صديقاسان ميل، ملاقات جو سلسلو شروع ٿي ويو هو، پر سندس پيءَ جان محمد سان سندس ايجا پوري سڃاڻپ ئي ڪون ٿي هئي، باقي علي احمد ءِ جان محمد جي قربت اوڙي پاڙي جي ماڻهن ءِ راڄن ۾ سندن پراٽن رشتن تي وڌيڪ نوان رنگ چڙهندا ڏٺا. هي هڪٻئي

لاءِ ايترا قربائتا ۾ ويجها ٿي پيا جو هر ڪو ائين سمجهڻ لڳو تہ، هي ڪي پنهنجي ابن، ڏاڏن کان ونئي گڏ هئا.

ڪريمداد جي شادي کانپوءِ، ڪجهہ مهينن ۾ ئي تکڙو جان محمد حيدرآباد کان نٽو بدلي ٿي آيو.

نٽي ۾ هن کي پنهنجي پيسن سان بہ، پنهنجي پسند جو گهر ملي نہ سگهيو ۽ مجبورن مسواڙي گهر ۾ رهڻ لڳا، پر گهر وڏو، ڪشادو ۽ چڱي نموني سان سجايل هو، گهر ۾ چار ڪمرا، اٽيچڈ باٿ، صاف ستڙو ڪچن هو ۽ اهو هڪ وڏو ويڪرو، هوادار ۽ روشن گهر هو.

هاڻ علي احمد جي خاندان ۽ جان محمد جي خاندان جي وچ ۾ هڪڙئي لاءِ اچڻ، وڃڻ وارو فاصلو، مڙئي ڪو پنجٽيهہ چاليهہ ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي هو.

جان محمد جون، ڏيئرون چاهت ۽ صديقا ماسٽرس جي ڊگري کانپوءِ پڙهائي وارو سلسلو ختم ڪري ويهي رهيون... گهر ۾ واندڪائي جي ڪري، هنن جو علي احمد جي ڳوٺ ڪريمداد ۽ عادل وٽ اچڻ، وڃڻ وڏي ويو هو، ڳوٺ ڪريمداد وٽ ويندیون هيون تہ، مهينن جا مهينا پنهنجي سڳي چاچي جو گهر سمجهي رهيون پيون هوندیون هيون، ۽ جان محمد هنن کي، بچپن کان ئي، آزاد خيال ڇڏي ڏنو هو، هنن کي ڪو بہ روڪڻ، ٽوڪڻ ۽ جهل پل وارو ڪون هو، ڳوٺ ۾ اوڙي پاڙي جي لحاظ کان هنن جو پيو واسطو عادل آزاد جي گهر سان بہ چڱي نموني سان جُڙي ويو هو، عادل کي جان محمد سان ملڻ جو تجسس هوندو هو، پر ان سان رڳو هڪ پيرو ڪريمداد جي شادي ۾ مڙئي ڪا ملاقات ٿي هئس.

علي احمد پنهنجي پٽ ڪريمداد کي چئي ڇڏيو هو تہ "ڪريمداد، بابا هي نوجوان لکيون پڙهيون ڇوڪريون آهن، متان مونکي وڏو سمجهي، ڪنهن احترام ۽ حجاب کان ڪجهہ چئي گهري نہ سگهن، ۽ تون نوجوان آهين، تون هنن کي وڌيڪ سمجهندين ۽ توسان حجاب ڪون ڪندیون، تنهن ڪري اهي تنهنجي بِلي آهن، ۽ تون انهن جو گهٽو خيال پيو رکجان، بس مونکي چاچهين جان محمد ان معاملي ۾ ڪا شڪايت نہ ڪري!؟"

ڪريمداد تہ هونئن بہ رات ڏينهن سندن ئي خاطرداري ۾ ساڻن گڏ ئي گڏ رهڻ لڳو هو وري جو وڏيڪ پنهنجي پيءُ بہ چيس، تہ هن کي انهن سان اٺڻ، ويهڻ لاءِ ايڏا بہ وڏيڪ آزادي ملي وئي، ۽ پنهنجي ماستري واري ڏيوتي وغيره سڀ وساري هڪ نوڪر جي حيثيت سان انهن جي پائڻ، چٽائڻ کي لڳي ويو... پر اها ڳالهہ ڪريمداد جي زال بختاور کي، جنهن جي هٿن مان ايڏا ميندي جي خوشبوءَ پئي ايندي هئي، تنهن کي نہ پئي وٺي!

بختاور اڻ پڙهيل ۽ ان ساڳي ڳوٺ جي ڇوڪري هئي... سنڌ ۾ ست سيڪڙو ايڏا شايد ائين آهي تہ، پرائمري ماستر جي زال گهٽي پاڳي اڻ پڙهيل ئي آهي.

ڪريمداد بہ پرائمري ماستر هو ۽ سندس زال بختاور الف بہ پڙهيل ڪان هئي، تنهن ڪري پنهنجي مڙس کي چاهت ۽ صديقا سان گهٽو گهرو ٽيندو ڏسي، کيس طرح طرح جا گمان ٽيڻ لڳا. انهن وهمن جي ڪري، هن پنهنجي ماءُ، جيڪا تمام جهيڑالوُ قسم جي عورت هئي، تنهن جي من ۾ بہ وهم پري ڇڏيا.

بختاور پنهنجي زناني حسد ۾ اچي چاهت ۽ صديقا کي اٽڪلن سان ڪريمداد کان پري، ۽ ڇٽو رکڻ جي ڪوشش پي ڪئي، ۽ اهو سندس فرض ۽ حق بہ هو، تہ هو پنهنجي مڙس جو بچاءُ ۽ حفاظت ڪري.

پر سندس اهڙين حرڪتن کي جڏهن چاهت، محسوس ڪري ورتو تہ ان پنهنجن تعلقاتن ۾ بختاور کي هاڻ ليکيو ئي ڪون پي، ۽ صديقا جو ان حساس معاملي ڏانهن ڏيان ئي ڪون هو... هُو پنهنجي پيڙ چاهت کان تمام گهٽو مختلف هئي، ماڻهن جي حرڪتن ۽ نيتن کي ڏسڻ، پرکڻ جي ڪيس عادت ئي ڪون هئي... پر چاهت! ماڻهو جي اندر باهر واري تور، تڪ جي ماهر هئي.

ڪريمداد کي شادي واري سال ۾ ئي ڏي ڄائي، تہ هن چاهت کان پڇيو "چاهت! ننڍڙي جو نالو ڪهڙو رکجي؟"

انهن ڏينهن ٻئي پيڙهون ڪريمداد جي ڳوٺ رهيل هيون، چاهت ڪريمداد جي گهر ترسيل هئي ۽ صديقا عادل آزاد جي گهر، پر نالي رکڻ واري تجويز مهل صديقا ان مهل ايڏا هاڻ اچي ٻيني هئي، جڏهن ڪريمداد

چيو "چاهت! ننڍڙي جو نالو کهڙو رکجي؟" ته چاهت پهريان چيو ته "سندس ماءُ کان پڇ، مون کان ڇاجي کاڻ ٿو پڇين، منهنجو تجويز کيل نالو هن کي پسند اچي الائي نه اچي، مُراڳو اوهان کي پاڻ ۾ ويڙهائي وجهان، تنهن مان کهڙو فائدو؟"

تڏهن ڪريمداد کلي چيس "هُو چري اڻ پڙهيل آهي، تنهن کي نالن جي کهڙي خبر! هن کي ته خيري، مُوري کانسواءِ ٻيا نالا ئي ڪون ايندا، تنهنجو نالو ڏس کهڙو سٺو آهي! مونکي بس اهڙو ئي ڪو نالو تجويز ڪري ڏي نه؟"

ته وچ ۾ صديقا چيس "ادا ڪريمداد، ٻيڙ چاهت صحيح پئي چوي، توهان پهريان پاڃائي بختاور کان پڇو، ٽي سگهي ٿو، پاڻ کي ڪو سٺو نالو ٻڌائي ٻه؟"

ته ڪريمداد کيس اڻ ٻڌو ڪندي چيس "توهان کي ڪير ٿو چئي، مان چاهت کي پيو چوان!" ۽ چاهت کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو "چاهت! نالو توکي ئي رکڻو آهي... نه ته مان چاچا جان محمد کي شڪايت ڪندس ته، چاهت اسان تان هاڻ خيال کڻي وئي آهي. ۽ اسان کي پنهنجو نٽي سمجهي... جي تون نالو نٽي رکين، ته مان پنهنجي ننڍڙي کي نالي بنا سڏيندس!"

۽ چاهت ٻه رک رکاءُ ڪون ڪيس، سڌو سنئون جواب ڏيندي چوڻ لڳس "ها پلي ڇڪجانس! ائين ته پوءِ اسان مان تنهنجي جان ته ڇُٽي پوندي، ۽توکي ٻهانو ناهي مڙئي اسان مان جان ڇڏائڻي آهي، ته پوءِ تون اهو سڌو سڌو نٽو چوين ته، اسان هاڻ اوهان مان ٽڪجي پيا آهيون."

ڪريمداد ڏٺو ته معاملو ٽهڻ جي بجاءِ شايد بگڙي ٿو، تنهن هڪدم چيس "توهان نه ايندا ته ڇا ٿي پيو، مان اوهان ڏي ايندس پيو مونکي ته ڪير ٻه ڪون روڪيندو... تون اهي اٽڪلون نه ڪر، نالو توکي رکڻو آهي"

ايتري ۾ ڪريمداد جي ماءُ پاڃان، ڪين بحث ڪندو ٻڌي وٽن اچي ويجهي ٿي، چوڻ لڳي "ڪريمداد چو؟ ڇاهي؟ مونکي ته ڪجهه ٻڌايو؟"

"امان ڪجهه ڪونهي، ڇڏ اسان پاڻ ۾ آهيون." ڪريمداد ڇڙٻيندي چيس، ۽ چاهت چيس "نه ماسي نه، مان ٿي توکي ٻڌايان!"

اهو ٻڌي ڪريمداد پيار ۽ حجت وچان اشارن، اشارن ۾ چاهت تي اکيون ڪيڻ لڳو، پر چاهت سندس هڪڙي ٻه نه ٻڌي، ۽ ڪريمداد جي ماءُ

کي چوڻ لڳي "ماسي ڪريمداد پيو چوي تہ امان پاڳان کي چئو تہ منهنجي ڏيءُ تي نالو رکي، اڄ ٽيون ڏينهن آهي، نالو تہ اڄ رکڻو آهي."

اهو ٻڌي ڪريمداد جي ماءُ کل مان ٻڌي وئي، سندس کل جي ڪري سڄي گهر جو ڏيان هنن ڏانهن ڇڪجي ويو. ۽ ۾ سيئي ڇوڪريون، مايون مِڙي اچي هنن وٽ گڏ ٿيون. ۽ ڪريمداد جي ماءُ کان پڇڻ لڳيون "ڇا هي ماسي، ڇوپئي ايتري ڪلين، اسان کي بہ ٻڌايو نہ؟"

سيئي مکين جيئان مڙي ويس ۽ ان کل ۾ ئي چوڻ لڳي "مونکي پيا چون تہ ننڍڙي جو نالو تون رک، هاڻي مان نالو رکنديس، ٻيگي، يا پانا، تہ وري پاڻ ڪاوڙجي پوندا، پلا مون اڻ پڙهي بلا کي، نالن جي ڪهڙي خبر!"

تہ سيئي ڪريمداد جي ماءُ ۾ ڏسي کلڻ لڳيون، پر ڪريمداد جي پيٽ شهرُو، جيڪاڻي درجا پڙهيل هئي، ۽ چالاڪ ذهن هئي، تنهن چاهت جي پاسي ۾ ٻيهي چاهت کي هرين، هرين چيو "چاهت تون سمجهائي نہ ادا ڪريمداد کي، امان ڪهڙو نالو رکندي، هو تہ پنهنجي نالي تان ئي کلندي آهي، سا ٿي ننڍڙيءَ جو نالو رکي."

ڪريمداد ويجهوبينل هو. تنهن اهو ٻڌي ورتو. سو پنهنجي پيٽ شهرُو کي چوڻ لڳو"مون تہ چيو ئي چاهت کي آهي، امان جي نالي مون چيو ئي ڪونهي. اهو چاهت ڪوڙهنيو آهي."

اهاڳالهہ سيني ٻڌي ۽ سيئي چاهت کي چوڻ لڳيون "ڪريمداد صحيح پيو چوي، چاهت نالو تون رک ڇو؟ ڪريمداد جي دل پئي چوي تہ پوءِ نالي رکڻ ۾ ڇاهي؟"

"ڪريمداد جي دل پئي چوي" اهي لفظ ٻڌي، چاهت جڏهن ڪريمداد جي منهن ۾ ڏٺو، تہ ڇڻ سندن دلين جون ڏاڪڻون گڏجي ويون، ۽ نظرون دلين جي ڏاڪڻن مان گذري پار ٿي ويون، سندن چپ اهڙا خشڪ ٿي ويا، جو ٻئي ڇڻ صدين کان هڪٻئي لاءِ پياسا هئا، سندن اها ڪيفيت ڪريمداد جي پيٽ شهرُو پرکي ورتي ۽ چاهت کي چوڻ لڳي "چاهت! ڪريمداد جي پاران اسين سڀ ٿيون توکي منٽ ڪريون، تہ ننڍڙي جو نالو تون ئي ڪڍي رک... ٻين کي وڻي نہ وڻي پر ڪريمداد کي تہ وڻندو نہ... ڏس هُو ڪريمداد

ڪيئن پيو تو ۾ ڏسي... بس منهنجي پائيڙي جي دل نہ ٽوڙ جھڙو، تھڙو بہ ڪٽي نالو رک؟"

ھ پوءِ چاهت پنهنجن خشڪ چپن سان ڪريمداد ڏانهن ڏسندي چيو "پو مان نالو رکانس ٿي...سورٹ"

تڏهن شهرُو تڪڙي، تڪڙي پنهنجي پاڃائي بختاور ڏانهن گهر جي ڪمري ڏانهن وئي، جتي ٻن ڏينهن کان بختاور ويم جي سبب گهر ۾ اندر پنهنجي ڄايل ڏيءُ سان گڏ پنهنجي ماءُ سميت ويٺل هئي، تنهن کي شهرُو وڃي ٻڌايو تہ "چاهت، تنهنجي ڏي جو نالو سورٹ رکيو آهي."

تہ بختاور کي جھڙو ڪو هينئين ۾ چڪ پئجي ويو، چوڻ لڳي "چو پاڻ ڪريمداد اڻ پڙهيو هو چا؟... پنهنجي ڏيءُ تي نالو رکڻ بہ ڪون پي آيس؟... چاهت کي ڪھڙو حق هو، منهنجي ڏيءَ تي نالي رکڻ جو، آئي تانڊو ڪٽڻ ۾ ٽي ويٺي بورچاٽي."

شهرُو سندس منهن خراب ٽيندو ڏسي چيس "ائين نہ چئو پاڃائي؟ هُو اسان جا مائٽ آهن، هُن کي تنهنجي ڏيءَ تي نالي رکڻ جو شوق ڪون هو، پر اسان سين ان تي زور پريو تڏهن نالو رکيائين."

تہ بختاور چڙ وچان چيس "ها! مون کي خبر آهي... آئون ڪيترن ڏينهن کان پئي ڏسان، اوهان انهن کي پنهنجي مٽي تي چاڙهي ڪنيو آهي، ۾ تريءَ تي مکڻ رکي پيون کارايو نہ!"

"اهي توکي اجايا وهم پيا جاڳن." شهرُو چيس.

تڏهن ڪريمداد جي سُس جيڪا اتي پنهنجي ڏيءَ بختاور جي آڏ مک جي خيال سان آئي هئي، تنهن شهرو کي جهٽ ڏيندي چيو "ها، ها اهي وهم آهن... توکي تہ شرم ئي ڪون ٿو ٽئي، اج ٽيون ڏينهن آهي، منهنجي ڏيئرُي جيئن ويم ڪري هتي هن ڪنڌ ۾ پئي آهي، تيئن رڳو پنج روپين واري گوري وٽي ڏني اٽن؟... اهو تہ ٺهيو پر ڪريمداد کان پڇ، پنهنجي ڏيءَ جو رڳو منهن چڱي طرح ڏٺو اٽس؟... رات ڏينهن رڳو انهيءَ چاهت جي سنيال ۾ آهي... تون انڌي آهين، نہ، تون ئي ڪريمداد ۾ چاهت جي وچ ۾ ڪُنٽپو پئي ڪريئين ۾ بختاور کي ٽي چوين تہ، توکي وهم ٽي پيا آهن... مان چوانءِ ٽي شهروُ، اهو وچ وارو ڪُنٽپو ڇڏي ڏي؟"

شهرُ کي پنهنجي منهن سامهون اهڙي سچ ٻڌڻ سان جهڙو ڪتي چڪ پائي وڏو هو ۽ انهيءَ سور وچان ائين چوندي اتان اٿي تہ "اوهان جي مرضي اها آهي، تہ خدا ڪندو ائين ٿيندو!"

۽ ڪاوڙ وچان ان ڪونيءَ مان ٻاهر نڪتي تہ سندس منهن ڳاڙهو لڳو پيو هو. جيئن ئي اندر گهڙي هئي، تہ چاهت جون نظرون سندس انتظار ۾ هيون. ٻاهر آئي تہ چاهت ڏٺو تہ سندس منهن ٽامو لڳو پيو آهي. هُو تہ سڀ ڪجهہ سمجهي وئي، پوءِ بہ شهرو کي خفا ڪندي چيائين "نيٹ نہ رهيئن، وڃي بختاور کي ٻڌايئي تہ. نالو چاهت رکيو آهي... ڏاڍي خوش ٿي هوندي نہ؟"

شهرو جي من ۾ برندڙ باهہ تي، جهڙو ڪنهن گاسليٹ هاري وڏو هو ۽ ڪاوڙ مان ڳالهين ۾ وڌاءُ ڪندي چوڻ لڳي "اسان تہ ڪريمداد جي ان شادي ۾ راضي ڪون هئاسين، پر بابا ۽ امان تہ اسان جي ڳالهہ ئي ڪان ٻڌي! اسان جو پاءُ پوڙهو ٿي ويو هو، ان لاءِ سنگ مليو ڪون پي، سو اها ڇِتي اسان جي پاءُ جي ڇاتيءَ ۾ ڪٹي هنيائون."

۽ آخر ۾ شيطاني دؤنس ۾ اچي، بيوقوفي ڪندي، سين جي سامهون، اهو بہ چئي ڏنائين تہ "بابا اسان جي ڳالهہ ٻڌي ها! ۽ تڪڙ نہ ڪن ها، تہ اڄ چاهت کي، اسان پنهنجي سهڻي پاءُ سان ڪون پرٹايون ها!"

ان مهل ڪريمداد ۽ چاهت، هڪٻئي ڏانهن چور نظرن سان ڏسڻ لڳا، ۽ شهرو جي ان طوفاني بيان، چاهت ۽ ڪريمداد جي دلين کي هڪٻئي سان گڏجڻ جي جهڙي ڪلہ ڪلا دعوت ڏئي ڇڏي، ۽ سندن پاونائن ۾ هڪ نئون روپ رنگ پرجي ويو. ٻنهي هڪٻئي جي اکين ۾ ائين ڏٺو، جڻ سندن دليون چوندیون هجن تہ "اها ڳالهہ بہ سچي آهي."

۽ زمانو ڪٹي، پلي چوي تہ، اهو ڪم شهرو پي ڪيو، پر نہ، دلين جي دلالي تہ عشق پاڻ ڪندو آهي، ماڻهو تہ ويچارو پنهنجي پاڳ جو رڳو بس پاڳيو آهي. ان کي ڪاهڻ، هڪلڻ، ۽ وارڻ وڪڙڻ وارو تہ ازل کان ئي عشق رهيو آهي، ۽ پوءِ ان ڏينهن جهڙو ڪنهن عشق کي سڏ ڪندي چيو تہ "او دلين جادلال... هيڏانهن اڇ... هنن دلين جو تہ سودو ڪرائي ڇڏ!؟"

۽ پوءِ ڪنهن کي ڪا خبر ئي ڪان رهي، ۽ سندن دلين جو سودو ڪنُ، تي ڪُن ٿي ويو.

تنهن کانپوءِ جلد ئي، ٻئي ڏينهن تي يا ٽئين ڏينهن تي چاهت انهيءَ ٻهاڻي سان ڪريمداد کي پاڻ سان گڏ وٺي وئي تہ "اسان کي نٿي، پنهنجي گهر ڇڏي اڇ؟"

۽ پوءِ اتي هن ڪريمداد کي پاڻ وٽ مهينو سڄو روڪي ڇڏيو. ڪريمداد پنهنجي مٽيندءَ دل سان مڙئي بس، پنهنجي ڏيوتي ۽ پنهنجي ڄاول ڏيءَ جا ٻهانا ناهيا، پر سندس هڪ بہ نہ هلي. سندس ڪپڙا لتا ڏوئڻ، استري ڪرڻ، وهنجڻ لاءِ پاڻي گرم ڪرڻ، ۽ سندس کائڻ، پيئڻ تائين، سڀ ڪجهہ چاهت سندس لاءِ پنهنجن هٿن سان ڪرڻ لڳي.

ڪريمداد جي پيٽ شهروُ چاهت کي، بختاور ۽ سندس ماءُ جي خلاف اُبتيون، سُبتيون ڳالهيون ناهي، ٻڌائي سندس مغز اجاين ڳالهين سان ڀري چاهت کي ضد ۾ آڻي ڇڏيو هو. تنهن ڪري ڪريمداد کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ، سندس زناني طبيعت ۾ هڪ هٿيلو ضد بہ ايري پيو هو. جنهن بابت سندس پيٽ صديقا پنهنجي ماءُزليخا کي اهو سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيو هو جيڪو هن ڪريمداد جي گهر ۽ ڳوٺ وارن جي واتان، ٻڌو ۽ ڏٺو هو.

زليخا کي پنهنجي لائق نياڻين جو اُلڪو اڇيئي هو، تنهن صديقا کي منع ڪندي چيو "اها ڳالهہ بابهين سان نہ ڪجان صديقا، توکي تہ خبر آهي، چاهت ضد تي ڇڙهي تہ پوءِ ڪنهن جي بہ ڪان ٿي ٻڌي!

۽ صديقا کي پنهنجي دل جو انت ڏيندي چوڻ لڳي "مان بہ چوان تہ، چاهت سڄو ڏينهن ڪريمداد جي ڪپڙن کي چهٽي پئي آهي! تہ اها ڳالهہ آهي... صديقا ڏس تون ٻنهي جي وچ ۾ نہ اچجانءِ، ڳالهہ وڌي تہ، تنهنجي ۽ چاهت جي وچ ۾ بہ، مونکي خوف پيو نظر اچي ۽ ان ڪانسواءِ بابهين ۽ ڪريمداد جي پيءُ، ٻنهي جي وچ ۾ بہ، ڪجهہ ٿي سگهي ٿو مان پاڻهي ان معاملي کي ڏسان ٿي، توکي تنهنجي پيٽ جو لاچار وڌيڪ هئڻ گهرجي؟"

صديقا پنهنجي ماءُ کي چيو "پر امان ڪريمداد جي شادي ٿيل آهي، هو هڪڙي ڏيءُ جو پيءُ بہ ٿي ويو اهو هاڻ ڪيئن ٿيندو!؟"

ته ماءُ چيس "ڪيئن بہ ٿئي، پر توکي پنهنجي پيٽ وڌيڪ آهي يا هن جي ڏيءَ... اسان کي پنهجو گهر وڌيڪ آهي، اسان کي اوڏانهن ڏيان ڏيئڻ گهرجي، تڪڙ ڪري چاهت کي سندس ضد تان لاهڻ سان، پنهنجي گهر جي باهه ۾ مرچ ڏُکائڻ جي برابر ٿيندو... توکي اها ڳالهه ايتري تڪڙي سمجهه ۾ ڪون ايندي، بابهين جي ڪن تي اها ڳالهه ايندي، ته سندس طبيعت وڌيڪ بگڙندي، هن کي شگر جو اثر ٿي ويو آهي، پريشاني سندس لاءِ وڌيڪ خراب آهي، اوهان جي معاملي ۾ هن کي اڳيئي ٿوري ڪجهه پريشاني ٿيڻ لڳي آهي... ڪيترن ڏينهن کان اوهان جا ڏوميسائيل ناهرائڻ جي چڪر ۾ آهي، ته ڏوميسائيل ايجا نہ پيا ٺهن... چوي پيو ته، جيئي سنڌ جا ڪجهه نوجوان ضلعي هيڊ ڪوارٽر تي آيا هئا، ۽ ڏمڪيون ڏئي ويا آهن ته، سنڌ جي ٻين ضلعن کان آيل ماڻهن کي ڏوميسائيل ڏيندا ته، اسان احتجاج ڪري، بک هڙتال تي ويهنداسون... ۽ بابهين جو خيال هو ته، توهان لاءِ هن ضلعي جو ڏوميسائيل ناهرائي توهان جي نوڪرين جو انتظام ڪجي. ۽ اڄان رات پي چيائين ته، ڪريمداد کي چوان ته، سندس ڳوٺ واري يونين ڪائونسل مان چاهت ۽ صديقالاءِ سندن برٿ سرٽيفڪيٽ ونرائي ڏئي، ته پوءِ هن ضلعي جا ڏوميسائيل نهي ويندا... پر هاڻ هي نئون معاملو سندس ڪن تي پيو ته، سيئي ڪم سور ٿي پوندا، تنهن ڪري، اسان جو پلو ان ۾ آهي ته، ماڻ، محبت۾ جيڪو ڪجهه ٿئي پيو ان جي فلحال ڇُر پچار نہ ڪجي. ۽ اڳتي جيڪو ٿيندو تنهن کي تڏهن ڏسبو. هن وقت بس تون ڪنهن کي بہ ڪجهه نہ چئجان؟"

صديقا کي پنهنجي ماءُ جي هيڏي ساري قصي بياني مان سڀ کان وڌيڪ جيڪا ڳالهه سندس ذهن ۾ ويٺي، سا هئي سندن نوڪرين بابت، تنهن ڪري سندس سموريون سوچون سندس ان ذاتي مقصد تي ٻيهي ويون، ۽ پنهنجي ماءُ سان پنهنجي هم خيالي ڏيکارينديِ چيائين "امان ادا ڪريمداد ته اندر ٿي،وي تي ويٺو آهي، پوءِ توهان ئي چئوس نہ، ته اسان جا برٿ سرٽيفڪيٽ وجي ناهرائي اچي؟"

صديقا جو ذهن تبديل ٿيل ڏسي، زليخا پنهنجي مامتاجو هانءُ ڪجهه هلڪو محسوس ڪيو، ۽ دل ئي دل ۾ پنهنجي پيار وارو پرٽو بہ ياد اچي ويس!

۾ دل جي انهيءَ هلڪائي سان صديقاڪي چيائين "ها مان تہ چوانس ٿي، پر ڪريمداد کي بابهين جي ڳالهہ وڌيڪ سمجهہ ۾ ايندي ۽ ڪجهہ اثر بہ ڪندي."

پر صديقا جلدبازي ڪندي، انهيءَ مهل ئي، وڃي ڪريمداد کي چيو "ادا توهان کي بابا، ياد پيو ڪري، شايد ڪوئي ڪم اٽس"

ان مهل جان محمد ڪنهن سرڪاري لک پڙهہ سان پنهنجي ڪمري ۾ مصروف هو. ۽ ڪريمداد جيئن ئي سندس ڪمري ۾ داخل ٿيو تہ ڪيس ڏسندي ئي جان محمد چيس "ڪريمداد ڪٿي گم آهين بابا، مون رات کان توکي ياد پي ڪيو!"

"مان اتي ئي گهر آهيان چاچا، ڳوٺ وڃڻ جي ڪيان ٿو تہ، گهر وارا اجازت ئي نہ ٿا ڏيئن!"

هن چاهت جو نالو کڻڻ جي بدلي گهر جو نالو کڻي چاهت کي دل ۾ لکائي ڇڏيو.

"چو؟... چا ڳالهہ آهي؟... بابا تون پنهنجي ڏيوتي جو خيال رک نہ!... تون هڪ پرائمري استاد آهين، ۽ پنهنجي فرض ۾ غفلت ڪرڻ نہ گهرجي، مون سمجهيو پي تہ، تون ڏيوتي تائيم کان پوءِ ٿوهتي اچين!؟"

۽ صديقا جيڪا تڪڙو ئي، سندس پوبان ڪمري ۾ داخل ٿي هئي، تنهن جڻ ڪريمداد جي جان ڇڏائيندي چيو "بابا ڪريمداد کي اسان هتي روڪيو آهي!"

"چو بابا، چا جي ڪري"

جان محمد ان جو اصل سبب ونڻ پي چاهيو، پر صديقا حيقيت کي گول، مول ڪندي ٻڌايس "بابا اسان سندس ڳوٺ وڃون ٿا تہ، بہ بہ مهينا اسانکي نٿا ڇڏن، تنهن ڪري ادي چاهت چيو تہ، تعلقاتن ۾ رڳو هڪ طرفو بار مناسب نٿو رهي. ان جو بيلنس ضروري آهي، نہ، تہ ماڻهو هڪٻئي مان ٽڪجي ٿو پوي!"

جان محمد کي سندس سوچ تہ پسند آئي، پر ڪيس اها خبر نہ هئي تہ اهڙي بهترين سوچ ڪنهن لفاظي ڪوڙ جي لباس ۾ ويڙهيل آهي! هو هڪ فرض شناس آفيسر هو، تنهن انهن سيني ڳالهين کي هڪڙي پاسي ڇڏي،

فرض جي اهميت جو احساس ڏيئاريندي چيو "بابا هي تہ هڪ پرائمري استاد آهي، هن تي وڏي ذميواري عائد ٿيل آهي...خبر اَٿو استاد وقت جو پيغمبر ۽ قوم جو ابو هوندوآهي، جيڪڏهن پنهنجي پيغمبري کي ڪوئي پنيرو ٿو ٿئي، تہ ان جي حالت زڪريا نبي جي حالت جهڙي ٿيو وڃي، جنهن کي پنهنجي قوم ڪرٽ واهي چيريو هو.. اسان جي سماج ۾ هونئن بہ پرائمري ماستر کي تہ بس رڳو ٻارڻن جو ڏرار تصور ڪيو ويندو آهي! پر جيڪڏهن ماستر بہ انهن معصوم شاگردن کي جانور سمجهي پڙهائڻ ڇڏي ڏي، يا غفلت ڪري تہ پوءِ پاڻ وري ڪهڙي جهان جو انسان سڏائيندو...؟ بابا اسان اڄ ڪلهہ پنهنجي هن خونريز سماج ۾ پيا رهون، تنهن جي لاءِ بهتر تعليم ضروري آهي... ڏسو وقت اڇي ويو آهي، دنيا سڄي هڪڙي ٻوليءَ ۾ پئي گڏ ٿئي، ۽ اسان آهيون، سي پنهنجي سماج ۾ هڪڙيئي رت ۽ راڄ ۾گڏجي هڪ ٿي نہ سگهيا آهيون... اسان ايجا تائين اُهي اٻوجهہ، بي علم ۽ سادا سخي پيا سڏجون، جيڪي پنهنجي وات جو گِرهُ پنهنجي ڪنهن ٻُکيي دشمن کي بہ ڏئي ڇڏيندا آهيون، پر جڏهن پنهنجي پيٽ لاءِ ڪو گرِهُ ٽا گهرون تہ گولي ٿي ملي... اوهان نوجوان الائي ڇو اها ڳالهہ ايجا سمجهي نہ سگهيا آهيو! هي دنيا هڪڙي ٻٽ تي اچي بيٺي آهي! ۽ اسان ايجان بک تي بيٺا آهيون! ... اڙي بابا اسان لاءِ، ڪنهن نبِي جي گهران ڪجهہ بہ اڇٽو ناهي، هي وقت جو استاد ئي تہ، وقت جي راهہ جو رسول هوندو آهي! ... بابا ڪريمداد هتي رهي ٿو پوي تہ، پلي رهيو پيو هجي، سندس ئي گهر آهي، پر هن کي پنهنجي ڏيوٽي کان روڪيندا نہ ڪيو!!"

ايڏي شفيق ۽ نيڪ هدايت کانپوءِ بہ، ڪريمداد ڪنهن عام ماستر واري روايتي عادت موجب ڪوڙ ٿاهيندي چيو "چاچا مان باقاعده ڏيوٽي ڪندڙ آهيان، پر ڪڏهن، ڪڏهن جي موڪل تہ اسان جو حق ٿئي ٿو نہ؟ مونکي ڪا ضرورت پوندي آهي تہ پنهنجي موڪل منظور ڪرائي پوءِ ڪيڏانهن نڪرندو آهيان، پر ائين گسائيندو ناهيان."

"ڪريمداد بابا گوسڙو استاد جي عزت بہ ڪهڙي آهي، سندس پگهار تہ آفيسر کائي ٿا وڃن ۽ پاڻ وري بہ ساڳي بک جي لعنت ۾ پريشان. تون اهو سنو ٿو ڪرين، پنهنجي آفيسر جي اجازت سان ٿو سپ ڪجهہ ڪرين...

اسان جي قومي وجود جي سلامتي ۽ هولي جي بقا تہ آهي تعليم سان... استاد ۽ قومي نسل جو رشتو هڪ اهڙو اٽل آزاد ۽ مقدس رشتو آهي، جنهن کي اسان خدا ۽ بندي واري رشتي جو درجو ڏيون تہ شايد وڌاءُ ڪون ٿيندو ان رشتي کي پنهنجو پورو علم، عقل، ۽ رت، ست ڏئي ان سان نباهڻ جا سيئي فرض پهريان، پهريان استاد کي ادا ڪرڻ گهرجن، پر اسان جي ويجهي تاريخ ۾ اهڙو ڪو مثال مشڪل سان ملندو... اسان جي سماج ۾ تہ، اسان جو ماستر پنهنجي پيءُ سان بہ ڪوڙ ٿو ڳالهائي، ۽ پيءُ وري پنهنجو پاڻ سان ڪوڙو... مطلب تہ ڪوڙ، چوري، نڱي، بي ايماني وغيره انهن براين جو اسان پنهنجي سماج ۾ هڪ مڪمل سلسلو باقائده جوڙي ڇڏيو آهي. ۽ هاڻ ان کي سچ جي صندوق ۾ لڪائڻ جي ناڪام ڪوشش پيا ڪريون، پر مسئلو رڳو هاڻ اهو آهي، تہ اهڙي صندوق اسان کي هٿ نٿي چڙهي... ۽ اها سچ جي صندوق آهي، وقت جو استاد... هاڻي تون ٻڌائي ڪريمداد، تہ اسان ڇا پيا ڪريون!؟"

جان محمد اهو سڀ ڪجهہ، ڪريمداد کي پنهنجي فرض شناسي واري احساس کي جاڳائڻ ۽ ان کي بيدار رکڻ لاءِ پي چيو، پر ڪريمداد جڏهن کان چاهت کي ويجهو ٿيو هو ۽ محبت جي منڊلي ۾ گهڙيو هو تہ سندس ساهہ، پساهہ سڀ چاهت جي صورت ۾ اٽڪيل هئس ۽ باقي ٻين سين فرضن ۽ ذميوارين سان سندس رڳو فرضي تعلق وارو رشتو جڙيل هو.

ماڻهو پنهنجي پيار، محبت واري شروعاتي مرحلي ۾ تہ، سچ ۽ ڪوڙ جي بہ صحيح سڃاڻپ نٿو رکي، تہ باقي ذميواريون ۽ فرض ادائيگيون، نئين عشق جي اڳيان، ڪجهہ وقت جي لاءِ، شايد فوت ٿيو وڃن.

ڪريمداد بہ ائين پنهنجي راهِ محبت جي مسافري واري سفر ۾ سچ ۽ ڪوڙ، فرض ۽ ڪوتاهي جي قائدن ۽ خسارن کان بہ آجو ۽ علحدا ٿيڻ لڳو هو. هن جي تہ سوچن بہ چاهت کانسواءِ ڪنهن ٻئي پاسي، سفر ڪرڻ ئي ڇڏي ڏنو هو ان ڏينهن بہ چاهت جي پيءُ، جان محمد کيس پنهنجي فرض ادائگين جو احساس تہ ڏياريو پي، پر هن سندس اهي هدايتون، جڙ ڪنهن غير حاضر ذهن، ماڻهو جيئان ٻڌيون، ۽ کيس جان محمد کان اهو پڇڻ بہ

وسري ويو تہ، "چاچا جان محمد! توهان مونکي ڪهڙي خيال يا ڪهڙي ڪم لاءِ پي ياد ڪيو؟"

سندس اها مسلسل خاموش حالت ڏسي، آخر، نيٺ صديقا ان ڳالهہ کي ورجايو تہ، "بابا توهان، ادا ڪريمداد کي ڪو ضروري ڪم پي چيو؟"

تڏهن جان محمد بہ پنهنجو ذهن موٽائيندي چيو "ها! صديقا چگو ٿيو ياد ڏيارئي، منهنجو بہ هاڻ اهو حال ٿيندو وڃي" ۽ پنهنجو ڪهو هٺ، پنهنجي منهن تان گهمائيندي، ڪريمداد کي چوڻ لڳو "ڪريمداد! منهنجو خيال هو تہ، مان صديقا ۽ چاهت کي، ڪوشش ڪري نوڪرين سان لڳائي ڇڏيان، هنن کي M.A ڪندي سال ٿي ويا آهن، پر مسئلو اهو آهي تہ، هن ضلعي ۾ سندن ڊوميسائيل نہ پيا ٺهي ملن، هي پنهنجا قومپرست نوجوان تہ، اسان حيدرآباد وارن کي بہ پنجابي ٿا سمجهن الاءِ ڇا؟... بس بابا ڇا ڪريون، هن اسان جي سماج ۾ تہ نيت جو بہ ڪو وجود آهي الائي نہ، پر نظر، جا اها ايتري اٽس! ... سياڻي تہ مُلا بہ چوندا تہ، اوهان حيدرآبادي اسان جي ضلعي جي مسجدن ۾ نماز بہ، نہ پڙهو!... خير اسان جي مسلماني تہ، خبر ناهي تہ محمد بن قاسم سان گڏ هوري ۾ هڏجي واپس وئي يا الائي تہ اتي ئي رشوتن جي راڄ ۾ پئي رُلي، تنهن تي تہ ميار ئي ناهي... سو اصل مسئلو اهو آهي ڪريمداد، تہ هنن لاءِ هن ضلعي جا ڊوميسائيل ناهرائڻا آهن. ان لاءِ تون ڪوشش ڪري اوهان جنهن يونين ڪائونسل ۾ رهو ٿا، ان مان مونکي، چاهت ۽ صديقا جا برٿ سرٽيفڪيٽ ونڊائي ڏي، پر ايپليڪيشن ۾ اسان جي رهائش تون پنهنجي ڳوٺ جي ڄاڻائجان، نہ، تہ وري بہ گڙٻڙ ٿي ويندي، بس رڳو سرٽيفڪيٽ ونڊائي ڏي، باقي شين کي مان پاڻهي منهن ڏيندس، پلا اهو ڪم توکان ٿي سگهندو نہ؟"

"چو نہ چاچا، اهو تہ منهنجو ذاتي ڪم ٿيو، بلڪل ڪرائي ونبو."

"ها پر ڏسجان، بہ ڏوکڙ رشوت جا خرچ ٿين تہ، ڪنداسين ... ۽ اهو ڪم ڪرائڻو آهي؟؟"

جان محمد ان ڪم جي لاءِ ڪريمداد کي سختيءَ سان پابند پي ڪيو، تہ ڪريمداد چيس "چاچا رشوت ڏيئڻ جي نوبت ئي ڪان ايندي، اتي يونين

ڪائونسل جو سيڪريٽري، عادل آزاد جو پنهنجو ويجهو مائٽ آهي، بس اهو مان عادل کي ٿو چوان ۽ اهو ايڏو وڏو مسئلو ڪونهي، بس ڪم ٿي ويندو."

عادل آزاد جو نالو ٻڌي، جان محمد پنهنجي ذهن تي زور ڏيندي چيو "عادل... آزاد... ها! ... هاها ان سان تنهنجي شادي ۾ منهنجي ملاقات ٿي هئي ڪريمداد! پر سا مڙئي ڪجھ ٿوري دير لاءِ شايد اسان جي پاڻ ۾ گفتگو ٿي هئي، منهنجي خيال ۾، سڻي ذهن وارو نوجوان آهي؟"

"جي. ها" ۽ پنهنجي دوست جي وڏيڪ ساراھ ڪندي ڪريمداد چوڻ لڳو "چاچا هو هڪ سٺو شاعر ۽ ليکڪ بہ آهي، ۽ شايد هن وقت سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي ڪنهن شاخ جو سيڪريٽري بہ آهي."

ڪريمداد ايڏا ماڻ مس ڪئي، تہ عادل بابت صديقا چوڻ لڳي "بابا توهان عادل کي ڪون سڃاڻو ڇا؟ اسان ادا ڪريمداد جي ڳوٺ ويندیون آهيون تہ مان اڪثر اتي رهندي عادل آزاد جي گھر آهيان، هن جي پيٽ منهنجي بهترين دوست آهي، نہ رڳو عادل، پر سندس سڄي گھر جا ماڻھو قربائتا آهن."

"اڇا! ائين آهي تہ پوءِ واھ... ڪريمداد دنيا جو کڻڙو بہ ڪم. ڪنهن فضيلت پريي يا ڪنهن مخلص ماڻھو جي هٿان ٿيندو آهي، تہ يار، مون کي ڏاڍو سڪون محسوس ٿيندو آهي. پر اهڙا ماڻھو تہ ملندا قسمت سان آهن... بابا وٽي اڇ نہ ڪيڏي مهل... عادل آزاد کي، مون سان ملائينس يار... هتي... هتي پنهنجي گھر وٽي اچينس، ڪنهن مهل... ايڏا هاڻي ڪم جي يادگيري...؟ پر جيترو جلدي ٿي سگھي... هان؟"

"چاچا يادگيري سان بلڪل... اهو ڪم ڪرائي مان ۽ عادل، گڏجي ايندا سين."

ڪريمداد اهڙا ڪم تہ ڳوليا پي، جن جي ذريعي هن چاهت جي پيءُ کي ويجهو ٿي، سندس دل ۾ رهڻ جي ڪوش پي ڪئي.

ڪريمداد تہ هاڻ، سڄي گھر کي، پاڻ وٽائڻ وارا وجھ پي ڳوليا، هن ڪوشش پي ڪئي تہ، ڳولي، ڳولي سندن اهي ڪم ڪريان، جن جي ذريعي سندن گھر ۾ پنهنجي هڪ منفرد سڃاڻپ ٺاهي وٺان!

هن تہ چاهيو پي، جيڪڏهن گهرجي صفائي، ٻوهارو ۾ رڌ پچاءُ ڪرڻ ڏيئن تہ، اهو بہ ڪندس! ائين هن هاڻ جو ڪجهہ بہ ڪيو پي، تنهن ۾ هن هاڻ پنهنجي عقل جو چوڻ گهٽ، ۾ دل جي چئي کي وڌيڪ اهميت پي ڏني.

۾ پيار محبت جي رشتي ۾ ائين ئي ٿيندو آهي، ماڻهو پنهنجي عقل کان آجو ٿيو وڃي، عقل ويچارو دل جو نوڪر ٿي ويندو آهي، ۾ ماڻهو پنهنجي دانائي جا سيئي دستور دل جي حوالي ڪري ڇڏيندو آهي، ۾ عقل اڪيلو رهجي ويندو آهي، جيڪو پوءِ هر وقت هٽ جوڙ واري غلامي پرينڊو آهي. ۾ ماڻهو ۾، ان حالت کي، زماني کڏهن بہ بخش ناهي ڪيو. ڪريمداد! جڏهن کان چاهت ۾ صديقا کي پنهنجي ڳوٺان واپس وٺي سندن گهر آيو هو تہ تڏهن کان سندن گهر نٽي ۾ ئي سجو مهينو لاڳيتو رهيو پيو هو. ۾ تڏهن کان ئي، سندس ڳوٺ جي عورتن، سندن محبتي معاملي ۾ گهٽ وڌ، ڳالهيون ڪري، معاملو وڌائي جهڙو وٽن تي چاڙهي ڇڏيو هو.

سندس سسُ تہ، نہ رڳو اوڙي، پاڙي وارن سان گنديون ۾ ڪِنيون ڳالهيون ڪيون، پر سندن باري ۾، ڪريمداد جي گهر ۾ سندس ماءُ پيءُ سان ايڏو تہ حشر ڇڏايو، جو سندس پيءُ علي احمد ويچاري، آخر ڪريمداد جي دوست، عادل آزاد کي روئي وڃي دانهن ڏني تہ "عادل! ڪريمداد جا ڪم ڏسين پيو، پيريَ ۾ پيو رنن هٿان منهنجي ڏاڙهي پٽائي! ابامون پوڙهي جي پٽڪي جي تہ پارت ڪرينس، پلا مون شادي ڪرائي گهر وارو ڪيومانس، تہ اهو ڪو ڏوهہ تہ ڪون ڪيم... سندس اهي ارادا هئا تہ ڪٽي ٻڌائي ها! هاڻي هو پرائي ننڍي، نيٽي ڇوڪري گهر ۾ پئي آهي، آئون مڙهو ماڻهو.. سندس سسُ تہ، مونکي هاڻ پنهنجي گهر ۾بہ ويهڻ نٿي ڏئي... اباعادل ٻيلي ڏس همراهہ کي، هتي ماڻهن طرح طرح جون ڳالهيون ڪري، منهنجي تہ مت منجهائي ڇڏي آهي!"

عادل! حساس ذهن، فلسفياڻي سوچ، سنجيده طبيعت ۾ رحماني دل وارو نوجوان هو. هن کي ڪريمداد جي پيءُ علي احمد جي روئڻهارکي حالت تي، خود روئڻ اچي ويو. ۾ دلداري ڏيندي ڇيائينس "ڪاڪا اهڙي ڳالهہ ڪونهي... اهي اڻ پڙهيون، بي سمجهہ اسان جي ڳوٺ جون عورتون، انهن اجائي ڪٽي ووۓ، ووۓ ڪئي آهي. انهن جي رڙ تہ، راڄ ويڙهايو ڇڏي، ان ڪروڌ

ڏانهن تون ڏيان ئي نہ ڏي، ان زناني ضد ۾ اجائي هاڻ گهوڙا سان ماڻهو پنهنجا مائٽاٽا واسطا ۾ رشتا، ڇڏي ته ڪون ڏيندو؟"

عادل جي دلداري ۾ ان جي سمجهائڻ ڪانپوءِ ب، علي احمد جي دل تان ڇڻ آزار لٿوئي ڪون. ۾ عادل کي ڪليل لفظن ۾ چوڻ لڳو "مان ائين نٿو چوان ته، اوڏانهن انهن وٽ، اڇڻ، ويڇڻ ڇڏي ڏي... رڳو پنهنجي زال سنپالي بس... گهر جو ڪروڌ ته، گهر جي گهڙي جو ب پاڻي سُڪايو ڇڏي، منهنجي ته رنن رت سُڪائي ڇڏي آهي. سندس سسُ ته، ايڏي وات اگهاڙي آهي، جو ماڻهن کي پئي چئي ته... علي احمد جي پٽ ڪريمداد کي، جان محمد جي ڏيءَ چاهت، پڃائي ڪٽي وئي آهي!"

اها نرالي ڳالهه ٻڌي، عادل آزاد کان ذري گهٽ ڪل نڪري وئي، ۾ ان ڪلڻي لهجي ۾ ئي چيائينس "ها! پر ڪاڪا علي احمد، اسان جي سماج ۾ اڃي ڪڏهن ائين ٿيو ڪونهي، پر هاڻ منهنجي خيال ۾ ته، ائين ب ٿيڻ گهرجي، ان ڪم ۾ الائي ڇو اسان جا ماڻهو دير پيا ڪن؟... ڪاڪا ڪيئن، ائين ٿيڻ گهرجي نہ!؟"

عادل سندس رُڻل ڪيفيت کي ڪلائڻ جي خيال سان پي چيس، پر هن جي ڪيفيت ۾ ڪا خاص تبديلي ڪيس نظر نہ آئي، ته وري ڳالهه ٻاهينڊي چوڻ لڳس "ڪاڪا مونکي ب، منهنجا دوست ائين پيا چون ته ، توکي پنهنجو پيءُ شادي نٿو ڪرائي، ته تون ب پنهنجي سنگتياڻي کي چئو ته، توکي ڪيڏانهن نہ ڪيڏانهن پڃائي ڪٽي وڃي!؟"

هاڻ ان ڳالهه کي، هن حقيقت نہ پر هڪ سنجيده مذاق ئي سمجهيو، جي هو اها حقيقت ئي سمجهي ها، ته هو وڌيڪ روئي پوي ها. انڪري جو ڪريمداد، سندس اڪيلو پٽ هو. ۾ ان سان سندس پيار ب تمام گهڻو هو. ايترو جو ڪريمداد ۾ جهڙو سندس ساهه پيل هو. ڪريمداد ڇا ب ڪري، ڪجهه ب ڪري، ڪيڏو ب نقصان ڪري وجهي، يا گهر کي باهه ڏئي ساڙي ڇو نہ ڇڏي، پر پنهنجي پٽ کي، منهن تي چوندو ڪجهه ڪون هو. بس رڳو، سندس يارن دوستن کي، دانهن ڏيندو هو ۾ پوءِ ماٺ ڪري ويندو هو. تنهن ڪري ڪريمداد کي سندس ڪو ب ڪتڪو خوف نہ رهندو هو ۾ ڪڏهن، ڪڏهن ته پنهنجي پيءُ جي ان آٿاهه پيار مان ناجائز فائدو ب وٺندو هو.

هاڻ ان معاملي ۾ به ائين پي ٿيو. ماڻهن کيس ڪريمداد لاءِ طرح طرح جا طعنا ۽ مهڻا ڏنئي. ڪريمداد لاءِ کيس رئاري وڏو هو. پر پوءِ به، پنهنجي پٽ لاءِ سندس دل ۾ ڪا ڪاوڙ، ڏکار يا رنج رسامو ڪون هو. دل جي گهٽي چاهه سبب، بس اهو رڳو ڏکندو کيس هو. ته ماڻهن کي گلا، غيبت جو موقعو ملڻ نه ڪپندو هو!

گلا، شڪوا ڪرائڻ جو ته ڪريمداد کي به ڪو شوق ڪون هو. ۽ نه وري عشق ۽ محبت جي پيءُ ۽ پٽ جي رشتي سان ڪا دشمني هئي.

ها البت! پيار، بي پرواهه، هر تعلق کان لاتعلق، خودمختيار، شاهن جو شاهه آهي، ان کي ڪنهن جي دل ۾ يا ڪنهن جي گهر ۾ گهڙڻ واري اجازت جي ضرورت نه هوندي آهي! ۽ جنهن وٽ جيترو به وقت رهي. اهو ان جي پنهنجي مرضي ۽ منشا تي هوندو آهي.

پيار نه پيءُ آهي نه پٽ، نه پيار ڪنهن کي ڄڻيو آهي، ۽ نه پيار کي ڪنهن ڄڻيو آهي!

ماءُ جي مامتا ۽ پيءُ جي ارواح، انهن ٻنهي کان پيار ته آجو ۽ آزاد آهي.

جي پيار کي شڪل ۽ صورت هجي ها، ته انسان کي شڪل ۽ صورت ۾ پيدا ٿيڻ جي ضرورت ئي نه هئي.

پيار ته اک جي نظر ۽ زبان جو ذائقو آهي!

پيار جو گهر، دل جي هڪ ڏڙڪن کان ٻي ڏڙڪن جي وچ ۾ آهي، پيار ته گل جي خوشبوءَ آهي، ماکي جي مٺاڻ آهي ۽ پيار سمنڊ جو وجود آهي!

۽ پيار ته ڪربلا جي اڄ آهي.

تنهن جي ڪريمداد جي پيءُ، علي احمد ويچاري کي ڪهڙي خبر، ان ويچاري ته، نه پيار ڪيو ۽ نه پيار وارن جو وطن به وڙڪيو هو!

هي ويچارو ته ان سماج جو فرد هو. جنهن ۾ پيار تي جهالت وارو اُماس رنگ چڙهيل هو.

علي احمد ويچارو، سادو، سودو فقير منش ماڻهو. هن ته عشق جي اگنڙ جو پاڻي به ڪون پيتو هو. تنهن کي ڪهڙي خبر ته، عشق ماڻهو کي اتي ٿو ڇڏي، جتي عقل جا قبرستان هوندا آهن. ۽ ماڻهو جي ساجاهه سُڄي ٿي ويندي

آهي، انسان، انسان جي سچاڻپ ڪندي پنهنجي ئي وجود ۾ ويجائجي ويندوآهي.

هاڻ! ڇا حالت هوندي شاهه لطيف ڀٽائي جي، جنهن جي سمند سڃو هڪ سُرڪيءَ جيتري به اڄ اُجهائي نه سگهيو!

ڪريمداد جو خيال، ايڏا ڳوٺ اڇڻ جو ڪون هو، پر برٽ سرٽيفڪيٽن واري ڪم، ۽ پٽس جي هاڻ گهوڙا، ڪيس واپس ڳوٺ آندو ته، سندس گهر دوزخ بڻيل هو، گهر اچي ايڏا وينو ئي مس، ته سندس ماڻ پاسو وڻي اچي وينو، هن پنهنجي ماڻ جي منهن ۾ ڏٺو ته صحرا جي ڪنهن ٽڪل مسافر جيئان، سندس ماڻ جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيل هو، هن ڪيس پنهنجي اڻ ڄاڻ، بي رحم حالت ۾ سندس دل تي هڪ وڏيڪ زخم جو واڌارو ڪندي چيس "ڇو امان، مان ڪو جيل مان پيو اچان ڇا، تنهنجون اکيون ڀرجي آيون آهن!؟" "جيل ۾ ته اسين آهيون پٽ، خدا توکي جيلن کان بچائي!"

ماٽس سندس، بيپرواهي تي ٿورو هڇڪي وئي، ۽ ڪريمداد هڪ دفعو وري به، ڪيس مهٽائڻو ڪندي چيس "پوءِ ميسٽو منهن ڪري، روٺڻهارڪي ٿي وينو آهين، ائين به ڪو ڪبو آهي ڇا، هاڻي مان وڏو ٿي ويو آهيان، شادي ڪيم، اولاد وارو ٿيس، ۽ تون ايڏا تائين مونکي ننڍڙو ٻار سمجهي منهنجي لاءِ پريشان ٿي ٿيئين؟"

ڪريمداد کي ڪهڙي خبر ته، پيار جي بادشاهي ۾ هر ڪوئي معصوم ئي هوندو آهي. اها ته صرف ماڻ جي مامتا کي ئي خبر هوندي، جنهن جو سڃو وجود، خدا سندس اولاد جي رت ۽ گوشت سان گڏي ڇڏيندو آهي پر ڪريمداد کي پنهنجي وجود ۾ پنهنجي ماڻ ته محسوس ئي ڪون پي ٿي، جنهن پنهنجي پوتيءَ جي پلئه سان پنهنجي اکين جا لڙڪ ۽ نڪ جو پاڻي اگهندي چيس "پريشان، تنهنجي ڪيڏانهن وڃڻ سان ڪون ٿي ٿيان پٽ، پر تنهنجي پويان گهر ۾ جيڪو دونهون دکيو آهي، تنهن جي توکي خبر ڪونهي، ان ته، منهنجي اندر جون اڳڙيون ساڙي ڇڏيون آهن!"

اهو شام جو پوياڙي وارو وقت هو، آگسٽ جو مهينو هو، برساتن سنڌ ۾ ڏوڙيا مچائي ڏنا هئا، ڪنوٽين جي تجلين ۽ گوڙين جي گهُوگهاٽ ماٺهن جون دليون پي ڏهڪايون.

سنڌس پيءُ علي احمد پنهنجي ٻنيءَ ۾ پوکيل سارين جي سار، سنيال لهي گهر آيو ته، ڪريمداد کي ماءُ سان گڏ ويٺل ڏسي دل ۾ خيال ڊوڙيس ته، "ماڻس، چوري کي گهٽ، وڏ ٻالهيون ٻڌائي، ان چرِي ته، سنڌس مٽو ڪيڏي ڇڏيو هوندو!"

سو تڪڙو تڪڙو اچي، زال کي چيائين "پاڻ، پاڻي جو ڪونرو ته پري ڏي، سڄو گپ ٽي ويو آهيان!"

ان ڀاڪر سان کيس اتان اٿاري، پاڻ اچي ڪريمداد کي ويجهو ٽيو، هڪٻئي سان ملي حال احوال ڪندي، پڇس چيو "ڪريمدادا! تنهنجي عادل، ٻه، چار گهمرا پڇا ڪري ويو آهي. ٻه ٽي ڏينهن ٽيا آهن، تنهنجي پڇا پيو ڪري، ڪم ته پانيان ٿو ڪو اٿس...مون پڇيومانس پر مونکي نه پيو ٻڌائي!"

علي احمد کي ڪٽڪو هو ته، ماڻس کيس ابتيون، سبتيون ڳالهيون ٻڌائي سنڌس دل تي، وڏيڪ اثر وجهندي ۽ سنڌس ذهن خراب ٿيندو، تنهن ڪري جيترو جلد عادل سان ملندو، اوترو سنڌس لاءِ سٺو ۽ گهرجي پلائي لاءِ ٻه بهتر ٿيندو.

ڪريمداد کي هونئن ٻه عادل جي گهرج گهٽي هئي، برٽ سرٽيفڪيٽن واري ڪم جو اونو هئس، ويتر جو پڙس نياپو ڏنو ته گهر جو پاڻي ٻه ڪون پيتائين ۽ عادل جي گهرڏانهن روانو ٽيو.

برساتن جي ڪري، ڳوٺ ۾ گپ گارو گهٽو هو، تنهن ڪري اڪثر ماڻهو پنهنجي گهرن ۾ ويٺل هئا، ڪريمداد ۽ عادل هڪٻئي جي گهر، بنا ڪنهن سڏ سلوڪ ۽ اطلاع جي هڪٻئي ڏانهن ايندا ويندا هئا.

عادل ڪريمداد کي پنهنجي گهر ايندو ڏسي، قربائتن لفظن ۾ وڏي آواز چوڙ لڳو "امان! ڪو ٽلهو ٽڪر گهر ۾ هجي ته، پيجي وجهو اڄ ڪريمداد مس، مس ڪو قسمت سان آيو آهي!"

ڪريمداد ٻه حجائتو ٽيندي جواب ۾ چيو "ڪو ٽڏو گهڙو نه پيججو، ٽڏا گهڙا اڄ ڪلهه ملن ئي ڪون ٿا!؟"

سنڌس جواب ٻڌي عادل خوش ته ٽيو، پر ويجها ٽي جڏهن هڪٻئي سان مليا، ته ڪريمداد جو منهن ڪيس هاريل ۽ اُباڙڪو لڳو ائين محسوس

ڪيائين تہ، جھڙوڪر ڪريمداد پنھنجي ڪا قيمتي شيءَ ڪنھن ٻئي کي ڏئي، پاڻ جڙ مُلول ۾ آٻالو ٿي ويو ھجي!

ڪريمداد سان سڄي گھر جا ماڻھو مليا، پر ھر ڪنھن کيس عجب جي نظر سان پي ڏٺو، پر عادل جي ٻيڻ جيڪا تمام حسين ۽ خوبصورت ھئي تنھن تہ منجھائس اکيون ڪڍيون ئي ڪون پي.

سين شايد اھو پي سوچيو، تہ چاھت جي محبت ۾، ويچارو بدنام ٿيو! ... پر ھاڻ سندس گھر جو حال، الائي تہ ڪھڙو ٿيندو!؟"

عادل سندس لڏل منھن ڏسي چيس "ڪريمداد ھيڏانھن... پاڻ ھيڏانھن اندر ڪمري ۾... پنھنجي منھن اڪيلا ٿا ويھون... ڇڏ مائين جي منھن کي، اھي تنھنجو مٿو کپائي ڇڏيندیون!"

ڪمري ۾ ويھڻ کانپوءِ، عادل ھن کان تڪڙيون تڪڙيون خبرون ونڊي پڇيو "پھريان اھو ٻڌائي ڪريمداد، تون گپ، گاري ۾ آيو آھين، تہ ضرور ڪو ڪم ھوندو؟"

ڪريمداد پنھنجي پيءُ واري نياپي کي اتي ئي ڇڏيندي، ھن کي جيڪو برٽ سرٽيفڪيٽن وارو ڪِل مٽي ۾ لڳل ھو، تنھن جو ھن عادل کي سڄو ذڪر ڪري ٻڌايو.

عادل جواب ۾ چيس "خير اھو ڪو مسئلو ڪونھي، اھو ڪم تہ ڪرائي ونڊاسين پر اھو ڪم تو پنھنجي ذمي ڪيئن کنيو؟ سائين جان محمد پاڻ ٻہ تہ ھڪ آفيسر ماڻھو آھي، اھو ڪم تہ ھو ڪھڙي ٻہ طرح، ڪنھن ٻہ ٽائون ڪاميٽي مان ڪرائي سگھي ٿو!؟"

"تنھنجو چوڻ ٻہ درست آھي عادل پر ھو چاھي پيو تہ، سندن رھائش ھتي جي... ھن پنھنجي ڳوٺ جي ھجي!"

"اڇا... تنھن جي معنيٰ تہ، سندن ارادو اڇا ڪو ٻيو وڏو آھي؟"

"خبر ناھي، ھن تہ الائي ڇا، وڏيڪ سوچيو آھي... پر ڊوميسائيل ڪانسواءِ، ھن ضلعي ۾ سندن لاءِ نوڪرين جي ڪوشش تہ اجائي آھي نہ؟"

"ڪريمداد توکي ڪجھ سمجھ ۾ ڪون پيو اڇي!؟"

۽ ڪريمداد عادل جي سوچ کي نہ سمجھندي، پنھنجي عقل جي ڳالھ ڪندي چوڻ لڳو "ڇا سمجھجي؟... ھُو ڪي ڀھارِي يا بنگالي تہ ڪونھي، جو ھميشہ لاءِ ھتي جا ٿي ويندا! ۽ اسين اقليت ۾ اچي ويندا سين!؟"

"نہ ڪريمداد، منھنجو اھو مقصد ڪونھي... سنڌ ڏرتي جو ڄائو ياڪو پاڻ کي سنڌي سڏائي، ھتي سنڌي ٿي رھي ٿو تہ اھو ڪھڙي بہ ضلعي مان ڏوميسائيل ونڊ چاھي ٿو تہ، اھو ان جو حق ھئڻ گھرجي، پر ڏوميسائيل ڪنھن بہ ھڪڙي ضلعي جو حاصل ھئڻ گھرجيس، وڌيڪ نہ... منھنجي چوڻ جو مقصد اھو ھو تہ، اسان سنڌ واسي تہ اڳيئي پاڻ کي، ذاتين، قبيلن، وڏيرن، سردارن، اتر ۽ لاڙ جي نالن ۾ ورھائي، خود کي ھڪبئي کان گھٽو پري نڪرندا ويون... اڄ اسان ھڪبئي کان ضلعن جو حق کسيون، سپاٽي تعلقن جا، پوءِ ڳوٺن جا ۽ آخر اسان ھڪبئي جا ذاتي حق بہ ھڪبئي کان کسڻ لاءِ لھي ايندا سين! ...

جڏھن تہ اسان اڳ ۾ ئي، سرداري (Culture) ذريعي، قبيلن کي ھڪبئي لاءِ ھيٺو ۽ ڏاڍو رکي، انھن کي ھڪبئي کان الڳ الڳ رکي، کين ھڪبئي جي انساني حقن کان بہ محروم ڪري ڇڏيو آھي. ۽ ھاڻ ائين اسان فردن، فردن ورھائجي پنھنجي قومي اڪائي واري حق کان بہ محروم ٿي ويندا سين! ... ڪريمداد منھنجو مقصد اھو ڪونھي، تہ انھن کي ڏوميسائيل ملڻ نہ گھرجن، منھنجو مقصد ھو تہ، تنھنجو سائين جان محمد وارن سان گھُرو تعلقاتن ۾ ايترو ويجھو ٿيڻ ۽ سندن ضروري ڪم پنھنجي مٿي پاڻ ڪرڻ، اھو سڀ ڪجھ توکي پاڻ پنھنجي لاءِ سمجھ ۾ اچي ٿو... مونکي ان تي ڪو اعتراض ڪونھي، پر منھنجي خيال ۾، تنھنجي پنھنجي گھر تي اثر ضرور پوندو؟"

ڪريمداد کي ڪجھ تہ ڳالھ سمجھ ۾ آئي بہ پي، پر پوءِ بہ ھن عادل کان پڇيو "چو... ڇا اھڙي ڪا ڳالھ ٿي آھي ڇا؟"

۽ عادل ڄاڻي، واڻي ڳالھ لڪائيندي چيس "خير، مونکي تہ پوري خبر ڪونھي... پر منھنجي خيال ۾ ڪجھ ٿئي ضرور پيو... تون ھينئر پنھنجي گھران آيو ھوندين، تو ڪجھ محسوس ڪون ڪيو؟"

عادل جي ان سوال تي سوچڻ سان، سندس ماءُ جا چيل اهي لفظ ذهن تي تري آيس تہ "ڪريمداد تنهنجي پويان، گهر ۾ جيڪو دونهون ڏُکيو آهي، تنهن تہ منهنجي اندر جون اڳڙيون ساڙي ڇڏيون آهن."

ڪريمداد اهي ساڳي لفظ جڏهن عادل جي انهن لفظن سان ملايا تہ "ڪجهہ ٿئي ضرور پيو" تنهنڪانپوءِ هن کي ڀالهہ ڪجهہ سمجهہ ۾ آئي ۽ پوءِ پنهنجي دل سان ڀالهائيندي چيائين

"اي دل چئجان پنهنجي خدا کي، تہ محبت منهنجي لڪائي!

پر جي، لِکي سگهي نہ، تہ پوءِ مونکي، نہ ڪجهہ ٻڌائي!"

ائين ڪريمداد پنهنجي دل سان ڀالهيون ڪري، ان سڄي معاملي ۾ پاڻ کي ٻين کان لڪائڻ پي چاهيو.

شايد سڄي دنيا ائين ئي ڪندي آهي تہ. پنهنجي پيار جون ڀالهيون، پنهنجي دل سان بي ڏاڪ ٿي اورينديِ آهي، پر پنهنجي محبت جو سچو اظهار عام سان نہ ڪندي آهي!

شايد اهوئي محبت جو پهريون اخلاق آهي، جنهن ۾ ماڻهو پنهنجي خاموش فڪر سان وڙهي، وڙهي. آخر پنهنجي اندر مان پنهنجي اصليت ڳولهي لهي ٿو

ڪريمداد جي بہ ايا شروعات هئي، هن پيار جي پرائمري درجي ۾ ايا تہ هڪ باب بہ پورو نہ ڪيو هو تنهن جي لاءِ محبت جو اظهار بدنامي ۽ خلق جي خواري کانسواءِ ٻيو ڪجهہ نہ هوا! تنهن ڪري هن، دوستن ۽ مائٽن سين سان ڪوڙ ڀالهائي پنهنجي جڙ جان ڇڏائڻ پي چاهي.

پر دوستن کان بہ، اصليت کي لڪائي، خود کي اڪيلو ڪري، سين کي جڙ الجهاءُ ۾ پي وڌو ۽ اهو هن پنهنجي لاءِ بہ چگو نہ پي ڪيو.

ان مهل بہ هن منهن جي پڪائي ڪندي عادل کي جواب ۾ چيو "عادل" چاچا جان محمد جي فيملي سان، اسان جو ڪو نئون يا اڄ جو تعلق ڪونهي، مان ايا پرائمري اسڪول ۾ پڙهندو هئس... مونکي ياد آهي تڏهان کان چاچا جان محمد ۽ منهنجو والد هڪٻئي سان تمام ويجها ۽ گهرا هئا. اڄ جيڪڏهن مون انهن تعلقاتن کي وڌيڪ عزت احترام ۽ مانَ ڏنو آهي، تہ ڇا اهو غلط ٿيو آهي؟... باقي جيستائين منهنجي پنهنجي گهر جو معاملو

آهي، تہ ان کي تون ۾ مان سمجهون ٿا... هي اسان جو حاسد سماج جنهن ۾ اسان جي عورت جو بہ اهم ڪردار رهيو آهي، سا تہ زال ۾ مڙس جي رشتي کي رڳو ايستائين ٿي سمجهي تہ، جيڪڏهن ڪو مرد پنهنجي زال سان هڪڙيئي بستري تي گڏجي نٿو سمهي يا پنهنجي زال سان هم بستري واري عمل ۾ هڪ ڌڳهو وقفو وجهي ٿو وڃي، تہ ان مڙس کي، نہ مڪمل مرد تصور ٿو ڪيو وڃي ۽ نہ ئي ان کي پنهنجي زال ۾ گهر هلائڻ جي اهل سمجهيو ٿو وڃي!"

عادل سندس جواب سان مطمئن نہ ٿيندي چيس "خير، تنهنجو اهو خيال پنهنجي جڳهہ تي درست بہ ڪٽي هجي، پر زال ۽ مڙس جو هڪ الڳ ۽ عظيم رشتو آهي ۽ بلڪل آزاد بہ، پر ان ۾ سسُ، سُهرو ۽ سالي، ياڃائي وغيره مداخلت ڪري، ڪوئي ڪروڌ مچايو آهي، تہ ان رشتي کي طلاق جهڙي موت ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ نہ مليو آهي! تنهن ڪري لکئي، پڙهيي گهر جي فرد جو اهو فرض آهي تہ، پنهنجي اڻ پڙهيل گهر کي پنهنجو وقت ڏئي ۽ ان کي پاڻ سنيالي؟"

"يار عادل! ڏهن ڇڙواڳ چرين جي وچ ۾، تون هڪڙو سياڻو ماڻهو ڇڏيندين، تہ ڇا هو پاڳل ڪون ٿي ويندو؟ آئون تہ سمجهان ٿو ان کي جيئڻ ئي ڪون ڏيندا!؟"

"ڪريمداد، چرين ۾ سياڻو يا سياڻن ۾ چريو اهي سڀ اجايون ڳالهيون آهن، ماڻهو ۾ پنهنجن صلاحيتن جو اعتماد آهي، تہ ڏهن چرين تہ ڇا؟ پر هو پنهنجي ڏهن جاني دشمنن، جي وچ ۾ پنهنجي زندگي جو وقار بحال رکي ٿو! زندگي تہ احمقن جي اڃيان، پويان گذري ٿي، پر پوءِ بہ زندگي سان لاڳاپيل اهم رشتا، جنهن ۾ ماءُ، پيءُ، زال، ٻيٽ، ياءُ وغيره، انهن سان تہ، ڪنهن نہ ڪنهن طرح سچائي سان نباهڻ لازم هوندو آهي."

بس پوءِ ڪريمداد، مڙئي پاڻ ڇڏائڻ جي خيال سان چيو "ها، ان حوالي سان تہ مان، پنهنجي ماءُ، پيءُ سان بلڪل ادب ۽ احترام سان پيش ايندو آهيان، باقي منهنجي گهرواري آهي! سا تہ ظاهر آهي، پنهنجو اباڻو گهر ڇڏي، نئين گهر ۾ آئي آهي، تہ ان کي پنهنجي خودمختياري جا احساس ڪجهہ مئل تصور ضرور ٿيندا."

۾ عادل هاڻ ان بحث کي وڌائڻ جي بجاءِ کٹائڻ جي نيت سان چيس "ڪريمداد! مان هڪڙي ڳالهه چوان؟ جيڪڏهن اها تون پاڻ تائين رکين ۽ دل ۾ نه رکينءَ تہ؟"

"ها چئو تنهنجي ڳالهه مان دل ۾ ڪندس يار" !

عادل، خوش اخلاق، سچ ڳالهائو ۽ دوستي جو سچو ۽ خلوص وارو ماڻهو هو. ۽ ڪريمداد! نيتن اٽڪل باز ڪم ڪيائُو ۽ ضرورت جي وقت، ڪوڙ کان بہ ڪم وٺي ويندو هو. پر عادل ڪڏهن بہ، بي اعتمادي مٿس ڪان ڪئي، ان ڏينهن بہ عادل مٿس اعتماد ڪندي چيس "ڪريمداد تنهنجي گهر ۾ ڪو وڏو ڪروڌ پيو هلي، جنهن کان تنگ ٿي، ڪاڪا علي احمد مون کي تنهنجي دانُهن ڏني تہ، رنن منهنجو رت سُڪائي ڇڏيو آهي، گهر ۾ تہ ماني بہ کائڻ نٽيون ڏيئن، ڪريمداد کي چئو تہ، پنهنجي گهر ڈانهن ڏيان ڏئي، ڪا گهٽ، وڌائي ٿي وئي، تہ مان ماڻهن کي منهن ڏيکارڻ جي لائق نہ رهندس!"

عادل جي ان دانهن پُڄائڻ تي، ڪريمداد کيس پنهنجي دوستيءَ جي فرض ادائگي جو احساس ڏيارينديِ چيس "يار تون بابا کي سمجهائين هانءِ، تہ هو زالن جي اجائي هُل ڈانهن ايترو ڏيان ئي نہ ڏي!؟"

"تون چا ٿو سمجهين ڪريمداد؟ مون ان سان تنهنجي شڪايت ڪئي هوندي! مون هن کي اهو سڀ ڪجهه سمجهايو پر ڪريمداد يار، گهر تنهنجو آهي، گهر جو معاملو باقي دنيا جي معاملن کان الڳ، حساس ۽ پرده پوش بہ هوندو آهي. اسان جي سماج ۾ تہ سڀ کان وڌيڪ ڏکيو، ڏکائيندڙ ۽ نهايت نازڪ معاملو آهي، تہ اهو گهر جو معاملو آهي، جنهن ۾ تعليم جي ڪوٽ، ڪمزور صلاحيتن، خلوص جي ڪمي ۽ سماجي اڻ برابري جي سببن، اسان گهرو معاملن ۾ ڏهني طرح ڏبجي انهن جي اجاين ضرورتن ۽ رسمن، رواجن جا غلام بڻيل آهيون.

گهرجي ڪنهن پراڻي يا نئين معاملي جي بگڙڻ سان، اڪثر گهر جي ڪنهن فرد کي ايتري آزادي ۽ اختياريون مليل ئي نہ هونديون آهن، جيئن هو پنهنجي خود مختيار حيثيت سان، ان جو ڪوئي حل ڳولي ڪڍي، يا ان لاءِ ڪوئي پنهنجو مڪمل فيصلو ڏئي سگهي! ان مهل بس گهر جا ننڍا، وڏا فرد اجائي وات خوري، ۽ اجايو هُل حشر مچائي، هڪڙئي لاءِ بہ رنج رسامو ۽

دل آزاري ٿا پيدا ڪري وجهون! ... مان توکي انهيءَ حوالي سان پيو چوان ڪريمداد. وڌيڪ تنهنجي مرضي... پوءِ تون، ان معاملي ۾ دوستن سان واضح رهين يا الڳ، ڪو فرق ڪون ٿو پوي، چو ته، اهو تنهنجو ذاتي معاملو آهي، ڪوئي دوست ان ۾ دخل اندازي ڪري، ته اهو ان جي لاءِ به مناسب ڪون چئبو!"

ڪريمداد ته، هو به ان ڳالهه ۾ راضي ته، هرڪو پنهنجي منهن مٺ۾ رهي، ته جيئن هو پنهنجي پيار، محبت وارو سفر، پنهنجي آزاد سوچ سان، بنا ڪنهن روڪ، ٽوڪ جي طئي ڪري سگهي! ۽ سندس دل جي خواهش واري حاصلات جي، ڪنهن کي ڪا خبر ئي نه رهي، پر چاهت جي سوچ ان جي ابتڙ هئي، ان ته ڪريمداد واري سسُ جي ضد ۾ اچي سرعام پنهنجي ڏاڍائي سان، سندس ڏيءَ بختاور کان سندس مڙس ڪريمداد کسڻ پي چاهيو.

چاهت طبيعتن سخت مزاج، ارڏي، اڙانگي ۽ بلڪل بااختيار چوڪري هئي، هو پنهنجي معاملي ۾ ڪنهن کي به ڪجهه ٻڌڻ، ڪرڻ برداشت ئي نه ڪندي هئي. ۽ ڪريمداد ته ان جي اڳيان، ويچارو بس ڳوٻ خدا جو هو! سو پين دوستن، مائٽن کي ته اٽڪل ۽ نموني سان منهن ڏئي ويندو هو، پر چاهت جي اڳيان، ائين هوندو هو، جيئن هر ماڻهو پنهنجي محبوب اڳيان بي زبان بڻيل هوندو آهي!

عادل کان به اٽڪل سان جان ڇڏائيندي، سندس خيالن کي زباني اهميت ڏيندي چوڻ لڳو "بس يار عادل، هن دُڌ چريي، ۽ اڻ پڙهيي راج ۾ به هر حال، جيئڻو ته آهي نه، جڏي راضي ته ڪو روئڻ ۾ به ڪونهي، ته ڪلڻ ۾ به ڪونهي!"

ته عادل ان تي تبصرو ڪندي چيس "ڪريمداد، تو واري ڳالهه تان مونکي ذهن ۾ ياد آيو... ۽ مون ڪافي سوچيو ۽ ڏٺو به آهي ته، اسان جي سماج رڳو روئڻ سٿو سکيو آهي. جيڪا هڪ غلاميءَ جي نشاني آهي... پرائي پٽر تي روئڻ، پنهنجي حال تي روئڻ، پاٽي جو نه هئڻ ۽ فصل سُڪي سڙي تباهه ٿي وڃڻ تي روئڻ، بيگناهه جيل ۾ پوڻ تي روئڻ، سرڪاري نوڪري نه ملڻ تان روئڻ، مينهن جو مري پوڻ يا ٻڪري وغيره جو چورائجي وڃڻ تي به اڳيان، پويان ڏکوڙڪا! ... انهيءَ روج راڙي جا ته، اسين عادي ٿي

ويا آهيون، ڪڏهن، ڪڏهن ته، ائين لڳندو آهي، ته جهڙو اسان جي سماج ۾ اهو ناٽڪ ٻڌجي ويو آهي ۽ اسان جڙ ناٽڪي ٻڌجي پيا آهيون، ۽ خوف ٿو ٿئي ته، ڪٿي ائين نه ٿئي، جو دنيا اسان جي ان روڄ راڙي کي اهميت ڏيئڻ ئي ڇڏي ڏئي... روئجي ٻه ايترو جو اڳلي کي احساس ٻه ٿئي، يا ايترو جو ماڻهو ۾ پنهنجي ارمان وارو احساس ئي مري پوي ۽ اڳلي کي نفرت ٿي پوي! ... ڪيترين ئي آسائشن، سهولتن ۽ آسودگين هوندي ٻه، اسان روئڻ جا جڙ شوقين ٿي ويا آهيون... مطلب ته جا شيءَ اسان جي پنهنجي آهي... نٿي ملي، ته ٻه پيا روئنداسين... جا شيءَ اسان کي نٿي ڪپي ۽ ان مان اسان جي جان نٿي ڇُٽي، ته ان تي ٻه اسين روٺهارکا... ۽ جيڪا شيءَ وڙهي ونجي! سا ٻه اسان روئي ٿا گهرون! خبرناهي ته، اسان ڪهڙي حالت ۾ آهيون!؟"

عادل پنهنجو اهو بيان وچ ۾ روڪيندي، ڪريمداد کي معذرت واري انداز ۾ چوڻ لڳو "معاف ڪجان ڪريمداد! مون اهو تنهنجي والد تي سوچي ڪون پي چيو. متان سمجهين ته، بابا، عادل کي منهنجي، روئي دانهن ڏني ۽ عادل ان کي ناٽڪ ٻڌائي ويهي رهيو... سچ پچين ته، ڪاڪا علي احمد جنهن مهل روئي، مونکي تنهنجي دانهن ڏني ته خدا جو قسم، ان مهل منهنجي دل ٻه روئي ڏنو... يار اسان ڏاڍا هيٽا ماڻهو آهيون ڪريمداد، ٿوري ٿوري ڳالهه تان، هينئون ڦارون، ڦارون ٽيو پوي، پر سو رڳو پنهنجن ڪمزور حالتن وقت، باقي هوند ۽ ڏؤ جي وقت، پنهنجي، پنهنجي مفادن ۾ اسان هڪٻئي کان الڳ، ورهايل ۽ وڇڙيل آهيون، تڏهن غلامي گهر ۾ ڪاهي پئي آهي! ... مثلن: هڪڙي قبيلي سان، ڪو ٻيو قبيلو پنهنجي مفاد جي سبب ظلم ٻيو ڪندو، ته ٽيون قبيلو وري تاڙيون وڄائي ڪڳيون ٻيو هٽندو آهي... يا ڪنهن قبيلي جي عزت ۽ غيرت سان ڪوئي ڏاريو کيڏندو ٻيو، ته ٻيا ان خواري کي پنهنجي خواري سمجهڻ جي بجاءِ، وڌيڪ ان کي ٻڌيون ڏئي رونشو وڌايو ڇڏن! ... الائي ڇاهي... خبر ناهي ته، اسين ماڻهو الائي ڪهڙي ذوق ۽ ضمير جا آهيون!؟ بهرحال تون دل ۾ نه ڪجان يار، مونکي بس ائين ئي ذهن ۾ اچي ويو."

"ڪمال آهي عادل! تون ائين چو ٿو سمجهين يار، ٻلا جيڪي حالتون اسان پنهنجون عادتون ڪري ڇڏيون هجن، انهن کان ته انڪار نٿو ڪري

سگھجي نہ، مان هجان، تون هجين يا اسان جي والدين مان ڪوئي هجي، اسان رهون ته، هڪڙي ساڳي سماج ۾ ٿا نہ، اها ڳالھ مڃڻي ٿي پوي ته، اسان پنھنجي مفاد، ذاتي انائن ۽ پنھنجي خانداني اهميتن جي الڳ، الڳ وٿوق ۾ هڪجهئي لاءِ احساس نٿا رکون."

ڪريمداد، چاهت جي پيءُ جان محمد جي واکاڻ ڪندي عادل کي ٻڌائڻ لڳو ته "چاچا جان محمد به ائين چوندو آهي ته، اسان پنھنجي قومي سگھ، ۽ سماجي قوت کي الڳ، الڳ قبيلن ۾ ورهائي، صدين کان پنھنجي قومي وحدت کي پنھنجي مڪمل آڇي کان محروم ڪندا اچون، نتيجي ۾ اسان ڏارين جي هلانئن ۾ قتل ۽ غارت گيريءَ جو شڪار رهيا آهيون، مثلن: پير صبغت الله راشدي، ڏارين سان وڙهيو ته، سنڌ جي سيني قبيلن ساڻ نہ ڏنو هوشو شيدي وڙهيو ته به ائين ٿيو، ۽ صوفي شاهھ عنايت وڙهيو، ته سنڌ جي سيني قبيلن سندس ساڻ ته ڪون ڏنو، پر ڪجهھ قبيلن ته، اختلاف رکي مخالفت به ڪئي! ... سو اهو ان ڪري نہ، ته اهي سڀ قبيلا بزدل هئا، موت کان ڊنا يا اهي جگنجوُ ڪون هئا، پر اصل ۾ اهي اڄ جيئان ان وقت به، هڪجهئي کان رت ۽ نسل ۾ الڳ، الڳ هئا... چون ٿا ته رت پنھنجن جي ڪوس تي ڪڙهندو آهي... هو ان وقت به اڄ جيئان هڪڙي قوم جي شڪل ۽ حالت ۾ ته هئا، پر پنھنجي قبيلائي ۽ جگري جدائين جي ڪري، هڪڙن جو رت تريو پي، ته ٻين رڳو ٻڌو ۽ ڏنو وينو ۽ هڪجهئي لاءِ ڪوبہ ڪهڪو کين ڪون پي آيو!"

ڪريمداد، جان محمد جي باري ۾ ايڏا به گهڻو ڪجهھ ٻڌائڻ پي چاهيو، پر عادل وچ ۾ موضوع بدلائيندي چيس "يار سائين جان محمد تمام ڪو ڏاهو ۽ سمجهو ماڻهو آهي نہ؟"

"ها عادل، ان ماڻهو جي هڪ عجيب استوري آهي، ڪو ربنواز ڏوبي هو، تنهن کيس پاليو پڙهايو ۽ کيس پنھنجي خاندان مان ئي سندس پسند مطابق شادي به ڪرائي ڇڏيائينس، چاچو جان محمد پاڻ هروچ خاندان مان آهي، پر شادي عباسين مان ڪئي اٿس، اهي به سندس عزيز ٿيا، ۽ اسان جو ته، ڏاڏاڻڪو هڪ آهي، ته پوءِ هڪڙو ئي خاندان سڏبو يا جيئن اوهين ملاح ۽ منھنجا ماماڻا هروچ، اوهان هڪجهئي جا عزيز ۽ رشتيدار آهيو ته اوهان جو

هڪيئي لاءِ رت ۾ تانگهيندو. ايئن سڃي سنڌ هجي نہ. هڪيئي لاءِ وچ ۾ رت جا سڏا نہ هجن. پوءِ ٿي سنڌي قوم پنهنجي وحدت ۾ مڪمل ۽ سگهاري. پوءِ ته ڪنهن ڌاري يلغار جي ڪاهہ ته ڇا. پر هن قوم جي سامهون. سَولو ساهہ ۾ ڪٽي نٿي سگهي. ۽ نہ وري اسان هڪيئي لاءِ رونشويا روج راڻي جهڙو مذاق بڻباسين"

"ها بس اها هڪڙي سوچ آهي ڪريمداد! ... انکي مڪمل ڪرڻ جو وقت شايد ويو هليو. يا آهي ۽ ڪون. يا ٿي سگهي ٿو ته. اهو وقت هاڻ اچي ۽ اهو سپ ڪجهہ اسان کي ئي ڪرڻو پوي!! پر مون سائين جان محمد جي ڳالهہ پي ڪئي... يار نرالو ماڻهو آهي نہ... ڪيڏي مهل ڪا ڪچهري ڪجيس؟"

"ها بلڪل... پر هو ته. توکي پيو ياد ڪري عادل... منهنجي شادي ۾ ڪا اوهان جي ملاقات ٿي هئي. تنهنجي الائي ڪهڙي خوبي کان متاثر ٿيو هو. چئي پيو ته. عادل آزاد کي ڪيڏي مهل پنهنجي گهر وٽي اچ ته ڪو ڪچهرو ڪلام ڪريون. سو مون توکان پڇڻ بنا. ئي هن کي تائيم ڏنو ته. برٽ سرٽيفڪيٽ ناهرائي. مان ۽ عادل ٻئي گڏجي اينداسون. بس هاڻ اهو سرٽيفڪيٽن وارو ڪم ٿئي. ته هلنداسين ۽ هڪڙي رات رهي. سڀ نموني سان ڪچهري ڪري. ٻئي ڏينهن موٽي اينداسين."

۽ آخر ۾ ڪريمداد وري ٻہ جان محمد جي واکاڻ ڪندي ٻڌايس ته. "عادل ان ماڻهو لاءِ بس ڇا چئجي. وڏي دل. وڏي همٽ وارو تمام Sober ۽ اصل رڄ راڻو مڙس آهي. ڪمال جو ذهن اٽس. جيتري قدرمون کيس ٻڌو آهي ته. زندگيءَ جا انيڪ تجربا اٽس. سندس چيل هڪ اهم ۽ وزنائتي ڳالهہ توکي ٻڌايان. جيڪا هن سنڌ جي آزادي بابت ٻڌائي اُها هن ٿي سگهي ٿو هڪ آفيسر جي حيثيت سان چئي. ٻڌائي هجي... هو چوي پيو ته. هي سنڌ جا قومپرست نوجوان آزادي کي ته. مذاق ٿا سمجهن... آزادي ڪا وتائي فقير جو لطيفو آهي ڇا؟... پٽا خوري. بليڪ ميلنگ. ڪلهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌڻ. يا روڊن تي من چلا رڙيون ڪندي. نعرا هڻڻ سان آزادي ملندي آهي ڇا؟... پهريان سوال اهو ته. آزادي گهرن ڪنهن کان ٿا. پوءِ اهو سوال ٿو اچي ته. آزادي ونڊجي ڪيئن؟... ته ان لاءِ پهريان پنهنجي قوم ۾ غلامي پسند

ذهن واري بيماري جو کين علاج ڳولي کڍٽو پوندو. جيکڏهن اهڙي بيمار ذهن جي اُپاءُ لاءِ ٻيو کو بہ شفا بخش نسخو هٿ نٿو چڙهي تہ پوءِ ان غلام ذهن بيمار لاءِ پهريون ۽ آخري قدم اهو آهي تہ... جيکڏهن توهان جو پيءُ غلام ذهن آهي تہ سندس رشتو پنهنجي روح ۾ قتل ڪري ڇڏيو... جيکڏهن توهان جي ماءُ غلام ذهن آهي، تہ ان کي گهر ۾ بند ڪري ڇڏيو... جيکڏهن توهان جي زال، غلام ذهن آهي، تہ ان کي طلاق ڏئي ڇڏيو...۽ جيکڏهن توهان جو سڄو خاندان ئي غلام ذهن آهي، تہ پوءِ ٻين کي ٻليدان تي چاڙهڻ بجاءِ خود کي قرباني جو ٻڪرو سمجهي قتل ڪري ڇڏيو... جيکو پنهنجي خانداني غلامي مان آجپو حاصل نٿو ڪري سگهي، سو آزادي گهري ڪنهن کان ٿو... ڇا رياست جي حڪمران! ان غلام گڏهه کان، ٿو آزادي گهري... جيکو جنهن مهل هينگ ٿو ڏئي، تہ چوي ٿو اهو سامراج کي پيو ڏٻايان ۽ جنهن مهل پوبان گئس ٿو ڇڏي، تہ چوي ٿو ڪجهہ ڏڃان بہ ٿو. بس مڙئي مذاق پي ڪيم!... هي قوم پرست نوجوان پنهنجي اهڙي غلام حاڪم، گڏهہ ۾ آزادي جي اميد ڪيئن ٿا رکن، تڏهن چوان ٿو تہ، انهن آزادي کي، وتائي فقير جو لطيفو سمجهي رکيو آهي! ”

●⊙●⊙●⊙●

ان اهڙي گفتگو دوران ٻنهي دوستن هڪٻئي مان پنهنجا گهربل مقصد حاصل ڪري ورتا. عادل کي مليل ڪريمداد جي پيءُ واري دانهن، هن ڪريمداد جي دل ۽ دماغ تائين پهچائي ڇڏي ۽ ڪريمداد کي پنهنجي محبت واري معاملي بابت پنهنجي دل جو راز پنهنجي دل ۾ رکي، عادل کي مطمئن بہ ڪرڻو هو. تہ چاهت جي خاندان سان عادل کي ايڏا ڪجهہ وبجهو بہ ڪرڻو هئس، جنهن ۾ هن پنهنجي پيار جي پيڇري ۾ شايد ڪا وڏيڪ سهولت ڏئي هئي. سو ڪم بہ هن پنهنجي پرَ ۾ جهڙو ڪجهہ روانو ڪري ڇڏيو.

ماڻهو زندگي جي سفر ۾ هميشہ پنهنجي مقصد جو ئي مسافر آهي. پوءِ ڪڏهن اهو مقصد راهُن ۾ ئي رُليو وڃي، تہ ڪڏهن ان حاصلات واري خوشيءَ ۾ ماڻهو پاڻ خود هڪ رنگين شام ٻڌجو پوي ۽ زندگي جو تماشو سندس طابع ٿيو وڃي.

ان اهڙي حاصلات جي سفر ۾ ماڻهو کڏهن عادل بڻجي انصاف جو ڳولائو آهي، تہ کڏهن ڪريمداد بڻجي ڪروڙن جي ور ٿو چڙهي وڃي ۽ کڏهن تہ وري جان محمد جهڙا جاکوڙي ۽ جانباز ڪردار، زندگي جي ڏينڌ ۾ روحاڪي پکي جيئان رُلندي، رُلندي بي رحم شڪارين جو شڪار ٿيو وڃن!

زندگي جو اهو سفر ائين ئي، انصاف ۽ ناانصافين جي وچ ۾ هيٺ، مٿي ۽ اڳتي، پوئتي ٿيندي، ٿيندي آخرپنهنجي اصل ٺاڪ تي وڃيو ٽَڪ ڀيڄي! جنهن ڪانپوءِ نہ ڪروڙن واري ڪراهت! نہ انصاف جو انتظار ۽ نہ راهُن جو رولڙو!

ائين عادل ۽ ڪريمداد! ٻنهي دوستن کي سچ ۽ ڪوڙ جو سودو هڪٻئي سان ڪندي سج لهي مُنهن اونداهو ٿي ويو. آسمان ۾ جُهڙالو هڻڻ ڪري، وقت کان وڌيڪ اونداهو نظر پيو آيو ۽ ڪنهن، ڪنهن مهل هلڪيون ڦڙيون وسڻ جي ڪري، هوا ۾ ٽڏ وڌي وئي هئي.

ڪريمداد، عادل جي گهر مان ٻاهر نڪتو تہ بدن ۾ هلڪِي ڏُکڻي محسوس ڪيائين، جنهن سندس ڪيفيتن کي بہ ناري ڇڏيو.

سندن گهر هڪٻئي کي سڏ، پنڌ کان بہ ويجها هئا، ڪريمداد پنهنجي گهر آيو تہ، گهر ۾ مڪمل خاموشي هئي، ان مهل سندس سسُ بہ سندس اچڻ جو ٻڌي، ساڻس ملڻ آئي هئي، تنهن ڪريمداد سان ڪوئي بحث يا تڪرار تہ ڪون پيو ڪيو، پر سندس منهن اُتليل هو، سو هن اهو ڪريمداد کي پنهنجي ڪروڌي ڪيفيت جو احساس ڏيارڻ پي چاهيو ۽ ڪريمداد اهو محسوس ڪندي، پنهنجي پاليسي اها اختيار ڪئي تہ "پلي منهن سڃائي مونکي نفرت ۽ ڪراهت سان ڏس، پر رڳو اجايو هُل هنگامو ڪري، وات وڃائي، بدنامي جا نڪر نہ نڙڪائج؟"

۽ ان مهل انهيءَ سيڪ ۽ ڪاوڙ ۾ ئي، ڪريمداد پنهنجي ٻن مهينن جي جاول ڏي سورڻ جو بہ منهن نہ پي ڏسڻ چاهيو ۽ حقيقت ۾ ان پنهنجي ڏيءَ سان ايڏو چاه بہ ڪون هئس، توٽي جو سندس ان ڏيءَ جو نالو خود چاهت پاڻ رکيو هو، پر ويچاري معصوم سورڻ جو پيار محبت وارو حصو، پتي بہ سندس پيءَ کان چاهت وڏي خوبصورتيءَ سان کسي ورتو هو. ۽ سورڻ

ويچاري کي هاڻ بس رڳو سَکڻو پيءُ وارو حق مليل هو جيڪو هن کان هاڻ خود خدا بہ کسي کون پي سگھيو. نہ تہ، چاهت ضد ۾ اچي، اهو ليکو لتاڙڻ جي بہ کوشش ڪري پي سگھي!

ڪريمداد دلي طرح تہ پنهنجي ان معصوم ڏيءَ سان بہ ڪا ويجھڙائپ رکڻ نہ پي چاهي. جيڪو ان معصوم جو قدرتي حق هو! پر ويچاري ان معصوم سورٺ کي ڪھڙي خبر تہ، مان پنهنجي ابي ۽ امان جي وچ ۾، رڳو سورن جو سامان ٻڌيل آهيان. سا تہ پنهنجي پيءُ کي سڏ ڪري، پاڻ سان گڏ ويهاري، پنهنجي ماءُ جو درد ۽ غم گھٽائڻ واري ايجا عمر ۾ ئي ڪان هئي. پر سندس ماءُ بختاور جي من ۾ اها تانگھ هئي. تہ سورٺ جو پيءُ، اسان سان پيار ڪري، خوش ٿئي، ۽ اسان جي وچ ۾ ويهي، اسان جا حال ٻڌي ۽ پنهنجي دل جون ڳالهيون ٻڌائي. ليڪن سندس لاءِ ڪريمداد ۾ اها دل ئي هاڻ نہ رهي هئي، جيڪا سندس روح کي راحتون بخشي، ۽ من جي ڪروڌ کي ماڻار ڏئي. سندس اندر جي اميدن جو احوال ونڊي ڪيس يقين ڏياري سگھي ها تہ، "بختاور! پاڻ پنهنجي سورٺ کي پڙھائيندا سين، هن کي ڊاڪٽر يا وڪيل ڪندا سين، هڪ سٺي خاندان ۾ سندس شادي ڪرائيندا سين،...هي ڏس! ڪيڏي نہ سھڻي آهي!... هي نازڪ هٿ، ننڍڙيون آڱريون، سنھڙا چپ... هي ڏس نڪ تہ، ڪيڏڙو ننڍڙو اٿس... ۽ هي سندس ناسي اکيون ڏس، قدرت انهن کي ڪيڏو نہ خوبصورت جوڙيو آهي؟... ۽ سپ کان وڌيڪ هن جو اسان سان رشتو! ڪيترو آزاد ۽ ڪيڏو نہ مضبوط آهي، جيڪڏهن اسان پاڻ چاهيون، تہ اسان خود بہ هاڻ هن رشتي کان الڳ نٿا ٿي سگھون!؟"

پر ڪريمداد ۾ اهڙيون سوچون اڃ مئل خيالن جي شڪل ۾ بہ باقي وڃي ڪجھ بتيون هيون، سندس صحتمند سوچن جا سيئي خيال، بس رڳو چاهت تائين محدود هئا!

ڪريمداد سرتيفڪيٽ ناهرائڻ واري ڪم سان جيترا ڏينهن بہ پنهنجي گھر هو تہ بختاور ويچاري پاڻ گھٽوئي ناهيو سينگاريو ايتري تائين جو جيئن مرد کي پنهنجي جسماني سگھ ۽ مضبوط عضون جو جذبو ڪنهن خوبصورت عورت جي چاھ ۾، ان عورت جي نظرن ۾، پنهنجي نماءُ لاءِ اهو جذبو اپارينڊو آهي، تيئن بختاور بہ، پنهنجي عورتاڻي سونهن ۽

جسماني، اپريل عضون جو نماءُ بہ ڪريمداد لاءِ صبح، شام پي ڪيو پر ڪريمداد لاءِ سندس ان سينگار جي اهميت، هڪ زنده لاش جي برابر ئي رهي!

ڪريمداد جي ان بي رُخي ۽ روٹ منهن تان، هڪ ڏينهن بختاور نيٹ چئي ڏنس، "ڪريمداد مون تنهنجو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي؟ تون مون سان سولو ڳالهائين بہ نٿو؟... مان توکان ڪجهہ گهران ٿہ نٿي؟... ۽ هي ننڍڙي سورٹ، تنهن وٹ ويهڻ، ڏسڻ يا ان سان کلڻ ۽ کلائڻ ٿہ نهيو، پر اج تائين ان جي باري ۾ تو مونکان ڪڏهن پڇيو ئي ناهي!...ايڏي بي مُروتي... چو... مون چا ڪيو آهي!؟"

۽ ڪريمداد، پنهنجي نقلي قرب جو احساس ڏيئاريندي چيس "بختاور! اهڙي ٹہ، ڪا، ڳالهہ ڪونهي، مان ٹہ بس جهڙو آهيان تهڙو ئي آهيان، زماني جا ڪمہ ڪار آهن، مصروفيت آهي، وقت ڪون ٹو ملي بس... سورٹ لاءِ ٹہ، جهڙو مان پيءُ آهيان، ساڳي تون بہ ماءُ آهينس! ... هيءَ تنهنجي هنجهہ ۾ آهي، ٹہ اهوئي ان جي امن جو گهر آهي ۽ ان جي صحت، صفائي لاءِ بہ تنهنجو ئي ڏيان وڌيڪ بهتر آهي! ... ها باقي! اها ڳالهہ آهي ٹہ، تنهنجي ماءُ اجايو ڪروڌ ڪري، گهر جو ماحول ٹورو خراب ڪيو آهي. پر ان لاءِ بہ تون ۽ مان آهيون نہ! ... بس توکي رڳو امان ۽ بابا جو ٹورو خيال رکڻ گهرجي، هو پوڙها ٹي ويا آهن، هنن جو هاڻ ڪو حال ڪونهي، انهن سان رڳو ها ۾ جيءَ ملائينداسين، ٹہ هو بس ان ۾ خوش هوندا! باقي تون اجايو نہ سوچ، ڪجهہ بہ ڪونهي، سورٹ جو گهڻو خيال رکندي ڪر؟ مون کي ڇڏي ڏي، اها اسان جي پرٹي، جي پهرين نشاني آهي!"

۽ سندس ذهن ۾ لفظ "آخري نشاني" بہ هڻا پر ڪيئن چوي ٹہ، سورٹ اسان جي پرٹي جي پهرين ۽ آخري نشاني آهي بختاور"

حالانڪ، سندس من ۾ اهڙو اڏو گابرو فيصلو ٹئي بہ ٹيل هو ٹہ ننڍڙي سورٹ اسان جي پرٹي جي آخري نشاني آهي، ليڪن بختاور جي ذهن ۾ اهڙو تصور اڃا نہ اپريو هو.

ها! باقي عام عورت جيئان، پنهنجي مڙس جي لاءِ سندس من ۾ اها، اهڙي بيماني ضرور جاڳندي هئي، ته هو پنهنجون جنسي ضرورتون مونکي چڏي، ڪنهن ٻئي هنڌان نه پوريون ڪري!؟

پر ڪريمداد جي جنسي نيچر ايڏي خراب ڪون هي، ٿورو شهوت پرست هو پر ان ۾ اهي خوبيون به هيون ته، ڪوئي ان کي پنهنجي جنسي گناهه ۾ شريڪ نٿي ڪري سگهيو. ليڪن پوءِ به هن چاهت کي رڳو پنهنجي جنسي حوس جي ڪري چاهيو هو ۽ چاهت جي خوبصورتي ۾ اهي خوبيون واضح هيون، ته ڪوئي به ان کي جنسي خواهش واري خيال سان، جيءَ ۾ري، ڏسي پي سگهيو. ۽ چاهت ان لحاظ کان بردبار ۽ مضبوط ذهن جي مالڪ هئي. ڪريمداد جيڪڏهن پنهنجي اهڙي خواهش ان سان ظاهر به ڪري ها، تڏهن به، هو ناراض ته ڪان ٿئي ها، پر ڪريمداد جي ان ذهنيت مان ڪريمداد کي پنهنجي شادي لاءِ جلد کان جلد آماده ڪري ويجي ها. ۽ ڪريمداد جي سسُ کي اهو اهڙو تڪڙو ۽ تازو ڏڪ، اهڙو ته اثر ڪري ها، جو بس ڄمار پئي ياد ڪريس ها!

حالانڪ ڪريمداد جي سسُ لاءِ، چاهت جي من ۾ اهڙو ئي ارادو هو پر ان لاءِ وچ ۾ صرف سندس پيءُ جان محمد آڏو هو، نه ته ڪر سندس من ۾ اُيامي آيل اهو زهريلو ضد هن تڪڙو ئي پورو ڪرڻ پي چاهيو. جيڪو سندس پيءُ جي احترام سبب، ايڏو تڪڙو حاصل نه پي ٿيو. تنهن ڪري ٿڏي دماغ ۽ پنهنجي تيز حرفتبازي سان هن ڪريمداد کي بختاور کان کسي پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو هو.

بختاور ته ان جي پيٽ ۾ سادو ذهن ۽ نج ڀهراڙي جي اٻوجهه ڇوڪري هئي. سندس ذهن ئي هڪ طرفو هو، تنهن پنهنجي نڪاح ٻڌل ڪريمداد کي رڳو ٿورو ڪجهه چيو پي، ته ان لاءِ به سندس اندر ۾ هڪ اهڙو خوف ويٺل هو، جيڪو ڪيس پنهنجي مڙس سان سرعام ڪلڻ ۽ ڪلي چڳي طرح سان دل ڪولي ڳالهائڻ کان به، ڊيڄاريندو رهندو هو! جنهن کي سنڌي سماج ۾، هڪ هنيلي مرد لاءِ سندس زال جو احترام ۽ ادب چيو ويندو آهي!

بختاور بہ شايد پنهنجي ان سماج جي اهڙي مرض جي مريضا هئي. جڏهن ڪريمداد چيس "بختاور، هي ننڍڙي سورٺ اسان جي پرٽي جي پهرين نشاني آهي!"

تڏهن بہ ان کي ائين ڪون چئي سگهي تہ "پوءِ پنهنجي پيار جي نشاني ڪٿي آهي ڪريمداد؟"

هو ان جملي ۾ احترامن خاموش ٿي وئي هئي. بختاور اهو سوچيو تہ "نيڪ آهي، منهنجي بدلي رڳو ننڍڙي سورٺ جو خيال پيو رکي، تڏهن آهستي، آهستي کيس منهنجو خيال بہ هڪ ڏينهن ضرور ايندس!"

پر ڪريمداد جي سوچن جا سيئي رُخ، بختاور جي اميدن کان ابتڙ هئا، ڪريمداد کي پنهنجي سنڌي سماج جي ان پهلوءَ وڏيڪ آساني پيدا ڪري پي ڏني تہ، "مرد پنهنجي موجوده زال جي اجازت جي بغير بہ، ٻيون ڪيتريون بہ شاديون ڪري سگهي ٿو!"

تنهن ڪري، ڪريمداد لاءِ چاهت سان شادي ڪرڻ وارو مسئلو ايڏو ڪو ڏکيو مسئلو ڪون هو، هو نہ هو تہ رڳو سندس سسُ، جنهن راڄ، برادري ۾ پنهنجي دانهن پي ڊوڙائي، تہ ان سان گڏ، سندس ماءُ پيءُ کي بہ سوڙهو ۽ سُڪ ڪيو ويني هئي.

جيستائين ڪريمداد گهر کان ٻاهر ڪنهن ٻئي پاسي يا چاهت وٽ هوندو هو تہ ٻئي، چوٽين ڏينهن تي، ڪريمداد جي گهر وارن سان، ڪنهن نہ ڪنهن بهاني، پنهنجي دل جي ٻاهہ پئي هلڪي ڪندي هئي. ۽ سندس اُهي ڪارروايون، شهرُو ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان چاهت ڏانهن پئي موڪلينديِ هئي.

ائين هڪ ڏينهن ڪريمداد جي منهن کي چُهٽي پئي، ڪريمداد پهريان کيس پنهنجي ماءُ جي نظر سان پي ڏٺو پر جڏهن هُو خود پنهنجي سچاٽپ ڇڏي چوڙ لڳي "تون منهنجي ڏيءُ کي ڪجهہ ڏيئين ۽ ڏسين بہ ڪون ٿو... رات ڀاني بہ، کانئس پري ڪتن جيڏان اڪيلو ستو پيو آهين... ۽ ڏينهن جو وڃيو، هوڏانهن پنهنجي سُريت، چاهت سان سُمهين... توکان پوءِ، سنو هو تہ، پنهنجي ڏيءُ کي ڪنهن چور سان پرٽائي ڇڏيان ها! ۽ پنهنجي ڏيءَ جي ڪا پهاج تہ اکين سان ڏسان ها!"

ڪريمداد پنهنجي ئي گهر ۾، پنهنجي زال جي اڳيان اهڙا جملا ٻڌي طلاق ڏيئڻ لاءِ بہ تيار ٿي ويو. پر پڌس ڪيس ٿڌي دماغ سان سمجهائيندي چيس "بابا ڪريمداد! مرد پنهنجا ننگ ناهن ڇڏيندا اهو ڪهڙو مرد، جيڪو پنهنجي زال کي پنهنجي جيئري ٻيو مرد ڏئي! ٻيلي جيسين آئون جيئرو آهيان، اهو داغ مون تي نہ هڻ يار... نياهي سگهين تہ نباهہ، نہ تہ اسين پيا اٿو کارائيندا سينس."

تہ ڪريمداد چيس "پر بابا! ان روز روز جي ڪل کان تہ هميشہ جان ڇُٽي پوندي!"

"نہ پٽ! اها ڪل هڪڙي ڏينهن جي ڪونهي... طلاق ڏيندين تہ، اسان تي هميشہ جي خواري ٿيندي.. وري ڪنهن ٻئي مرد سان شادي ڪرائي، تنهنجي سامهون ان سان گڏ سُمهارينديس! ... جي تون طلاق ڏيئڻ ٿو چاهين، تہ پهريان پنهنجي گهر جا ٽپڑ ٻڌ، ۽ ڪو ٻيو پڌ هلي آباد ڪر... هتي پنهنجي غيرت کي چرچو ڪون ٻڌائيندا سين."

ڪريمداد تہ پنهنجي چاهت جي خاطر پنهنجو گهر ڏاهي، اتان لڏڻ لاءِ بہ تيار هو پر هو پرائمري ماستر هو ۽ ٻني جا صرف ٻہ ايڪڙ هئا، سندس مالي حالت اهڙي هئي، جو هو فلحال نئين گهر اڏڻ جي سگهہ ۾ ئي نہ هو. هن پنهنجي اها ٻہ ايڪڙ ٻني وڪڻڻ لاءِ پيءُ کي چيو تہ، پيءُ چيس "ڪريمداد، ٻني ۽ وني بہ ڪا وڪٽبي آهي ڇا؟ آهي اها ٻہ ايڪڙ ٻني، اها بہ وڪڻون تہ باقي ڇا بچندو. زناني زور ۾ اچي، ٻني وڪڻي پچاڙي پنندا سون ڪون؟ تون انهيءَ ڇتي رن جي چڪ، وات سان پنهنجو ڏهن خراب نہ ڪر. توکي ڪا ڏکي ٿي لڳي، تہ پلي ٻڌي ڏينهن چاچهين جان محمد ڏانهن هليو وڃ، پنهنجو ڏهن بدلائي اڃ، ۽ ٻيو جيئن وٺئي تيئن ڪر، پر اها طلاق ۽ هتان لڏڻ واري حالت ۾ ڪون آهيون، هتان لڏي، ڪنهن اڪيلي هنڌ ويهڻ جو ڏؤر بہ ڪونهي!"

اهو ان مهل رات جو ڪو سومهڻي جو وقت هو. برساتون مڪمل ختم ٿي ويون هيون، آسمان ۾ ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ رول بادل چندڇي روشني تي ڏسڻ ۾ پي آيو. سرءُ جي موسم شروع ٿي چُڪي هئي، مچرن جي ڪري، مليريا عام جام هو. ۽ علاج اڻ لپ! ڪجهہ ڏينهن کان عادل کي بہ، مليريا

جي بخار، هٹي سُڪائي وڏو هو. ۽ گهر کان ٻاهر ڪيڏاهن ڪون پي نڪتو. پر ان کان اڳ ۾ چاهت ۽ صديقا جا برٿ سرٽيفڪيٽ يونين ڪائونسل جي آفيسن مان ناهرائي گهر پهتو هوتو. ڪيس بخار ڪيرائي وڏو هئس. جنهن ڪري، ڪجهه ڏينهن کان ڪريمداد ۽ سندس، ملڻ ڪون پي ٿيو.

ان رات گهر ۾ ان جهيڙي کان پوءِ، ڪريمداد پنهنجي ذهني اُلجهاءُ سبب گهر کان ٻاهر نڪتو ۽ عادل جي گهر وڃڻ جو خيال، ڪندي، ڪندي ڪُمهلو وقت سمجهي، ۽ پوءِ ٻاهر وڃڪي ڦري سُتي ماڻهن، پنهنجي گهر اچي سمهي پيو. ٻئي ڏينهن نيرن پاڻي ڪري، عادل جي گهر هليو ويو ۽ عادل بخارن جي ڪري، ڪمزور ٿي پيو هو. ڪريمداد عادل کي ڏسندي ئي، محسوس ڪري ويو ته، سندس طبيعت شايد ناچاڪ آهي. هن عادل کان پڇيو. "ڇاڳالهه آهي؟ ڪافي ڪمزور ٿي ويو آهين؟"

"ٻه ٽي ڏينهن لاڳيتو بخارن ۾ هئس ڪريمداد. تن بس ڪمزور ڪري ڇڏيو. پر ڪريمداد، هڪڙي ڳالهه تي ڏاڍي حيرت ڪائيندو آهيان. يار بخار ۾ وري شاعري مونکي گهڻو ستائيندي آهي! حالانڪ اهڙي ڳالهه ڪنهن سان ڪرڻ ٻه چريائپ آهي ؟"

۽ ڪريمداد حيراني مان چيس "اڇا! ته پوءِ ڪو نئون شعر ٻڌائي نه؟"

ڪريمداد جو لهجو خوشامد جهڙو هو. پر عادل سندس خوشامدي کي نظرانداز ڪندي چيس "ڇڏ يار! وري بخار چڑهي ويندو... تون ٻڌائي ڪهڙا حال آهن... چانهه پيئندين؟"

۽ عادل گهروارن کي چانهه جو چئي ڇڏيو. ٿوري دير ۾ ئي عادل جي اها خوبصورت پيٽ ئي چانهه کٽي آئي. جيڪا خبر ناهي ته ڪهڙي خيال کان ڪريمداد جي منهن مان ته نظرون ڪيندي ڪان هئي. چانهه جي وقت هن پنهنجي پاءُ عادل کي چيو "ادا! پاءُ ڪريمداد توهان کي ڪون ٿو ٻڌائي... چاهت جي ڪري سندس گهر ۾ روز جو جهيڙو متل آهي!؟"

تڏهن ڪريمداد ششدر ٿي ويو. ۽ عادل ڪيس شڪ جي نگاهه سان ڏسندي، پنهنجي پيٽ کي چوڻ لڳو "پنهنجو سماج ئي سڄو جهيڙاڪ لڳو پيو آهي! ڪريمداد ڪجهه نه ٻڌائيندو. ته ڪهڙو فرق ٿو پوي. اهو ته اسان ماڻهن جو روز جو معمول آهي. پر اسان نئين نسل کي اوڏانهن هاڻ گهڻوڏيان

ڏيئڻ ئي نہ گھرجي! اسان کي جيڪو ڪرڻو آھي، سو اسان کي پنھنجو اعتماد، پنھنجي اندر پنھنجو وٿوق ۽ مضبوطي پيدا ڪرڻي آھي، انھن روز روز جي جھيڙن ۽ ڪروڌن تہ اسان جي سماجي ڪارپٽ کي ڪارو ڪيو آھي، تنھن ڪري، اوڏانھن ڏيان ڏيئڻ ۽ ان کي اھميت ڏيئڻ سان، ماٺھو ذھني طرح بيمار ٿيو پوي.. منھنجي خيال ۾ ڪريمداد بہ ان کي ايڏي اھميت ڪون ٿو ڏئي... ڪريمداد ڪيئن، مان صحيح پيو چوان نہ؟"

"ھا توھان غلط ڪون پيا چئو" ھن عادل جي پيٽ ڏانھن نظرون ڪٽندي وري چيو "پر پيٽ صبا بہ صحيح پئي چوي، منھنجي گھر ۾ تہ سسُ مون واري وڏو ٻائيتال مچائي رکيو آھي، تہ اوڙي، پاڙي وارا اوڏانھن ڏيان ڏيئن ٿا، شايد ائين توھان جي گھر تائين بہ ڪا ڳالھ آئي ھوندي، تڏھن تہ ادي صبا بہ ڳالھ ڪري پئي."

ڪريمداد پنھنجي ذاتي معاملي کان مڪمل لاتعلقي پي ڏيکاري، پر عادل جي پيٽ، صبا اھا ڳالھ ڪري ٻني کي حيران ڪري ڇڏيو تہ "نہ ادا، اسان تہ ٻڏو آھي، تنھنجي سسُ پنھنجي ڏيءَ بختارو لاءِ طلاق پئي گھُري!؟"

تڏھن عادل ٽڏو ساھ کڻي، ڪريمداد کان حيراني مان پڇيو "ڪريمداد، معاملو ايستائين وڃي پھتو آھي ڇا!؟"

"نہ! مونکي تہ اھڙي خبر ايجا ڪانھي، اھا ڳالھ الائي ڪيئن اُٿي آھي!"

ڪريمداد تہ ڪوڙ ھڻي پاڻ لڪائي ويو، پر صبا ڏٺو تہ اھڙي ڳالھ ڪري، مون غلطي شايد ڪئي آھي، ۽ معاملو سڄو سياڻي الزام جي شڪل ۾ مون تي ايندو، تنھن پنھنجي بچاءُ ۾ چيو "ادا ائين ھجي نہ ھجي، پر پاءُ ڪريمداد جي سسُ تمام ڏنگي، ۽ منھن چڙھ مائي آھي، ان اھا ڳالھ ڪئي ھوندي تہ ڪري سگھي ٿي... ايجا ڪجھ ڏينھن اڳ، پنھنجي گھر آئي ھئي، تہ صديقا ۽ ادي چاھت وارن بابت پئي چوي تہ، اھي ھچائون الائي ڪٿان آيون، منھنجي بختاور جو تہ، بخت ئي رولي ڇڏيائون... انھيءَ چاھت، تہ منھنجي نائي ڪريمداد کي الائي ڪھڙي قرب جا پاڻي پياريا آھن، جو ڪريمداد جو پنھنجي زال تان ارواح ئي ڪڍي ويو آھي! وڃي ٿو تہ ڏينھن جا ڏينھن اتي، انھيءَ وٽ پيو آھي... تڏھن امان رڳو ايترو چيس تہ، ادي چوڪريون تہ اسان جي گھر بہ گھٽو ايندیون آھن، ھو تہ سياڻيون سيبتيون ۽

بااخلاق آهن، ناحق ڪنهن جي نياڻيءَ کي بدنام ڪرڻ اها سڀ ڳالهه ڪانهي! ... بس پوءِ ته ڪاوڙجي پئي ۽ پٽيندي، پاراتا ڏيندي هلي وئي ۽ هاڻ ته پنهنجي گهر اچي ئي ڪان ٿي."

عادل سوچيو ته، هيءَ چري منهنجي پيٽ، ڳالهيون صفا سڌيون ڪري، ڪريمداد کي وڌيڪ پريشان پئي ڪري، سو پنهنجي ان پيٽ کي ڪنهن هڪڙي پاسي ٽارڻ جي خيال سان کيس چيائينس " هاڻ پنهنجي گهر نڪي اچي ته ڇڏي ڏيوس... پر صبا، پيٽ هاڻ تون هينءَ ڪر، هي ڇانهه جا خالي مگها ڪٽي وچ ۾ هو ٻاهر ڪٽ تي ڏس، مون دوائون پي، غلطي وچان اتي ئي ڇڏيون آهن، سي اتان ڪٽي، ٻارڻن کان ڪٽي هٿيڪيون ڪري رک؟"

صبا، جيئن ئي ڪمري مان نڪتي، ته عادل موضوع بدلائيندي چيو "ڪريمداد، هو سرٽيفڪيٽن وارو ڪم ڪرائي آيو آهيان، ۽ پاڻ ٻه تي ڏينهن هڪٻئي سان گڏياسين ڪون پي... گهر پيا آهن، جيڏي مهل ٻه وجي ته ڪنيو وڃجان."

آڇر جو ڏينهن هو موڪل جي ڪري ٻئي واندا هئا، تنهن ڪري ڪريمداد کي ٻه ايڏي جلدي ڪان هئي، پر عادل موضوع بدلايو ته، هن ٻه دلچسپي ونندي چيس "سرٽيفڪيٽ پلي تو وٺ ئي پيا هجن، تون وقت ڪڍي، ڪنهن مهل ٽائيم ڏي ته، چاچا جان محمد، ڏانهن گڏجي هلنداسين،... مان اڪيلو ويندس ته هو وري، تنهنجي پڇا ضرور ڪندو. مون ان سان واعدو ڪيو هو ته، اسان ٻئي گڏجي اينداسون ۽ تو ٻه ته چيو هو هلنداسين؟"

اڙي يار! سائين جان محمد کي ته، هاڻ اها ڳالهه ئي ذهن تان لهي وئي هوندي.. هڪ ته هو آفيسر ۽ ٻيو وري هو پوليس جو ماڻهو! اهڙيون ڳالهيون، اهي ماڻهو ائين ئي ڪري چڏيندا آهن!"

"غلط! ...عادل! ... چاچا جان محمد جي باري ۾ اهڙي ڳالهه ڪڏهن سوچجان ٻه نه، ... اهو تون جڏهن، ان سان روبرو ملندين، تڏهن چئجان، اڳ ۾ اهو سپ اجايو آهي!"

"نه خير... ائين ته هو واقعي پلو ماڻهوآ هي... خبر اٿئي ڪريمداد؟ تنهنجي شادي۾، هن هڪ سڀ ڳالهه ڪئي هئي ته، اسان پنهنجي سماج ۾،

هي جيڪو وڏن، وڏن خرچن وارين، شادين جو رواج وڌو آهي، تنهن ۾ ته معاشي فائدو ۽ سماجي سڌاري جو ڪوئي عنصر ظاهر ۾ ته نظر ئي ڪون پيو اچي،... هي ايڏا وڏا ڪاج، جن ۾ به، به سؤ ٽي، ٽي سؤ ديڳيون پچن ٿيون. جانور ڪسن ٿا، تنهن ۾ ته ڪائڻ وارو به قرضي ته ڪارائڻ وارو به قرضي، چو؟ اسان ماڻهن ان اجائي ٿڪ ۾ ڏڻو چاهي!؟"

ڪريمداد، ان مهل اتي ويٺلن مان، ڪنهن به ڪيس ڪو جواب ڪون ڏنو، مون بس ٿورو ايترو چيومانس... سائين اسان اهو پنهنجي ذاتي قد، ڪاٺ وڏائڻ جي خيال سان، ڪندا آهيون، پر توهان جو چوڻ درست آهي، ته اهو سپ هاڻ اسان جي سماجي قدرن ۾ گڏجي، ڪنهن اهم روايت جي شڪل بڻجي ويو آهي."

تڏهن چوڻ لڳو "پر جيڪڏهن اهو ايترو بي ترتيب خرچو، اسان ساڳي پنهنجن انهن شادين وارين خوشين مهل، ترتيب سان، پنهنجي تهذيب ۽ ثقافت تي خرچ ڪريون ته، ڇا ماڻهو اسان تان ڪلندا؟"

ڪريمداد! اهو سوال سائين جان محمد ايجا پوروئي نه ڪيو هو، ته ڪيس ماني لاءِ سڏ ٿيو ۽ پوءِ وري اسان هڪٻئي سان ڪون گڏجي سگهياسين... تنهنجي ڳالهه صحيح آهي ڪريمداد! هو بلڪل هڪ منفرد ماڻهو آهي، اصل ۾ اهڙا ماڻهو اسان ۾ ڪي تمام ٿورڙا آهن، جيڪي پنهنجي سنڌي سماج تي سوچن ٿا، ۽ ان جي ڳُٽن اوٽائين ته، ڏيان ڏئي، پوءِ موقعو مهل ڏسي، ان جي عام ۾ چنڀڇاڻ به ڪن ٿا... اهڙن ماڻهن سان ملڻ گهرجي ۽ سڀا بحث مباحثا ڪرڻ گهرجن، پرمونکي ايجا جهڙو تازو بخارن سٽيو آهي، ۽ ڪمزوري جي ڪري، ڪيفيتون ڪجهه اهڙيون چلوِليون ٽي پيون آهن، جو ڪيڏانهن نڪرڻ تي دل ئي نه پئي چوي."

پر ڪريمداد کي پنهنجي دل جي بيچيني ۽ سندس گهرجي ڪِٽ، ڪِٽ ڳوٽ ۾ بيزار ڪري وڌو هو، تنهن ڪري پڌس جي وقتي صلاح مان فائدو ونبي، هن اتان پڇڻ پي چاهيو، هن عادل کان وقت جي گهر ڪندي چيو"خير ايڏي تڪڙ به ڪونهي... منهنجي صلاح آهي ته، اڄ آچار آهي ۽ وري ايندڙ آچار جي رات تي اتي هلي ڪچهري ڪبي، تيستائين منهنجي خيال ۾ تنهنجي طبيعت نارمل ٿي ويندي!؟"

"نا! طبيعت... هاڻي بخار تہ ڪون ٿا اچن، بس ٿوري ڪمزوري رهي ٿي... پر نيڪ آهي، تو صحيح وقت رٿيو آهي، هلنداسين."

عادل ايترو چئي ٿوري خاموشيءَ کان پوءِ وري چوڻ لڳو "خير، اهو تہ نيڪ ٿيو ۽ طئي بہ ٿيو تہ هلنداسين، پر ڪريمداد مونکي تنهنجي گهروارو معاملو الائي ڇو ٿورو ائين بس ڪجهہ... غير متوازن پيو لڳي، ڇو؟ ائين ڇو پيو ٿئي يار!؟"

"عادل، اهو ائين آهي بس! جيئن تو سويل پي چيو تہ، اهو هاڻ اسان لاءِ روز روز جو معمول بڻيل آهي... سو سماجي حوالي کان الائي ڪيتريون اهڙيون ڪميون، پيشيون آهن، جيڪي ماڻهو جي ذهن ۽ زندگي جي معاملن ۾ ڪافي برا اثر ڇڏن ٿيون، پوءِ ان ۾ نہ رڳو فرد پر خاندان بہ متاثر ٿين ٿا،... ماڻهو جيڪڏهن پنهنجي صلاحيتن کي صحيح استعمال نٿو ڪري، تہ ڪڏهن، ڪڏهن ڪو نقصان بہ واقعي ٿيو پوي ٿي سگهي ٿو منهنجي لاءِ بہ، ڪا اهڙي صورتحال پيدا ٿي پئي هجي، جنهن جي مونکي ايجا پوري خبر نہ هجي!"

ڪريمداد اهو پنهنجي دوست سان سراسر ڪوڙ پي ڳالهايو ۽ ڪجهہ سچ جيڪڏهن چيائين پي، تہ اهو بہ ائين، اشارن، اشارن ۾، جهڙو پنهنجي دوست عادل کي اڳواٽ آگاه ڪندو هجي تہ، "ڪڏهن، ڪڏهن نقصان بہ ٿيو پوي."

ڪريمداد خود کي تہ پوري خبر هئي۽ ذهني طرح پاڻ تيار بہ هو، تہ بختاور ۽ مان، هاڻ گهٽو وقت شايد هڪڙي ٽانڊ ۾ گڏجي ڪائي ڪون سگهنداسين" پر سندس پيءُ جو چيل اهو جملو تہ، "مرد پنهنجي ننگ تان هٽ ڪون ڪٽندا آهن" تنهن ڪيس وڌيڪ منجهائي بہ وڌو هو. ۽ وقتي طور ڪجهہ دير لاءِ ڪيس اڳتي بہ ڌڪي ڇڏيو هو.

عادل کي بہ، ڪجهہ محسوس ٿيو تہ، ڪريمداد ڪجهہ لڪائي پيو، تنهن پنهنجي وڌيڪ خاطري ڪرڻ خاطر، وري وڌيڪ ڪليل لفظن ۾ پڇيس "ڪريمداد، ڪٿي ائين تہ ڪونهي، جو ڪجهہ غلط ماڻهو وچ ۾ اچي ويا آهن، جن کي عام طور تي فتني باز چيو ويندو آهي، جن جو ڏنڊوئي،

فتنيبازي، فساد ۽ نفرتون پيدا ڪرڻ آهي! يا ائين ڪٽي چئون ته، پرايا گهر ڦٽائيندي، ڪين خوشي ٿيندي آهي!؟"

تڏهن ڪريمداد، ڏڪي ڪل ڪلندي چيس "جيڪڏهن ائين هوندو ته اهي ماڻهو به اسان مان ئي هوندا، چا ٿو ڪري سگهجي اهڙن ماڻهن لاءِ... گهر جو چور ته ڇُلهه جي چٽنگ هوندو آهي. بس جيڪي ٿيندو تنهن کي ان وقت ڏسبو."

هن عادل جو ذهن جهڙو هاڻ ان موضوع تان، هٽائڻ پي چاهيو، پر عادل جنهن ڪوج ۾ هو، اها ڪيس ايڏا حاصل ڪون پي ٿي. تنهن ڪري هن بلڪل سڏو نشانو تڪيندي پڇيس "ايڏا! ته پوءِ ان صورتحال جي خبر، چاهت، سندس ماءُ يا گهر جي ڪنهن فرد کي به پئي هوندي!؟"

"ٿي سگهي ٿو، پر يقين سان نٿو چئي سگهجي، باقي تو واري ڳالهه ته، اسان جا ماڻهو.. ڪو چگُو ڪم چوين، ته واندائي ڪونهي، باقي هن کي ويڙهائڻ لاءِ ته، واندائي واندااٰهن ،سو ٿي سگهي ٿو، اهڙيون ڳالهيون اتي پهتيون به هجن."

"جيڪڏهن اهڙي ڪا غلط خبر اتي پهتي آهي، ته چا؟ تعلقاتن تي اثر ڪون پوندو!؟"

عادل جي ان سوال تي، ڪريمداد ڪجهه واڌو ٿي ويو، ڪيس خبرهئي ته، منهنجي سسُ هتي جيڪي واڌا وڌايا آهن، انهن جا آلاپ ته، چاهت تائين روز پهچندا هوندا. جنهن جي عادل کي به اڳ يا پوءِ خبر ته ضرور پئجي ويندي."

بس ٻُڌ تر ۾ اچي ويو، پهريان سوچيائين ته، ڪريمداد ڪر اڄ اعلان ته، منهنجي سسُ ۽ چاهت جي وچ ۾ جيڪا جنگ ڇڙيل آهي، تنهن ۾ چاهت جنگ ڪٽيو بيني آهي، ۽ مان هڪ هارايل سپاهي جيئان، پنهنجا هٿيار ڦٽا ڪري، سندس حُسن جي هٿڪڙين جو باندي بڻيل آهيان، ۽ هاڻ جيڪا به سزا منهنجي لاءِ منتخب ٿي، ان لاءِ اوهان دوستن کي، منهنجي معافي جي اپيل جي لاءِ تياري ڪرڻي پوندي!"

۽ وري خيال آيس ته، اها اجائي تڪڙ ٿيندي ڪريمدادا ... پاڻي کان اڳي ڪپڙا لاهڻ يا وقت کان اڳي واڪو ڪرڻ بيوقوفي آهي... تڪڙ نه ڪر

ڪٽي ائين نہ ٽئي جو، مور جي هلٽي سڪندي، ڪانگ واري وک بہ وڃائين! ... ائين تہ پوءِ لوٽي کان ٻنڌڻو، ڳرو ٽي پوندو.. ٽورو ٻُٽ جهل ڪريمداد، ۽ وقت جي تقاضا کي مرضي تي ڇڏي ڏي!!"

ڪريمداد پنهنجي اهڙي ٻڌتر واري سوچ ۾ هو، تہ عادل سندس چهري واريون ريکائون پڙهندي، پنهنجي گُمان واري گرامر کي سمجهي ويو تہ، اڄ يا سياڻي، پر ڪريمداد ڪم کان ويو!"

پوءِ بہ هن الائي ڇو، اهو بهتر نہ سمجهيو تہ، هڪ دوست جي ذاتي معاملي ۾، ائين بنا دعوت جي، دخل اندازي ڪري، سندس لاءِ بي وقتي الجهن کي سُلجهائجي!"

شايد ڪريمداد جي خود ڳالهين لکائڻ جي ڪري، سندس دل ائين ڪرڻ لاءِ، اجازت نہ پي ڏنس ۽ ڪريمداد کي سوچن ۾ ڏسي، ان کان پڇڻ لڳو "ڇا ڳالهہ آهي ڪريمداد؟ يڪو ٻڌي وئين، مون کا غلط ڳالهہ تہ ڪون ڪئي آهي نہ!؟"

تہ ڪريمداد ٻُڌل ڪُوئي جيئان، هڪدم منهن مٿي کڻندي چيو "نہ نہ، عادل تون اهڙيون ڳالهيون هر هر چو ٿو ڪرين؟... ماٺهو جيڪي ڳالهيون اڳ ۾ ڪري چڪا هجن، انهن مان کا ڳالهہ، جيڪڏهن اسان هڪٻئي سان ڪريون ٿا، تہ اهو اسان انهن ڳالهين ۾ بس رڳو ياڳي پائيوار ٿا ٽيون، اهي ڳالهيون، غلط هجن يا صحيح، پر اهي اهڙيون ڳالهيون اسان جون ناهيل يا پيداڪيل تہ ناهن! ۽ ها!انهن ڳالهين جي حمايت ۾ جيڪڏهن اسان وڃون ٿا، تہ پوءِ انهن جي غلط، صحيح جو تعَين ڪرڻ ضروري آهي، سو بہ تڏهن، جڏهن انهن جو ڪو وجود بہ هجي، باقي منهنجي سُس جهڙي هوائي عورت جي ڳالهين تي، مان بہ هوا ٿي وڃان، اهو ائين تہ ٿي نٿو سگهي ۽ نہ تون بہ ايترو سوچ عادل! ...ٺيڪ آهي، ڪڏهن، ڪڏهن حالتن جو ٽڪراءُ ٽيندو آهي، پر ان لاءِ بهتر دوست هوندا آهن، جن جو سهارو ڪم اچي ٿو، پر منهنجي لاءِ تہ، پوءِ تون سين کان مونکي وڌيڪ ويجهو آهين، ان لحاظ کان ڪجهہ ڳالهيون مان، ڪٽي توسان نہ ڪيان، لکايان، تڏهن بہ توکان اهي لکي تہ ڪون سگهنديون... سو بهرحال غلط يا صحيح! دوستن کي منهن

تي چئي، ٻڌائي ڇڏڻ گھرجي! نہ تہ، ٻي حالت ۾ انھن کي دوست تہ ڪون چئبو آھي."

ھن پنھنجا اُپتا، سيتا ناھہ، ناھي، وڏ کان وڏ عادل کي مطمئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ عادل، سندس لڪل سوچ ۽ ويڑھيل نيت کي پوري طرح پرکي نہ سگھيو، پر پوءِ بہ ڪنھن حد تائين، اھو ھن سمجھي ورتو تہ، ڪريمداد پلي چا بہ پيو چوي، پر ڪُنڊي تہ ڪلين وچ ۾ لڳل اٽس، تنھن ڪري ھاڻ اھو ضروري ڪونھي تہ، ھڪ سٽي دوست کي، ھروپرو، ابتا، سبتا دليل ڏئي، سندس دل جو راز کولي کيس ڪوڙو ثابت ڪجي، اھو چڱو نٿو لڳي! ۽ اجايو زور ۽ري دوستن کي، سندن ئي ڳالھين ۾ ڪوڙو ثابت ڪرڻ، دوستي جھڙي عظيم رشتي جي لاڳاپي لاءِ بہ اھا سٽي سوچ ڪان چئبي."

اھو سوچي عادل، ڪريمداد کي ھاڻ وڌيڪ ڇيڙڻ ڇڏي ڏنو ۽... ڳالھين مان ڳالھيون ڪندي کين وقت جو احساس ڪون رھيو ھو، ڏينھن جا ٻارنھن ٽي ويا ھئا، موسم بنھہ اڻ وٽندڙ، ھر ماڻھو پنھنجي، پنھنجي سوچ مان بہ خفا! ڪنھن کي زڪام، ڪنھن کي بدن ۾ مٿي ۾ سور، ۽ ڪريمداد کي تہ ھونئن بہ گھٽي سوچ جي ڪري، سڄو سرير سور ٿي پيو ھئس!

ٻلا رڳو ڳالھيون ناھڻ سان تہ، سور ئي حاصل ٿيندا آھن، ڪريمداد بہ انھن سورن ۾، عادل کان موڪلائي، اٽي ٻاھر اچي پنھنجي گھر ڏانھن ڏنائين تہ، ڪنھن اُجڙي ويل، ويران سپني جيئان محسوس ڪيائين، پنھنجي گھر وڃڻ لاءِ، روح ئي نہ پيو چويس، پر پوءِ بي دليو ئي گھر ھليو آيو ۽ گھر ۾ ھميشہ جيان، سندس اچڻ سان فلحال ائين خاموشي ٿي ويندي ھئي، جو ان گھر ۾ جڻ انسان جي آبادي محسوس ئي ڪون ٿيندي ھئي، ۽ پوءِ ڪجھہ دير سھي اھڙو ھُل جاڳي پوندو ھو، جو ائين لڳندو ھو تہ، خطرناڪ انسان تہ رھندا ئي ان گھر ۾ آھن.

ان ڏينھن بہ ائين گھر ۾ مڪمل خاموشي ڏسي، ھن ائين محسوس ڪيو تہ، جھڙو ڪنھن پرائي گھر ۾ آيو ھجي.

ھن وراندي ۾ ڪٽ تي ويھي، ھيڏانھن، ھوڏانھن نظر ڊوڙائي ڏٺو تہ، سندس ٻئي پيٽون، ماڻ سان گڏ وينيون آھن، ۽ سندس زال ۽ سندس سسُ انھن کان الڳ وينيون آھن، ۽ سندس پوڙھو پيءُ سامھون ٻي ڪٽ تي پنيرو

ليٽيل هو ۽ پاڻ بہ وهاڻو سري کان ڏئي ايا ليٽيو مس هو ته سندس پيٽ شهرو سندس سيراندي‌ءَ کان اچي، آهستي، آهستي ڪن ۾ ڪجهہ ڪيس چيائين ته، هڪدم اُپو ٽي ويهي رهيو ۽ پنهنجي ماڻ کان پڇڻ لڳو "امان! هي، ادي شهرو چا پئي چئي!؟"

۽ ماٽس جاڻي، ٻُجهي پنهنجي بي خبري ڏيکاريندي چيو "ابا، الائي چا ٿي چوي؟" ۽ منهن ۾ گهنج وجهي شهرو کي چوڻ لڳي "چوري، چاپي چيئي پاڻ کي؟"

"امان مون ادا کي اهو پي ٻڌايو ته، اڄ پاڃائي بختاور کي، پنهنجي ماڻ ونڻ آئي آهي، چئي، پئي ته، ڪريمداد اچي، ان کي ٻڌائي، پنهنجي بختاور کي ونڻ ٿي ويجا... هتي ته مُئي‌ءَ کي مينڊين ۾ مٽيان پئي ويا آهن، ٻہ مهينا. ٽيا آهن، ته مٿو بہ ڪون ڏوتو اٿس!" شهرو ٻڌايو.

"پوءِ مان ته آيو آهيان، وينو آهيان، مون سان نٽي ڳالهائي ڇو؟...ونڻ ٿي وڃيس، ته پنهنجي‌ءَ کي ونڻ وڃي، هو بابا ستو پيو آ، چوينس ته ان سان ڳالهائي...بختاور کي ان، راضي، خوشي مون سان پرٽايو آهي، اهو موڪل ڏيس، ته پلي ونڻ وڃينس، باقي مون سان اجايو مٿو نہ هڻي!"

سندس سسُ اهو سڀ ڪجهہ ٻڌو وينڌي، ۽ ڪاوڙ سهي نہ سگهي، اٿي اچي ڪريمداد جي اڳيان بيهي چيائين "مان مٿو ٽي هٽا نہ... هُو منهنجي ڏيئرڙي ائين تو ۾ اکيون وجهي، وجهي سڙي وئي آهي ۽ تو هن کي گڏهہ سمجهيو آهي نہ؟"

"چا ڪيو آهي، مون هن کي؟" ڪريمداد اکيون اکين ۾ وجهي چيس، ۽ هن آڪڙجي چيو "تو چاڪيو آهي... اهو توکي مان ٻڌايان... هڪ مڙس پنهنجي زال کي چا ڪندو آهي؟... اهو مان پنهنجو، وات اگهاڙو ڪري ٻڌايان؟... ٽي مهينا ٽيا آهن، تون هن سان گڏجي سمهي بہ ڪون، چوين ٽو، مون چا ڪيو آهي!؟"

سندس ان بڙ، بڙ تان ڪريمداد جو پيءُ بہ اٿي وينو ۽ اتان کان ئي چوڻ لڳس "او مائي ... ڪجهہ ساڃاهہ ڪر، چو اچي روز، روز اسان کي خوار ٽي ڪرين... هڪڙي پاسي هن منهنجي چوري اسانکي ڇتو ڪيو آهي، ته ٻئي پاسي تنهنجو اهو ڪاڪڙي تي زور! خبر ناهي ته، تون الائي ڪنهن جي سر

جي پويان آهين. الائي تہ اسان مان ڪنهن جو سر ٽو وڃي. يا الائي تون پنهنجي سر جي پويان آهين!"

بس پوءِ تہ جهڙو ڪکر کي ڪڙو لڳي ويو سڄو ڳوٺ ڪٽي مٽي تي ڪنيائين. ۽ وڏي سڏ چوڙ لڳي "هاڻ اچي تنهنجي اها چاهت تہ. جُندا پٽيانس. انهيءَ بي شرمي. هي ٻيو سڄو راج ڇڏي. توکي پنهنجو عاشق ڪيو ٿس... حيدرآباد وارا ڪون وٽيس ۽ هيڏانهن اچي ٿي عشق ڪري... مان چوانءِ ٿي ڪريمداد. منهنجي ڏيءَ کي پنهنجي زال ڪري سنيال. نہ تہ منهنجي بختاور لاءِ. مرد مري ڪون ويا آهن! ... مان تنهنجي اڳيان ٻيو مڙس ڏيندي سانس. نہ تہ. جي غيرت هجئي. تہ پنهنجيءَ کي ران سان گڏ رک... متان پوءِ پڇهين علي احمد جا ٻہ هٿ نہ پونئي... مون گهٽو ئي سنو آهي. منهنجي نڊڪي ڪونهي... تون هٿ ڪيڙي ڏس تہ. ڪيترا ٻيا گهرڻ وارا آهن ۽ توکي جي چاهت جي سنگت وڌيڪ آهي. تہ وڃي منهن اڇو ڪرينس... منهنجي بختاور کا ڪُنل ٻکري ڪانهي. جنهن کي تو مُردار سمجهي ڇٽو ڪيو آهي... اڄ تہ مان وڃا ٿي. پر هاڻ پنهنجي ڏيءَ مون ويڳاڻي ڏني آهي. تہ مان پنهنجيءَ کي وٺي ويندس. پوءِ جيڪو بابهين کي ڪرٽو هجي. وڃي ڪري. جي نہ. تہ پنهنجي غيرت کي ڪجهہ پاڻي ڏيار. هو تنهنجي لڄ آهي. ٻي لڄو نہ ٿي!؟"

سندس ايڏي وِلل کان پوءِ. ڪريمداد جي پيءُ رڳو ايترو چيس "ڪون ٽو مائي تنهنجي ڏيءُ سان ظلم ٿئي. وڃ. وڃي پنهنجي گهر. اهي دُهل وڄائي... مردن جي ڳالهہ ٿي ڪري. پهريان پنهنجي مرد کي تہ غيرت جو پاٽي ڏيئار. جنهن توکي ڇُوٽ. ڇوڙي ڇڏيو آهي. جنهن کي. تنهن کي وات وجهندي گهمين!"

تہ هڪ دفعو وري ماحول گرم ٿي ويو. ۽ باهہ جهڙو پڙڪو ڪري علي احمد کي چوڙ لڳي "تون چپ ڪر پوڙها! توکي تہ هاڻ قبر پئي سڏي! ... تون تہ اڄ مرين يا سياڻي. تنهنجي تہ نظر ئي بيهي وئي آهي! توکي ڪهڙي خبر تہ. منهنجي ڏيئرڙي سان ڪيڏو ويڙن آهي... پنهنجي جوئي کي سمجهائي. جوئي کي... جيڪا پنهنجو ميسڙو منهن ناهيو وينو پٽهين جا پير ڪيڙي! سپ ڪم تنهنجي انهيءَ کوبلي خراب ڪيو آهي... انهيءَ تہ اهڙا کي منڊ

منڊيا آهن، جو منهنجي بختاور بيمار ڪري وڌي اٿس! ... پي اها تو واري شهربانو ڪٽڻ ڪُتي، اها ٽي ڪٽڻپاڪري، ڪريمداد جا،... انهن کي نٽو چوين، مون کي پيو چوين ته، مان ڇُوٽ ڇُڙي وتان! ... پنهنجو گهر سنيال پوڙها، متان سياڻي اهي ڪفن بہ، نہ ڏيئنئي!"

پاڙي وارن مان ان مهل، جن ماڻهن اهو سپ ڪجهہ ٻڌو پي، تن ائين پي چيو "اڄ ته مائي مت چڏي وئي... ڪيڏي ٻيگهي مچائي اٿس!"

ته ڪنهن چيو پي "اها اڳيئي اکين پور آهي... مائي ڪير ته چوندو انهيءَ ڇتيءَ کي!"

ته ڪنهن وري ائين بہ چيو "آهي ته مائي بہ حق تي... پنهنجي زال هوندي، جيڪو پرائي سان پيار ڪندو، اهو ائين پاڻ بہ بچڙو ٿيندو، ته ٻين جي عزتن تي بہ اڇلون ٿيندیون، ٻيو ڇا ٿيندو"

ته هڪ لکيي پڙهيي ماڻهو وري هيئن پي چيو "ان مائي، علي احمد جي پٽ ماستر کي صحيح سڃاتو آهي، اهو لکيو پڙهيو ۽ ماستر ماڻهو، اجايو سماجي گند ڪري، ڳوٺ جو ماحول پيو خراب ڪري!"

ان مهل ڪريمداد جي ماماڻن مان ڪنهن ڪريمداد کي ائين چيو ته "ڪريمداد اڻ، نڪر گهر مان، چڏ مائي جو منهن، جيسين تون وينو هوندين، تيسين ماڻ ڪون ڪندي! ... اجايا ماڻهو پيا ڪلن، تون وچ، ڪجهہ دير ٻني ٻاري تان چڪر هڻي اچ... تون ويندين تڏهن ڪا مانار ايندي، نہ ته اتيئي سسُ تو واري کي لهي، ايري ويندو!"

ڪريمداد، ماڻ مِيٽ ۾ گهر چڏي ٻاهر هليو ويو ان کانپوءِ بہ ڪجهہ دير سندس گهر ۾ پڙڏول هو، پر پوءِ آهستي، آهستي جيڪو جتي هو، اهو اتي ئري ٽپ ٽي ويو، پر ان هُل هلاکي ۾ نہ چُلهہ ٻري نہ ماني ۽ مانجهاندو ٿيو!

سج لهي ميرانجهڙو ٿيو، ته ڪريمداد بہ لنگهڻ ئي لنگهڻ سوچي، سوچي وري لنگهي پنهنجي گهر آيو، پڻس بہ سندس ئي پويان، جيئن گهران نڪتو هو، تئين وڃي، ڳوٺ واري مسجد ۾ ستو هو، سو بہ سانجهي نماز پڙهي پوءِ گهر موتيو هو، پر ڪريمداد جي ماءُ خوش هئي، ان ڪريمداد جي سسُ کي سڃي ڳوٺ جي اڳيان، پنهنجي اجائي هُل، حشر ۾ بچڙو ٿيندي ڏسي سندس هانءُ ئري پيو هو!

ڪريمداد جي سُس اهو صحيح پي چيو تہ، هن پنهنجي پٽ جا پير پاڻ پي ڪيڀا! پر عقل ۾ ڪمزور هئي، ڪيس اها خبر نہ هئي، تہ سياڻي ڇا ٿيندو؟

ماڻهن تہ ان معاملي تي ٻئي ڏينهن بہ تبصرا پي ڪيا، ۽ اها چُڀ ٻڌُ سڄو هفتو هلي، پر سا رڳو ڳوٺ تائين ڪان هئي، اهي مقالون ماڻهن چاهت تائين بہ پهچائي ڇڏيون ۽ اها هاڻ رڳو ڪريمداد جي اوسيئڙي ۾ هئي، ان کي اهو وڏو انتظار هو تہ، ايڏي ڪل، خواري ڪانپوءِ، جنهن ۾ منهنجو ۽ ڪريمداد جو نالو ٻئي گڏ، گڏ پيا ڳوٺ ۾ ڳائجن، تہ ڪريمداد بہ ضرور ان تي سوچيو هوندو! ضرور ڪي پهہ پچايا هونداٿين، مونکي بہ بار بار ياد ڪيو هونداٿين."

چاهت، بس اهڙي انتظار ۾ هئي تہ، اهڙو ڪم ٿئي، جنهن سان ڪريمداد پنهنجو گهر ڇڏي، هتي هميشہ لاءِ، منهنجو ٿي مون وٽ رهي پوي!"

ائين تہ هر ڪو ئي پريمي چاهيندو آهي، تہ خدا کو اهڙو سبب ناهي، جو بناڪنهن دير، ۽ انتظار ۽ پريشانيءَ جي منهنجو ميِت مونکي ملي پوي!

پر پنهنجو پيار پائڻ لاءِ ايترا تہ پاپڙا پٽڻا پون ٿا، جو ماڻهو کي جيئري مري وري جيئرو ٿيڻو پوي ٿو.

چاهت کي ڪريمداد جي سڪ تہ هئي، پر سڪ ۾ سرجندڙ انهن سورن جي ساجاهہ نہ هئي، جن سورن ۾ سڪ سانڊيندڙ سنوان، سيبتا ماڻهو بہ، دنيا ديوانا ڪريو ڇڏي!

پيار جي پانڊيئڙن لاءِ، سڪ واري ڇڪ جو پنڌ هميشہ اٽپورو رهيو آهي. عمر ڪٽيو وڃي، پر پنڌ نٽو ڪٽي!

انهيءَ پنڌ تہ ڪيترا خان ڪٽائي ڇڏيا، پرنہ ڪٽو تہ پريتم جو پنڌ ڪنهن کان بہ نہ ڪٽو!

محبت جي تہ مسافري آهي اهڙي، جنهن جي سفر جو سامان تہ بس رڳو مسافر جو ساہ هوندو آهي، ۽ ساهہ جي سوديبازي هر ڪوئي تہ ڇاڻي بہ ڪون! ۽ محبت جي معاملي ۾ ماڻهو، پنهنجي خدا کي بہ خوشي سان گڏائي نٽو سگهي.

هر پيار ڪندڙ پريمي پنهنجي پهرئين پيار جي پيڙاءُ واري سمجهہ کان غافل هوندو آهي، پر سڪ جو اولاد ئي سور آهن! جيڪي هاڻ ڪريمداد جي

اڳيان، پويان پي ٽيا، ۽ چاهت کي بہ سڏ پنڌ تي اچي ڇڏيو هئائون ٻئي پريم جي پنڌ ۾ ڪاهي پيا هئا.

عشق اڳيان اٽڪل، هن ابن آدم، ويچاري جي ڇا هلندي، جنهن عزازيل جهڙي عاشق کان سجدي جهڙو ثواب ٿي کسي ورتو. تنهن چاهت کي بہ ٻن واٽن ۾ ورهائي ڇڏيو هو. جنهن جي پهرين سوچ اها هئي تہ ڪهڙي بہ حالت ۾ ڪريمداد کي پنهنجو ڪريان، ۽ ٻيو ڪريمداد واري سُس جي طرفان ٽيل سندس ڪل خواري ۽ بدنامي جو بدلو ونڻ هو!

چاهت جي من ۾ پيار واري پيڙا بہ هئي تہ بدلي واري باهہ بہ هئي. اهي ٻئي طاقتون ڪنهن انسان ۾ گڏجي هڪ ٿي ويندیون آهن، تہ هڪ اهڙو طوفان اٿارينديون آهن، جنهن جي سامهون دنيا جا عظيم کان عظيم رشتا بہ پنهنجا روحاني جوڙ جهلي نہ سگهندا آهن.

چاهت جي من اندر جي موسم بہ، اهڙيون ئي طوفاني لهرون اٿارڻ شروع ڪري ڏنيون هيون.

هن هاڻ پنهنجي ماءُ زليخا کي ڪلم، ڪلو ڇئي ڏنو تہ "ڇا بہ ٿي پوي.. ڪيئن بہ آهي، ڪهڙو بہ آهي پر مان شادي ڪريمداد سان ڪنديس... تون بابا کي ٻڌائين، تہ پل ٻڌائي ڇڏ!"

سندس ماءُ تہ اهڙي طوفان جا ڏڪا اڳيئي کايو ويٺي هئي، سا پنهنجي جان محمد سان جِيءَ گڏي، جڏهن کان گهر ڇڏي نڪتي هئي، تہ وري ان ساڳي گهر جو پاڻي بہ ڪون پيتو هئائين، ماءُ، پيءُ، ڀيٽون، ڪجهہ بہ ڪون رهيو هئس، سيئي پنهنجي جان محمد جي سرتان صدقو ڪيو ويٺي هئي.

هاڻ سندس باقي ڪجهہ هو، تہ اهو جان محمد ۽ سندس صديقا ۽ چاهت! ... سندس شهر بہ اهي، ماءُ پيءُ بہ اهي تہ گهر ۽ دنيا جهان بہ اُهي!

سڀ ڪجهہ سندس اهي ئي هئا، ڪيس ڪلائڻ وارا بہ اهي، رئارڻ وارا بہ اهي تہ ڪفن ڏيئڻ وارا بہ اهي ئي هئا!

هن ويچاري پنهنجي زندگي جا سيئي صدما، صندل جو شربت سمجهي پي ڇڏيا هئا. ۽ ڪڏهن ٻاڦ ٻاهر نہ ڪڍيائين، ۽ هاڻ پنهنجي ماضي جا مري ويل اهي سور، وري سندس ڏي چاهت جي صورت ۾ سامهون ڏسي رهي هئي، پر هاڻ تہ سورن کي منهن ڏئي، پنهنجو پاڻ سنياليڻ وارو سبق تہ هن کي

ايندل هو تنهن چاهت جي اسرار کي سمجهي ورتو هو ۽ ان کي ائين ئي، جهڙي جو تهڙو پنهنجي من جي محل ۾ سمهاري ڇڏيائين. رڳو چاهت کي بس ايترو چيائين "پنهنجو خيال رک. زندگي جا فيصلا ايڏا تکڙا نه ڪندي ڪر"

۽ پوءِ مڪمل خاموش ٿي وئي! پر سندس چيل جملي کي چاهت ڪا اهميت ڪان ڏني!

چاهت، ته ضدي ۽ چيڙاڪ طبيعت به هئي، جيئن وٽي تيئن ڪري، سندس فيصلن کي رد ڏئي ڪون سگهندا هئا. سڄي گهر جو حساب، ڪتاب، ڏيئڻ، ونڻ تائين چاهت جي حوالي هو.

جان محمد کي پٽ جو اولاد نه هئڻ ڪري، ڪيس چوندو هو "تون منهنجي ڏيءُ ٿورئي آهين، تون ته منهنجو پٽ آهين!"

ذاتي حوالي کان به، اُها آزادي ۽ اهي سڀ اختياريون حاصل هئس، جيڪي هڪ خوشنصيب ماڻهو کي حاصل هونديون آهن! پر انهن اختيارين جو استعمال ۽ آزاديءَ جي سنيال، سندس سمجهه کان مٿي هيون، هن انهن ٻنهي نعمتن کي، رڳو ڪريمداد جي حاصل ڪرڻ ۽ ان جي سُس کي بدنام ڪرڻ لاءِ پي استعمال ڪيو!

پر اهي ٻئي نعمتون، جيڪڏهن ڪنهن ساڃاهه ۽ سمجهه سان استعمال ڪجن، ته ڪا شخصي يا قومي آزادي ته ڇا، پر ماڻهو شيطان کان به پنهنجو خدا کسي سگهي ٿو!

پرچاهت، رڳو ڪريمداد کي پي ڇاهيو جنهن ۾ جهڙو سندس خدا رهندو هو، پر جڏهن ته، ڪريمداد خود سندس ڇاهيندڙ هو. پر وقت! جيڪو هر قوت ۽ ڪرامت کي جنم ڏيندڙ آهي. سو جي انتظار نه ڪرائي، ته خود به پنهنجي احساس سميت فناتي وڃي!

وقت! چاهت کي به پنهنجي گهڙيءِ، گهڙيءَ جي انتظار ۾ روڪي رکيوهو، ۽ چاهت ان اصل وقت کي پي ڳوليو جنهن ۾ هڪ گهڙيءَ جو به انتظار ڪون ڪبو آهي! جي سندس وس ۾ هجي ها، ته وقت کي ويڑهي گهڙين وارا کيل ئي ختم ڪري ڇڏي ها! پر افسوس وقت کي اجرڪ جيئان ويڑهي، قابو ۾ ڪرڻ ته ڇا؟ پر ڪڏهن ڪنهن، نه سندس احساسن ۽ ارادن کي سمجهيو

آهي ۽ نہ ڪڏهن ڪو سندس پاسي کان بہ لنگهيو آهي!هرڪو سندس حڪم جو حامي آهي، ڪو بہ سندس احڪامن کان انڪار نٿو ڪري!

وقت کي پڻيرو ويندڙ واپس ايندي، وري ڪنهن بہ ڪون ڏٺو الائي ڪهڙي اوڙاهہ ۾ وقت ڪيس وڃائي، فنا ڪريو ڇڏي!

۽ وقت جي رفاقت جا راهگير، لُڏندي، لُڙهندي غوطا کائيندي تہ ڏٺاسين، پر ڪڏهن ڪرندي ۽ ٻڏندي ڪون ٻڌاسين. ۽ جن وقت سان وفا جي بدلي اٽڪل ڪئي، تن کي وقت هيمشہ اونڌي راهہ جي اوجهڙ ۾ راهي ڇڏيو!

چاهت جو بہ، وقت سان صلح شايد اميدن جي حاصلات جا اهجاڻ هئا، ليڪن چاهت، وقت کي ڪون سجاتو هو، پر وقت چاهت کي ڄاتو پي، اها وقت جي مٽس مهرباني هئي، جنهن ڪيس تڪڙ جي بدلي، صبر۽ انتظار ڏنو هو، نہ تہ چاهت پنهنجن اٽڪلن سبب، انهن ٻنهي مان خفا هئي. انتظار ۽ صبر ٻنهي ڪيس پنهنجي عقل ۾ منجهائي وڌو هو، هن هر گهڙيءَ هڪ نئون فيصلو پي ڪيو، جنهن ۾ هن وقت کي ڪُٽائڻ پي چاهيو، پر ڪريمداد بہ وقت جي وات ۾ هو، ان کي اتان ڇڏائڻ لاءِ چاهت جون سوچون ايئن ڪٽي پي پيون، جيئن وقت کي ڪٽائيندڙ پاڻ ڪُٽي پوندا آهن!

سج ايرندو هو، تہ ڪريمداد جو انتظار ڪندي هئي ۽ سج لهي ويندو هو، تہ وري سج ايرڻ جو انتظار ڪندي هئي، ائين وقت پنهنجي طرفان انتظار، جهڙو سندس رت پت سان گڏي ڇڏيو.

جنهن ڏينهن کان، سندس پيءُ، ڪريمداد کي، جَمُ سرٽيفڪيٽن لاءِ ڇيو هو، تنهن ڏينهن کان، هن پنهنجو پاڻ کي بہ وساري، رڳو ڏينهن وينِي ڳڻيا! ڪيس يقين هو تہ، ڪريمداد دنيا جا ٻيا سڀ ڪم ڇڏي، رات ڏينهن سرٽيفڪيٽن واري ڪم جي پڻيان هوندو ۽ اجهوڪي اجهو اڄ يا سياڻي ضرور ايندو!

سندس ڊوميسائيل ٺهڻ کانپوءِ، کين پنهنجي پيءُ نوڪريون وٽي ڏيارڻ وارو يقيني واعدو ساڻن ڪري ڇڏيو هو.

۽ چاهت ان واعدي مطابق ئي، ڪريمداد سان شادي رچائڻ جي مڪمل رٿابندي جوڙي ڇڏي هئي.

هن سوچيو هو تہ، باباجي رٽائرمينٽ جا پيسا، منهنجي ۽ پيٽ صديقا جي پگهار مان ڪجهہ پيسن جي بچت ڪري، هڪ سٺو بنگلي نما گهر ٺهرائيندیس، پوءِ ڪريمداد سان شادي ڪندیس ۽ بختاور کي طلاق ڏيئاري، ڏاڪڻ ڪري، ڪريمداد جي سُس کي، اهو اهڙو زهر پيارينداس، جو سڄي عمر پئي ڦٽڪندي!"

ڪريمداد ۽ عادل کي پنهنجا پروگرام گهٽ وڌ ڪندي، پورا ٽي مهينا لڳي ويا، موسم بہ سنڌ جي جذباتي نوجوانن جي سوچن جيئان، بدلجي چڪي هئي.

ڊسمبرجو مهينو هو، اُتر واءُ سياري کي سنڌ ۾ پلٽائي وڏو هو، سنڌ جي ساحليءَ پٽيءَ تي، سيءَ پنهنجون اوطاقون اڏي ڇڏيندو آهي. ٺٽي ۾ بہ سِيءَ سيسڙاٽ ڪيدائي پي ڇڏيا.

عادل، قد، بت جو سگهو پلو، صحتمند جسم، بت ۾ پريل ۽سانولي رنگ وارو نوجوان هو. جڏهن تہ ڪريمداد، ڪمزور بدن، سنگل بابي، سنهڙو بدن، قد ۾ عادل کان ڊگهو نظر پيو ايندو هو. چورس منهن ۽ گول نڪ، ڪلندو هو تہ، ڳلن ۾ هڪ ننڍڙي کڏ پئجي ويندي هئس، جنهن کي "غب غب" چئبو آهي. ڪنهن شاعر بہ چيو آهي تہ:

"اسان غرق ٿيا سي در غب غب
لاشڪ آهيون لا مذهب!"

ڪريمداد جي ڳلن ۾ اها ننڍڙي کڏ، چاهت کي تمام وٽندي هئي. عادل ۽ ڪريمداد، هڪڙي ڏينهن ائين بس ويني، ويني، پروگرام ناهيو ۽ اوچتو ئي، اوچتو نڪ وڄي چاهت جي گهر ڪيائين.

چاهت جي پيءُ جان محمد تي شگر مڪمل ڪنٽرول ڪري وئي هئي ۽ تمام گهٽو ڪمزور ٿي ويو هو. تنهن ڪري گهر کان گهٽو ٻاهر نڪرڻ تہ ڇا، پر پنهنجي ڊيوٽي بہ، باقاعدگي سان ڏيئڻ ڇڏي ڏني هئي.

ٻين کي فرض شناسي جا ليڪچر ڏيندي، ڏيندي، هاڻ خود کان بہ جڻ فرض رُسي ويو هئس! بس بي سَتو ٿيو گهر پيو هوندو هو. ٿورو گهٽو هلڻ، ڦرڻ يا ڇهل قدمي بہ گهر جو گهر ۾ ڪندو هو.

گهر ۾ مڪمل رهڻ سان، واندڪائي ۾ سوچي، سوچي، هن کي چاهت ۽ صديقا جي نوڪرين ۽ شادين، ڳٽتين ۾ ڳاري پريشان ڪري وڌو هو. پر سندس همٿ سلامن جي لائق هئي! بنهه بردبار ۽ قوتِ مدافعت ۾ انتها جي هئس. زندگي ۾ ڪيترين، وسنديون، ڦٽنديون ڏسيو وينو هو.

ان ڏينهن عادل ۽ ڪريمداد کي پنهنجي گهر گڏ اچڻ جو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو هو. هڪدم چيائين "اهي اڄ منهنجا مهمان آهن. انهن کي هيڏانهن منهنجي ڪمري ۾ موڪليو."

هن ڳالهه وساري ڪون هئي. عادل کي پاڻ سان گڏ وٺي اچڻ جو ڪريمداد کي چيل، ڪيس چڱي طرح ياد هو. هن ٻنهي کي پاڻ ڏانهن پنهنجي ڪمري ۾ گهرايو. پر چاهت ڪريمداد کي پاڻ وٽ روڪي ڇڏيو. ۽ عادل ڪيس اڪيلو وڃي مليو. تہ هن پنهنجي زال زليخا کي چيو "ڪريمداد ڪٽي آهي؟"

زليخا چيس "اچي ٿو. ان کي چاهت ڪجهه دير لاءِ روڪيو آهي."

پر هن اسرار ۽ اُڪير مان چيو "اڙي چوينس تہ. گهٽا ڏينهن پئجي ويا آهن. مونکي تہ منهن ڏيکاري. چاهت سان پوءِ پيو ملي؟"

عادل سندس ان شروعاتي ادا کان ڏاڍو متاثر ٿيو. سندس ان خوش سلوڪي مان ئي هن اندازو لڳائي ورتو تہ. واقعي، هي تہ ملنسار ۽ ملڻ جلڻ جي اهل شخصيت آهي. مون خوامخواه دير لڳائي! هي ايترو ڪمزور ٽي ويو آهي، جي وفات ڪري وڃي ها تہ. ساڻس ملڻ واري حسرت شايد رهجي وڃي ها!"

جان محمد، زليخا کي ويهڻ ئي نہ ڏنو. بيني پير واپس ڪيس ڪريمداد کي وٺي اچڻ لاءِ چيائين ۽ پوءِ عادل جي منهن ۾ ڏسندي چيائين "عادل... آزاد... تنهنجو تہ نالو ئي دل گهريو وٺي... ڪريمداد تنهنجي دوستيءَ جون نيڪيون ڪندو آهي ... چيومانس تہ. پوءِ وٺي اچينس ڪيڏي مهل، پنهنجي گهر... پر وڏي دير لڳائي آيا... خير، سنو... حياتيءَ ۾ وري ٻہ ملياسين تہ سهي... ڪهڙا حال آهن؟... ڇا پياڪريو اڄ ڪلهه؟... توهان جي شاعري ڪيئن پئي هلي!؟"

لاڳيتو هڪڙي پنيان، سوال پڇي ورتائين، ائين پي لڳو جڙ هن پنهنجي حياتيءَ جا، باقي ڪي ٿورڙا ڏينهن پي تصور ڪيا.

عادل، منجهي پيو تہ، پهريان ڪيس ڪهڙي سوال جو جواب ڏجي! انهيءَ سوچ ۾ هو تہ، ڪريمداد ٻہ اچي سلام ڪيو ۽ جان محمد کي جُهڪي پيرن تي هٿ رکي مليو تہ، جان محمد ڪمزور هوندي ٻہ، ڪريمداد کي ائين تہ پاڪر ۾ پري، پنهنجي ڇاتيءَ سان گڏائي ڇڏيو، جو جهڙو سندس سڳو پٽ هجي. ان پاڪر ۾ ئي ڪيس، پنهنجي محسن ربنواز ڏوبيءَ جون يادون سندس ذهن تي تري آيون ۽ پاڪر ڪيڊي ڪريمداد جي ٻنهي ڪلهن تي هٿ رکي چوڻ لڳو "ڪريمداد! هڪ ڏينهن مونکي ٻہ ائين منهنجي محسن مرحوم چاچا ربنواز، اهڙو پاڪر وجهي، هميشہ لاءِ مونکي پنهنجو ڪري ڇڏيو هو ۽ ائين اهڙي طرح سان منهنجي ڪلهن تي هٿ رکي مونکي چيو هئائين... جانو هي موسمون ٻہ اڇن وڃن ٿيون، ڏک ۽ سک ٻہ اڇن وڃن ٿا، دنيا ۾ ڪا اهڙي شيءَ ناهي، جيڪا اچي ٿي ۽ پوءِ وڃي نٿي، پنهنجا ٻہ اڇن ٿاڻ پوءِ اڪيلو ڪري هليا ٻہ وڃن ٿا. تنهن ڪري تون سارين جي سنگ جيئان، پنهجن کان ڇڇي، حوصلو ڪڍهن ٻہ نہ هارجان!"

ائين چوندي جان محمد جي اکين ۾، لڙڪ اچي ويا، ۽ پنهنجي زال زليخا ڏانهن اشارو ڪندي چيائين "هُو ڏس... اها ان جو ڏنل انعام اٿئي، جنهن پنهنجا سڀ وساري، رڳو مون هڪڙي جا ويني سور سبي... ڏاڍو ڏکيو آهي يار... زندگيءَ ۾ اڪيلائيءَ جو بار!"

۽ پنهنجي رومال سان اکيون اُگهندي چيائين "ويهہ ڪريمداد ويهہ... اسانکي وساريندو نہ وڃ يار... ڪهڙي خبر؟ وڌي سڌ جو وقت ڪهڙو آهي!؟"

جان محمد جي ان ويچارگي، زليخا جي هينئن ۾ اهڙو چڪ پاتو جو هانءُ هاريندي چيائين "ائين روز، روز ڇو ٿو چوين... نہ چوندو ڪر ائين، تون جي ويندين تہ پوءِ اسان جو هت ڪير آهي!؟"

"هي ڇا وينا آهن، ڪريمداد ۽ عادل آزاد... اهي آهن نہ ... پنهنجا... ڪريمداد ڪيئن، سمجهائي نہ، پنهنجي جيڄيءَ کي؟"

ڪريمداد ڇاچوي، تنهن جي تہ ساهہ ٻہ، مڪمل سندس ٽيڙ لاءِ سَٽون پي ڪاڌيون، پر ايتري منجهس جرئت ڪان هئي، جو سڌو سڌو ڪيس چئي

ڏئي تہ، "چاچا مان تہ سڃو اوهان جو آهيان، بس ٿوري وچ ۾ ڪا وٿي آهي، اها بہ تنهنجي احترام جي ڪري وچ ۾ سنڌو وجهي پيل آهي"

بس پوءِ مڙئي ڳالهين ۾ پائيواري ڪندي، چوڻ لڳو "جِي جيِ بہ تہ صحيح ٿي چوي، اسان تہ اوهان جا آهيون، پر اوهان بہ تہ اسان جا پنهنجا آهيو، ائين اهڙيون ڳالهيون ڪري، اسان جون دليون تہ نہ ڏکايو نہ."

تڏهن جان محمد چوڻ لڳو "اڙي يار... اسان کي جن جيئري جدا ڪيو سي بہ تہ پنهنجا هئا، پر جيئون پيا نہ، ڪنهن کي ڪنهن جي لاءِ حياتيءَ جي بخشش تہ ڪون ٿي ملي نہ، مان چوان نہ چوان ڪهڙو فرق ٿو پوي، پر اها وات جيڪا سين لاءِ جُڙي آهي، تنهن تي ڪوئي خوشيءَ سان جيڪڏهن نہ ويندو، تڏهن بہ ونڊ وارا تہ ونڊي ويندس، ان کان بهتر آهي تہ، ماڻهو اهڙي حقيقت نہ وساري، ۽ اڳواٽ پنهنجي دليري سان، تياري ۾ رهي! پلا اوچتو اچي موت سڏ ڪري، تہ اهڙو اوچتو سڏ ماڻهو کي پاڙيو ڪريو وجهي، تنهن ڪري پيا مڙئي هڪبئي کي ياد ڏياريون!"

۽ پنهنجي... زليخا ڏانهن نظر ڪٽندي چيائين "نہ تہ پلا هنن هيهڙن باوفا ماڻهن کي ڇڏڻ تي، روح تہ راضي ڪون هوندو نہ!"

جان محمد ائين چئي، ڪجهہ دير سين کي جڙ لاجواب ڪري ڇڏيو ۽ ان تي وڌيڪ ڳالهائڻ، ڪنهن کي مناسب ڪون پي لڳو

شام جا شايد ست ٽيا هئا، ڪمري جو دروازو کليل هو، سرديءَ جي ڪري، ٻاهر ڪافي ٽڏ هئي، ڪنهن، ڪنهن مهل ڪمري ۾ بہ ٽڏي لهر ڊوڙي پي آئي، جيڪا کين کليل دروازي جي ياد ڏيئاريندي جڙ چوندي هجي "ڪمري جو دروازو بند نہ ڪندا تہ مان ائين هر هر اچي اوهان جون ڳالهيون ٻڌي، اهي ڳالهيون وري ٻاهرين کي وڃي ٻڌائيندیس"

پر سندس ان هلکي سياڻي ڏانهن ڪنهن بہ ڏيان ڪون پي ڏنو، عادل کي ٿوري ٽڏ محسوس ٿي، پر سو جان محمد جي قياسي خيالن کي ڏيان ڏئي ٻڌي رهيو هو، تنهن ڪري ان هلکي ٽپڪي واري ٽڏ، سندس توجہ کي بدلائي نہ سگهي، ۽ عادل ڇاهيو پي تہ، سندس انهن اداس ۽ نراس ڪندڙ ڳالهين ۾ ساڻس ڪا ياڳي پائيواري ڪريان، پر ڪيس وچ ۾ ڳالهائڻ لاءِ جان محمد وجهہ ئي ڪون پي ڏنس، بلڪ عادل کي پاڻ ڏانهن متوجہ ڏسي، وري بہ

شروعاتي سوال دهرائيندي عادل کي چوڻ لڳو "ها! عادل آزاد، توکان مان لاڳيتا ٻه، تي سوال پڇي ويٺس، پر وچ ۾ وري ڪريمداد آيو. تنهن ڪري ذهن وري ٻي پاسي هليو ويو سو... ڪيئن ٻلا، شاعري وغيره ته اڃا هلي پئي نه"

ته عادل مزاح واري انداز ۾ چيس "ها سائين، بس ڪنهن مهل مونکي پئي هلائي، ته ڪنهن مهل مان پيو هلايانس، پر گاڏو مڙئي هلي پيو!"

"ها گاڏو هلندو رهي ته سڀ ڳالهه آهي پر... هي جيڪا ڪيڏي مهل توکي پئي هلائي، اها صورتحال توکي سمجهه ۾ اچي ٿي؟ يا مون کي اهڙي خيال جو وزن ڳرو پيو لڳي...؟"

ايترو اڃا مس چيائين ته، صديقا ۽ چاهت ڪمري ۾ داخل ٿيون ۽ عادل پنهنجو جواب ڏيئڻ کان اڳ ۾ ڪجهه دير چاهت ڏانهن ڏيان ڏئي ۽ پوءِ جواب ۾ چيائين "توهان جي سوال کي وزن آهي بلڪل، پر مان توهان جي ان خيال کي مڪمل شايد سمجهي نه سگهيو آهيان؟"

تڏهن صديقا پنهنجي پيءُ ڏانهن ڏيان ڏنو هن عادل واري جواب جي ذريعي، ان سوال کي نئين سري سان ٻڌڻ پي چاهيو، پر جان محمد پنهنجي چيل جملي جي وضاحت ڪندي چيو "شاعري کي شاعر پنهنجي سمجهه، فڪر ۽ فهم مطابق، پنهنجي ذهن جي طابع رکي ٿاهي، ٻڌائي ٿو ته ٺيڪ آهي، اهو سائنسي علمي ۽ عقلي عمل آهي، پر شاعري جيڪڏهن، پنهنجي اثر، اهميت ۽ پنهنجي ضيااافروزي جي سبب شاعر کي پنهنجي پويان هلائي ٿي، ته اها غير سائنسي، غير شعوري، يا ائين ڪٽي چئون ته، اهو سمجهه کان مٿانهون يا ڪجهه عجيب ڪون ٿو لڳي؟"

۽ انهيءَ سوال ڪريمداد کي، پريشان پي ڪيو. جواب ته عادل کي ڏيئڻو هو، پر ڪريمداد انڪري پريشان پي ٿيو، جو ان کي سنڌي ادب جي ڪائي ڄاڻ ڪان هئي، توڙي جو پاڻ پرائمري ماستر هو ۽ سنڌ جو پرائمري ماستر سنڌي ادب جو مطالعو ئي نٿو ڪري، تنهن ڪري سنڌي ادب جي اهميت ۽ ان جي تاريخي حيثيت کان سنڌ جو استاد گهٽي ياڻي بلڪل بي علم ۽ اڻ ڄاڻ رهيو آهي! تنهن ڪري جيئن ئي شاعري جو موضوع چڙيو هو ته ڪريمداد ڪجهه سوڙهو سوڙهو ٿيڻ لڳو هن لهرايو پي ته، ڪٽي اهڙو سوال مون تي نه اچي ڪڙڪي" پر جان محمد سياڻو ماڻهو هو ۽ ٻيو ته ڪريمداد

جو بچپنو بہ جھڑو سندس نظرن اڳيان گذريو ھو. ڪريمداد جي صلاحيتن جي ڪيس پوري خبر ھئي، تہ ڪريمداد جو ذھن، ٻئي ھر حوالي کان قابل آھي، پر ادبي ۽ سياسي لحاظ کان ٿھلو ٽڪرا! تنھن ڪري ساڻس ادب تي ڳالھائي ڪيس لڄي نہ پي ڪرڻ چاھيو. البت صديقا سنڌي ۾ ايم اي ڪريو وينو ھئي، تنھن ان موضوع ۾ دلچسپي ورتي پي، ۽ جان محمد جي بہ شايد اھا مرضي ھئي تہ عادل کي صديقا جي صلاحيتن کان ڪجھ متعارف ڪرائجي" شايد ان خيال سان ئي ھن انھيءَ سوال جي آخر ۾ صديقا کان ئي پڇيو "صديقا! تون ڪيئن ٿي سمجھين، مان غلط سوال تہ نہ پيو ڪريان!؟"

صديقاپاڻ کي ڪرسي تي ٿورو ناھينديِ جواب ڏنو "بابا توھان جو سوال، توھان جي پنھنجي سوچ مطابق درست آھي، پر فڪري حوالي کان، فڪر بہ ھڪ حقيقت آھي، ڪنھن شاعر کي جيڪڏھن پنھنجي شاعري، پنھنجو پاڻ نہ وٺائيندي تہ ھو پنھنجي تخيل ۽ فڪري گھرائي ۾ اڳتي وڌي نہ سگھندو، تنھن ڪري، اھو بہ درست ٿيندو تہ، ڪڏھن، ڪڏھن شاعري اڳيان ۽ شاعر ان جي پويان رھي ٿو ۽ ٻئي ھڪٻئي لاءِ لازم ملزوم آھن."

جان محمد، صديقا جي واکاڻ ۾ عادل کي چوڻ لڳو "عادل! صديقا جو جواب ٻڌئي؟ ٻيلي اوھان نوجوان اسان کان اڳتي پيا وڃو۔ بس اسان کي ھاڻ پنھنجي عمر راھي ڇڏيو، اھا ڳالھ مڃبي تہ، اسان رکجي، رھجي وياسين ۽ اوھان سنو... اڳتي نڪرو پيا، ...اھا سڀ ڳالھ آھي ۽ اوھان کي اڳتي اڇڻ گھرجي، سياسي، سماجي، علمي، ادبي ھر حوالي کان... ۽ اسان جتي ڇڏيون پيا، اوھان اتان کان اڳتي نڪرو پيا، اھو اسان جي بقا جو ھڪ سنو اھجاڻ آھي."

ايتري ۾ صديقا ڪمري مان ٻاھر ھلي وئي، ۽ عادل سندس صلاحيتن کان اھو پھريون دفعو، چڱي طرح واقف ٿيو ھو، اڳ ۾ تہ بس رڳو عام ۽رواجي طرح سان سندن ملڻ پيو ٿيندو ھو، پر ان ڏينھن سندس گفتگو جي ادا ۽ ذھني وسعت کان واقف ٿيندي سندس دل لوڏو کاڌو تہ "عادل ايڏي دير ڪري، پنھنجو پاڻ سان ظلم ڪري ڇڏيئي، ڪريمداد جيئان ويجھو رھين ھا، تہ اڄ تنھنجي ۽ صديقا جي جوڙي ڪيڏي نہ سُندر ۽ دلين کي وٽندڙ

هجي ها! پر هاڻ تہ تون پنهنجي سؤٽ کي دل ڏئي ان سان شادي جو بہ عهد ڪري چڪو آهين... ۽ عادل! هاڻ تون بہ ڪريمداد نہ ٿي يار!"

عادل پنهنجي ان حال جي افسوس ۾ هو تہ، زليخا، جان محمد کي چيو "پلا هاڻ، ڪجهہ ڪائڻ پيئڻ بہ انهن کي ڏيندين يا رڳو ڳالهين سان سندن پيٽ پريندين؟ ماني ٽڏي پئي ٽئي، نہ ڪائيندا تہ، صديقا بک هڙتال ڪندي ديئ ئي ڪان ڪندي، بس! هاڻ اٿو هي ڪرسيون هڪڙي پاسي ڪريو... ماني ڪائي ونون، پوءِ اوهان جي مرضي؟"

ڪمرو وڏو ۽ خلاصو هو جيئن ۽ جڏهن ڪان ان گهر ۾ سندن رهائش ٿي هئي، تہ هنن گهر بدلايو نہ هو ۽ اهو ڪمرو جان محمد جي رهڻ، ڪرڻ ۽ لکڻ، پڙهڻ جي حوالي هو، پاڻ ٻئي زال مڙس، انهيءَ ڪمري ۾ ئي سمهندا هئا، سڄو ڪمرو، تمام خوبصورتيءَ سان سجايل هو، پر سڄي ڪمري ۾ بہ شيون تہ ايجا بہ اهڙيون هيون، جيڪي هر ڏسندڙ کي متاثر ڪري پي سگهيون، انهن ۾ هڪڙو هوڪتابن جو ڪٻٽ، جيڪو لاتعداد ڪتابن سان سٽيل هو ۽ ٻيو ڪمري جي اُترين ديوار تي لڳل ٽي خوبصورت تصويرون، جنهن ۾ هڪڙي تصوير سندس،محسن ربنواز ڏوٻيءَ جي، ٻي تصوير وچ ۾ سندس ۽ ٽيون نمبر تصوير، سندس والد عبدالفتاح جي هئي، جيڪا ڪيس پنهنجي محسن ربنواز ان ڏينهن ڏني هئي، جنهن ڏينهن هن زليخا سان ڪورٽ ۾ نڪاح ڪيو هو.

نٽي ۾ جان محمد جي بہ ٻيرا بدلي بہ ٿي، پر پنهنجي ڏيءَ چاهت جي اسرار تي، اهي ٻئي ٻيرا پنهنجون بدليون هن روڪرائي ڇڏيون هيون.

جنهن مهل ماني جي انتظار لاءِ، ڪمري ۾ ڪرسيون وغيره هڪڙي پاسي ڪرڻ لڳا، تنهن مهل، ڪريمداد، زليخا کي چوڻ لڳو "جي جيِ! ماني ٻاهر وراندي ۾، جنهن وڏي ٽيبل تي،اڳ ۾ گڏجي کائيندا آهيون، ان تي ئي کائڻ گهرجي ها! هن ڪمري جي هي سڄي ترتيب، هيڻ مٽي ڪري، اڳيان پويان ڪري ڇڏينداسين... اهو ائين ڇو ڪجي؟"

تہ زليخا جي بدلي جان محمد چيس "ڪريمداد اها ٽيبل وڪڻي ڇڏيم... اها ٽيبل وئي ڪرسين سميت... ٽي،وي ۽ ٻيو هو تہ ڏنو هو هن، ٽائليٽ واري سائيڊ تي هڪ وڏو لوهہ ۽ ڪاٺ جو ٺهيل پيجرو رکيل هوندو

هو. جنهن ۾ ڪنهن مهل ڪبوتر، ڪنهن مهل ٻاٽير، تہ ڪنهن مهل ٽرڪيون يا تتر وينل هوندا هئا، اهو صديقا جو شوق هو سو بہ ويو! ... پر ڪريمداد مونکي ڏک رڳو بندوق جو آهي يار، اها مونکي نہ وڪڙڻ ڪپندي هئي، اڄ ان جي ڏاڍي ضرورت محسوس ڪندو آهيان... پر ڇا ڪجي، ضرورت هئي ڏئي ڇڏيم!"

ڪريمداد، عجب ڪائيندي پچيس "پر ڇاڇا اهو سپ اوچتو... ائين سپ شيون...!؟"

"ڇو وڪڻي ڇڏيون"اهي آخري لفظ ڪريمداد روڪي ڇڏيا. "اڙي بابا، پنهنجون هيون... وقت تي ڪم ڏئي ويون... هاڻي هي ڇاهت ۾ صديقا آهن نہ، نوڪريون ملندن تہ... پاڻهي وري ونڊي پيون گڏ ڪنديون!"

جان محمد گهر مان نہ رڳو اهي ڪجهہ فرنيچر وغيره جون شيون وڪيون هيون، پر گهر جي زيورن مان بہ ڪجهہ ڪون رهيو هو. هن اهي سپ شيون وڪڻي، انهن مان وڏوخرچ هن پنهنجي بيماري تي ڪري ڇڏيو تہ، بہ صحت ياب نہ ٿيو ۽ ان کان علاوه صديقا ۽ ڇاهت جي پڙهائي، گهرجي مسواڙ، بجلي، واٽرسپلاءِ، ۽ تنهن کانپوءِ روزمره جي ضرورتن جو وڏي وڃڻ وارو خرچ، انهن سيني خرچن کي رڳو سندس هڪڙو سُڪو پگهار، پورو پئي نہ سگهيو ۽ مجبورن اهو سامان هن وڪڻي ڇڏيو.

پر ان مهل ڪريمداد جڏهن، انهن شين وڪڻڻ واري سبب پڇڻ تي پنهنجو وڏيڪ اظهار ڪرڻ لڳو تہ جان محمد پنهنجي بيماري جو سبب ڏيندي چيس "ڪريمداد، يار هن شگر منهنجا لاهہ ڪيڊي ڇڏيا آهن. ڇاڪيان، پر پوءِ بہ ايجا جان نٿي ڇڏي!" ۽ پنهنجي گهر ياتين ڏانهن اشارو ڪندي چيائين "مان ڏسان پيو منهنجي ايجا هنن کي گهٽي ضرورت آهي، نہ تہ هن نياڳي، شگرتي خرچ ڪرڻ جي ضرورت ڪون هئي... پر ڇا ڪجي؟ ايجا ڪنهن کي منهنجي جيئاپي جي ضرورت آهي يار، تنهن ڪري ايجا پيا جيئون، پوءِ جيستائين جيئارينَ!"

عادل جون تہ اهي شيون ڏئل ڪون هيون، ڪريمداد جون اهي سپ شيون ڏئل هيون، ۽ انهن جي اهميت کان بہ واقف هو. تنهن ڪري ان افسوس

کان، هن انهن تي وڌيڪ ڳالهائڻ مناسب ئي نه سمجهيو. پر ارمان ۾ سندس چاتي ساهه سان پرجي وئي هئي! ان کي به هن اتي ئي جڙ ڳڙڪائي ڇڏيو.

۽ وري جنهن مهل، دسترخوان تي ماني لڳي، ۽ سپ گڏجي ماني کائڻ لڳا، تنهن مهل به، ڪريمداد ڏٺو ته، اڳ ۾ چار، چار، پنج پنج نمونا، کاڌي ۾ هوندا هئا، ۽ اڄ هي رڳو دال ۽ ڪريلا آهن. هن جڏهن انهيءَ تجسس مان، پليٽن وغيره ڏانهن پنهنجون نظرون پي گهمايون، تنهن مهل به جان محمد ڪيس تاڙي ورتو هو. ته ڪريمداد کاڌي بابت پيو سوچي! تنهن ڪري هن کاڌي جي معاملي ۾ به پنهنجي غربت کي لڪائيندي چيو "ڪريمداد، هي تو واري جِي جيءَ زليخا نه، جيڪا آهي سا گهر ۾ ته، هاڻ دال پاڄي ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه پچائڻ ئي نٿي ڏئي! چئي ٿي توکي شگر آهي جان محمد؛ تون ڪِري ڪريئن ڪون ٿو، جيڪا شيءَ ٿو ڏسين، سا چوين ٿو مونکي ڏيو. بس انهيءَ ڪري، هاڻ گهر ۾ ڪو مهمان وغيره اچي ته، دال ۽ ڪريلا روز رکيا آهن. اڄ اوهان کي به، منهنجي ڪري دال سان دوستي ڪرڻي پئي يار، چانهه ۾ به منهنجو گذارو هاڻ Green Tea تي آهي... يار سچ ٿا ماٺهو چون ته، گهر ۾ ڪو هڪڙو مستقل مريض آهي، ته سڄو گهر بيمار!"

ته ڪريمداد جي بدلي عادل جواب ڏنو "سائين اسان ته خير سان جيڪو نصيب، سو وڏي عزت ۽ محبت سان وينا کائون، پر سنڌ جي معاشي حالت اها آهي، جو اسان کي يقين هئڻ گهرجي ته، هن مهل ڪو اهڙو گهر به هوندو، جنهن ۾ رڳو رُکي ماني به ڪون پچائي هوندن! ڪوئي بک ۾ سمهندو ته ڪنهن وٽ هيڏي سِيءَ ۾ به سمهڻ لاءِ اوچڻ ڪون هوندو! ڪن جا ٻچا بکيا هوندا، ته ڪن جا لڳ اگهاڙا... ان لحاظ کان اسان هي اميراڻو کاڌو وينا کائون!!"

جان محمد جيڪي ڳالهيون، پنهنجي غربت جي مجبوري کان پي لڪايون، تن کيس اهو احساس ڏياريو ته، "مان پنهنجي حق ۾ هاڻ، اجايو ڪوڙ پيو ڳالهايان." تنهن ڪري تردید ڪندي چيائين "سچ ٿو چوين عادل، خدا خاص ۽ دنيا خسيس آهي! انسان هن خسيس دنيا جي مختلف خواهشن ۾ رڳو بس، پنهنجي لاءِ ٿو سوچي، پنهنجو حال، پنهنجو ٻڍاءُ، پنهنجو مال ۽ پنهنجي ذات، ماٺهو خود کان اڳتي پنهنجي نظر کي وڃڻ ئي نٿو ڏئي...

جيڪي مون چيو.. شايد مونکي چوڻ نہ ڪپندو هو پر Sorry چئي وياسين يارا!" ۽ ڪلندي چيائين "آئيندہ، عادل جي هوندي، سوچي ڳالهائبو!"

صديقا سندس سڄي ڳالهہ سمجهي وئي هئي تہ، بابا اهو سڀ پنهنجي غربت تي پردا پي چاڙهيا، پر عادل ڪيس اڳ ۾ئي روڪي ڇڏيو." تنهن ڪري صديقا جي دل تي عادل جي صلاحيت وڌيڪ اثر ڪيو، پر پنهنجي مائيٽي طبيعت هئڻ ڪري، ڪجهہ ڳالهائڻ تہ چا، پر ڪنهن جي ڪاڻ ئي ڪون پي ڪيڏيائين، سا رڳو، ٻڌڻ ۽ ڏسڻ تائين محدود هئي، ڪوئي وٽي نہ وٽي يا ڪنهن کي وٽا ۽ نٽي وٽا، ان پاسي تي سندس لاڙو، ليڪو هوندو ئي ڪون هو، بس پنهنجي مستي، پنهنجي هستي، ڪنهن کي ڪو انت ئي ڪان ڏيندي هئي، ڪير پائي ٿو تہ پلائِي ان جي، نٿو پائي تہ خدا ڪري خوش هجي! نہ ڪنهن سان گهَرو ٽيٻو، نہ ڪنهن جي ڪبي گلا، پنهنجي ڪر، پنهنجي پرا!"

اهو سندس سوچن جو محور هوندوهو، پر ماڻهو جي سڃاڻپ تہ سندس ڳالهائڻ سان ئي آهي، نہ چوندو نہ پڇندو، تہ خدا ٻہ چا ڏيندس ها باقي! ڪچڙ، پچڙ بند، تہ پوءِ اها قلندري سوچ آهي ۽ اسان جي سماج ۾، ان صديقا جيئان پنهنجي سڃاڻپ ئي وڃايو ڇڏي، توڙي جو اهڙي سوچ رکندڙ ماڻهو، پنهنجي سماج کان الاءِ ڪيترو گهڻو مضبوط هوندو آهي! جڏهن پنهنجي سڃاڻپ گهٽجندي محسوس ڪندو آهي، تڏهن پنهنجن گمنام سوچن جي احساسن ۾، هڪ ڏينهن اهڙو ٻہ اچي ويندو آهي، جنهن ۾ هو پنهنجي ٻہ پرواهہ نہ ڪندو آهي!

صديقا ٻہ پنهنجي اهڙي صلاحيت واري نوجوان ڇوڪريءَ هئي، هو تہ مرداني عقل کان ٻہ اڳتي سوچي ويندي هئي، پر ماڻ ڪيس وڌيڪ مڃي لڳندي هئي. ۽ پنهنجن خاموش خيالن ۾ئي خوش!

ان رات ماني دؤران ٻہ، هن ڏٺو ۽ ٻڌو سمجهيو سڀ ڪجهہ ويني عادل، ڪريمداد، چاهت، پنهنجا ماءُ، پيءُ، سيني کي پنهنجي ذهن ۾ ضبط ڪريو ويني هئي، ائين پي لڳو تہ، ان مهل سندس تعلق رڳو ماني سان هو، باقي ٻين کاڌي دؤران ڳالهاءِ جهڙو کاڌو پي ڪُتايو!

خلقٽهار انسان کي سندس سوچن ذريعي، سندس نظرن سميت، ائين ٿو لڪائي ڇڏي، جو پوءِ پنهنجو پاڻ کي ڳولينديءِ، ڳولينديءِ، پنهنجي خدا کي بہ ڳولي ٿو ونيءِ، ۽ پوءِ وڌيڪ کيس ڪجهہ ڳولڻ جي ضرورت ئي نٿي رهي!

صديقا جون نظرون بہ ائين، ٻين جون ڳالهيون ڳولڻ جي بجاءِ جيڪو ڪجهہ کيس نظر ايندو هو، پنهنجن سوچن ۾، وڌي بيپرواهي سان لڪائي ڇڏيندي هئي! بس ڪنهن جي ناماچاريءِ، ۽ وڏ ماڻهپائي جي پويان هلڻ، هن کي پسند نہ هو، سندس ڪيتريون اهڙيون سڀيون يا خراب عادتون، چاهت کي تہ هرگز پسند نہ هيون!

هي هيون تہ، ٻئي هڪڙي ئي ماءُ، پيءُ جو اولاد، پر مهاندن، طبيعتن ۽ خيالن، خواهشن تائين، منجهن وڏو فرق هو!

سڀ ماني کائي فارغ ٿي، ٿوري گهڻي چهل قدمي وغيره ڪري، ٻيا سڀ اچي ساڳي ڪمري ۾ وينا، پر صديقا، عادل سان پنهنجي منهن ڪجهہ ڳالهائي، پنهنجي ڪمري ڏانهن هلي وئي. شايد هن کي آرام جي ڪجهہ ضرورت هئي. هو صحت ۾ چاهت کان ڪمزور هئي، سردي جي ڪري، ان رات ٿڌ معمول کان وڌيڪ هئي، تنهن ڪري هن پنهنجي صحت جي سنڀال ۾ وڃي پنهنجو بسترو وسايو هو. باقي سڀ پنهنجن نئين مهمان، عادل آزاد جي خوش آمديد ۾ محفل مچائي ويهي رهيا.

گفتگو جي شروعات وري بہ جان محمد کئي، هن پنهنجي محسن ربنواز ڏوٻيءَ جو حوالو ڏيندي چيو "عادل! منهنجو محسن ربنواز چوندو هو تہ اسان سنڌي خود کي ذاتين ۽ قبيلن ۾ ورهائي، هڪ اهڙي راهہ اختيار ڪيون، جنهن ۾ پنهنجي قومي تعلق کي اهميت نہ ڏئي، پنهنجي قومي وحدت کان محروم ٿيڻ لڳا آهيون! تڏهن مونکي سندس اهو خيال پوري طرح سمجهہ ۾ نہ پي آيو تہ پاڻ وضاحت سان چوڻ لڳو تہ سنڌ ۾ مذهبي حوالي کان اڪثريت سان رهندڙ ماڻهو بہ ڏرمن جا رهن ٿا، هڪڙا مسلم ۽ ٻيا هندو.

پرلساني حوالي کان سندن قومي سڃاڻپ ۽ قومي تشخص بلڪل هڪڙو ۽ ساڳي سنڌي آهي. جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جو ڪو گمان ۽ شڪ بہ ڪونهي. ۽ مذهبي حوالي کان، تاريخ شاهد آهي تہ، سنڌي قوم ۾، مذهبي

تضاد، نفرتون ۽ ڪنهن بہ قسم جو ڪوئي جھيڙو جنگ ڪڍن بہ ناھن ٿيا! ۽ ھولي ۾ بہ، ڪنهن بہ قسم جو اختلافي پھلو ڪونھي، سماجي نفاق بہ ڪونھي ۽ ڪٽي بہ ڪا ڪاڙ ۽ ڪينو نظر ڪون ٿو اچي، پوءِ بہ ٻئي مذھبي ڏريون الائي ڇو، خانداني ۽ ذاتيات واري انا جي ڏبڙ ۾ قاتل رھيون آھن! ۽ خود کي قبيلن ۾ ورھائي، ذاتين ۾ ونڊي، ورڇي ڇڏيو آھي! ۽ پنھنجي مڪمل ايڪي واري قوت ڪمزور پي ڪئي آھي! مثلن: سنڌ ۾ قسمت سان ڪو اھڙو ڳوٺ ھجي، جنھن ۾ ميمڻ، ملاح، رند، جتوئي، پالاري، پنھنور وغيره وغيره ھڪڙي ئي ڳوٺ ۽ ويڑھي ۾ پنھنجن رشتن ۾ گڏيل، سڌيل آباد وينل ھجن!

اھڙو ڪو ڳوٺ ورلي نظرايندو، جنھن ۾ ھڪ کان وڌيڪ کي بہ چار، ذاتيون پنھنجي ذات ۽ نسل سان گڏيل ھڪڙي ڳوٺ ۾ آباد ھجن! ٺيڪ آھي. پنھنجو ڳوٺ، ۽ پنھنجي ذات پنھنجي نالي سان قائم رکڻ سٺي ڳالھ آھي ۽ ھڪ سچاڻپ آھي، پر پنھنجي ذات ۽ پنھنجو قبيلو ، قومي نسل، قومي رشتن ۽ قومي ايڪي کان ڌار رکڻ اھو ڪھڙو مھذب پڻو چئبو؟ائين تہ بس رڳو وقتي ھمدرديون ھڪٻئي جي ڪم اچي سگھن ٿيون، پر مستقبل ۾ ايندڙ وقت لاءِ ان ۾ ڪنهن وجود جي ڪا بقا تہ نظر ڪون ٿي اچي ۽ نہ وري ڪنهن ڌاري يلغار جي ڪنهن قتل عام ۽ غارت گيري جي وقت ڪا قومي غيرت يا رت جي رشتي واري قدرتي تانگھ تڙپ ۽ روحاني حميت جو احساس ۽ ڇڪ بہ ٿيندي، جنھن جي ذريعي ماڻھو جي اندر ۾ قرباني وارو جذبو جنم وٺندو آھي.

سنڌ ۾ جڏھن بہ اسان جي قومي بقا تي حملا ٿيا آھن، تڏھن بہ سماجي حوالي سان، ھر قبيلي پنھنجي، پنھنجي بقا ۽ بچاءُ لاءِ ھڪ ذاتي عداوتي واري رنگ ۽ جذبي ۾ جنگ وڙھي آھي. پر مڪمل طور تي سنڌ جا ٻنھي مذھبن وارا سنڌي مڪمل طور تي پنھنجي ھڪ قومي شڪل اختيار ڪري، پنھنجي قومي بقا واري جنگ ايجا نہ وڙھيا آھن. وڏ ۾ وڏ کي چند نالي چڙھيا قبيلا ھڪٻئي سان گڏجي ڌارين سان مھاڏو اٽڪايو آھي، تن بہ نقصان کاڌو آھي. انھن نقصانن واري تجربي کانپوءِ بہ پنھنجي نسلي رشتن ۾ ناھن گڏيا ۽ اھڙي بيگانگي تہ تمام خطرناڪ حد تائين فنا ڪندڙ عمل

آهي، خدا تعاليٰ بہ تہ انسان کي پنهنجي بقا جي، جنگ لاءِ پاڻ ۾ پنهنجي صف بندي کي مضبوطي سان سلامت رکڻ ۽ هڪٻئي لاءِ قرباني جو جذبو رکڻ تان خوش ٿئي ٿو. پر انسان پنهنجي ڪم عقلي جي ڪري پنهنجي قسمت جي لاءِ بہ قدرت کي ڏوهہ ٿو ڏئي."

سيئي جان محمد جي ان حوالي بيان کي، غور سان ٻڌي رهيا هئا. جڏهن ان وچ ۾ جان محمد ٿورو وقفو ڏنو تہ عادل چيس "سائين مان توهان جي ان محترم محسن جي سوچ سان بلڪل متفق آهيان. ۽ حقيقت ۾ انهيءَ ٻي غرض ۽ اجنبي سوچ واري عمل جي سبب ئي، اسان جا اڻ ڳڻيا بانڪا بہ ڪنا آهن، تہ ٻُڌا بہ ڪيپا آهن. دنيا ۾ محڪوم قومن کي فنا ڪرڻ يا غلام رکڻ وارا رويا بہ، ائين، اهڙي طرح سامراجي قوتن پنهنجا رويا بدلائي ڇڏيا آهن!"

۽ ڪريمداد، هڪدم عادل جي ڳالهہ سان ڳالهہ ملائيندي چيو "عادل، منهنجي ڏاڏي مرحوم هڪ پيري ڳالهہ ڪئي هئي تہ، هڪ وڏو سيڻيون قسم جو واٽيو منهنجو دوست هو. ورهاڱي وارين بغاوتن ۾، جڏهن سنڌ مان لڏپلاڻ شروع ٿي هئي، تڏهن ان منهنجي ديوان دوست مونکي چيو هو، بروچ هڪڙي ڳالهہ توکي ٻڌائي ٿو ڇڏيان، ڏس اسان واٽيا امن پسند رهيا آهيون. ۽ هاڻ پنهنجي سر بچائڻ خاطر اسان پنهنجي جنم يومي ڇڏي ڏيڳا وڃون پيا. پر ياد رکجانءِ تہ، اسان ڪٽي اوهان مسلمانن کي ٻُڪن ۾ پي پاٽي پياريو، پر هاڻ هتي ايندڙ اوهان جا نوان مسلمان ڀائر، اوهان کي جوُتن ۾ پاٽي پياريندا. ۽ پوءِ، سنڌ جي زميندار قبيلن ۽ جاگيردار خاندانن کي خبر پوندي تہ، اسين سنڌي ڪيترا اٽڄاڻ، ٻليل ۽ پاڻ ۾ ڇڙوڇڙ هئاسين!"

۽ زليخا، جيڪا هڪ ملي جي ڏيءَ هئي، مذهبي ماحول ۾ پڙهي پلي هئي. تنهن چيو "اها ڳالهہ ان واٽيي جي ٿي سگهي سچي بہ هجي. پر تڏهن تہ واٽيا بہ ڪٽر مذهبي هئا. مسلمانن کي ڳئون جو ٻچو بہ ڪهڻ ڪون ڏيندا هئا!"

"اها الڳ ڳالهہ آهي زليخا، جان محمد سندس اصلاح ڪندي چيو. ڪون ڪُهڻ ڏيندا هئا، تہ بہ مسلمان تہ ڳائو ڏور ڪُهندا هئا نہ۔ پر پلا ماڻهو جو ڪوس تہ تڏهن ڪون هو. ۽ نہ ئي پنهنجو پاڻ کي ڪُهندا هئا. پر هاڻ

اسان کي پنهنجو پاڻ ڪُهڻ کانسواءِ ٻيو ڪو رستو نظر اچي ٿو؟ گهٽا نوجوان روز خودڪشيون ڪندا آهن. ۽ گهٽا روز پيار جي ڏوهه ۾ ڪسندا آهن. ۽ اهو اسان تي ڪنهن آيل جو احسان آهي. جڏهن اسان جو خدا هڪ آهي، لسانيات هڪ آهي. ٻولي هڪ آهي، ته پوءِ پاڻ ۾ هٿرادو ورهاست، ان جو ڇا؟ ڪهڙو مقصد آهي. ايتري ساري ويجهڙائي ۽ هڪجهڙائي هوندي ب، پوءِ باقي ڪهڙيون بلائون اسان جي وچ ۾ اچي ويون آهن. جيڪي اسان جي رت ۽ نسل ۾ نفرتون پري، اسان کي هڪٻئي کان الڳ ۽ پري ڀيون رکن!؟"

تڏهن صديقا، جنهن ڪجهه دير اڳ ۾ اٿي وڃي پنهنجو بسترو وسايو هو، سا پنهنجي بستري مان ٿوري گرمائش حاصل ڪري، وري ب اچي ويٺي هئي. تنهن تبصرو ڪندي چيو "بابا! ڳالهه رڳو هڪٻئي کان الڳ رهڻ ۽ هڪٻئي کي نه سمجهڻ جي ڪونهي. پر پنهنجائپ کان محروم، رت جي رشتن کان الڳ الڳ سماجي اٽبرابري، خانداني ۽ قبائلي دنگل، انهن سين گڏجي، اتحاد، ڀائيچاري، سياسي، سماجي، معاشي، ۽ پيار، محبت جهڙين حالتن تي ب تمام بُرا ۽ خطرناڪ اثر ڇڏيا آهن. مثلن: پيار محبت ڪرڻ ڏوهه- پاڻي جي وارن تان ويڙهه- اليڪشني سياست ۾ نفرتون، هڪڙي قبيلي جو ٻئي قبيلي کان سنگ جو رشتو گهرڻ کي غلط چوڻ، ۽ سمجهڻ، اها سڄي صورتحال انهيءَ بيگانگي ۽ ذات پرستي جي ڪري پيدا ٿي آهي. جنهن کي اسان پنهنجي سماج جي بنيادي ورهاست چئي سگهون ٿا." ۽ وري تاريخي حوالو ڏيندي چيائين "جيڪڏهن مذهبي حوالي کان ڏسجي ته، مديني ۾ اوس ۽ خزرج قبيلي وارا مسلمان پڻ ائين قبيلن ۾ ورهايل هئا. پر حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جن جڏهن مڪي مان هجرت ڪري مديني آيا، تڏهن انهن قبيلن کي هڪٻئي سان گڏائي سندن قبائلي سنڌو ختم ڪري ڇڏيو. جيڪي اسلامي تاريخ ۾ ✪انصار ٿا سڏجن. پر هتي سنڌ ۾ عربن قتل ۽ غارت گيري ۽ لٽ ماري ڪري، رڳو هڪڙي محمد

✪. سعد بن ابي وقاص ۽ زيد بن ارقم- انهن کان روايت آهي ته- سن پهرين هجري ۾ نبي ڪريم جن چاليهه کان پنجيتاليهه خاندانن کي هڪٻئي سان گڏائي، انصارن ۽ مهاجرن جي وچ ۾ هڪٻئي سان مٽيون، مائيٽيون ڪرائي ڇڏيون.

بن قاسم ارڙنهن هزار مڙ سون حجاج بن يوسف کي موڪلي ڏنو. ان کان علاوه سنڌ کي سڀيو ملڪ ڏسي جيڪي عرب جنگجو سنڌ ۾ ئي رهي پيا. انهن بہ پاڻ وٽ چگهي خاصي مايا ميڙي رکي هئي. سنڌ ۾ مستقل رهائش کانپوءِ انهن بعد ۾ پاڻ کي سيد سڏائي سنڌ ۾ ڪمزور ۽ بي علم قبيلن کان پاڻ کي مٿانهون سڏائي، وڏي ننڍي ۽ ڏاڍي، هيٺي جو تصور ڏئي انهن قبيلن کي چڙوچڙ ڪري وڌيڪ هڪبئي کان پري ڪري چڏيو. جنهن ۾ نہ رڳو نسل پرستي ۽ بنيادپرستي جنم ورتو پر ائين سنڌ ۾ الائي ڪيتريون سماجي برايون اُپري مٿي آيون. انهن مان خاص ڪري، پدري نظام کي هٿي وٺرائي، عورت جا بنيادي حق مسخ ڪري، ڪيس غلام سمجهي، ڪانئس رڳو نسل ورتو ويو. پر هاڻ بہ ايجا سچائي مئي ناهي- ۽ سنڌ ۾ آباد اڄ جو سيد جيڪڏهن چاهي تہ سنڌ ۾ هندو،توڙي مسلم قبيلا جيڪي هڪبئي جي رشتن کان پري ۽قومي اڪائي کان الڳ آهن. انهن جا پاڻ ۾ رشتا ڪرائي. سنڌ جي قومي وحدت کي بقا بخشي سگهن ٿا. پر شايد اهو سوال باقي پوءِ بہ رهي ٿو تہ سنڌ ۾ ساداتن جي بہ ساڳي حالت آهي. مطلب سڄي سنڌ جي اها حالت آهي جو هڪ ذات وارو ٻي ذات واري کان سنگ ٿو گهري تہ ان کي غلط عمل يا ڇڙ چرچو ۽ ڏنول سمجهيو وڃي ٿو."

صديقا تہ پنهنجي عمر جي حساب سان، سنڌ جي سماجي اٽبرابري جو بيان پنهنجي جذبات ۽ حالتن کي گڏائي ڪيو. جنهن کي سندس ماءُ غور سان ٻُڌي ۽ پنهنجو رايو ڏيندي چيس "اهو ان ڪري صديقا، جو اسان وٽ هڪڙي ذات وارا ٻي ذات واري کان، رشتي جي گهُر ڪن ٿا تہ ان رشتيداري جي گهُرجا بہ آداب، تميز، اصول ۽ اهميت ڏسٽي پوندي آهي. ماڻهو تہ پنهنجي اهليت بہ نہ ڏسندا آهن ۽ رشتي جي گهُر ڪري چڏيندا آهن. ائين باقي سيني اصولن کي بلڪل وساريو ويندو آهي!"

"نہ امان، ائين ڪونهي، صديقا چيو. اهو توهان وارو سوال تہ وري بہ ان حقيقت جو ورجاءُ آهي. جنهن کي اوچ نيچ وارو سبب چيو وڃي ٿو. اصل ۾ چاهي جو اسان ماڻهن وٽ سماجي سطح تي، اهڙو اڳواڻ ڪو قومي دستور جڙيل ئي ناهي. جنهن ۾ امير، غريب يا ننڍي، وڏي يا هيٺي، ڏاڍي جو هڪبئي لاءِ احساس يا پنهنجائپ واري ڪا واضع شڪل ٺهندي هجي ۽

جنهن جي ذريعي ذاتيون ۽ قبيلا هڪٻئي کي برداشت ڪري سگهن. مثلن: توهان ۽ بابا جي شادي- اهو هڪ زنده مثال آهي، توهان هڪڙي خاندان مان ۽ بابا سائين ٻئي خاندان مان هو. توهان کي توهان جي چاچي ربنواز هڪٻئي سان پرٽائي ته ڇڏيو پر توهان پنهنجي،پنهنجي خاندان کان ڪٽجي اڪيلا ٿي ويا، توڻي جو توهان ۾ پنهنجي خاندان سان گڏجي رهڻ وارا سڀ اخلاق ۽ اصولي وصفون به هيون. پر روايتن خانداني ۽ ذاتياتي ورهاست اوهان کي انهن کان الڳ ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. جنهن کي توهان جو چاچو ربنواز به شايد سمجهي ۽ سنيالي نه سگهيو ۽ اوهان هڪ سماجي سطح جي سادي، سرد جنگ وڙهي هڪٻئي کي حاصل ڪيو. ته ڇا اڄ جو نوجوان به پهريان پاڻ کي پنهنجي چاهيندڙ جي خاندان ۾ خود کي ضم ڪري ۽ اڌ عمر جو ان خاندان جي نوڪري ڪري ۽ پوءِ وڃي پنهنجو پيار حاصل ڪري، ائين ته پوءِ، تيستائين دلين مان اهو دم ئي نڪري ويندو!"

صديقا جي انهن لفظن کي چاهت پنهنجي اهڙي ڏيان ۽ انداز سان ٻڌو جو دل ۾ چوٽ لڳي "مونکي به پنهنجي پيار لاءِ، پنهنجي سماج جي ڪٽر روايتن کي الوداع چوڻو پيو. ته جڏ مان پنهنجي خانداني روايت کي نئون روح بخشي، پنهنجو پيار حاصل ڪيو ۽ پوءِ مونکي ڪنهن کي ڪجهه چوڻ جو اختيار ئي ڪون رهندو!؟"

۽ صديقا جي ان بيان ڪريمداد کي به، جڏ اها دعوت پي ڏني ته، "اٿئي ڪا چاهت لاءِ اندر ۾ اُڄ، ته لهي اڄ ميدان تي، ۽ ڪر اڄ پنهنجي محبت جو اعلان."

انهيءَ سوچ ۾ ڪريمداد ڪجهه چوي پيو. پر ان کان اڳ ۾ عادل، صديقاجي حمايت ۾ چيو "ماڻهو کي پنهنجو حق حاصل ڪرڻ لاءِ، ويڙهه ته ڪرڻي پوي ٿي، پوءِ اهو حق! زر، زمين جي شڪل ۾ هجي، ڪنهن جائداد، ۽ مڏي ملڪيت جي شڪل ۾ هجي يا پيار محبت ۽ آزادي جي صورت ۾ هجي!؟"

عادل جو بيان ايڏا اٽپورو هو. ته ڪريمداد اُبهرائي مان چوڻ لڳو "عادل ان ۾ ان ويڙهه جي نوعيت کي به نظر ۾ رکڻو پوندو نه. جنهن ۾ رشتن ۽

تعلقاتن جو احترام، پنهنجي جان جي حفاظت، ماحول جي نزاکت، پنهنجي معاشي سگهه، خانداني وقار ۽ ان جي اهميت، پنهنجي ۽ پرائي جي سچاٽپ ۽ ان سان گڏ ماڻهو کي پنهنجي زندگي جي مستقبل بابت به ويچار ڪرڻو پوندو...!؟"

سندس خيال کي جان محمدرد ڏيندي چيس "ڪريمداد! جيڪڏهن ماڻهو پنهنجي عقل، سمجهه ۽ پوري انصاف سان اهو طئي ٿو ڪري، ته مان پنهنجي حقيقي حق لاءِ ٿو وڙهان، ته پوءِ اها تو واري سوچ ته ماڻهو لاءِ ان ويڑهه ۾ ڪو ڪار آمد هٿيار ڪون چئبو، اها اهڙي سوچ ته ماڻهو کي ان ويڑه ۾ ڪمزور ڪندي، ۽ اجايو وقت وڃي، ڪيس ٽڪائي به وجهندي، ۽ هڪ دفعو ماڻهو ٽڪي ٿو پوي، ته پوءِ اها اُر ان جي همٽ کي ٽوڙي، پيچي پُڪ ڪري، سسُت ۽ بزدل بڻائي گيدي ڪري ٽي ڇڏي! ... معاف ڪجان؟ ناراض نه ٿجان ڪريمداد؟... جيڪڏهن اهڙي سوچ واري ماڻهو کي اسان کا سچاٽپ يا نالو ڏيون ته ان کي بي عمل، بي ترتيب يا بزدل ماڻهو به چئي سگهجي ٿو!" ۽ وري چاهت، جيڪا کافي دير کان لاڪيتو خاموش ويٺي هئي، تنهن کان پڇڻ لڳو "چاهت! تون ڪيئن ٿي سمجهين، صديقا ۽ ڪريمداد جي خيالن ۾، ڪو فرق يا تضاد توکي ڏسڻ ۾ اچي ٿو؟"

"ها بابا! فرق ته توهان به واضع ڪري ڇڏيو آهي، باقي تضاد ڪجهه اهو ئي آهي ته، مثلن: صديقا چوي پئي ته، پنهنجي حق حاصل ڪرڻ لاءِ، پنهنجي پوري اڌ عمر وڃائڻ نه گهرجي، ۽ جيئن به، جهڙي به صورتحال پيش اچي، ته وقت وڃائڻ جي بجاءِ، ان سان مهاڏو اٽڪائڻ گهرجي. ۽ ڪريمداد جو خيال آهي ته، ان معاملي ۾ سوچي ويچاري، ڏسي وائسي، هر لحاظ کان شين جي تميز، لحاظ ۽ ادب احترام کانپوءِ پنهنجو قدم کڻڻ گهرجي!"

"۽ جنگ ۾ ته سڀ جائز آهي، ڪيئن عادل صحيح پيو چوان نه؟" جان محمد عادل کان پڇيو، ۽ عادل سندس بيان کي ٽورو اڳتي وڌائيندي چيس "ها سائين! پر اسان جڏهن، پنهنجي حق واري جنگ جي ڳالهه ٿا ڪريون، ته انهيءَ ۾ پنهنجو سر ڏيئڻ به ثواب آهي."

عادل جي ان بيان کانپوءِ، ڪريمداد ڏٺو ته، مان چاهت اڳيان، هار کائي پيو وڃان، تڏهن پنهنجي خيال جي وضاحت ۾ چوڻ لڳو "عادل اصل ۾ مون

انهيءَ خيال سان پي چيو تہ، اسان هڪ ذاتي حق واري ويڑهہ جي ڳالهہ پيا ڪريون، تہ ان ذاتي حق واري ويڑهہ ۾ حڪمرانن يا سرڪاري ادارن سان ٽڪراءُ نہ هوندو آهي، بلڪ سڌو سنئون، ماڻهو پنهنجي سماجي ٽڪراءُ ۾ هوندو آهي... اُن... مون اُن سماجي ٽڪراءُ ۽ ويڑهہ جي حوالي سان پي چيو!"

تڏهن چاهت چيس "پر جيڪڏهن اهو سماج خود، غلط روايتن ۽ هڪ بي ترتيب معاشري جي شڪل ۾ آهي، تہ پوءِ توهان کي ان سماج جي ادب ۽ احترام کان وڌيڪ وقت کي اهميت ڏيئڻ گهرجي نہ!"

ائين چئي، چاهت جهڙو ڪريمداد کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو ۽ چڙ خبردار ڪندي چوندي هجيس تہ "پيار جي ميدان ۾ جنگ جون عقلي رڪاوٽبنديون ڪارگر ئي ناهن هونديون، اچين تہ، سر تريءَ تي ڪٽي اڇ، اهي گوهيون ۽ گهُٽون ڇڏي ڏي!! ڪرين ٿو پيار ۽ پچائين پيو پاتڻي!!"

جنهن مهل چاهت چيو تہ، وقت کي وڌيڪ اهميت ڏيئڻ گهرجي، تنهن مهل جان محمد پنهنجي زليخا کي چيو "زليخا ٻڌين پئي نوجوانن جون خبرون، تنهنجي ۽ منهنجي جنگي محبت جو بہ ڪو وقت هو هاڻ، پنهنجو پيار ئي پوڙهو ٿي ويو آهي، ۽ هي دؤر هنن دوستن جو آهي، پلا توکي بہ پاڻ وارو دؤر ياد هوندو؟ اڄ توکي ڪو فرق ڏسڻ ۾ اچي ٿو؟"

"مونکي تہ ڪو فرق ڏسڻ ۾ ڪون پيو اچي، اڳي اهڙي پسند کي گناهہ چيو ويندو هو، پوءِ وڌ ۾ وڌ اهو رشتو ڏيئڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندا هئا، پر هاڻ تہ، اهڙي پسند جو اظهار ڪرڻ واري کي قتل ڪيو وجي ٿو... اڳ ۾ نوجوانن جي خواهش کي هيسائي هيٺ ڪيو ويندو هو ۽ هاڻ ان هيسائيڻ جي نتيجي ۾ نوجوان خودڪشيون ڪريو ڇڏن ۽ زندگي جي رشتي لاءِ ڪا آزادي يا اختيار مليل ئي ناهي! ۽ نہ وري هاڻ ايجا تائين بہ، نوجوانن ۾ اهڙي همٿ بہ نظر اچي ٿي، جو پنهنجي بي ترتيب معاشري جي غلط روايتن ۾ ڪو سڌارو آڻي، پنهنجي سماج ۾ ڪو نئون اتساهہ جاڳائين يا ڪا نواڻ ڪا نئين تبديلي آڻي رڳو پنهنجي دل واري بهتر خواهش لاءِ آزادي حاصل ڪري سگهن! تون ٻڌائي ڪهڙو فرق پيو آهي؟... اڄ بہ ائين ئي آهي، جو ماڻهو پنهنجون نياڻيون ويهاري، ويهاري، پوڙهيون ڪري ڇڏيندا آهن، وبچارين جو اڇو مٿو ٽيو وجي! ... پر پوءِ بہ ڪنهن بي ذات واري کي سندن

رشتو نٽا ڏيئن! ۽ پنهنجي ۾ حالت اها آهي، جو راڄ برادري کان ڪٽيل! ... ڪالهه ۾ اڪيلا هئاسين، تہ اڄ ۾ اڪيلا آهيون!؟"

"اڙي چري، ڏاڍا سولا آهيون، سماج جي بدنام بندشن کان جيڪو آجو آهي، سو خوشنصيب آهي، اسان پنهنجي سماج کي، پنهنجي حالت مطابق ڪجهه ڏيون نٽا تہ ڏکايون ۾ ڪون ٽا. پٽ جو اولاد پنهنجو نہ هوندي ۾، پنهنجن ڏيئرن سان ڪيڏا خوش ۽ خودمختيار آهيون! ڪو ۾ سماجي ڪروڌ اسان جي اڳيان پويان ڪونهي، ٻئي ويٺيون آهن، چاهت ۽ صديقا، ٻنهي کان پڇ؟ اسان مان خوش آهن يا اسان مٿن پابنديون مڙهيون آهن!؟" لکيون پڙهيون آهن، سپ ڪجهه سمجهن ٿيون!"

عادل تہ سمجهي ويو تہ سائين جان محمد پنهنجي اعتماد جي حد کي شايد پرکي نہ سگهيو آهي! جان محمد تہ پنهنجن ڏيئرن جي اعتماد ۾ اهو سپ ڪجهه بي ريا ٿي چئي ڇڏيو، پر سندس پويان، ڪريمداد جي سسُ وارو جيڪو ڪروڌ اٿيو هو، جنهن کين سڄي ڳوٺ ۾ بدنام ڪري ڇڏيو هو، تنهن جي جان محمد کي ايا کا کل ئي ڪون هئي، هو نہ هاڻ ڪريمداد جي ڳوٺ ويندو هو، ۽ نہ ڪريمداد جي سس کان ۾ اهو پهتو، جو جان محمد تائين پنهنجي کا دانهن ڪوڪ رسائي ها! اهڙو عقل شايد پچاڙي تائين کيس نہ آيو.

۽ جان محمد ۾، پنهنجون خوبصورت ڏيئرون ڇٽي، انهن کي پالي پڙهاءِ جوان ڪري، پوءِ ۾ پنهنجي ڪروڌي سماج جي کيني، حسد ۽ ساڙ کان خود کي آجو سمجهي، پنهنجي بي خبري سان، وڌي ڪنهن قرار ۾ هو.

پر زليخا کي خبر هئي، تہ چاهت، ڪريمداد لاءِ جو ڪجهه ڪري پئي سا نہ رڳو سماج سان پر جان محمد جي جيءَ سان ۾ هڪ اهڙو جهيڙو آهي، تنهن جي خبر جڏهن کيس پوندي، تڏهن کيس اهو فرق ضرور محسوس ٿيندو تہ، شخصي آزادي ۽ سماجي آزادي ۾ ڪهڙي تميز ۽ ڪهڙو فرق آهي، هن وقت تہ ٻين کي پيو ليڪچر ڏئي، پر سياڻي اسان جو چا ٿيندو ڪٽي مان تہ غلطي نہ پئي ڪيان، اهو سوچيندي هن ان سوچ مطابق ڪجهه چوڻ پي چاهيو پر چوڻ وقت رڳو پنهنجي خدا جو سهارو ونندي چيائين "ڪير ڪيترو ۽ ڪهڙي طرح ۾ جيئي، پر پنهنجي خلقٽهار جا احسان وساريٽ نہ

گھرجن، هر ڪنهن کي پنهنجي حڪمت سان جيئارينڊڙ آهي... منهنجي والد صاحب، توکي رڳو پنهنجو گھر نائي بڻائڻ پي چاهيو پر چاچي ربنواز کي اها ڳالھ پسند نہ هئي، ۽ شايد خدا کي بہ اهو فيصلو پسند نہ هو، خدا تہ انصاف سان فيصلا ڪندڙ آهي، ۽ هاڻ بہ الله مان اها ئي اميد آهي، تہ باقي جيسين جيئاري تہ بس رڳو پنهنجي محتاجي سان ماري؟"

"خير خدا پنهنجا احسان ڪنهن کان پچي يا ٻڌائي ڪون ڪندو آهي زليخا. پر ماڻھو جڏهن پنهنجو پاڻ سان ناانصافي ڪندو آهي، تڏهن خدا بہ ان سان انصاف نہ ڪندو آهي!"

اهو هن زليخا لاءِ جڻ سندس دل جي ڳالھ ڪئي هئي، زليخا کيس پنهنجي وهميل نظر سان بہ ڏٺو پر جان محمد پنهنجي گفتگو جو رخ موڙيندي چيو "اوهان ڪيئن ٿا سمجھو اسان جو سماج پنهنجو پاڻ سان پيو ناانصافي ڪري يا صلاحيتن جو فقدان آهي!؟"

گھڙي کن تہ سيئي خاموش ٿي ويا... ڪريمدادا! جيڪو چاهت جي پيش ايندڙ پنهنجي گھرو ماحول ۽ مسئلن جي معاملي ۾ پريشان ۽ ذهني طرح منتشر پي رهيو ۽ پنهنجي معاشري جي سماجَت ۾ رهندي بہ بي شادي ڪرڻ واري معاملي ۾ ڪجھ ڏکيائي محسوس ڪري رهيو هو ۽ صبح شام انهيءَ سوچ ۾رهندو هو تہ، ڪيئن ۽ ڪھڙي طرح، منهنجي سُس جي واويلا بند ڪجي؟"... سندس خيال ۾ تہ، هو اڻ پڙهي آهي،ضدي آهي، حاسد آهي، بيوقوف آهي، ۽ الائي ڪھڙو ڪھڙو ڪِن سندس ذهن ۾ پرجي ويندو هو، ۽ ان مهل جان محمد واري سوال جي جواب ۾ انهيءَ ڪيفيت ۾ ئي چيائين "منهنجي خيال ۾... مان سمجھان ٿو، اسان جي سماج ۾، بُري پلي جي سچاڻپ ۽ صحيح غلط فيصلن واري پرک جي صلاحيت جو فقدان آهي."

"نہ نہ" عادل چيو "هاڻ ائين ناهي... هاڻ سمجھ ۽ صلاحيتن ۾ ڪافي واڌارو آيو آهي، پر اسان ان کي پنهنجي سچائي سان استعمال نہ ڪيو، اڳ ۾ فيصلا بهتر نہ هوندا هئا، ۽ هاڻ بهتر ماڻھو ملڻ جو فقدان آهي! ... مثلن اهو ماڻھو، جيڪو ڪنهن ڏاڻ، لالچ، ريا، حمايت، ۽ اٽڪل بازيون چڏي، پنهنجي اندر جو عدل قائم رکي سگھي... هاڻ اڪثر ائين ٿيندو آهي تہ، انصاف جي وقت، انصاف ڪندڙ صلاحيتن وارا فرد، اول تہ

وقت ئي نٽا ڏيئن، پر ڪنهن بهاني سان اسان اهو ڪم انهن کان ونڻ چاهيون، ته پوءِ ڪنهن دٻاءُ يا لالچ وغيره ۾ اچي، معاملي نبيرڻ لاءِ ٻُنوايون ڏئي ڏر ڪري.. معاملي کي اينگهائي، اينگهائي، جڏهن ڏسندا ته ڏرين ۾ مائار اچي وئي آهي، ۽ ڏريون ٽڪي پيون آهن، تڏهن اٽڪل بازي ڪري، معاملي کي اڌوري شڪل ۾ ئي هڪڙي پاسي ڪري ڇڏيندا، نتيجي ۾ معاملي جا بنيادي سبب، پوري صفائي سان ڪنهن کي معلوم ئي نٽا ٿين، ته پوءِ ڪنهن کي ڪيئن اهڙو يقين پورو بيهندو، ته هي چور ۽ هو شاهه ٿيو، اهڙي طرح ماڻهو هڪڙي پاسي سرڪاري انصاف لاءِ پيا سڙن ته بي پاسي اسان پنهنجن ئي انهن اٽڪلن ۾ تنگيا پيا آهيون."

"ته پوءِ معني، ائين اهڙي اٽڪلبازيءَ ۾ ته، خدا بہ اسان سان انصاف ڪون ڪندو نہ" جان محمد چيو.

"ظاهر آهي، جيڪو خود تي رحم نٿو ڪائي، ان تي خدا بہ رحم ڪون ڪندو ۽ ائين پوءِ اسان ماڻهو بس اڌورا ۽ اڻ پورا ئي رهنداسين. جيئن منهنجو هي شعر آهي ته:

اڌورا، اڌورا اسين ماڻهو سمورا،
خواب، سوچون، خيال سپنا، سوال اڌورا،
اسين ماڻهو سمورا، اڌورا، اڌورا!

عادل جو اهو شعر ٻڌي، جان محمد ڪيتري دير تائين، رڳو سندس منهن ۾ ويني ڏٺو. شعر ته سيني کي پسند آيو، جنهن جي ساراهه جو سيني اظهار ڪيو، پر ڪريمداد خاموش ئي خاموش، شايد ان کي پنهنجي حالت موجب ڪنهن رحم جي گهرج گهٽي هئي.

محبت ۾ ماڻهو سان بي رحمي ٿئي ٿي ته هو سوچي، سوچي ديوانگي تائين پهچي وڃي ٿو. اتان بچي ٿو ته، پوءِ انتهائي بي رحم ۽ ڪنور دل بڻجي، سماجي اصولن جي لتاڙ ڪري، بہ، پنهنجي دل جي ضرورت پوري ڪري ٿو. ڪريمداد بہ عام رواجي طرح سماجي اصولن جي لتاڙ ڪرڻ لاءِ تيار هو، پر ديوانگي هن کي هرگز قبول ڪان هئي، ۽ چاهت انهن ٻنهي حالتن کان الڳ پنهنجي ارادي تي مضبوطي سان قائم هئي. هو پنهنجو

فيصلو مڪمل ڪري چڪي هئي، ۽ وقت کي پنهنجي مرضي واري رفتار تي ڇڏي ڏنو هو.

●⊙●⊙●⊙●

ان رات واري ڪچهري کانپوءِ عادل ۽ چاهت جي خاندان سان تمام ويجهو ٿي ويو هو. ۽ وري وڌيڪ، انهن کان موڪلائي گهوٽ وڃڻ وقت زليخا، جان محمد کي سيني جي اڳيان چيو ته "جان محمد! عادل کي مان پنهنجي ايمان موجب پنهنجي دين جو پٽ ڪري ٿي رکان... هاڻ هي منهنجو ٻچڙو آهي ۽ منهنجي مئي پڇاڻان، هي منهنجي سڳي پٽ واري حيثيت سان منهنجي وارثي جو مالڪ هوندو!"

بس پوءِ ته، عادل جهڙو ان فيملي جو فرد ٿي ويو. هڪٻئي کي ڏيئڻ، وٺڻ، دعائون، دعوتون سپ ڪجهه مان مرتبي وارو ٿي پيو. چاهت ۽ صديقا لاءِ ۽، عادل جو گهر جڻ سندن هڪ سڳي ياءُ جو گهر بڻجي پيو. صديقا ته اڳيئي عادل جي فيملي سان ويجهي هئي، پر چاهت ڪافي سوچ ويچار کانپوءِ، اهو طئي ڪيو ته ڪريمداد جي ذهني الجهن سبب عادل جي گهر اسان جي رهائش وڌيڪ بهتر رهندي." عادل جي تعلقاتن کانپوءِ، سڄو گهوٽ هنن جڻ پنهنجو تصور پي ڪيو. ليڪن پوءِ ۽ ڪريمداد جي سُس جو دماغ ۽ دل چاهت جي صورت کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا. جنهن مهل ۽ وجهه لڳندو هئس ته نياپا نِئاءِ ڪري ۽، سندس بدذاتي ۽ بدنامي ضرور ڪندي هئي.

ڪريمداد سوچي، سوچي هاڻ پنهنجي زال بختاور کي، پنهنجي ماءُ جي گهر وڃڻ تان بند ڪري ڇڏيو هو. انهيءَ ڪاوڙ کان، ڪريمداد جو پيءُ جنهن مهل ۽، سندس سُس جي منهن لڳندو هو، ته اها سندس عزت جا ڇِلر، ڇوڙا ۽ لاهي ونندي هئي.

اهڙي طرح ڪريمداد جي ان عمل کانپوءِ، بختاور جي باقي ٻين رشتيدارن ۽ ڪريمداد جو خاندان هڪٻئي سان وڙهي، وڇڙي، هڪٻئي لاءِ بدگمانيون ۽ بي اعتماديون پيدا ڪري، هڪٻئي جا سڃڻ، سيڻ ٿي رهڻ جي بجاءِ هڪٻئي لاءِ نفرت، ڏڪار ۽ ڪروڌ کانسواءِ، قرب قرابت ۽ پيار محبت جو نالو ۽ اهڃاڻ ۽ ڪون ڇڏيو هو. ٿورو گهڻو ڪو احساس هو ته، اهو ڪريمداد جي سُهري کي هو. جيڪو اڪثر لڪي، لڪي ڪريمداد کي

چوندو هو تہ "ابا ڪريمداد، منهنجي بختاور جي پارت اٽئي، تون مون ڏانهن ڏسجان؟ تنهنجي سسُ جي تہ مت مُئل آهي، تنهن تہ اجائي ڪٽي خلق ڪلائي آهي!"

ڪريمداد کي اوڏي مهل تہ رحم ايندو هو، پر پنهنجي سسُ جي بدسلوڪي ۽ چاهت جي خوش سلوڪي جي ٽڪراءُ ۾ ڪيس پنهنجي ذهن تان وساري ڇڏيندو هئس... اصل ۾ ڪريمداد جو سُهرو شخصيت ئي اهڙي هئي. جيڪو ايڏي ويڑهه ۽ هڪٻئي سان وڙهي ڏانگي ٽيڙ ڪانپوءِ ٻہ، ڪنهن کي ياد ئي ڪون هو.

خبر ناهي اهڙا آزاد مزاج ماڻهو، پنهنجن ڪيفيتن ۾ ان وقت پنهنجي خدا بابت ڇا سوچيندا آهن؟

هڪ پيري هن ويچاري لڪي لڪي ڪو ڪريمداد سان پي ڳالهايو تہ سندس زال ڏسي ورتو، بس پوءِ تہ ويچاري سان اهڙي حالت ڪيائين جو ويچاري کي سمهڻ، کائڻ سپ وسري ويا. ۽ جهنگ منهن ڪري، سڄو ڏينهن جهڙو رڳو بس پنهنجي خدا سان پي صلاحون ڪيائين.

ڪريمداد واري سسُ جي اهڙي بي مروت ۽ تيز طبيعت جي سبب ڪنهن، ڪنهن مهل بختاور ٻہ منجهائنس ٽڪي پوندي هئي. پر ڇا ڪري؟ هڪ تہ سندس سڳي ماءُ هئي ۽ ٻيو سندس ٺورو گهٽو ٻچاءُ ٻہ اها ماءُ هئي تنهن ڪري پنهنجي ماءُ سان هر معاملي ۾ هڪ هئي، ۽ اهو چاهت ٻہ نہ پي چاهيو، تہ بختاور پنهنجي ماءُ جو پاسو ڇڏي، ڪريمداد جو ساٿ ڏئي منهنجي لاءِ وڌيڪ پريشاني پيدا ڪري.

ان سڄي معاملي ۾، صرف ٻہ ماڻهو سين کان الڳ هئا، جنهن ۾ هڪڙي صديقا ۽ ٻيو ڪريمداد جو سُهرو هو ۽ وري ڪا ڏکيائي جيڪڏهن هئي، تہ اها عادل جي لاءِ هئي، ڪريمداد جو پيءُ علي احمد، صبح شام عادل وٽ ڪريمداد جو دانهين هو، ليڪن ڪريمداد، عادل سان چاهت واري شادي جي معاملي ۾ قطعي سچو ڪون هو. ۽ عادل جي دل صديقا لاءِ هپ جهپ ڪئي پي. پر ان جي لاءِ ٻہ ٽي سبب هئا، پهريون تہ سنڌي سماج ۾ ان حقيقت کي تمام غلط نظر سان ڏٺو وڃي ٿو تہ، ڪنهن کي پنهنجي گهر جو خاص مهمان ڪري، پوءِ ان سان عشق ٻہ ڪجي، ٻيو تہ عادل پنهنجي ڪزن

سان محبت ڪندو هو ۽ ان سان سندس شادي جو عهد ڪيل هو. تنهن ڪري ٻه تلوارون هڪڙي ميان ۾ اهو انساني فطرت جي خلاف هو ۽ ٽيون، جيڪو سين کان وڌيڪ معتبر سبب هو اُهو اهو هو ته، صديقا جي ماءُ زليخا، عادل کي پنهنجي دين جو پٽ ڪري سڏيو هو- جنهن کي سنڌي سماج ۾ سڳي پٽ جيڏان ان جي هڪ الڳ ۽ وڏي اهميت هئي، تنهن ڪري عادل هاڻ صديقا، يا چاهت ٻنهي مان ڪنهن سان ٻه شادي نه پي ڪري سگهيو ۽ ٻنهي کي پنهنجي سڳي پيٽ جي نظر سان ڏسندو هو.

انهن سين... ان سماجي ڳنڍجوڙ ۽ تعلق واسطن جي رتبن ۽ روايتن کي جڙندي ۽ انهن ۾ ويجهڙائپ ايندي ڪريمداد جي ڏيءُ، سورٺ ٻه اٽن ڏهن سالن جي اچي ٿي. چاهت ۽ صديقا، ٻنهي کي سرڪاري نوڪريون ٻه ملي ويون، پر جان محمد جي لاءِ تمام ڏکيو وقت اچي ويو. هُو نوڪري تان رٽائر ٿيو ۽ شگر سان گڏ فالج مٿس ايڏو حملو ڪيو جو، ان اڏ رنگ جي ڪري سندس ساڄو پاسو ڪنهن صحرا جي وڻ جيڏان سُڪي ڇوڏا ٿي ويو ۽ اٽڻ ويهڻ کان ٻه ويچارو ٿي ويو! ۽ بس رڳو پنهنجي ڪمري ۾ بستري تي ...پاڙي ۾ ڪٽي ويل ڪنهن مسافر جيان پيو هوندو هو! ۽ زليخا رات ڏينهن سندس پيراندي کان پئي هوندي هئي! ۽ هاڻ سندس روزا، نماز، حج، ۽ زڪوات سڀ سندس اهو پوڙهو پريمي جان محمد هو! جيڪو هاڻ رڳو ٿورو ڳالهائيندو هو، ته پنهنجي وات جون گگون ٻه پنهنجي وات سان روڪي ڪون سگهندو هو، ۽ ٻين لاءِ جهڙو ارمان ۽ افسوس جو سامان بڻيل هو!

سنڌي سماج ۾ اها ٻه هڪ وڏي بي حسي آهي ته گهر جو ڪو وڏي عمر وارو فرد، جيڪڏهن ڪنهن وڏي ۽ ڏکڻي بيماري سبب لاڪيتو بستري تي ڪري ٿو پوي ته اڪثر گهر جا ڀاتي پنهنجي بيزاري جو احساس پيا ڏيارينداِ. جان محمد سان اهڙو سلوڪ ته ڪون پي ڪيو ويو. پر هو ڏاهو ته هو پنهنجي سماج جي ان بدسلوڪي واري عمل کان واقف هو. تنهن ڪري ڪنهن، ڪنهن مهل پنهنجي ڏاهپ واري ڏهاڳ ۾ اکين مان لڙڪ ڪري پوندا هئس، جن کي زليخا ڏسي پاڻ ٻه روئي پوندي هئي!

زليخا ويچاري تي ته هاڻ ڏکن، ڏولاون جا پهاڙ ڪري پيا هئا. هڪڙي پاسي ڪيس پنهنجي پياري مڙس جي بيوسي ۽ لاچاري وارو عالم هو ته ٻئي پاسي پنهنجي لائق ڪنوارين ڌيئرن جي پريشاني ۽ اُلڪو!

جڏهن جان محمد ايڏا سگهو ڀلو هو تڏهن زليخا چيو هئس ته، "جي تون اجازت ڏيئين ته چاهت ۽ صديقا جي رشتن لاءِ مان ڪريمداد جي ڀُوٽ مان ئي، ڪنهن سني رشتي لاءِ ڪا جانچ، پڙتال ڪيان؟"

تڏهن جان محمد چوندو هئس "اهو سندن مرضي جي خلاف ٿيندو. جڏهن پاڻ پنهنجي مرضي جو ڪوئي خيال ڏيکاريائون، ته پوءِ سندن لاءِ سپ ڪجهه ڪري ونڊاسين، فلحال اسان پنهنجي مرضي مٿن ڪون مڙهينداسين، پر جيڪڏهن پنهنجي راضي خوشي، اهڙو اظهار توسان ڪن، ته تون هر طرح جي سندن مدد ڪجانءِ!"

پر پيار ۽ قيامت جي خبر ڪنهن کي آهي، زليخا ته جان محمد جون اهي هدايتون سانديِ سنيالي رکيون هيون، پر ڪيس اها خبر ته هرگز ڪان هئي ته پنهنجن ڌيئرن جي سنيال مون هڪڙي سر تي ايندي، تنهن ڪري، هڪ ماءُ جي حيثيت سان، پنهنجون ڌيئرون به سندس ڌيان مان نڪرنديون ئي ڪون هيون!

هڪ ڏينهن چاهت، صديقا کي چيو "صديقا پيٽ، منهنجي ڪجهه مدد ڪنديئين؟"

"چو نه پيٽ... مان پنهنجي پيٽ جي مدد چو ڪون ڪنديس، ٻڌائي ڪهڙي مدد ڪيان؟" صديقا چيو

"مان ۽ ڪريمداد، اسان پاڻ ۾ شادي پيا ڪيون، جنهن لاءِ مان اڄ امان کي اعتماد ۾ ٿي ونڻ چاهيان، تون بس ان مهل ٿورو پاسو ڪٽجان؟"

۽ صديقا کي اها ڳالهه پسند نه آئي، هڪدم چيائين "واهه ادي واهه اهو وري ڪهڙو ڊمچر ٿي مچائين، ڀُوٽ وارا اڳيئي اسان کي الائي ڪهڙي نظر سان ٿا ڏسن، عادل جي ڪري مس وڃي منهن ڏيکارڻ جهڙا ٿيا هئاسين، وري جي تون اهو ڪم ٿي ڪرين، ته پوءِ اسان کي ڪير ٻن آڱرين جو به هٿ ڪون ڏيندو ۽ گهر جون گهريتڙيون ٿي مرنديوسين!"

هن صديقا جي ان سوچ کي احمقاڻو خيال تصور ڪري، ان کي ڪائي اهميت ڪان ڏني، اُلٽو کيس مٺي هاب ڪندي چيائينس "توکي ته ڪنوارو روح کٽي مرڻو آهي، ته پلي ڪنواري ويني رهه، مان ته شادي ڪنديس... پلي تون منهنجي مدد نه ڪر، جيڪڏهن امان به مونکي ساڻ نه ڏنو ته نه ڏي، مان ڪريمداد سان شادي ڪنديس، پوءِ ڏمچر چو ٿو مچي پلي ممڻ مچي يا بنيٽ چو نه پڙڪي پون، مونکي ڪنهن جي به پرواهه ناهي!"

"ءِ بابا! جيڪو هن حال ۾ آهي؟ ان تان چا گذرندي؟" صديقا چيس، ته پاڻ چوڻ لڳي "انهيءَ لاءِ ته مان امان کي ٿي اعتماد ۾ وٺڻ چاهيان، ته جيئن بابا جي صحت تي ڪو اثر نه پوي، پر تون جي منهنجي مدد نٿي ڪرڻ چاهين، ته مونکي تنهنجي ايڏي ضرورت به ڪونهي، مان پاڻ امان سان ڀالهائي، ان کي راضي ڪري سگهان ٿي."

"ها پوءِ پاڻ وڃي ڀالهائينس، مونکان اهو غلط ڪم ڪون ٿيندو." ... انهيءَ جواب چاهت جي طبيعت کي گرم ڪري ڇڏيو، بنهي ڀيٽن ۾ وڏو اختلاف پئجي ويو، ۽ ٻئي هڪٻئي سان جهيڙڻ لڳيون، ته ان هل تي سندن ماءُ وچ ۾ اچي ڪجهه سرچاءُ ڪرايو، ۽ پوءِ ان مهل ئي، چاهت پنهنجي ماءُ کي، هڪڙي پاسي ويهاري، کيس پنهنجي ان پريمي، ضدي ارادي کان واقف ڪيائين، ته سندس ماءُ کي سڄي ڀالهه سمجهه ۾ اچي وئي، کيس اهو به يقين ٿي ويو ته، چاهت جيڪي چوي پئي، سو هي ضرور ڪندي ۽ اهو سندس ذهن ۾ اڳيئي هو ته، هڪ ڏينهن اهڙو ضرور اچڻو آهي، پر اهو علم کيس نه هو، ته اهو معاملو ان وقت ايندو جڏهن منهنجو جان محمد اهڙي حالت ۾ هوندو، جنهن کي مان اهڙي حساس معاملي بابت ڪجهه ٻڌائڻ جي همٿ به ساري نه سگهنديس، هن پنهنجي ڏيءَ جي سوچ کي ذهن ۾ رکندي چيو "چاهت، هڪڙي هدايت ڪيان۽ ٿي، ان تي پهريان عمل ضرور ڪجان۽؟"

"امان ڪجهه وڌيڪ ڪرڻ جي ضرورت به ناهي، مون ڪريمداد کي چئي، سمجهائي ڇڏيو آهي، هو هتي گهر ۾ ئي مولوي کي ونڻي ايندو ۽ گهربل شاهد به آڻيندو، بس رڳو نڪاح جي رسم ادا ٿيندي، وڌيڪ ڪو به هُل هنگامو نه ٿيندو."

"مون ڪجهه ٻئي حوالي کان پي چيو چاهت!"

"توهان الائي چاپي چوڻ چاهيو؟"

"منهنجو مقصد هو ته، پهريان تون پنهنجي بابي سان ان معاملي ۾ مل... ۽ ٻيو ڏسو، مان اڪيلي اوهان لاءِ ڪجهه به نه پئي ڪري سگهان، جيئن تو پنهنجي لاءِ ڪهڙي به حال ۾ حالت ۾ پنهنجو حق ڪريئين پئي، پر صديقا، تنهنجي ٻيٽ - اوڏانهن الاءِ ڇو، ڪا سوچ ئي ڪانهينس ڪا. مونکي ته ان جي به ڏاڍي ڳڻتي آهي، خبر ناهي ته، سندس قسمت ڪيئن آهي؟ بس تون ان جي وڏي ٻيٽ آهين، ان جي توکي پارت هجي،ان جو خيال رکندي ڪر؟"

چاهت پنهنجي ماءُ کي راضي ڏسي، پنهنجي ذهن تان جهڙو اڌ بار جو هلکو محسوس ڪيو ۽ ڪيس مڙئي خوش ڪرڻ خاطر صديقا بابت ڪوڙو دلاسو ڏئي ڇڏيائينس، باقي پنهنجي ٻيءُ لاءِ هن ماءُ کان مدد گهري ته ماءُ چيس "پهريان مان بابهين سان ڳالهه رکان ٿي پوءِ بعد ۾ تون مون سان گڏ هججان؟"

ٻئي ڏينهن زليخا پنهنجي محبوب مڙس جي بيڊ تي، پيراندي‌ءَ کان ويهي، ڪيس آهستي آهستي، نرمائي سان چوڻ لڳي "اڄ مان جيڪا ڳالهه چوان‌۽ پئي، ان کان انڪار نه ڪجان‌۽! ... جيڪڏهن اسان انڪار ڪنداسين تڏهن به، هاڻ ڪوئي فرق پوڻو ناهي، ۽ اسان جو انڪار اسان لاءِ ارمان ۽ افسوس بڻجي پوندو، تو سڄي عمر مونکي ائين ئي چيو آهي ته، سارين جي سنگ جيئان، پنهنجن کان ڇڄي حوصلو نه هارجان! سو تنهنجو اهو چوڻ، مان پنهنجي هينئين سان هنڌائي رکيو آهي. ۽ اڄ هڪ دفعو وري به، پنهنجي حوصلي سنيالڻ جو وقت اسان کي آڏو آيو آهي!"

جان محمد، پنهنجي زليخا ڏانهن، اهڙيون ته ڇڪي اکيون جهليون جهڙو چوندو هجي ته، "ٻڌائي، ترسائين چو پئي؟ هاڻي منهنجي بيوسي سان پيار ڪرڻ ڇڏي ڏي... مان تنهنجي ايتري محبت جو بار کڻڻ جي هاڻ اهل ناهيان رهيوا!"

زليخا به پنهنجي جاني جي منهن ۾ لاڳيتو انتظار جي نظر سان ڏسندي رهي، ۽ ڪجهه لمحن کانپوءِ، جان محمد پنهنجي بيوس زبان سان تٽل قٽل لفظن ۾ پچيس "چئو... ڇاڻي چوين... مون ته، سڄي عمر... توسان انڪار ناهي ڪيو... اڄ اهڙي ڳالهه چو پئي ڪرين؟"

زليخا سندس بي تابي ڏسي هڪدم چيس "پنهنجي چاهت ڪريمداد سان نڪاح پئي ڪري ۽ هُو هتي ئي رهندو!؟"

جان محمد لاءِ زندگي ۾ پهريون پيرو، زليخا سان انڪار لاءِ پنهنجي ذهن ۾ سوچ آئي هئي، سا بہ ان حالت ۾ جڏهن هُو اڌ رنگ واري مرض جي ڪري، گهٽي ڳالهائڻ جي وس ۾ ئي نہ هو، نڪاح واري ڳالهہ تان ڪيس ايڏو رنج ڪون رسيو هو ... پر هُو هتي رهندو... انهيءَ جملي، جهڙو سندس جيءَ جهوري وڏو هجي، هن لاءِ پنهنجي زندگي جو جڙ سڄو ڪتاب ڪلي اکين اڳيان آيو هو، ڪيس ياد آيو تہ، انهيءَ گهر نائي واري معاملي تان، منهنجي محسن، چاچي ربنواز مرحوم مونکي زليخا سميت، پاڙ ڪان ايترو پري ڪري ڇڏيو، جو مان سندس ڪانڊي بہ ٿي نہ سگهيس، اڄ اها تاريخ پاڙ کي ورجائي، وري منهنجي سامهون آئي آهي! سا بہ ان وقت، جڏهن مان اهڙي روايتي جنگ وڙهڻ جي سگهہ ۾ ئي ناهيان... يا خدا منهنجي مدد ڪر... اهڙي پڪار ڪري، سندس جيءَ گهٽو ئي لڇڻ ۽ ڦٽڪڻ لڳو، پر ڪڇڻ جي ڪا واهہ نہ ڏسي اکين مان آب هاريندي چيائين "مان تہ ڪجهہ نٿو ڪري سگهان زليخا،... شايد منهنجي چوڻ جو اهو وقت اچي ويو آهي... تہ مان پنهنجي وات سان ئي پنهنجي لاءِ چوان تہ... بي وس انڻ بار ڇڏيا... بس زليخا... مان خداجي فيصلي تي ڪجهہ نٿو ڳالهائي سگهان... چون ٿا، خدا پنهنجي انسان جهڙي سوکڙي جي سلامتي لاءِ... اهو حڪم جاري ڪيو تہ... هڪڙي انسان جو قتل... پوري عالِم انسان جو قتل آهي... پر عالم ايجا اهو... واضح ڪري نہ سگهيا آهن... تہ اهو قتل انسان جي دل جو... انسان جي ضمير جو يا ان جي ايمان ۽ انسانيت جو يا رڳو ساهہ جو... زليخا، خدا جو حڪم ۽ ان جو فيصلو هي ويچارو فقير انسان... ڇا سمجهي سگهندو!؟"

زليخا کي بہ پنهنجي اندر ڪا شيءَ ڪائي رهي هئي، پنهنجي جانيءَ جي رحم جوڳي حالت ڏسي، پنهنجا لڙڪ روڪي نہ سگهي ۽ پيرن ڪان سيراندي ڏانهن سرڪي، پنهنجي جاني جي ڇاتي ۾ پنهنجو منهن لڪائي چوڻ لڳي "تون سمجهين ٿو تہ، مان سگهي آهيان، پر منهنجي اندر ڪان پڇيو اٿئي، تہ مُئي آهيان، يا جيئري!"

ائين چئي هو تيستائين پنهنجي جاني جي چاتي تي پئي هئي، جيستائين، جان محمد جون اکيون واهڙ واهي، مٿس وسڻ لڳيون، ۽ جڏهن پنهنجي مٿي تي ٽڏاڻ محسوس ڪيائين، تہ منهن مٿي کڻي ڪيس چوڻ لڳي "ائين نہ ڪر جاني، مون کان تنهنجي اها حالت سَڄي نٿي ٿئي، تون جي ائين ٿو ڪرين، تہ باقي منهنجو ٻيو هتي ڪير حال محرم آهي، جنهن کي مان تنهنجي دانهن، ڏئي چوان تہ، منهنجو جاني مونکي هاڻ رڳو رٽاري ٿو؟"

ائين ٻئي ڇڪا ڪجهہ دير لاءِ هڪٻئي کي رٽاري، پنهنجي سماجي ڏاهاڳ کي ڏيڊ ڏئي، ڪجهہ هانءُ هلکو ڪري، جان محمد پڇيس "پنهنجي، پيڙ کي خبر اٿس؟... ۽ چئجانس، مان نڪاح ۾ ويهڻ جي حالت ۾ ناهيان... پر جيڪڏهن ادو علي احمد نڪاح جي وقت موجود هجي تہ بهتر... اهو تون ڪريمداد کي چئجان... پڌس کي... نڪاح وقت ونڊي اچي؟"

ايترو چئي، جان محمد جا ڦڦڙ ساهہ مان ٻرجي ٻيا، پاڻ ڪجهہ دم پي پَٽيائين تہ زليخا چيس "مان تہ چوان ٿي، اسان ٻئي پنهنجي دل تي پٿر رکي، ان معاملي کان الڳ هجون، تنهنجو ڇا خيال آهي؟"

"چاهت سان ڳالهائي ڏس... جي اسان کي معاف... ڪري سگهي... تہ اسان بخشش ۽ ... نجات جي اهل آهيون! ... اسان کي هاڻ روح کان آزادي ملي... تہ مان ڇڪو سمجهندس!" ۽ پوءِ اکيون پوري ڇڏيائين.

پر ائين تہ ڪڏهن ٿيوئي ناهي، تہ جان محمد جيئان ڪوئي پنهنجي خدا کان، پنهنجي روح جي نجات گهري ۽ روح انسان جي نسن وارين نوڙين مان ڇِنائي، پنهنجي مماتي ماڳ وڃي، پنهنجي نجات جا نظارا ماڻي. اهو تہ بس ڪنهن ڪرب وٽِي ڪيفيت جو رڳو هڪ احساس هوندو آهي، جيڪو من ۾ ماتمي روڳ وروڌ واري پيڙاءُ پيدا ڪري، ماڻهو جي همٿ ۽ قدامت کي ڪمزور ڪري ٿو ۽ ماڻهو ويچارو ان حالت دوران رڳو تن کي تسلي ڏيئڻ خاطر ئي ائين چوندو آهي!

جان محمد کي بہ پنهنجي ڇِيل کي ڏيڊ ڏيئڻ بنا ٻيو ڪوئي سهارو نظر ڪون پيو آيو. زليخا بس رڳو هئي، جيڪا سندس جيءَ بہ هئي تہ جهان بہ هو. تنهن سندس روح ريجهائيندي چيس "مان چاهت کي سمجهايان ٿي، ۽ اڄ

رات اسان پاڻ ۾ ويهي، سڄي معاملي جي صورتحال کي، کنهن هڪڙي پاسي ڪري ونڊاسين!"

پر ان رات معاملو هڪ پاسي ٿي نہ سگهيو. ۽ ٻئي ڏينهن صبح جي وقت چاهت، سندس ماءُ ۽ سندس پيءُ، ٽنهي هڪٻئي کي روئي، رئاري چاهت کي پنهنجن اختيارن جي غلط استعمال تي هدايت ڪندي، کيس پنهنجي ضد تي بحال رهڻ جي اجازت ڏني ۽ چاهت پنهنجي والدين جي ان رنجش کي بہ ڪا اهميت ايتري ڪان ڏني.

آخر ۾ جڏهن ان ڪمري مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ اٿي تہ، وڏي کنهن اٽڪل سان، پنهنجي پيءُ کي مسڪرائڻ تي مجبور ڪري، پنهنجي پيءُ کي ان روئڻ سان گڏ، ٿورو ڪلائي ٻاهر نڪتي تہ، صديقا کي ورانڊي ۾ بينل ڏنائين، جنهن سندس سڄي ماجرا ٻاهران ٻڌي ٻيني. جنهن مهل هڪٻئي کي ٻئي پيٽو مُنهان، منهن ٿيون، تہ صديقا چيس "چاهت پيٽ، تنهنجو اهو ضد، سنڌ جي سيني ضلعن ۾ ڳائبو. بابا پنهنجي نوڪري دؤران سڄي سنڌ ۾ هليو آهي، هاڻ سندس نالو تنهنجي پڻيان ڳائبو! اڳ ۾ اسان پنهنجي بابي جي نالي پڻيان سڏبيون هيوسين، تون اهو سماجي لحاظ کان بہ سنو نہ پئي ڪرينءَ. ڪريمداد پنهنجي پهرينءَ زال سان بہ نباهي ڪون سگهيو. کهڙو عيب هو بختاور ۾، تون بختاور جو گهر ٻاهي، پنهنجو گهر اڏڻ ٿي چاهين، پر اهو ايڏو آسان ڪون ٿيندو. تنهنجي مرضي پيٽ، پر مان سمجهان ٿي ڏاڍي ڏکي ٿيندينءِ!؟"

پر چاهت سندس نيڪ نيت صلاح کي، پنهنجي ڪنڌ جي هلڪي انڪاري ڏوٽي سان ڪنڌ ڇنڊيندي هلي وئي.

انهن ڏينهن اها اونهاري جي موسم هئي، سانوڻ سنڌ ۾ وسڻ جا سايا پي ڪيا، فضا ۾ بادلن جي پر، ڇنڊ لڳي پئي هئي، ڪنهن مهل اتر طرف کان ڏکڻ طرف ڏانهن سندن ڊوڙ هئي، تہ ڪنهن مهل اولهہ کان اوير طرف ڀڄ، ڀڄان ۾هئا، ڇؤماسي جي هوائن ڪريمداد جيئان، سڄي ماحول کي منجهائي وڌو هو. گرم هوائن ۽ آگم جي اُگم ۾ جان محمد جي من جيئان ماٺهو وگهري پيا هئا. صديون ٿيون هيون سانوڻ کي هن ساڳي ڏرتيءَ تي وسندي، پر نہ ڪڏهن پنهنجي مند مٽائي هئائين ۽ نہ سندس گهمسان

گهتائون علي احمد جيئان پوڙهيون ۾ پريشان ٿيون هيون بس رڳو سندس هوائن جا رخ، ڪريمداد جيئان، زندگي جي راهن ۾ واريون وڇائي پراٽا پيڇرا لٽي پي ڇڏيا، ڪريمداد به ائين پنهنجي زندگي کي به واٽي تي آڻي، پنهنجن سوچن کي ورهائي ڇڏيو هو. هڪڙي پاسي سندس پيرسن پيءُ، جيڪو پنهنجي عمر سان گڏ پنهنجي نظر به گهٽي ڪپائي چڪو هو ۽ ٻيو پنهنجي بهتر دوست عادل آزادڪي به پنهنجي سڃي معاملي کان بي خبر رکي، دوستي جي پرم کي دوکو ڏنوهو.

۽ ٽئي پاسي چاهت جو اڃ زنده بيمار پيءُ، جنهن جي سامهون ويهي، چاهت سان ڳنڍيل، پنهنجي جيءَ جي جڙِي جو ذڪر ڪرڻ جي منجهس همٿ ئي ڪان هئي، ان گهڙ مُنهين سوچ ڪريمداد کي ڪنهن نه ڪم جو ڪري ڇڏيو هو. سندس عقل بس رڳو اهو ڪم پي ڪيو ته، چاهت سان نڪاح ڪرڻو آهي... پنهنجي پيار کي پائڻو آهي، ۽زندگي هن ڪروڌي سماج ۾ آزاد گذارڻي آهي...!

آخر سندس اميدن پريو اهو ڏينهن به آيو. چاهت سان سندس نڪاح ٿيو ۽ هنن اها ڪروڌي جنگ کٽي، هڪٻئي کي اهڙي طرح فتح ڪري ورتو جو ان جي ڪنهن کي ڪا کُڙڪ ئي ڪان پئي!

ڪريمداد کي، چاهت سان نڪاح ڪندي ٽي مهينا گذري ويا، پر پنهنجي ڳوٺ وڃي پنهنجي ماءُ، پيءُ جي به سار ڪان لڌائين، پر چاهت انهن ٽن مهينن دوران ڪريمداد جي سُس کي. ڳوٺ نيابو اماڻي موڪليو ته، مون ڪريمدادسان نڪاح ڪري، ڪريمداد کي پاڻ وٽ گڏ وهاريو آهي، هجئي همٿ ته اچي هاڻ وٺي وڃينس، نه ته هاڻ، تون پنهنجي بختاور جو ڪو ٻِلو ڪر... تو جيئن چيو هو. تئين مون، توکي ڪري ڏيکاريو.. ماڻهو دنيا ۾ جو ڪجهه چاهي، حاصل ڪري سگهي ٿو، پر توکي جيترو عقل ۽ اخلاق آهي، ته اهو ڪم به توکي اوترو آيو! ... مان ڪجهه ڏينهن کان پوءِ، ڳوٺ ايندیس، سو رڳو ايتري لاءِ، جو رڳو ڏسان ته، باقي تو ۾ ڪيترو دم آهي!؟"

ان نيابي ملڻ کانپوءِ، ڪريمداد جي سُس، ڳوٺ ۾ قيامت مچائي ڏني، نه رڳو ڪريمداد جي ماءُ، پيءُ سان حالت ڪيائين، پر راج برادري ۾ اهڙو ڪو

چگو نہ ھو جنھن وات دانھين نہ ھئي، پر ڪير ڪجھ ڪري تہ ڪري ب چا پي سگھيو. ھر ڪو سندس دانھن ٻڌي پيو چويس تہ، مائي ھاڻي اجائي واويلا نہ ڪر، اھا اجائي ياحسين ڪري خلق نہ ڪلائي، جيڪو ڪجھ ٿيو آھي، رضا خوشيءَ سان ٿيو ھوندو. تنھنجي نائي ٻي شادي ڪئي تہ گناھ تہ ڪون ڪيو اٿس مرد چار چار شاديون ڪندا آھن!!"

اھڙن جوابن تہ، ھيڪاندو سندس ھانءُ ۾ ٻاھہ ٻاري ڏني، پنھنجي سماج ۾ انصاف، پنھنجي مرڻ کان اڳ، مڪل تصور پي ڪيائين، ڪري تہ ھاڻ ڪري ب چا، پنھنجي وڊيي جو تہ ويڄ نہ طبيب!

جڏھن ٻيون سڀ واھون ويندين ڏنائين، تڏھن رڳو ڪريمداد جي ماءُ، پيءُ ان جي پيڙ شھرو ۾ عادل تي صبح، شام سندس ڪاھہ ھئي.

ڪريمداد جي پيءُ تہ، پنھنجي پَر ۾، جان محمد تي ڏک ڪيڊي جيئن پنھنجي خاموشي اختيار ڪئي، تہ يڪي ماڻ ۾ ھو ۽ عادل پنھنجي دوست جي اھڙي لڪ لڪوٽي واري ارمان ۾، ڪنھن کي ڪجھ چوڻ ۽ ڳالھائڻ جي تہ، خود کي اھل ئي نہ پي سمجھيو.

چار مھينا ڪن گذريا تہ ڪريمداد جي پيءُ عادل کي چيو "عادل_ يار تو وارو اسانکي پيريءَ ۾ ائين چڏيندو. اھو تہ مون سوچيو ئي ڪون ھو. اسان تہ پنھنجو الله ب وساري، سندس آسري ھئاسين، پر ھاڻ تہ اسان کان پنھنجو خدا ب ويو. ڪير ھن انڊي عمر ۾ اسان جي سار لھندو. بختاور! سندس زال آھي... سا تہ روئي روئي بيمار ٿي پئي آھي ۽ سندس سسُ جو اسان تي صبح، شام لعنت جومينھن پيو وسي، ابا تون کو بِلو ڪر. وڃي سمجھائينس، نہ تہ اسان جو تہ ڪانڊي ب ھاڻ ڪير ڪون ٿيندو!؟"

ان مھل ائين پي لڳو تہ، علي احمد جي جسم تان گوشت ڄڻ سڀ ڪنھن ڪوري ورتو ھو. سندس اھڙي ھيڻائي کي ڏسندي، عادل چيس "ڪاڪا ڪانڊي ٿيڻ واري ڳالھہ ڪيئن ٿو ڪرين، ماڻھو جيسين جيئرو يا مئل آھي، تيستائين ھن ڌرتيءَ تي ھو پنھنجي خدا جي امانت آھي. ڪوئي اولاد جيڪڏھن، مائٽ کي اڪيلو ڪري ٿو چڏي تہ پنھنجي ڪفن، دفن جي ڳڻتي ان اولاد کي ڪرڻ گھرجي! مائٽ ويچارو تہ، پنھنجي بدن جي کل ب، پنھنجي اولاد جي ڪفن لاءِ ڏيئڻ ۾ راضي ھوندو آھي پر اولاد جي نالائق

ٿو ٽئي، ته پنهنجي قسمت کي پاڻ ٺُڏا هڻي، پنهنجي پاڻ ٿو ڦٽائي! پر تون دلجاءِ ٿي، ڪريمداد کي ائين ڪرڻ ڪون ڏيندا سين، پلا جيڪو ٽيڙو هو، سو ته ٿي ويو. بس ان لاءِ ٿوري سهپ ۽ صبر کان ڪم وٺو پوندو. تون گهبرائي نه."

"ابا رڳو ايترو بس پيچجانس، جيڪڏهن پاڻ اتي خوش آهي، ته اسان جو ڪو اعتراض ڪونهي، پر پنهنجي زال بختاور ۽ سندس ڏيءَ سورٺ کي وٺي وڃي، پاڻ وٽ ويهاري، اسان وقت ڪيڊي ويندا سين. پر بختاور ۽ سورٺ جي هتي ڪير ڪندو؟ پيا روز، روز ماٺهو ڪلندا، اهو خواري جو ڪارو اسان کان ته هاڻ ڪون ڏکيو ٿيندو!"

۽ بختاور! سا جڏهن پنهنجن احساسن ۾ اندرجي دکندڙ ارمان ۾ روئي وجهندي هئي، ته سورٺ بہ پنهنجي ماءُ کي روئندو ڏسي، پاڻ بہ ان سان گڏ روئي پي وڏائين، جنهن کي ڏسي ڪريمداد جو پيءُ بہ روئي پي پيو... ائين سڄي گهر ۾ روحاني روڳ جي هڪ زنجير ٺهي پئي هئي! بختاور پوءِ سورٺ، پوءِ ڪريمداد جو پيءُ تنهن کانپوءِ سندس زال ياڳان ۽ آخر ۾ ڪريمداد جي پيٽ حليما، جيڪا سين کان وڌيڪ دل جي هيٺي هئي، هڪ بس رڳو شهرو هئي، جنهن جي دل جڙ ڪيرٽر جبل جو ڪو پٽر هو! جنهن جون اکيون انهن احساسن ۾ روئڻ ته ڇا پر رڳو ڇنڇيائين بہ ڪون پي، ائين پي لڳو ته، اهي اکيون جهڙيون ڪيس ڏاريون لڳل هيون! ڪريمداد جي سُس ته، گهٽيون ڪرٽيون ڪاڏيون ان شهرو تي پي. شهرُو تي جنهن مهل نظر پي پيس ته، پانءِ ته ڪيس ڪچو ڪائي ڇڏيان، پر جيسين شهرُو ڪي ڪچو ڪائي، تيسين شهرُو پنهنجي پاءُ ڪريمداد کي چاهت سان پرٽائي جهڙو ڪيس ڪنهن ڳورپٽ جيئان ڪچو ڪائي ڇڏيو هو.

هاڻ ڪريمداد ۽ چاهت جي شادي کي هي پهريون سانوڻ هو. سڄي سنڌ ۾ سانوڻ پرجي چڪو هو، فضا ۾ ڪڪر ڊوڙي، ڊوڙي پنهنجي آبي جسم جو رنگ بدلائي چڪا هئا، سندن ڊوڙون بہ ڊريون ٿي ويون هيون، اتر ۽ اوير طرف جي ڪنڊ ڪان، رات جي وقت ڪنوٽين ڪلڻ شروع ڪري ڏنو هو، عادل! ڪريمداد ۽ چاهت سان ڳالهاءِ، ڪريمداد جي مائٽن جي هينئين تي ڪو ٽڏو ڇنڊو هڻي، تيستائين سانوڻ جو وسڪارو وڏي، ڏام ڏوم سان وسي

پيو. ڏرتيءَ جو سينو ۽ ماٺهن جا لڳ، مغز ٺري ڪنول جهڙا ڪومل ٿي پيا هئا. چاهت ۽ ڪريمداد جي سوچن ۾ تبديلي ڪاڏي. ويڪيشن جا ڏينهن آهن، سانوڻ جي موسم آهي، ڳوٺان چڪر هٽي اچجي، وڻ ٽڻ، پکي پکڙ ۽ ڏرار ۾ ڏُوپجي اُجرا ٿي پيا هوندا، هتي هي شهر جي ڳتيل آبادي ۾، وسڻ جا ويس ڏاري، روز روز جيڪي آگم پيو ڪري، تنهن جو اُگم ته شهر ۾ ماٺهو کي ساڻي پچايو چڏي! پهراڻيءَ جي ڪليل فضا ۾، سانوڻ جا سينگار ڏسيو. ماٺهو جي جان ٺريو پوي. قدرت جا سيئي ڪرشما ته آهن ئي سنڊ جي پهراڻيءَ ۾، سنڊ کي ته خدا اهڙي سونهن بخشي آهي، جهڙو سڃي سنڊ کي خدا پنهنجي صورت تي ناهيو هجي! هر طرف حيرت ۽ حقيقت جي دعوت پئي سڏيندي آهي. وسندين ۽ واهڻ ۾ وسڪارا ڏسي، ماٺهو جي من ۾ ته ولايت جاڳيو پوي، مان ته چوان ٿي، ڪوئي اگر خدا جي خوشي ڏسڻ چاهي، ته سانوڻ رُت ۾ سنڊ جي سونهن ۽ سينگار ڏسي ته اکيون ۽ دل، دماغ سڀ، خدا جي خيال ۾ خوش ٿي ٺري پوندس. ڪو ماڳ ۽ مڪان سنڊ ۾ اهڙو ڪونهي، جنهن جي ڏسڻ سان ماٺهو جي من ۾ شبنمي خوشبوءِ ۽ روح جاڳائيندڙ راحت نه هجي!"

اهي اهڙيون سوچون ۽ صلاحون ڪري، ڪريمداد ۽ چاهت ٻئي ڳوٺ آيا، پر چاهت جي اسرار تي سڌو عادل جي گهر پهتا، ۽ چاهت جو ڪريمداد سان اهو شرط طئي ٿيل هو ته، "توکي پنهنجي ذاتي گهر وڃڻ ۽ بختاور سان ملڻ جي اجازت هرگز نه هوندي!؟"

۽ ڪريمداد اهو شرط اکيون پوري قبول ڪيو هو. تنهن ڪري هن عادل جي گهر ئي، پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ شهرو کي گهرائي، ڳوٺ جي پوري ماحول جو احوال ورتو. پر سندس پيءُ علي احمد ويچارو پاڻ وٽس هلي آيو ۽ ڳالهين دوران کيس چيائين "ڪريمداد، توکي پنهنجو گهر هوندي، هتي رهي مون تان ماٺهو ڪلائڻ نه ڪپندا هئا؟"

تڏهن ڪريمداد پنهنجي پريميڪا چاهت، ۽ پنهنجي ميزبان عادل جي اڳيان، ايڏنگي لهجي ۾ ڪيس ڇنيپيندي چيو "اڻ پڙهيو ته، نيٺ وري به اڻ پڙهيو! پر سڃي عمر ۾ عقل به ڪون سکيئي بابا۔ عادل جي گهر رهي پيس، ته توتان ماٺهو پيا ڪلن، ته تون اچي، هتي مون سان مليو آهين، ماٺهو ته پوءِ توتان به ڪلندا، توکي ماٺهن جي کل ڏکي ٿي لڳي ۽ آئون توکي، کل ۽ خواري

ٿو لڳان ته پوءِ هتي اچي، مون سان ملڻ جي ضرورت کڻي هُئي...؟ انهيءَ سوالي جملي سندس پيءُ کي جهڙو سڪرات ۾ وجهي ڇڏيو. ويچارو عادل جي منهن ۾ ڏسي وري چاهت جي منهن ۾ ڏسي، ۽ چاهت جي منهن ۾ ڏسي وري پنهنجي پٽ ڪريمداد جي منهن ۾ ڏسي، پلڪ گهڙيءَ ۾ سڄو خشڪ ٿي ويو. ۽ اکين ڏرا ڏئي سندس منهن کوکو ڪري ڇڏيو. شايد دل جي سهاري جي ڪوٽ پي محسوس ڪيائين، ائين پي لڳو ته ساهه ۾ نه پيو نڪريس!

هڪ پيءُ کي پيريءَ ۾ پنهنجي اڪيلي پٽ جي کڻي ضرورت هوندي آهي؟ اهو ته ان علي احمد کان ئي پڇجي ها! تڏهن ۾ ان رشتي جي تعلق جي پوري خبر ته ڪنهن ۾ ماءُ، پيءُ کي ڪون هوندي ته، هي رشتو کڻي سڳي سان سبيل آهي، جنهن جو ٽٽڻ يا ٽاڪو پوڻ ته ناممڪن آهي پر ڪريمداد جيئان سخت، ايڏنگي يا رڳو بي رُخي لهجي ڇالهائڻ سان ۾ مائٽ ويچارو ان وقت جهڙو موت جو مهمان ٻڌجو پوي ۽ پوءِ ان صدمي کان بتال نه ۾ ڪٽي ٽئي، پر پنهنجي اولاد جي ٺڪرائڻ کانپوءِ، پنهنجي سماج ۾ ڪيس احمق، پاڳل يا نڏٺڪو چيو ويندو آهي، جنهن سان سندس جيئاپي جا باقي عمر وارا ڏينهن ۾ سندس لاءِ اجيرڻ ٻڌجو پون!

علي احمد پنهنجي پٽ جي ان اچانڪ بدليل بي مُروت لهجي واري ٻولي کي سختي سان منهن ڏيئڻ جي ته، نه ڪيفيت ۾ هو، نه حالت ۾ پهچ ۾ هو، بس رڳو ڪيس پنهنجي رشتي جي جڙ ياد ڏياريندي چوڻ لڳس "ڪريمداد، تون سپ سيڃاڻپ ڇڏي، پلي اڻ سيڃاڻو ٿي ڇالهاءِ، پر بابا اسان جا ته ميت ۾ سياڻي ماڻهو تنهنجي حوالي ڪندا، پوءِ تنهنجي مرضي، انهن جو ۾ وارث ٿيئين يا نه ٿيئين!؟"

سندس ان لاچار ۽ بيبوس حالت تي عادل جو هينئون ڪڙهي ڪواب ٿي پيو پر ٻنهي، پيءُ ۽ پٽ جي وچ ۾ ڪچڙ ۾ ڪنل ڪڙ جهڙي ڪيفيت پي لڳس، هن سوچيو پي ته، ٻنهي جي درميان، ڪا وچڑي واٽ ونڻي، ڪنهن نه ڪنهن طرح سان سندن ان دکدائڪ معاملي جو ڪوئي حل ڪڍجي. عادل ويچاري ته مکڙ مان وار ڪڍڻ واري ترڪيب پي سوچي، پر علي احمد ته مکڙ جيئان وگهري چڪو هو ۽ ڪريمداد وار واري گهنڊي ڇڏي ڪان پي!

ڪريمداد پورا ڏهه ڏينهن عادل جي گهر رهيو. پر نه بختاور سان مليو نه پنهنجي ڏي سورڻ جو به منهن ڏٺائين.

بختاور کي آسرو هو ته، سورڻ جي صدقي مان به سندس منهن ڏسندس پر اها حسرت سندس هينئين ۾ هڏڪي ٿي رهجي وئي. ۽ ڪريمداد واپس هليو ويو.

سندس سُس پنهنجا سيئي وارا وڃائي، آخر ٽڪي ۽ ڪُٽي پنهنجو منهن مٽو پٽي خاموش ٿي وئي، علي احمد پنهنجي پي ڪا به واهه نه ڏسي آخر جان محمد سان پنهنجي حال اورڻ جو ارادو ڪيو. جنهن جي به هاڻ حالت اها هئي جو ٿورو ڪجهه ڳالهائيندو هو ته سندس وات مان گگون لار ڪري وهڻ لڳنديون هيون.

هڪڙي ڏينهن ڪريمداد پنهنجي پيءُ کي، اوچتو سندن گهر جي ورانڊي ۾ ويٺل ڏسي ككو وکو ٿي ويو ۽ پنهنجي پيءُ سان ملڻ کان اڳ ۾ چاهت کان پڇيائين "هي- بابا ڪيڏي مهل آيو آهي؟"

۽ چاهت حقارت وچان ٻڌايس "اهو مڙهو هاڻ اچي ويٺو آهي، گهڻو وقت ٿيو آهي؟ بابا جو بيمار ٿي بستري تي ڪرڻ؟ هن کي اسان جي مائٽي هاڻ ياد پئي آهي- مونکي پيو چوي ته، مان جان محمدجي طبيعت پڇڻ آيو آهيان- ان پنهنجي کي ماني لولو کارائي هڪڙي پاسي ٽار، نه ته وري هت به خُلم ڪري ڪندو بابا کي پريشان!"

ڪريمداد کي چاهت جي سامهون ته، ڪجهه ڪچڻ جي جرئت ئي کان ٿيندي هئي، مجال آهي جو پنهنجي کا اختلافي راءِ به رکي سگهي، بس مڙئي ماٺهو ٿي پنهنجي پيءُ مان به اچي جهليو هو. چاهت جو مٿس ايترو اختيار هو جو اها جيڪڏهن چويس ته، بابهين کي گلي مان جهلي، هتان هن گهر مان ڏکا ڏئي ٻاهر ڪڍ" ته هوانکار ڪرڻ جي سگهه ئي ساري نه سگهي ها!

هن کي چاهت، پنهنجي پيءُ بابت جو ڪجهه به چيو. تنهن لاءِ هي ٻڙڪ به ٻولي نه سگهيو. بيوس ٿي، ڇڻ ڪنهن ملازم جيئان، پنهنجي پيءُ کي هٿ ڏئي، سندس پاسي ۾ ويهي ڪيس آهستگي سان چوڻ لڳو "بابا تون هيڏانهن ڇو آيو آهين درويش، تنهنجو کو ڪم ڪار ٿيندو هجي، ته مونکي نيابو

ڪري، چئي موڪلينڈو ڪر، هيڏانهن نہ ايندو وڃ، گاڏين ۾ لهندي، چڙهندي، ڪٽي ڪري پنهنجا عضوا پيجائيندين، تہ ماٺهو مون تان ڪلندا، چوندا تہ ويچاري جو ڪير ڪونهي تڏهن پيو ڏڪا ڪائي، تون بس گهر وينو رهہ، ڪيڏانهن نڪرندو نہ وڃ!؟"

جيڪي ڳالهيون علي احمد پاڻ ڪيس چيون هيون، اهي ساڳيون ڳالهيون ڪريمداد جي واتان، نقلي همدردي جي صورت ۾ ٻڌي ڪيس چوڻ لڳو "بابا مان جان محمد وٽ آيو آهيان، هي منهنجو پراٽو مائٽ ۽ جگري دوست آهي، مان ڪنهن کي تنگ ڪرڻ جي خيال سان ڪون آيو آهيان، هتي ماٺهن کي ڪهڙي خبر تہ تون منهنجو پٽ آهين، بس مان ڪجهہ دير جان محمد سان ملي، سندس طبيعت جو پڇي، وري تڪڙو ئي واپس ٿو وڃان، ڪم ڪار هوندو تہ تون پري ڪون آهين پٽ، تون منهنجو اُلڪو نہ ڪر!"

علي احمد ايترو چئي وري هيڏانهن، هوڏانهن لوٽو هڻي چوڻ لڳو "ڪريمداد! بابا مان هيڏانهن آيس پي، گاڏي ۾ ڪو لليجو منهنجا پيسا ڪيڙي ويو يار، مون وٽ واپسي لاءِ پاڙو ڪونهي، مونکي پاڙي لاءِ ڪجهہ ڏوڪڙ ڏجانءِ، ۽ کيسي ۾ هٿ وجهي ـمون وٽ روپيو بہ ڪون رهيو آهي!"

ان سوال تي ڪريمداد سڄو وسهامي ويو، چو تہ، جان محمد جو بيمار ٿي بستري تي پوڻ کانپوءِ، گهر جو هاڻ باقي بہ جيڪو ڏيئڻ ونڻ هو، سو سڀ چاهت جي اختيار هو. هُوءَ پنهنجي پيءُ واري پينشن، صديقا جي پگهار، ڪريمداد جي پگهار، اهو سڀ پوري حساب ڪتاب سان پاڻ وٽ پنهنجي حوالي رکندي هئي، سين کان هڪڙي، هڪڙي پيسي جو پچاڻو ونڊي هئي. ڪريمداد کي پنهنجي پيءُ لاءِ پاڙي جا پيسا بہ، چاهت کان ئي ونڊا هئا، تنهن ڪري پريشان پي ٿيو تہ، الائجي ڏيندي بہ يا نہ! هن پنهنجي پيءُ کي تہ هائوڪار جي ورندي ڏني، پر اڳيان کيس اميد کان هُئي.

هاءِ ڙي زندگي، تنهنجي سفر جا پنڌ، رنگ ۽ پيچرا، ڪيڏا ڏوجهرا ۽ ڏنگ ٿي ڏيئين!

قاتل تون، مقتول بہ تون،
توکي ڪوئي ڪيئن تہ سمجهي،

عذابِ جان ۾ انمول بہ تون!

منجهيل، منجهيل ۾پريشان حال، ڪريمداد پنهنجي پيءُ کي وٺي جان محمد جي ڪمري ۾ داخل ٿيو ، ته زليخا ۾ صديقا اڳيئي اتي وينل هيون، جان محمد، علي احمد کي ڏسي، ان سان اٿي ملڻ جي ڪوشش ڪئي، ته زليخا روڪيندي چيس "ڏس توکي پاڻهي اٿڻ واري سگهه هاڻ ڪٿي رهي آهي، تون جي اٿي نہ ملندين، ته ادا علي احمد توتي ميار ڪون ڪندو" ۾ بہ ويهاڻا سندس پٽيءَ کان ڏيندي۔ اڇي هي هنن تي ليٽي پئو؟"

هو انهن ويهاڻن تي ليٽي ته پيو، پر اٿي بيهي، علي احمد کي پاڪر پائي کيس پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائڻ واري حسرت کان محروم ٿيڻ جي ڪري، سندس سرير کي سڪون ئي نہ پي آيو.

هن علي احمد کي سڏي، پنهنجي ويجهو ته ويهاريو، پر ڪجهه ڳالهائڻ واري شڪتي، ٻنهي مان موڪلائي وئي. ايئن پي لڳو ته، ڪمري ۾ ڪجهه گهڙين لاءِ زندگي جو احساس ئي نہ هو، ۾ پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي جان محمد کان ڌِڪ نڪري وئي ۾ سڀ سندس پرچائڻ ۾ پورا هئا، علي احمد بہ، پنهنجن اکين تي هٿ رکي، هيٺ منهن ڪري، پاڻ کي لڪائي پي رنو پر ڪنهن بہ ڪيس ڪا آڇت، يا پرچاءُ ڪون پي ڏنو ۾ جان محمد سندس اهو حال ڏسي انهيءَ احساس ۾ چيو "اسان هاڻ، ڪنهن جي پرچائڻ سان بہ... نٿا پرچي سگهون... اسان جي سماج ۾ ته اسان جهڙا بيمار عمرين وارا ماڻهو، دلين جي نظرن کان محروم هوندا آهن! ... اسان کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏيو... اسان جي مرضي سان ته، اسان جو... ساهه ڪون نڪرندو... ٻيا سڀ هتان... هليا وجو... اسان جي سچاڻپ... اسان وٽ ئي آهي... اوهان... ان کي... ڪون ... سمجهي سگهندا!"

هونئن ته هر ذڪر دعا تي ختم ٿيندو آهي، پر سنڌ ۾ پيار جو ذڪر هميشہ دغا تي ختم ٿيو آهي، سهڻي، سسئي، سورٺ، ۾ مومل جي محلن کان پنڌ ڪندي اهو فريبي ڪرب جان محمد جي گهر تائين پهتو هو.

ٻيا سڀ آهستي، آهستي ٿي ڪمري مان نڪري ويا، علي احمد پنهنجي جڳهه تي ساڳي حالت ۾ ويٺو رهيو ۾ باقي زليخا، سا جان محمد کي روئندو ڇڏي ٻاهر ويڙ لاءِ راضي نہ هئي، سا بس۔ ويجان؟ ويهان؟ جي سوچ ۾

جان محمد جي منهن ۾ تڪي ٻيئل هئي، ۽ جان محمد کيس نماڻي منهن سان ٻيئل ڏسي، اکين جي اشارن سان ئي چئي ڇڏيائين ويهه، تون نه وڃ... تون جي وڃي ٿي، ته باقي ڇا ٿو بچي!"

۽ چاهت ڪمري مان نڪرندي ئي، ڪريمداد کي تيز لفظن ۾ چيو "توکي مون چيو، ان مڙهي کي ماني کارائي، روانو ڪر، ۽ تو وري وڻي وڃي بابا جي اڳيان اچليس، اهو ايئن هڪ ٻه پيرا وري ڪيئي ته، بابا کي هي ايئن ئي ماري ڇڏيندو، هاڻ ته سندس اميد پوري ٿي! هاڻ مهرباني ڪري جيترو جلد ٿي سگهي، هتان ڪيڊي کيس ڳوٺ روانو ڪرينس."

ڪريمداد سندس ان تيز مزاج لهجي کي، ٽڏي ڪرڻ خاطر چيس "بابا کي ڪجهه پيسن جي ضرورت آهي، وٽس پاڻي جا پيسا ٻه ناهن، ڪجهه پيسا جيڪڏهن ڏيئين، ته مان ماني کارائي کيس هينئر ئي روانو ٿوکيان، نه ته سجو ڏينهن ويٺو هوندئي؟"

ڪريمداد جي ان مسخري پن تان کيس چڙ ته لڳي، پر پاڻ کي ضابطي ۾ آڻيندي چوڻ لڳي "ڪريمداد ڏس، توکي شهر ۾ رهڻ وارن خرچن جي ڪا خبر ڪانهي، پاڻي، بجلي، گئس، ايجوڪيشن، عيدون، شاديون، مسواڙ ، مهمان وغيره ۽ ذاتي خرچ! رڳو تنهنجي سگريٽن جو خرچ ٻن هزارن کان مٿي ٽيو وڃي ۽ مٿان وري تنهنجا اهي ڪٽل مائٽ، هڪڙا، بيمار ٻيا جڏا سڀ تنهنجي ڪري هتي اچڻ شروع ٿي ويا آهن، ائين ته پوءِ هي گهر نه هلي سگهندو ۽ ايا ته اسان پنهنجو پلاٽ وڻي، پنهنجو ذاتي گهر ناهڻ جو ٻيا سوچيون!؟"

"نه پر ٻلا... هن وٽ پاڙو ڪونهي ته هو ڇا هتان پنڌ ته ڪون ويندو، پاڻي جا پئسا ته هن کي ڏيڻا پوندا!؟"

ڪريمداد اصل ڳالهه لليجن واري لڪائيندي چيس، ته پاڻ چوڻ لڳي "ته پوءِ ڪري ڏينس ڪٽان، مون وٽ ته هينئر ڪونهن ڪي!"

"چاهت اهو ڇاهي ٻلا؟ مان بازار ۾ وڃي پنندس ڇا؟" اهو سوال، چاهت کي پنهنجي خانداني اهميت موجب ڪجهه بُرو لڳو ۽ پوءِ وچ ۾ شرط لاڳو ڪندي چيائين "ڪريمداد ڏس، اج ته مان ڏيئانءِ ٿي پر آئينده لاءِ چئي ڇڏينس ته، هيڏانهن اچڻ جي ضرورت ناهي!"

"مان اڳ ۾ ئي چئي ڇڏيو اتمانس، ڪون ايندو بس!"

ڪمري ۾ علي احمد ۽ جان محمد بہ جڙ پنهنجا جگر وڍيو، هٿن تي رکيو وينا هئا.

پهريان شروعات علي احمد ڪندي چيس "جان محمد! ادا مان لاچار ٿي تو وٽ آيو آهيان، منهنجي ڪرڙ وارو ٻيو ڪير ڪونهي، ڪريمداد جي ڇڏي اڇڙ سان، بہ ايڪڙ ٻني سا بہ رُلي وئي، هن سال سا آباد ڪون ٿي سگهي، ۽ ڪاڏي لاءِ جيڪو ان پاڻي رکيو هئم، سو بہ ڪائي، ڪپائي ڇڏيوسين، گهر ۾ ڪنهن، ڪنهن مهل تہ اٿو بہ ڪونهي، ڪريمداد پنهنجي پگهار مان ڪجهہ ڪون ٿو ڏئي! اسان تہ وِهائي• تي پيا ويلو ڪيون، مان اڪيلو اڪين کان بہ معذور ٿيندو وڃان. تون ڪجهہ سمجهائينس، مونکي محتاج ڪري نہ ماري!؟"

۽ جان محمد پنهنجي اڌ سڪڙيل چپن ۽ ڏيڍي وات سان چوڙ لڳو "علي احمد! ... ادا منهنجي حالت هي ڏسين پيو... مان تہ پنهنجي حال تي بہ هاڙ... ڪجهہ چئي ڳالهاءِ نٿو سگهان... دل تہ چوي پئي، اڇ تہ پاڪر وجهي... ٻئي مري پئون... ۽ پوءِ نہ پاڙ هجون ۽ نہ هڪٻئي کي ڪجهہ چئي سگهون... تون تہ ڪريمداد لاءِ پيو چوين... پر مونکان پنهنجن جو پڇيو اٿئي... هي منهنجي زليخا... منهنجي ايتري نہ ڪري ها، تہ مونکي پنهنجي پيڙاءُ ۾ ئي، گهٽا ڏينهن اڳ مُئو ٻڌين ها! ... ادا علي احمد! ... وري بہ اهو شڪر... جو قبرکي ويجها پئجي... پوءِ پيا پنهنجو اندر وڍيون... پيريءَ ۾ پنهنجن کي، پنهنجي پارت ڪرڙ بہ... جڙ پنهنجو پاڙ کي پِٽڻو ٿو پوي.. ادا جيڪا وئي سا وري موتي ڪان ايندي.. ۽ جيڪا آهي... سا وسان نہ وڃائجي... اهو عمر جو ڏهاڳ ڏسڻو پوي ٿو... جڏهن جان ئي نٿي جڏا ڪري ... تہ پوءِ... پنهنجا کهڙا... ويهي پار ڪيون! ... علي احمد... ادا... جيئن گذري... تيئن گذار يار!!"

"ائين نہ چئو جان محمد، ادا مان ڪيڏانهن ويندس، منهنجي تہ چري زال، پاڳان بہ، منهنجي لاءِ صبح، شام جي بيماري بڻيل آهي ۽ ڪريمداد جي

•.اوڏارا يا قرض تي ورتل اناج

ڏي سورٺ، سا ته يتيمن جيئان، رات ڏينهن، پئي ماءُ سان گڏ رڙي وڌيڪ نہ، ته بہ پنهنجي ڏيءَ ۽ پنهنجي زال ته سنياليِ، اسان ته پنهنجا ڪلا پاڻ ڪائي گذارو ڪري ويندا سين، پر سندس ننڍي نيٽي زال، اها بہ ته سندس لڄ آهي، ان جو انگ ته ڪيس ڏکڻو آهي! پلا اوڏانهن نٽو پڇي سگهي، ته پنهنجي ڪي ونِي اچي هتي گڏ ويهاري!؟"

انهيءَ سوال زليخا کي ڪُنڪي ۾ وجهي ڇڏيو. ۽ ٻنهي کي مخاطب ٿيندي تمام سليقي سان چيائين "بختاور جي اُتي ڳوٺ وينِي آهي، ته سندس ٻيا سڀ عزيز، قريب، ساٽس گڏ وينا آهن، هتي اچي وڌيڪ ويڳاڻي ٿيندي، ۽ ٻيو ته، منهنجي چاهت، تمام ڪڙڪ طبيعت واري ڇوڪري آهي، سا بختاور کي هتي، برداشت ڪري ڪون سگهندي، اهو ته هيڪاندو هڪٻئي لاءِ ڏک پرائينداسين. مان ڪريمداد کي پنهنجي منهن سمجهائيندس، پيو ڪنهن اٽڪل، نموني سان بختاور کي بہ سنياليندو!"

۽ وري علي احمد کي چوڙ لڳي "ادا علي احمد، ٿيٽي کي ته ڪو ٽاري نٽو سگهي، اسان بہ تو جيئان، پنهنجا وس وڃائي وينا آهيون، وري بہ الله جون مهربانيون ٿيون، جو هڪٻئي سان گڏجي پياسون، نہ ته نوجوانن کي سنياليڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو آهي، منهنجي صديقا بہ، ايجا ائين وينِي آهي، ان جي اُلڪي ۾ ته، ننڊ ئي ڪون ايندي آهي، بس الله جي امان ۾ آهيون!"

"ها اديِ! تون ئي ڪريمداد کي سمجهائي." علي احمد چيو. "تنهنجي ڳالهہ رکندو!"

ايتري ۾ ڪريمداد آيو ۽ پنهنجي پيءُ کي ماني جي ٻهاني سان اتان اٽاري، ماني کارائي، کيس ڳوٺ روانو ڪري آيو. ۽ ڳوٺ ته ڪريمداد جي سسُ علي احمد جي انتظار ۾ هئي، ان کي خبر پئجي وئي هئي ته علي احمد ڪريمداد ڏانهن ويو آهي، تنهن کي اندازو هو ته، علي احمد اتان ضرور بي مانو ٿي موٽندو، پر ڳوٺ پهچي ته مان ٿي مانُ ڏيانس. علي احمد ايجا مس اچي پنهنجي گهر پير ڇڏيا، ته ڪريمداد جي سسُ پڇي وئي، "ٿي آئين پنهنجي ڪرمِي پٽ کان، مون ته ٻڌو هو، توکي بہ ڪون پي ڇڏيائون؟ رهي پوين ها اتي، هتي ٻئي زال، مڙس انڌا ٿي پندا چا؟ تون ته اتان بہ پنهنجو هينئون ٻڙڪائي آيو هوندين، اهو تو وارو سدورو، جيڪو پنهنجي زال ۽ ڏيءَ

کي ۽ وال ڪپڙي جا نڪو وڻي ڏي، سو تہ سياڻي اوهان کي ڪفن ۽ وڻي ڪون ڏيندو، مان تہ چوان ٿي شل ڪاندي ۽ اوهان جو ٿئي!؟ تيسين پڙهائي پنهنجي ڪرمي پٽ کي- ماستر ڪيو ٿس، جيڪو سياڻي قبر تي قُل ۽ ڪون پڙهندس، انکان تہ چور سڏا آهن، پنهنجي لڄ ليهِ تہ سنياڻن ٿا، اهو تو وارو پِٽيل پٽ، پنهنجي زال ٻهيو پر پنهنجي نياڻي جي ننگ جي ۽ خبَر ڪونهيس، تہ ڪير پيو ان جا انگ ڏکي!؟ مان چوانءِ ٿي پوڙها، نباهي تہ نباهي، نہ تہ چوينس تہ منهنجي بختاور مان هٿ ڪڍي، مان پنهنجي کي ايئن سڃي عمر ويهاري ساڙيندیس ڪان!؟"

علي احمد ويچارو تہ، هر طرف کان بيوس ۾ لاچار ٿي پيو، هڪڙي پاسي پنهنجي پٽ، سندس سڃاڻپ ئي ڇڏي ڏني هئي، تہ ٻي پاسي بختاور ۾سورٹ جن جي ڪپڙي لٽي، ڪاڏي پيٽي، ۾ اگهائي، بيماري جي پريشاني تہ ٽئين پاسي، جان محمد! جنهن کي هن سڳي ياءُ جيئان، سڃي عمر سندس عزت ۾ احترام ڪيو هو، اهو هاڻ خود ۽ رحم جوڳي حالت ۾ هو، جنهن کي هي ڪجهہ ۽ نہ پي چئي سگهيو، ها البت عادل باقي هو، جنهن سان هي پنهنجي پٽ کان مليل عذاب ۾ اذيتون دل کولي بيان ڪري پي سگهيو، بس پوءِ جنهن مهل ۽ ڪريمداد لاءِ سندس دل ڦٽڪارو ڪندي هئي، تہ عادل وٽ وڃي، روئي پنهنجي دل جو بار هلڪو ڪري ايندو هو، اهڙي طرح ائين ڪريمداد جي سوچن ۾ سڙي، سڙي، ايڏو تہ هيڏو ۾ ڪمزور ٿي ويو هو، جو ڪوئي ۽ ماڻهو جڏهن سندس حالت تي سوچيندو هو، تہ ان جي دل ۾ ڪريمداد لاءِ نفرت ۾ حقارت جو خيال جاڳي پوندو هو.

عادل تہ هاڻ علي احمد کي ڏسڻ سان ئي، اندران، اندر من ۾ سڃو ڇڻ ڇُهري پوندو هو، جنهن سندس هر ضرورت ۾ ڪم، ڪارين ۾ مدد پي ڪئي، پر پوءِ ۽ عام چوٽي آهي تہ، پنهنجي ۾ هٿ پرائي ۾ اکيون!

پيريءَ ۾ پنهنجي پٽ کان مليل محتاجي، ماڻهو کي پنهنجي سماجي محتاجي ڏانهن ڏوکيندي آهي، تڏهن اهڙي پيءَ کي پنهنجي سماج ۾ جيئڻ لاءِ، سندس کيفيتون کيڏيون ڪرناڪ ۾ اذيت پريون هونديون!؟ شايد جيئڻ واري خواهش ئي فوت ٿي ويندي هوندي! ۾ اهڙو جيئڻ ئي موت ۾ سندس دهشت جي اهميت وڌائي ٿو!

بختاور جي ڪيفيتن ۾ ٻه چارئي موسمون آيون ۽ ويون هليون، پر ڪريمداد ڪيس، رڳو هڪ وارو پنهنجو سڪٽو منهن ٻه ڪون ڏيکاريس، نه پاڻ آيو نه ڪو نياپو نه دلداريِ! ويچاريءَ کي وساريائين ٻه ايئن جو جهڙو سنڌ جي آزادي لاءِ، گوريلو بڻجي، جهنگ منهن ڪري ويو هوا ۽ هن ويچاريءَ جي جواني جي سونهن سڙي سُڪل صوف جهڙي ٿي وئي. عادل انهن سيني حالتن تي سوچيندي، سوچيندي، آخر هڪ ڏينهن ڪريمداد وٽ وڃي نڪتو، هي اهو سوچي نڪتو. هو ته، سڃي گهر مان ٻيو ڪير ڪٽي منهنجي ڀالهه نه سمجهي ۽ نه مان ڏي، پر جيِ جيِ زليخا، جنهن مونکي پنهنجو پٽ ڪري سڏيو آهي، مونکي پنهنجي ساهه جيئان سنيالي ٿي، سا ته مونکي مانُ ڏيندي. هن اتي وڃي پهريان ڀالهيون ئي پنهنجي دين واري ماءُ سان رکيون، ڀالهين مان ڀالهيون ڪنديِ، آخر هن پنهنجي ان ماءُ کي چئي ڏنو "امان اهو ايڏو ظلم ته، ڪريمداد کي ڪون ڄڃائي، پيريءَ ۾ پنهنجي ماءُ، پيءُ کي رٽارڻ، ڇا خدا اهڙي اولاد کي خوشيون نصيب ڪندو؟ تون هڪ ماءُ آهين، پنهنجي هينئين تي هٿ رکي ڏس، جيڪڏهن ڪريمداد جي جڳهه تي، ادي چاهت ائين ڪري ها، ته ڇا تنهنجي دل ڪيس وساري پي سگهي؟"

"عادل پٽ! مان پنهنجي ڪهڙي هينئين تي هٿ رکي ڏسان، منهنجو هينئون ته، چاهت سَگهو ڇڏيو ئي ڪونهي، مان ته ان زهر کي زم زم سمجهي، اڳيئي پيو وينيِ آهيان، تون ته الائي ڪيئن ٿو سمجهين پٽ، پر پروردگار جو قسم، تو ساڻ منهنجي روح جي تند ائين اٽڪيل آهي، جيئن هڪ پاسي چاهت ۽ صديقا تيئن ٻئي پاسي تون آهين! جان محمد کي ڇڏي باقي مون کان ڪوئي منهنجي دل جو رشتو پڇي، ته اهو تون آهين، مون توتي اوجاڳا ته ڪون ڪيا آهن، پر پوءِ ٻه الائي ڇوـ مونکي ايئن لڳندو آهي، ته شايد ڪنهن جنم ۾ مون توتي اوجاڳا ٻه ڪيا آهن! تون مون تي ضرور وسهندين. ڪريمداد جي گهر جي ڪا ڀالهه ٻڌندي آهيان، ته اندر اڏو اڏ ٿي ويندو اٿمـ مان سڀ سمجهان ٿي عادل پٽ، ته هڪ ماءُ ڪهڙي حسرت سان، پنهنجو اولاد پالي، نپائي جوان ڪندي آهي؟ ۽ پوءِ ان جي جدائي واري جهوري ۾، الائي ڪيترا پيءُ ٻه يعقوب نبي جيئان، روئي، روئي، روئي انڌا ٿي ويندا آهنـ پر

بابا منهنجي دل انڊي ڪونهي سڀ ڪجهہ ڏسان پئي، پر چاڪريان، چاهت منهنجي بہ ڪا ڳالهہ نٿي رکي، ۽ سندس روين مان، مونکي تہ هاڻ صديقا جي ڳٽتي بہ وڌيڪ ٿي پئي آهي! اڄ تون آيو آهين، تہ چاهت سان تون پاڻ ڳالهاءِ ڏس، دل چوي پئي هو تنهنجي ڳالهہ رکندي!"

"پلي... امان تون چوين ٿي تہ، مان ادي چاهت سان ڳالهائي ٿو ڏسان۔ رڳو بس، بن ڏينهن لاءِ ڪريمداد کي اجازت ڏي، تہ هو پنهنجي پيءُ، ماءُ سان پنهنجي غلطي جو ڪفارو ادا ڪري اچي!؟"

عادل چاهيو پي تہ ڪنهن نہ ڪنهن بهاني سان، اڄ ئي ڪريمداد کي ساڻ وٺي ڳوٺ وڃجي، پر هزار حيلن کان پوءِ بہ اهو ڏينهن ۽ اهارات اتي رهڻا پيا. هن ڏينهن جي وقت، جان محمد سان عام ڪچهري ڪئي، پر رات واري ماني کائي جڏهن سڀ گڏجي وينا، تڏهن عادل غلطي وچان، سيني جي اڳيان، پنهنجي مقصد جو اظهار ڪندي چوڻ لڳو "سائين جان محمد! مان ڪريمداد جي حوالي سان آيو هئس، ڪاڪا علي احمد ويچاري جي حالت تمام ضعيف آهي، سندس ڪرڙ وارو ٻيو ڪوئي ڪونهي، ٻني ٻارو سڀ رُلي ويا اٿس. مان تہ چيومانس ٻني ڪنهن کي مقاطي ۾ ڏئي ڇڏ۔پر درويش مجي ئي ڪون ٿو۔ چوي پيو اها ڪريمداد جي امانت آهي! پنهنجي سنياڻي تہ سنياڻي نہ تہ سندس مرضي۔ ۽ ٻيو سڀ ڇڄ، سڄو گهر اجڙي ويو آهي! ڪريمداد جي هتي رهڻ سان بہ، ڪاڪا علي احمد کي ڪو اعتراض ڪونهي، مان انهيءَ خيال سان آيس تہ، ڪريمداد بن ڏينهن لاءِ رڳو ڳوٺ وڃي، پنهنجي ٻني ٻاري جو بہ ڪو جوڳو انتظام ڪري اچي، ماءُ، پيءُ جي هينئين تي بہ ڪو ٽڏو ڇنڊو هڻي اچي ۽ انکان علاوه ڀاڄائي بختاور ۽ سندس ڏي سورٹ انهن جي حالت ٻڌائڻ ۽ بيان ڪرڻ جوڳي بہ ڪانهي، انهن ويچارين کي بہ منهن ڏيکاري اچي۔ ڪوئي جيڪڏهن انسانيت کي رنجائي ٿو تہ ان کي پنهنجي خدا جي رنجش سهڻي پوندي۔ ۽ خدا جو رنج انسان جي سهپ کان ٻاهر هوندوآهي. ڪريمداد جي غلطين جو تہ، خدا اسان سندس دوستن کان بہ پڇاڻو ڪندو. سو منهنجي دل چوي ٿي تہ ڪريمداد کي هڪڙو موقعو ڏجي تہ هي، پنهنجي والدين جي جيئري ئي سندن دل جو ڏکندو لاهي اچي!؟"

بس يڪي مان ٿي وئي- اڪثر سيني جو نظرون چاهت جي طرف هيون، پر سندس شوخ رخ ڏسي، ڪنهن ڪجهه چوڻ جي توفيق ئي نه ساري. عادل هڪ دفعو وري به، بلڪل ڏيرج سان چوڻ لڳو "اصل ۾ ڇاهي جو- سماجي حوالي کان- مجموعي طور، اسان ماڻهو بلڪل بي سمجهه ۽ بي حس آهيون، ڪهڙو به معاملو هجي، ان کي اسان جو عام ماڻهو رڳو نٽول، ڪيني، حسد، بدنيتي ۽ الائي ڪهڙين، ڪهڙين گندين سوچن ۽ غلط نظرن سان ڏسي ٿو. جڏهن ته پاڻ ماڻهو تمام شريف، امن پسند ۽ خاندااني طور تي سادا ماڻهو آهيون... ته پوءِ ڇو؟ ماڻهن کي اسان هاڻ وڌيڪ ڳالهيون ناهڻ، بنائڻ ۽ وڌائڻ لاءِ موقعو ڇو ڏيون؟ مان ته سمجهان ٿو ائين ڪرڻ سان اسان جي بيوقوفي ٽيندي! اسان ڪنهن ماڻهو جي اختلاف ۾ جيڪڏهن آهيون، به ته ان کي اخلاقي ويڑهه ذريعي مجائي پنهنجي عزت ۽ مان کي معتبر رکڻ گهرجي. ... نه ئي ڪنهن غلط ماڻهو جي لاءِ غلط تدبيرون سوچي، پوءِ ان تي عمل ڪري پنهنجي اهميت گهٽائڻ گهرجي... ٺيڪ آهي! غلطيون ٿي وڃن ٿيون، پر انهن کي، درست ڪرڻ جو موقعو ويجائڻ نه گهرجي، مان سمجهان ٿو جواني جي عمر ۾ پنهنجن غلطين جو ازالو ڪرڻ سڀ کان وڏي عبادت آهي، ته ان لحاظ کان ڪريمداد لاءِ به اهو موقعو آهي، ته جيسين سندس پوڙها ماءُ، پيءُ زنده آهن، ته انهن جي پيرن تي هٿ رکي، سندن دلين تان غمن جو غبار لاهي اچي؟"

وري به اهائي ساڳي خاموشي، ساڳي مان، ڪوئي تڪڙ ڪري ڳالهائڻ ئي نه پيو چاهي! نيٺ جان محمد هڪ پيءُ جي حيثيت سان عادل جي سوچ کي اهميت ڏيندي چيو "عادل! بابا تون جيڪا ڳالهه پيو ڪرين... اها ڪا جهڙي تهڙي يا ڪا من گهڙت ڳالهه ڪانهي... اها وڏي اهميت ۽ عزت... واري ڳالهه آهي- ۽ ساهي ڪٽندي- پر بابا ان تي ڪوئي ڏيان ڏئي... به سهي نه... باقي ... بس رڳو وقت جو فائدو... يا پنهنجا هٿرادو سبب ۽ موقعا ناهي... اهو ته بس ائين... جهڙو ماڻهو پنهنجو خاندااني وقار... ان جي اهميت ۽ مان مرتبو... سڀ جهڙا هو... وقت کي گروي ڏئي... ڇڏيندو آهي... بس پوءِ تو واري ڳالهه ته- وري به ساهي ڪٽندي- اسين ماڻهو بي سمجهه ۽ بي ترتيب اڳيئي آهيون... وقت جي نزاڪت کي سمجهندا ئي ناهيون... او... جڏهن

وقت عزت ۽ ناموس تان... مذاق اڏائي خوار... ۽ بدنام ڪري ڇڏيندو آهي... تڏهن وڃي ڪا ڀَگالهه سمجهه ۾ اچي ٿي... پر پوءِ وقت... جيڪو پاڻ سان گڏ کڻي وڃي ٿو... سو ته... وري واپس... نٿو ملي!" ۽ پنهنجي ڪهي ٻانهن سان، ڪريمداد ۽ چاهت ڏانهن هٿ کڻي سڏو اشارو ڪندي چيائين "بس ٻئي اهي سامهون ... وينا اٽئي عادل... جي تنهنجي ڀَگالهه سمجهه ۾ اچين ٿي... ۽ ان کي اهميت ڏيئن ٿا... ته ان ۾... سندن فائدو آهي... نه ته پلا... اسان ته کين... ڪجهه چوڻ واري... حجت ئي... ڇڏي وياسين يار!"

ڪجهه چوڻ واري حجت ئي ڇڏي وياسين- ان آخري جملي، ٻين سين جي دل تي هڪ ڏکڻو احساس ڇڏيو. پر چاهت پنهنجي رخ ۾ ڪا تبديلي ڪان ڏيکاري ۽ صديقا پنهنجي دل تي بار محسوس ڪندي چئي ڏنو "بابا ائين پلا چو ٿا اسان کي پاڻ کان الڳ ڪري، اسان کي يتيم ڪريو؟ توهان جيئن آهيو، جهڙا به حالت ۾، جهڙا به آهيو، پر آهيو ته اسان جا پيءُ نه، پوءِ هڪڙو پيءُ جيڪڏهن، پنهنجي اولاد مان، پنهنجن سين حجتن کي نااميدي جو نانءُ ڏئي ڇڏيا ته پوءِ دنيا ته ڇا پر، خدا به ان اولاد مان خفا ٿي پوندو!"

اهو صديقا ته پنهنجي دل جي رشتي وچان چيو، پر چاهت کي ان سوال نيتن چيڙي وڌو. "صديقا! اهو تون منهنجي ۽ بابا جي وچ، ۾ ڇيٽا پوري نه ڪر، مان ايتري بيوقوف به ناهيان، جو تون بابا جي دل ۾ منهنجي لاءِ، نفرت پيدا ڪري، مون کي گهر ۾ سين کان الڳ ڪري سگهين؟ تون ته چوين ٿي، مان شادي به ڪون ڪنديس، تنهنجو ته عقل به اهو ايترو آهي، ته پوءِ گهر جي معاملي ۾ تون وڏاءُ ڇو ٿي ڪرين؟"

صديقا پنهنجي مائٽي طبيعت سبب گهٽُو ڪون ڀَگالهائيندي هئي، پر جيڪو ٿورو ڪجهه ڀَگالهائيندي هئي ته سچ چئي ڏيندي هئي. ان مهل به هن پهريون پيرو سين جي اڳيان چاهت کي چئي ڇڏيو "مان شادي ڪيئن ڪنديس، تو شادي ڪري، پنهنجي خاندان جو ايڏو نالو جو ڪيايو آهي، ته مون سان شادي ڪندو به هاڻ ڪيرا؟ ماڻهن جي وات تي رڳو اسانجي گهر جي مقال ۽ تنهنجي پيار جون پچارون آهن. مون ۾ هاڻ هرڪو جڙ ڪنهن ڪراهت جي نظر سان ٿو ڏسي، تو ته جهڙو منهنجي پاران، منهنجي شادي به تو پاڻ ڪري ڇڏي- ته مان هاڻي شادي ڪري، ڪنديس به چا!؟"

بس ايترو چئي، صديقا ڪمري مان نڪتي هلي وئي، پر سندس ان صاف ۽ سڌي سچ، چاهت جي ان ڏاڍ ۽ معتبراڻي رويي کي ڪافي ڪمزور ڪري ڇڏيو ۽ لهجو بدلائيندي عادل کي مخاطب ٿي "ادا عادل، توهان جو ڪجهه چئو پيا، مان ان کان انڪار ڪون ٿي ڪيان، باقي مون بابا کي به ۽ امان کي به چيو آهي ته، بختاور کي مان پنهنجي گهر ۾ گڏ رهائي ڪون سگهنديس، ڏسو انهن ماڻهن جو ماحول اسان جي سمجهه ۽ سهپ کان ٻاهر آهي، بختاور جي ماءُ جيڪا ڪريمداد جي گهر جي حالت ڇڏائي آهي. اها ساڳي حالت، مان پنهنجي گهر جي ته ڪرڻ ڪون ڏينديسانس، ها باقي! ڪريمداد جيڪڏهن بختاور کي طلاق ڏئي ڇڏي، ته پوءِ چاچا علي احمد ۽ ماسي پاڳان سان منهنجو ڪو به اختلاف ڪونهي، باقي ائين، ڪريمداد کي ٻني جي ٻهاني گهرائي پوءِ اتي ست راڄي گڏ ڪري ۽ پوءِ پنهنجي هٿرادو سر پنچي ۾، ڪريمداد کي ڪندا ڪنهن ڏوهه جو ڏوهاري ۽ پوءِ ان جي سزا ته، سڌي سنئين اسان کي ڏيندا. ۽ ان کان علاوه هوءَ جيڪا بختاور جي ماءُ ويٺي آهي، سا به ته، وڏا گهاٽ گهڙيو ويٺي آهي! دعائون، ڏاڳا، تعويذ، پليتا، الاءِ ڇاڇا ڪريو ويٺي آهي، مان ته ڪريمداد کي ان گهر جو پاٽي به پيئڻ ڪان ڏينديس!!"

عادل سندس ان وهميل سوچ تي حيران ٿي ويو. پوتارن ۽ سرپنچي تي ته، سندس موقف ڪنهن حد تائين درست هو. پر ڏاڳن، ۽ تعويذن واري معاملي تي، عادل سندس اعتماد ۽ عقيدي جي خيال سان چيس " ڏس پيٽ- مونکي غور سان ٿورو ٻڌ، ڏاڳن ۽ تعويذن جو دؤر هاڻ نه رهيو آهي، اسان ته هاڻ اهو سمجهي چڪا آهيون ته، اسان جو خدا، اسان جي سچائي، محنت، محبت ۽ اسان جي بهتر نيتن کي پاڙا ڏيندو آهي. باقي انهيءَ ڏاڳي، تعويذ ۽ ٿوڪي، ٿيٽي واري مدي خارج عقيدي جو زنگ اسان پنهنجي ذهن تي نه چاڙهيون ته وڌيڪ بهتر ٿيندو. باقي طلاق جي حوالي کان- توکي خبر آهي الائي نه، ته دنيا ۾ زندگي لاءِ به شيون ذلت آميز ۽ خطرناڪ آهن، هڪ طلاق ٻيو موت- موت مرد ۽ عورت لاءِ ساڳي اهميت رکي ٿو. ليڪن طلاق! اسان جي سماج ۾ عورت لاءِ هڪ ذلت پريو عمل آهي!

اسان وٽ طلاق شده عورت کي، بدچلن، بيواهه، بچڙي، بيڪار ۽ هاڻ ته ويچاريءَ کي ڪارِي جي نالي سان به سڏيو وڃي پيو. منهنجي پيٽ، اسان وٽ طلاق کي رڳو عورت جي تذليل لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. سنڌ جي سڀاجهڙي عورت ويچاري، جنهن کان جانورن وارو ڪم ورتو ويندو آهي! سا ويچاري ته جنسي حوالي کان، پنهنجن عضون مان بيزار آهي، پيار، محبت جو ته نالو به سندس زبان تي نٿو سَنو وڃي، ته پوءِ اهڙي حالت ۾ به جيڪڏهن ان کي طلاق ڏني وڃي، ته ڇا اها ان جي تذليل نٿي ڪئي وڃي... ٺيڪ آهي. "تنهنجي چوڻ سان ڪريمداد، بختاور کي طلاق ڏي ٿو، پر ان جو سبب!؟ ... منهنجي ادي- منهنجي پيٽ، جيئن ڪنهن کي بي سبب موت نٿو ملي، ائين طلاق به ڪنهن کي بي سبب نٿي ڏئي سگهجي- پوءِ ڪير ڪهڙي به دين، ڏرم سان تعلق رکندو هجي! ۽ ڪجهه دير چاهت جي منهن ۾ ڏسندي عادل چيو- دنيا ۾ طلاق کي مرد، پنهنجي عياشي ۽ ذهني آسودگي طور استعمال ڪيو آهي! ان کي ڏسي اسان پنهنجو سماجي ٻيڙو به اوڏانهن هاکاريو نتيجي ۾، اسان پنهنجي تهذيب، اخلاق ۽ وقار ۽ پنهنجي سڃاڻپ تائين ٻڏندا وڃون! چلو ٺيڪ آهي- اهو به سچ پنهنجي تهذيب ۽ قومي سڃاڻپ سچ هڪڙي پاسي ٿا رکون- پر رشتن جو تقدس ۽ انهن جي سڃاڻپ؟ انهن کي ته ڪنهن ڪڏ ۾ پوري، سندن سڃاڻپ نٿا وڃائي سگهون نہ؟ انهن مان زال ۽ مڙس جي رشتي کي به، پنهنجي سماج ۾ ڪا اهميت، ۽ پنهنجي ڪا سڃاڻپ آهي، ان کان بنا ڪنهن سبب جي لاتعلق ٿيڻ، اهو پنهنجو پاڻ سان توڙڻ سماج سان ڪهڙو انصاف چئبو- ۽ وري سندس ئي خيال ورجائيندي عادل چيس،- ها باقي بختاور کي ڪاري ڪري ڪُهي ۽ پوءِ ان لاءِ پنچائت ڪوڻائي، ان ۾ ڪي به، لولها لنگڑا پوتار ويهاري، انهن کان سندس بدچلن، ڪِني ۽ ڪاري هجڻ جي فتويٰ ونڃي! بس پوءِ اهو هڪڙو سبب آهي، جيڪو اسان جي سماج ۾ ڪارِي سائي جيئان پکڙي پيو آهي! پر سو به ته، اهڙو عمل پلا پنهنجو خاندان نٿو اختيار ڪري سگهي. ايا به پيٽ جيڪا تنهنجي مرضي- مان ته خدا جو قسم توهان جي معاملي ۾ مخلص آهيان. مون ۾ ڪوئي شڪ، گمان نہ ڪجو!"

"ادا مان توهان ۾ ڪوئي شڪ گمان نٿي ڪيان- چاهت چيو- ڏسو مان پنهنجي زندگيءَ سان ڪريمداد کي شريڪ ڪري، اهو مون درست ڪيو يا غلط ڪيو آهي- سا الڳ ڳالهه آهي. پر بقول توهان جي ته، هاڻ مان پنهنجي ان رشتي جي سچاڻپ تان هٽ ڪان ڪٽندیس نه- پوءِ اسان جي سماج ۾ ڪي غلط روايتون آهن، ته انهن جي خاتمي جو مون اڪيلي سر ته ڏمو ڪون ڪنيو آهي- مان پنهنجي وَر کي اهڙي سماج ۾ قربان ٿيڻ ڪان ڈيندیس- جنهن ۾ مان پنهنجو گهر ڦٽائي، پوءِ وري به دنيا جي لعنت، ملامت پنهنجي ۽ پنهنجي خاندان جي لاءِ سر تي کڻان؟ جيڪو ٿي ويو سو ته ٿي ويو، هاڻ مان ان کي ڪهڙي به حالت ۾، پنهنجي وسان وڃڻ ڪون ڈيندیس، پوءِ ان لاءِ سپاٽي جو ڪجهه به سامهون اچي ٿو- ان کي منهن ڈبو، مان اڄ اوهان سين جي اڃيان اهو به واضح ڪري ڇڈيان ته، منهنجو ڪريمداد کي باقاعده چيل آهي ته، جيڪڈهن ڪريمداد ڳوٺ اچي، پنهنجا تعلقات اتي بحال ڪري ٿو ته مان خودڪشي ڪري ڇڈيندیس ۽ منهنجو اهو خون سندس گلي ۾ هوندو، تنهن ڪري توهان به ناراض نه ٿجو، مان ڳورهاري آهيان، مونکي ان معاملي ۾ وڌيڪ پريشان نه ڪريو!"

چاهت جي مڪمل انڪار کانپوءِ، سندس ماءُ زليخا، عادل کي ناااميد ۽ مايوس ڏسي، هڪ دفعو هن پنهنجي طرفان چيس "چاهت! پنهنجي پاءُ عادل کي ائين ناااميد ڪري نه موڪلائي، ڪجهه ڪون ٿيندو- تنهنجو ڪو به نقصان ڪون ٿيندو- ان جو عادل پاڻ ذمو ڪٽي ٿو- ڏس پلا اسان جي هي ڪهڙي برادري آهي، آخر سپاٽي اوهان کي به ته، دنيا ۾ اڇو ويهڻو آهي! راج، برادري جيئاپي جو وڏو وقار ۽ سهارو هوندو آهي!"

زليخا ايترو چئي بس ڪيو ته وري سندس پيءُ جان محمد- جيڪو سماجي اڻ برابري تي وڏا وڏا ليڪچر پيو ڈيندو هو، ۽ هاڻ سو خود وبچارو ان برابري کان ٻاهر هو. چوڻ لڳو "چاهت ... ڈيءُ تنهنجو چوڻ به درست آهي... اسان جي سماج ۾ بهتر نيتن جي کوٽ آهي... پلا اسان به انهن ماڻهن جيئان پنهنجي اندر ۾ کوٽ پيدا ڪري.. انهن جهڙا ته ڪون ٿيندا سين... عادل اوهان جو جڻ سڳو پاءُ آهي... اها ته اوهان جي خوشقسمتي آهي،... جو

هڪ بهتر سوچ، سڀي نيت... ۽ خلوص وارو ماڻهو... اوهان جي، پنهنجي هڪ سچاڻپ ٿي پيو آهي... اڄ ان کي جيڪڏهن... تون دل شڪسته ڪري ٿي موتائين... ته اهو هڪ بهتر فيصلو يا سڀي سوچ ڪان چئبي- ۽ ٿوري ساهي ڪٽي- ڏس مون کان پوءِ... اوهان جو هي پاڻ عادل ئي آهي... جيڪو سياڻي ڏک، سک جي وقت اوهان جي ڪم ايندو... ڪريمداد به وينو آهي... پلي ڪريمداد به ٻڌي چڏي... ته تو ڪريمداد کي پيسن ڪون وڻي چڏيو آهي... تنهن ڪري سياڻي اوهان جون به... پاڻ ۾... کي گهٽ وڌايون ٿين ٿيون... ته انهن جو حل به... شايد عادل هجي! ... تون اميد سان آهين... سياڻي خدا توکي ٻچن وارو ڪندو ... اهي سياڻي ڪنهن کي... چاچا، ماما ڪري سڏيندا؟... ۽ صديقا جيڪا ڪاوڙ ڪري اٿي وئي... چا ان کي توهان... واقعي... ان حال ۾... رهائيندا!؟ ... جيڪڏهن ... تنهنجا اهڙا... فيصلا آهن... ته پوءِ بس... ائين ئي ٿيندو!"

جان محمد کي گهڻي ڳالهائڻ جي سگهه نه هوندي به، هن پنهنجي خاندان جي وقار جي دائمي لاءِ ڪوشش ڪري، ساهيون ڪٽي، ڪٽي به پي ڳالهايو ۽ سندس واڇن مان ڳِگون ڪري پي پيون ته، زليخا کيس سنياليو وينو هئي، سندس ان ڏکيائي سان ڳالهائيندڙ چڱي هدايت کي به چاهت اڻ ٻڌو ڪري، پنهنجي وضاحت ۾ چوڻ لڳي "بابا، مان پنهنجو اهو فيصلو پلا، سڃي عمر جي لاءِ ته ڪون ڪيو آهي، پر هن وقت، جيڪا اتي ڳوٺ جي صورتحال اسان بابت آهي، انکان توهان بي خبر آهيو، توهان کي ڪهڙي خبر ته، اتي ماڻهو اسان جي باري ۾ چا چا نه پيا چون!؟ تنهن ڪري ڪجهه وقت جي لاءِ ڪريمداد جو اوڏانهن وڃڻ، مونکي چڱو سنوڻ نه پيو لڳي. پلي ادا عادل سيني معاملن جو ضمو ڪٽي- پر ماڻهن جا وات ته، ادا عادل به بند نٿو ڪري سگهي ۽ ٻي ڳالهه ته، پوءِ منهنجو چا ٿيندو؟ ها باقي، مون طئي ڪيو آهي ته، هي سيپٽمبر جو مهينو آهي، ۽ ايندڙ سال جون، جولاءِ واري ويڪيشن ۾ مان، ڪريمداد ۽ پيٽ صديقا ٽئي گڏجي، ڳوٺ ادا عادل جي گهر وڃي رهنداسين، پوءِ اتي جا جيڪي به رنج، رساما آهن، يا ڪي غلطيون ۽ ڪميون، پيشيون آهن، انهن جي ڪنهن طرح سان تلافي ڪري وٺبي،

ليڪن هن وقت مان برندي باهه ۾ ڪريمداد کي ڪان اچلينديس ۽ نڪي مان پنهنجي خاندان کي، سماج جي غلط ماڻهن هٿان بدنام ۽ بيڙو ٽيڙ ڏينديس، پوءِ اوهين رنج رهو يا راضي- ۽ مونکي هاڻ وڌيڪ ان معاملي ۾ مجبور نه ڪيو"

چاهت جي ان جواب تي سين جا ڏهن سُن ٿي ويا، سين جي سوچن عقل، تجربن، صلاحن ۽ صلاحيتن کي چاهت پنهنجي محبت جي حق ۾ هڻ ڏرمي شامل ڪري سين کي رد ڪري ڇڏيو، سيڪو پنهنجي، پنهنجي جڳهه تي، پنهنجو پاڻ کي جهڙو اوپرو سمجهڻ لڳو، عادل ته پنهنجو پاڻ مان به، خفي ٽيڙ لڳو، ڪيس ارمان به هو، رنج به هو ۽ ان سان گڏ پڇتاءُ ۾ به هو، دين جي ماءُ، دين جو پٽ- هڪ عجيب رشتو جڙيو هو، جنهن جي روحاني ڪشش جي پوري خبر هڪ خدا کي ۽ بي ان ماءُ، پٽ کي، باقي سماج ۾ ان کي بدنيت ماڻهو مصنوعي رشتو به چوڻ لڳا هئا. سڳو پٽ ته حضرت آدم به ڪنهن جو ڪون هو، پوءِ به ملائڪن پي سجدا ڪيس، ۽ آسمانن جي بهشت مان محبت ڪڍي انساني سماج لاءِ ڏرتي تي آندائين!

عادل کي ته خبر هئي، ته منهنجي ۽ امان زليخا جي رشتي کي، اسان جي سماج ۾ ان جو هڪ الڳ رتبو ۽ هڪ الڳ اهميت واري، سچاڻپ آهي، ۽ ان رشتي کي چنڊ يا ان کان الڳ ٽيڙ لاءِ، ان وقت تائين، انتظار ڪرڻو پوي ٿو، جيستائين بنهي مان ڪنهن هڪ جي فوتي ٿي وڃي!

چاهت جي صاف، صاف انڪار کانپوءِ، نه رڳو عادل جي ذهن تي عجيب ڪيفيتن جا قافلا ڊوڙي پيا هئا، پر چاهت جو بيمار پي ٻئي اکيون پوري ائين خاموش ۽ سرد ٿي ويو، جو خبر نه پي پئي ته، منجهس پساهه به آهي يا نه؟

زليخا ته، جڏ ڇڪيءَ جي بنهي پُڙن ۾ پيسجي رهي هئي- رات جا ٻارنهن ٿي چڪا هئا، ڪمري ۾ پنجن ماڻهن جي موجوده هوندي به جهڙو مڪليءَ تي ڪنهن ڇوڪنڊيءَ ۾ پنجن خاموش قبرن جو ماحول هجي!- ڪنهن، ڪنهن کان نه وڌيڪ پڇيو نه چيو آهستي، آهستي ٿي هر ڪو ويجي پنهنجي، پنهنجي بستري ۾ ننڊ جي موت سمهي پيو.

●⊙●⊙●⊙●

ٻئي ڏينهن ڳوٺ وڃڻ وقت، زليخا عادل کي اهو چئي سندس دل خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته، مان ڪنهن طرح سان ڪريمداد کي ڳوٺ موڪلينديس، پر اها خبر جيئن چاهت کي نه پوي، تون ڪريمداد کي ڏينهڪ واپس موڪلجان؟"

پر اها خبر زليخا ۽ عادل ٻنهي کي نه هئي، ته چاهت ڪريمداد جي پيٽ شهرو جي معرفت، ڳوٺ ۾ ٽئي، ٽيندي جي، پوري خبر پئي رکندي هئي.

ڳوٺ جي ماڻهن مان ٻيو ڪير به سندن گهر ايندو هو ته، چاهت، سندن ايتري خاطرداري ڪندي هئي، جو واپس ڳوٺ وڃي، چاهت جي ساراهه ۾ سندن وات ڪون گڏبو هو، پر ڪريمداد جي گهر جو ڪو فرد يا سندس ساهرن جي ڏُر جو ڪو عزيز وٽن ايندو هو، ته چاهت انهن کي بي عزتو ڪري، ڪُٽن سان گڏ ڪارائي کين روانو ڪندي هئي! تنهن ڪري ڳوٺ ۾ سندس هر طرح جي پچار رهندي هئي، جيڪي کائي پيِ پاڙو خرچ وٺي خوش ٿي موٽندا هئا، سي ڳوٺ واپس اچي مٽس ڪلما پيا پڙهندا هئا، ۽ جيڪي بي عزت، بدنام ۽ بيڄڙا ٿي موٽندا هئا، سي سندس بدنامي، ۽ بُرائي پيا ڪندا هئا.

نيڪي ڪرڻ وارا ته، به ڏينهن سندس ماني جي نيڪي ڪري، ۽ پوءِ سندس ماني وارو ذائقو به وساري ڇڏيندا هئا، پر بُرائي ڪرڻ وارن جو وات بند ئي ڪون ٿيندو هو. جڏهن، تڏهن پيا سندس پچر ڪندا هئا.

عادل جيستائين ڳوٺ نه پهتو هو، تيستائين علي احمد جو ساهه اندر ٻاهر پي ٿيو، ڏينهن جو ته هر هر ويجو عادل جي پڇا ڪري، پر سج لٿو رات پئي ته، نظر جي ڪمزوري سبب، ٻاهر نه نڪرڻ جي ڪري، بيچيني ۾ سڄي رات ڪريمداد جو آسرو ڪندي ڪندي، سج اپري ويس.

جڏهن عادل سڄو ڪوڙو دلاسو ڪٽي ڳوٺ آيو ته علي احمد کي اڳيئي پنهنجي گهر ويڻل ڏٺائين، ان کي ڏسڻ سان ئي، پنهنجي دل کي ايترو ڳرو محسوس ڪيائين، جو پاڻ ۽ ته فلحال ڪريمداد بابت هڪ حرف به نه ڳالهايان، ليڪن عادل ڪٽي ڪجهه نه ٻڌائي ها، پر هو ته ڪريمداد جي زير

زبر تائين خبر وٽ آيو هو. سو تہ عادل خود بہ سمجهيو پي، پر ڪيئن دل جهلي ڪيس چوي تہ، "ڪاڪا علي احمد! هاڻ پنهنجي پٽ جي بدلي، رڳو پنهنجو ڪفن پيو ياد ڪر، شايد ڪريمداد جي اچڻ کان اڳ تو وٽ پنهنجي خدا جو سڏ جلدي پڄي ويجي"

عادل ڪيس ويجهو ٿي جڏهن پنهنجي روح جي نظر سان ڏٺس، تہ ان مهل جهڙو ڪيس سڄ، پڄ مرندي نظر آيو!

هن ٽڏي دل سان الاءِ ڪيتريون ڪيس آٽتون ڏٺس، سڄ، ڪوڙ سڀ گڏائي، ڪيس خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر جڏ پنهنجي پٽ ڪريمداد تان، پنهنجي پٽ هجڻ جو ويساهہ ئي ڪجي ويو هئس. عادل جي گهٽي دلجوئي کان پوءِ هن پنهنجي مئل آواز ۾ ائين ڳالهايو. جهڙو عادل ڪيس، ڪريمداد لاءِ خيري خبر ڪون ٻڌائي هئي، پر ڪريمداد جو جڏ، ڪيس جاڻ ڏنو هو.

سيئي آسرا لاهي، اٿي پنهنجي گهر ويڙ جي ڪيائين تہ، ان مهل عادل جي دل ائين پي سندس لاءِ سٺون ڪاڏيون، جو پانءِ تہ سندس ساهہ سان گڏجي پوان ۽ ڪيس سندس ڪريمداد پٽ جا وڍ سڀ وسري وڃن، پر ائين تہ خدا جي خدائي ۾ ٽيو ئي ناهي، جو هڪ همدرد ماڻهو پرائي هڏ جا سور، پنهنجي هڏ ۾ هٽي چڏي! ائين جي هجي ها، تہ دنيا ۾ ماڻهو پنهنجون برايون سڀ، ٻين جي پٺن تي اڇلي چڏن ها! پوءِ ٻيا تہ الائي ڪيئن، پر عادل جهڙا همدرد ۽ حساس ماڻهو پراون گناهن ۾ ئي گسي وڃن ها! ۽ پٽر پرائو سور پنهنجا اهو بہ عظيم ڪوڙ پڏرو ٿي پوي ها!

علي احمد، ڏکندو سهکندو، پنهنجي دل کي پنهنجو هڏ چٽائيندو، خبر ناهي تہ ڪنهن کي پنهنجي روح جي پڪار ڏيندي، عادل کان اڳي پنهنجي گهر آيو تہ، ويچاري ماءُ کي بہ اندر ۾ اوسيئڙو، تہ منهنجي ڪريمداد جي ڪا خير جي خبر ٻڌان! سابہ رڙهي اچي پنهنجي مڙس علي احمد جو مٿو کائڻ لڳي۔ ٻڌو اٿم عادل آيو آهي، پنهنجو ڪريمداد ڪڏهن ايندو؟

اهو عادل کان پڇيو هُيئي- پڇينس ها تہ پنهنجي چاهت کي بہ پاڻ سان وڻي ايندو يا؟"

ڀ علي احمد اوڏي مهل، جيڪوپنهنجي جيءُ مان بيزار هو، سو سندس منهن ڀر منهن وجهي خاموش ٿي ويو. تڏهن زال چيس "ائين منهنجي منهن ڀر چا ٿو ڏسين؟ ڪريمداد ڪڏهن ايندو؟ اهو عادل کان پڇيو هئي؟؟ پڇينس ها تہ، چاهت کي پاڻ سان گڏ وڻي ايندو؟؟ يا اڪيلو ايندو؟؟ پلي اچي تہ، پوءِ هروپرو ان کي، هتي رهڻ لاءِ گهٽو تنگ نہ ڪجان! هتي ماڻهو پنهنجي خدا جي عبادت بہ، پنهنجي مرضي سان ماڻهو کي نٽا ڪرڻ ڏيئن. ڇوڏهين صدي کانپوءِ، هاڻ پيا چون تہ، اوهان کي پنهنجي نبي صہ جي بہ ڪا سچاڻپ ڪونهي! اسان کي تہ پنهنجي مرضي وارو خدا بہ پنهنجي دل ڀر رکڻ نٽا ڏيئن، تہ پوءِ ڪريمداد هتي رهي چا ڪندو؟ ماڻهو وجهندس ڪنهن ڏڇي ڀر، بس ڇڏو اچي منهن ڏسئونس پوءِ پلي اوڏانهن هليو وڃي!"

علي احمد حيرت جي نظر سان ڏسندي چيس "زندگي ڀر پهريون پيرو ماڻهن بابت ڪا صحيح ڳالهہ ڪئي اٿئي- اهو ايترو عقل توکي پهريان اچي ها، تہ ايڏي لوڙهہ ڀر ڪون پئون ها! هاڻي تہ جيترا ڏينهن بہ جيئڻو آهي، ماڻهن جون لعنتون سهي بہ، ماڻهن جي مرضي سان ئي جيئڻو آهي! ڪريمداد جي هيڏانهن اڇڻ جو مون آسرو ئي لاهي ڇڏيو."

"ائين نہ چئو دعا ڪرينس، ڇو ڪون ايندو. هتي ڪنهن جو خون ڪون ڪري ويو آهي؟ نہ ڪنهن جي ٻانهن ڪٽي ويو آهي؟؟"

"ڪهڙي دعا ڪريانس- خون تہ پاڻ ڪون ڪري ويو آهي، پر ماڻهن سندس نالي سان اسان جون دليون ڪُنيون آهن. مان بد دعا تہ ڪون ٿو ڏيانس، پر ڏڃان پيو تہ، خدا ڪيس پنهنجي مرضي سان شل معاف ڪريس- خدا جا فيصلا پنهنجا هوندا آهن- خدا پنهنجي فيصلي جي لاءِ اسان جو انتظار تہ ڪون ڪندو. نڪي اسان کان پڇي، پنهنجي مرضي هلائيندو؟"

"اسان کان پڇي نہ پڇي، پر اسان تہ پنهنجي ڇڏي جي پارت ڪري ڏيئي ڇڏيونس!"

"پارت بہ ان کي ڪبي آهي پاڪان۔ جيڪو ٻيي جي ٻڌي بہ سهي نہ، هو تہ اسان جا حال ڏسي ٻيو روئي، روئي انڌا ٿي ويا آهيون. اتو بہ ڪٽيو وڃي پر ڪريمداد جي من ۾ ايتري بہ نٽو وجهي، جو هتي اچي رڳو اسان جا سور ڳڻي وڃي! هوڏانهن ادا جان محمد آهي، تنهن جا ادي زليخا تہ لڙڪ اگهي، اگهي پنهنجا ڪپڑا پسائي ڇڏيا آهن! خبر ناهي تہ اسان جي اولاد جي عقل کي الائي ڪٽان اهڙي اڏوهي لڳي آهي۔ جو پنهنجن جي تہ سڃاڻپ ئي ڇڏيندا وڃن۔ تون تہ چوين ٿي، ڪريمداد هتي رهي ڇا ڪندو۔ پر ائين نٽي چوين تہ اهڙي ساڃاهہ ۾ هتي اچي ڇا ڪندو۔ بس پلي وڃي پاڻ کي وڙائي، جڏهن اسان وانگر پنهنجي عمر ۾ ٽڪندو، تڏهن پنهنجي سونهن ۽ ساڃاهہ جي خبر پوندس، اسين تہ هينئر ڪون ٿا وڙونس نہ؟"

"چو ڪون ٿا وڙونس، اها اجائي ڳالهہ نہ ڪر، اسان ڄڻيو آهي، اسان جو پنهنجو ٻچڙو آهي. ضرور زمانو آهي، نوجوان آهن، زماني سان تہ هلڻو ٿو پوي؟"

پاڪان منهنجو وات چوري، هروپرو منهنجي ڏٺن تي لوڙ نہ وجهہ۔ مان اڳيئن پيري وٽن ويو هئس تہ، پنهنجي اُن نُنهن، سندس ئي سامهون، منهنجي دل جڙ منهنجي سيني مان ڪڍي پي ڳُني، پر ڪريمداد الف جو بي بہ ڪون چيس، تڏهن سمجهان ٿو اسان کان جهڙي هاڙ هو نفرت ٿا ڪن!"

"تنهنجي سمجهہ اُپتي آهي، اولاد کو مائٽ سان نفرت بہ ڪندو آهي! اهو ايترو نہ سوچيندو ڪر، چريو ٿي ويندين، مائٽ سڀ کان مِٺي آهي. ماڻهن جي کل تي ناهي کلبو، نڪي ماڻهو پنهنجي ڪِل تان ٻيا ماڻهو کلائيندو، تون اجايا ماڻهو نہ کلائي، پاڻ تان!؟"

"ماڻهو کو رهيو بہ آهي چا۔ جيڪو اسان تان هاڙ کلندو، ماڻهو هاڙ کلي، کلي ٽڪي پيا آهن، هاڙ تہ مونکي بيواهو فقير سمجهي۔ خيرات ڏيئڙ جي نيت سان ٿا ڏسن، چا ٻڌايان توکي۔ تہ عذابن کهڙا، کهڙا منهنجا عضوا وڍيا آهن۔ تڏهان تہ ڍجان پيو۔ تہ شل خدا اسان کان پڇي کو فيصلو نہ ڪري۔ هي دل ڪنهن جي هٿ وس ڪانهي۔ اها جنهن مهل

دانهين ٿي، ته ڏٺي جو دم به ڪيو چڏي- روح جي رڙ خدا کانسواءِ ڪنهن کي ٻڌڻ ۾ ڪان ايندي آهي! بس چڏ ڪٽي ان ڀالهه جي پچرا!!"

علي احمد پاڻ ته ماڻ ڪري ويو. پر پاڻ، سندس ڦٽ، ڦلوري، ڦلوري نيٺ ڪيس رڙاري وڌائين ۽ جنهن مهل روئي پوندو هو ته ائين لڳندو هو. جڻ قيامت سندس روح ۾ قيد آهي!

ٻه مهينا ڪن گذريا، ته عادل وٽ ڪريمداد جي عيوض، صديقا اچي نڪتي. عادل کي اها صورتحال سمجهه ۾ نه آئي، هو ٻه طرفي سوچ ۾ ڦاسي پيو. چاڪاڻ ته، ڳوٺ ۾ ايجا جان محمد جي خاندان لاءِ ماحول فضيلت پريو نه هو. عادل کي انهيءَ پريشاني پي ورتو ته ڳوٺ جي ڪا عورت صديقا سان گهٽ وڌ ڀالهائي، سندس بي عزتي يا ڪيس بي آبرو نه ڪري، باقي صديقا پاڻ بولڻ ڇوڪري هئي، هن کي اها تميز هئي ته، ڪنهن سان ڪيئن ڀالهائجي، البت ٿوري سادي زبان ۽ هاڻ ڪنهن نه ڪنهن الجهن ۾ ورتل معلوم پئي ٿيندي هئي! هروپرو ڪنهن سان گهٽي ڪون لڳندي هئس.

گهر ۾ پنهنجي پيڙ چاهت سان اختلافن کانپوءِ، هاڻ ڪجهه عجيب، عجيب پئي لڳندي هئي. مثلن گهر ۾ چاهت يا ان جي واسطي، تعلق وارا ماڻهو اچن ته، انهن سان ملڻ، ڀالهائڻ ته ڇا، پر انهن کي هاڻ هٿ به ڪون ڏيندي هئي- گهر ۾ پنهنجي ڪمري ۾، چاهت جي دخل اندازي ته ڇا، پر ان جي بدن جو ڪپڑو به ان ڪمري ۾ برداشت ڪون ڪندي هئي. پگهار مان به هاڻ چاهت کي هڪ روپيو به ڪون ڏيندي هئي، پگهار ڪٽي، پنهنجي ماءُ جي اڳيان رکندي هئي، ان مان جيترو ڪجهه ملندو هئس سو پنهنجين ساهيڙين تي خرچ ڪري چڏيندي هئي. جنهن تان چاهت ۽ سندس وچ ۾ تلخيون وڌنديون رهيون، پر ماءُ وچ ۾ اچي کين ٺاڌاريندي رهندي هئي.

هڪڙي ڏينهن ته سندن وچ ۾ ايڏي گرما گرمي وڌي وئي جو چاهت کيس چئي ڏنو... ايڏي جي دادلي آهين، ته پنهنجو الڳ گهر وٺي ويجي ويهه، پوءِ اتي ويٺي پنهنجون مهمانٽيون کارائي- مان انهن کي هاڻ هن گهر ۾ برداشت ڪان ڪنديس."

جنهن تان صديقا روئي پنهنجي ماءُ کي دانهن ڏني، "امان هتي چاهت هاڻ روز، بي ڏينهن تي، منهنجي بي عزتي ٿي ڪري، آخر، مان پلا، ڇو روز روز جي بي عزتي سهان، مان عادل جي ڳوٺ وڃي ٿي رهان!"

ماءُ کيس پرچاءِ، سرچاءِ ڏئي، فلحال تہ ان ضد تان لاهي ڇڏيس ليکن دلي طرح اهو يقين ٿي ويو هئس تہ، چاهت هاڻ ڪنهن بہ حالت ۾ مونکي برداشت ڪان ڪندي." تنهن ڪري هن ان پريشاني جو حل، ان گهر کي ڇڏڻ سمجهيو ۽ ان خيال سان ئي اوچتو عادل جي ڳوٺ وڃي نڪتي، پر پنهنجي ماءُ، پيءُ کي ٻڌائي آئي هئي. اهي سياري واري ويڪيشن جاڏينهن هئا. عادل گهر ۾ سڀ کي چئي ڇڏيو تہ سندس چگي طرح جي سنڀال پيا رکجو" صديقا بہ ڏينهن تہ، عادل سان ڪنهن بہ قسم جو ڪو ذڪر ڪون ڪيو ۽ پوءِ عادل جي پيٽ ۾ سندس ساهيڙي صبا سان صلاح ڪري هن عادل کي چيو "مان توهان وٽ ـ هتي رهڻ ٿي چاهيان؟"

عادل وائڙو ٿي ويو، هن کي سمجهہ ۾ نہ پيو اچي تہ، قدرت هن خاندان ۾ الائي ڇو اهڙو وچڙ وڏو آهي، نوجوان ڪنواري، ڳوناڻو ماحول ۽ تنهن کان علاوہ سندس اٽڪ، ويهڻ بہ عام عورتن کان مختلف ۽ نرالو، عادل سندس سيني ذميوارين کان لهرائيندي چيس "تون هتي رهين ٿي تہ پلي رهـ ـ هي تنهنجو پنهنجو ئي گهر آهي. پر اهو تہ مناسب ڪون ٿيندو، جو پنهنجي پوڙهي پيءُ کي بيماري جي حالت ۾، اُتي ڇڏي هتي رهين. اها تہ خود سائين جان محمد لاءِ بہ تڪليف واري ڳالهہ ٿيندي، ۽ ٻيو اهڙي حالت ۾ ماڻهو بہ الائي ڪهڙا، ڪهڙا تبصرا ڪندا، توهان تہ الائي ڪيئن ۽ ڪهڙي لحاظ سان اهو فيصلو ڪيو آهي!؟"

صديقا پنهنجي خاموش طبيعت ۽ ڪليل ذهن واري سوچ جي سبب زندگيءَ سان اٽڪل بازي ڪري، ڳالهيون ٻاهڻ، بنائڻ جي عادت ئي ڪون سانديي هئي. هن عادل کي بہ ان وقت قصو کولي ٻڌايو تہ ـ ادي چاهت، اتي روز، روز منهنجي بي عزتي ٿي ڪري، مان اتي تنگ ٿي پئي آهيان، ايجا تہ بابا ۽ امان آهن، پر پوءِ تہ مونکي هڪڙي ڏينهن لاءِ بہ برداشت نہ ڪندي.

تنهنڪري مون بس ائين ئي سوچيو آهي تہ مونکي پنهنجي لاءِ اڳواٽ ئي ڪجهہ ڪرڻو پوندو ۽ اوچتو مونکي ڏڪا ڏئي گهر مان ڪڍي ڇڏيائين تہ پوءِ مان ڪيڏانهن ويندیس!؟

عادل کي سمجهہ ۾ ئي نہ پيو اچي، تہ هيڏي سنجيدا، بردبار ۽ باهمٽ ڇوڪري، هي الائي ڇا پئي ڪري، ڪيس پنهنجي بيمار ۽ لاچارپيءُ جو بہ خيال نٿو اچي۔ عادل جي دل ۾ چاهت لاءِ بہ ان جي اهميت گهٽجڻ لڳي تہ، چاهت شايد پنهنجي ارڏائي ۾۔ هن جي همٽ ٽوڙي ڇڏي۔ ۽ هن جو ذهن يا تہ بيهہ ويو آهي، يا اُلٽو سوچڻ لڳو آهي، ۽ وري ڪريمداد تي بہ، چڙ اچڻ لڳس، هونئن تہ، پيار محبت جو مجبوريون ڏيکاري ڪريمداد عادل کي مطمئن ڪري ويندوهو، پر جڏهن چاهت پنهنجو گهر بہ ڦٽائڻ لڳي، تڏهن ڪريمداد جي خاموشي، اختيار ڪرڻ۔ اها عادل کي تمام غلط ۽ ڏکي ڳالهہ پي لڳي. هن صديقا کي تمام سهڻي سلوڪ سان سمجهايو۔ صديقا پيٽ! ڏس گهر ۾ ننڊيون، وڏيون ڳالهيون ٿين ٿيون، گهر جا ٽڪر تہ هڪجهئي سان لڳندا رهن ٿا، جنهن تان ڪڏهن، ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي، جو ماڻهو کي پنهنجو منهن بہ نٿو وٽي۔ پر گهر جي ڪٽنب ۾، گهر ياتين جو پاڻ ۾ گڏيل هڪ اهڙو رشتو هوندوآهي. جنهن جي وچ ۾ ليڪو ڪڍي خود کي الڳ ڪرڻ، پهرين تہ اهو فطرت جي خلاف آهي۔ ماڻهو پنهنجي اخلاقي قدرن کان محروم ٿيو وڃي۔ سماجي اهميت بہ گهٽجو وڃي۔ صديقا پيٽ۔ قدرت جي ڳنڍيل ڪنهن بہ جوڙ کي جڏهن توڙي، مروڙي الڳ ڪجي ٿو۔ تہ اهو تمام خطرناڪ ۽ ايڏائيندڙ عمل آهي۔ پر جيڪڏهن اسان رشتن کان ٽٽي الڳ ٿا ٿيون، تہ ان ۾ ماڻهو جا دل جهڙا عضوا بہ ٽٽن ٿا۔ صلاحيتون بہ ٽٽن ٿيون۔ اخلاقي معيار بہ ٽٽي ٿو ۽ سماجي طور تي، الائي ٻيا ڪيترا اخلاقي تعلقات بہ ٽٽن ٿا۔ بلڪ ايستائين جو ماڻهو پنهنجي مڪمل انسانيت کي بہ چيهو رسائي ٿو! سو منهنجي پيٽ، سپ ٽيڪ ٽي ويندو۔ توکي پنهنجي ماءُ۔ پيءُ جي ڪري اهو فلحال برداشت ڪرڻو پوندو. ۽ ان ڪانپوءِ جيڪڏهن ڪجهہ ٽئي ٿو تہ تون گهبرائي نہ، هي گهر تہ پوءِ بہ تنهنجو پنهنجو آهي. پر

انکان اڳ ۾ ٽي سگھي ٿو خدا توکي پنھنجي پيٽ ڇاھت جي گھر کان وڌيڪ سنو گھر عطا ڪري ڇڏيا!"

صديقا عادل کي غور سان پي ٻڌو ۽ ھڪ حاضر ذھن ماڻھو جيئان پنھنجي بردبار حيثيت ۾ چوڻ لڳي "نہ مان بس- شادي وغيره جي جنجھٽ ۾ پوڻ نٿي چاھيان- شايد منھنجي قسمت ۾ ئي ڪونھي- ۽ انھن ڏڇن کان الڳ آجي زندگي گذارڻ ٽي چاھيان- ماڻھو پنھنجي من جي منشا جي پويان سڄي عمر پيو سڙندو آھي، شايد خدا منھنجو من ساڙي- ان مان منھنجي تڪڙي جان ڇڏائي ڇڏي- ڪڏھن، ڪڏھن تہ پنھنجي دل جي ڳالھ ڪندي ب، ماڻھو کي پنھنجو پاڻ تي ڪراھت ٿيڻ لڳندي آھي! منھنجي حالت ب اڄ ڪلھ اھڙي آھي!؟ رڳو پيٽ ڇاھت جي شادي ب، ڪيڏي خاندااني بدنامي ٽي آھي- مان تہ ڏڇان ٽي. ڪٽي منھنجي شادي ڪرڻ سان- وري نہ بدنامي ٽي پويا! ڇاھت جي شادي تان ب، جيڪڏھن بابا اگھو نہ ھجي ھا، تہ انھيءَ رنج ۾ شايد ڪنھن ٻئي پاسي ھليا ويون ھا- ھن وقت ب جنھن تڪليف ۾ بابا آھي. تنھن ۾ ڪيس بيماري کان وڌيڪ ڇاھت جي روين ڏک ڏنا اٿس- مان تہ اھو سپ ڪجھ پنھنجي اکين سان ڏسي سھي نٿي سگھان، بابا ۽ امان جي انھن ڏکين حالتن کي ڏسي مان پنھنجي زندگي کي مجائي محدود ڪري ڇڏيو آھي. مان تہ پاڻ کي پاڻ جيئارڻ وارا سبق ٻئي سيکاريان- سو ھاڻ زندگيءَ جي مڙني موسمن جو خير ھجي- ٽي سگھي ٿو- "مان جنھن کي چاھيان...!خدا ان کي چاھيندو ھجي!!"

مان جنھن کي چاھيان- خدا ان کي چاھيندو ھجي؟ انھيءَ جملي مطابق ھن عادل کي جڏ پنھنجي زندگي بابت مڪمل ٻڌائي ڇڏيو- پر عادل اوڏانھن ڪون سوچيو- عادل کي بس رڳو ان جي ان نئين ۽ نرالي فيصلي حيران ڪري ڇڏيو- ۽ صديقا کان ان معاملي جو ھن اصلي حقيقي ۽ واضح سبب پڇيو ئي ڪون، جيڪو صديقا شايد ائين چئي لڪائي ڇڏيو تہ، مان پنھنجي زندگي کي مجائي، محدود ڪري ڇڏيو آھي" پر ڇو- اھو عادل ھن کان پڇيو ئي ڪون. عادل ان معاملي کي ڇيڙڻ جي بجاءِ صرف

ايترو رڳو چيس "صديقا پيٽ زندگي جا فيصلا ماڻهو تبديل ڪندو رهي ٿو- اهو زندگي جو دستوري عمل رهيو آهي- تنهن ڪري زندگي جي اصولي فيصلن ۾ ڪجهه نرمي ۽ ڪجهه گنجائش ضروري هوندي آهي- تبديلي کي قبول نه ڪرڻ يا ان کان انڪار ڪرڻ- ڪنهن به حوالي کان ماڻهو پنهنجي شخصي بقا کي سلامت نٿو رکي سگهي!"

صديقا هڪڙو هفتو سڄو عادل جي گهر رهي، ان وچ ۾ هڪ دفعو بختاور جي ماءُ سان سندس ڏيٺ ٿي، سا بس ڪيس ڏسڻ ساڻ شروع ٿي وئي- هڪڙي ته اڳ ۾ پنهنجي پيار جو پرٽو ڪري، ان کي پاڻ وٽ ويهاري ڇڏيو ۽ هاڻ وري تون- الائي ڪنهن جي گهر تي ٽانڊو رکڻ آئي آهين... هي جو هيڏي اُرهه سان سڄي ڳوٺ ۾ مٽي اڇاڙي پئي گهمين- ڪنهن جي نه ڪنهن جي گهر جو گهڙو ته تون به سُڪائڻ آئي آهين؟ آئون ته چوان ٿي اوهان ماڻهن کي خدا جو به حيا ڪونهي- بختاور منهنجي جو- اوهان گهر ڦٽايو هن مڙهي علي احمدکي رئاري، اوهان انڌو ڪري ڇڏيو...ائِي! خدا ڪندو ته، اوهان جون اکيون اونڌيون ٿيندیون. ۽ اوهان هڪٻئي کي به سجاڻي ڪون سگهنديون- اوهان منهنجي بختاور جو گهر اُجاڑيو، ۽ خدا ڪندو اوهان جا عضوا اُجڙندا! آئون ته هاڻ رات، ڏينهن ويني رب کي ستايان، نيٺ ته منهنجي دانهن رسندي، ۽ رسول ڪندو ته اوهان جا روح رُلندا!؟"

صديقا کي سندس بددعائن تکليف ته ڏني، پر جواب ۾ هن هڪ حرف به ڪون ڳالهايو ۽ نه ئي وري، اها ڳالهه هن عادل يا عادل جي پيٽ، سندس ساهيڙي صبا سان به ڪئي! توٽي جو عادل جي پيٽ صبا سان سندس تمام گهٽي گهرائپ هئي. پوءِ به هن پنهنجي ان اذيت کي بس دل ۾ ئي دفن ڪري ڇڏيو. هو ڳوڻان گهمي ڦري جڏهن پنهنجي گهر پهتي ته، چاهت جو خيال پهريان هو ته ڳوٺ وارن بابت ڪجهه پچانس- پر صديقا جو سڄو هفتو اتي رهي پوڻ به کيس ناگوارا گذريو. تنهن ڪري به ڏينهن ته هن پنهنجي پر ۾ ڪيس ليکيو ئي ڪون پي ته- مونکي تنهنجو ڪو لاچار به آهي چا- ڪنهن

مهل ڪو منهن ڏنائينس ٿي، تہ تنهن ۾ بہ ڏڪار جهڙو تاثر شامل هو۔ جنهن صديقا جي دل کي وڌيڪ تڪليف پي ڏني!

وقت پنهنجي بي پرواهيءَ سان، ڪنهن جو بہ خيال نہ ڪندي گذري ويندو آهي. وقت دنيا جي عظيم يتيم حضرت آدم جو بہ گذري ويو، تہ وقت عيسيٰ نبي جو، رومين جي اڏيل صليب تي بہ گذري ويو! يونس نبي جو مڇي جي پيٽ ۾ گذريو ۽ ابراهيم جو آڳاھ ۾ گذري ويو. وقت! يوسف جي نيلامي جو بہ گذري ويو. تہ منصور کي سوليءَ تي بہ گذري ويو. انهيءَ وقت پنهنجي ساڳي رفتار سان۔ ڪربلا ۾ بہ ڪنهن جو انتظار نہ ڪيو!

وقت سڄي جهان ۾ ورهايل آهي۔ ماڻهو کي بہ پنهنجي سمجهہ جيئان ٿورو، گهڻو يا ڏکيو، سکيو، پر سڀ ڪنهن کي مليل آهي.

چاهت کي نائين مهيني ڏيئُ ڄائي، ۽ ان جو نالو بہ، هن حسد مان سورٹ رکيو. گهر ۾ تڪرار مچي ويو تہ، سورٹ نالو ڪريمداد جي ڏيءَ جو اڳ ۾ آهي۔ وري بي ڏيئُ جو بہ ساڳيو نالو، اهو ڪهڙو مذاق آهي، تنهن ڪري، پنهنجي ڏيءَ جو نالو پلي چاهت پاڻ ئي رکي، پر ڪو ٻيو نالو هئٹ گهرجي."

پر چاهت پنهنجي ئي هوڏ تي قائم۔ منهنجي ڏيءَ جو نالو سورٹ ئي هوندو۔ ڪنهن کي ڳالهہ ڏکي ٿي لڳي يا نالو نٽو وٽي تہ نہ وڃي. مان پنهنجي ڏيءَ تي ٻيو ڪوبہ نالو رکڻ نہ ڏيندیس!"

"تون اسان سين کي ڪٹي ڪڏ ۾ اُڇل، ماءُ چيس۔ پر پنهنجي بيمار پيءُ جو خيال ڪر، ان جي خواهش کي چو ٿي رُلائين۔ پنهنجي پيءُ جو رايو توکي رکڻو پوندو؟"

"بابا جون تہ خواهشون ڪٹن ئي ڪون ٿيون۔ چاهت وڏي آواز ڇڻي ڇڻ پنهنجي پيءُ کي ٻڌائيندي هجي۔ مون سوُر کائي پنهنجي ڏيءُ ڇٹي آهي۔ تنهن ۾ بہ بابا جي خواهش اٽڪي پئي آهي، آخر اسين بہ تہ انسان آهيو، اسان جون بہ ڪي خواهشون آهن۔ ان جو ڪنهن کي بہ خيال ڪونهي."

اهي لفظ جان محمد کي، ڪنهن خودڪش بمبار جيئان ٿي لڳا ۽ زليخا سندس احساسن کي نارڻ لاءِ، تڪڙي سندس ڪمري ۾ گهڙي، تہ هو پنن کان

وهاٽن جو ٽيڪ ڏئي ويندل هو. سندس اکيون پوريل هيون، پر اکين مان پاڻي نيسارا ڪري پيو وهيو.

اهو نماشام جو وقت هو، سج جو رنگ ڪاسائي جي اڏيِ جهڙو پيو نظر آيو. چون ٿا اهو دعائن جي ناقبوليَ جو وقت هوندو آهي. مڪروهہ وقت۔ شايد انهيءَ وقت تي نفرتون ۽ سزائون جنم وٺن ٿيون۔ ڪنهن چيو هو تہ، قيامت واري ڏينهن جو بہ اهڙوئي نظارو هوندو ۽ پلڪ گهڙيءَ ۾ سزائن ۽ جزائن جو حساب ٿي ويندو ۽ پوءِ وري دنيا جو ڪائون جنم هوندو۔ تنهن بابت رڳو چيل هو تہ۔

"وري اوهان جي مرڻ کانپوءِ، اوهان کي جيئرو ڪيوسون، تہ مانَ اوهين شڪرانو ڪريو" (سورة بقرة)

جنهن مهل، زليخا پنهنجي مٽي جي ڪپڙي سان، جان محمد جو لڙڪن ۾ ٻُسي ويل منهن اگهڙ لڳي، تنهن مهل اکيون کولي، زليخا جي منهن ۾ ڏسي۔ پاڻ زباني اظهار ڪرڻ پيو چاهيائين "او زليخا... اڄ تہ چاهت منهنجي ساهہ جون بہ سيپ نسون وڍي ڇڏيون۔ پوءِ بہ الاءِ ڇو هن نڙيءَ مان ساهہ نڪري ئي نٿو۔ اڄ تہ چاچا ربنواز جا چيل اهي لفظ بہ منهنجي زبان تان نٿا اڻلن تہ، سارين جي سنگ جيئان پنهنجن کان ڇڄي حوصلو ڪڏهن نہ هارجان۔ مان چاڪيان زليخا۔ حوصلو سنياليٽ تہ ڏاڍو ڏکيو آهي۔ حالتن تہ هوش بہ کسي ورتو آهي."

اهو سيپ ڪجهہ، جان محمد پنهنجي زبان سان، زليخا کي چوڻ جي ڪوشش پيو ڪئي، پر سندس زبان مڪمل جواب ڏئي ڇڏيو۔ هڪڙو لفظ بہ سندس زبان ڀالهائي نہ سگهي، ائين لڳو تہ، جڙ اوچتو ئي اوچتو سندس آواز کي، ڪنهن گهٽا ڏئي، اندر ئي اندر ماري ڇڏيو ۽ خدا سندس زبان کان پنهنجي آواز واري سگهہ کسي ورتي. ۽ سندس آواز هميشہ لاءِ سرڪاري، بينڪ جي ڪنهن لاڪر جيئان بند ٿي ويو.

زليخا وڏي ڪوشش ڪئي تہ، ڪجهہ ڀالهائي وجهي، پر لاچار ۽ بيوس ٿي، روئي، روئي پنهنجون اکيون سڄائي، پنهنجي جاني جي ڇاتيءَ ۾ منهن

لڪائي چوڙ لڳس "او جانو... ائين نہ ڪر، مون سان تنهنجي ڪاوڙ ڪون ٿي ٿهي، مون سڃي عمر توکي پنهنجي خدا جيئان سمجهيو آهي، مون کان غلطيون ٿيون هجن تہ مونکي معاف ڪر، نہ تہ جا وڏئي سا سزا ڏي، پر مون سان ڳالهائي۔ ڳالهائيندين نہ، تہ مونکي ڪيئن خبر پوندي، تہ منهنجو جاني، مون سان ڪهڙي ڳالهہ تان رنج ٿيو آهي؟"

زليخا جو اهو روچ راڙو جان محمد جي جيءَ کان برداشت نہ پي ٿيو ۽ پنهنجي کاڀي هٿ سان زليخا کي پنهنجي ڇاتيءَ تان هٽائي، ڪيس کاڌي هينيان هٿ ڏئي، وري پنهنجي ڇپن تي هٿ رکي ڇڙ ڇوندو هجي تہ۔ بس نہ رُو زليخا۔ منهنجي تہ زبان کان آواز ڇڄي ويو آهي۔ مان ڳالهائي هاڻ نٿو سگهان۔ مان توکان ناهيان رُٺو زليخا۔ پر منهنجي قسمت جو خدا، اڄ مونکان رُسي ويو۔ چاهت کي چئو تہ، اڄ منهنجون خواهشون بہ سڀ ختم ٿيون، مونکي منهنجي زبان بہ ڪُٽائي ڇڏيو. مان هاڻ ڪنهن کي بہ پنهنجي تمنا لاءِ تنگ نہ ڪندس!"

دل جو دل ۾ ايترو چئي، پنهنجي ان هڪڙي ٻانهن جو، زليخا کي پاڪر پائي، ان کي پنهنجي ڇاتيءَ تي ليتائي، پنهنجو منهن، زليخا جي ڪلهن واري پٺئين حصي تي رکي، ڪجهہ دير ائين ئي هڪٻئي ۾ منهن هڻي پيل هئا، تہ صديقا اچي، سندن ان المياتي صورتحال کي ڏسي، گهٽي دير کانپوءِ، کين سامت ۾ آندو.

پر چاهت کي ٽن ڏينهن کان پوءِ خبر پئي تہ۔ اسان جي پيءُ جو ڳالهائڻ بند ٿي ويو آهي.

تازي مئل ماڻهو تي تہ هر ڪوئي روئي ٿو وجهي، پر تہ ڇهو ڏهو ۽ چاليهي کانپوءِ تہ سڳو پيءُ بہ ڪون ٿو روئي! چاهت کي بہ اهڙي ڪيفيت وارو ئي ڏک ٿيو هو ۽ ان ڳالهہ جو ڪيس احساس ئي ڪون ٿيو تہ، منهنجي روين جي سبب اهو سڀ ٿيو يا ٿئي پيو" ۽ هن پنهنجي پيءَ جي رڳو ويجهو بيهہ، ايترو بہ ڪون چيس تہ۔ بابا الله وڏو آهي، همٿ نہ هارجو، مونکي معاف ڪجو، مونکي تہ خبر ئي اڄ پئي آهي"، ان جي بدلي ۾ هن ڪريمداد جي بي

عزتي ڪندي چيو "تون بہ مونکي ڪون ٿو ٻڌائين تہ بابا جو آواز بند ٿي ويو تہ ڪو ڊاڪٽر وٺي، سندس طبيعت ڏيکارجي ها! ڪيڏو ڪِنو ٿيندو وڃي ڪريمداد۔ مان چا – گھر ۾ توکي ٻين جھڙي نظر نٿي اچان؟"

ڪريمداد بہ ان مھل ڪو رک رکاءُ ڪون ڪيس۔ چو؟... تنھنجي نظر گھر ۾ ڪون ٿي پوي چا؟ مونکي پئي چوين... ھي صديقا روز ڊاڪٽر وٺي ٿي اچي۔ اھو ڪون پي ڏٺئي چا؟ پنھنجي غلطين کي منھنجي ڳچيءَ ۾ نہ ويڑھ! ٻيو بہ ڪو چوندو تہ، گھر جي ماڻھن جو وڏو خيال ٿي رکي۔ مونکي تہ جيئن وٺئي تيئن ڏليل ۽ بيڑو ڪر، پر چاچا جان محمد جي معاملي ۾ مونکان ھاڻ سَنو ڪون ٿيندو، تو منھنجي بابي کي بي عزتو ڪيو، ادا عادل کي بي مانو ڪيو، صديقا سان روز حالتون ٿي ڇڏائين، تہ بہ مان ڪون ڪچيس، پر چاچا جان محمد مونکي پنھنجي پيءُ کان بہ وڌيڪ آھي. تنھنجو تہ پوءِ بہ سڳو پيءُ آھي۔ تون تہ ان کي ايترو بہ ياد نٿي ڪرين جيترو ماڻھو، گھر ۾ نوڪر کي ياد ڪندو آھي."

"اچا...؟ تہ اڄ تو بہ پنھنجي نيت جو ميٽر چالو ڪري ڇڏيو مون چا پنھنجي ھي زندگي ان لاءِ توکي ڏني۔ تہ گھر ۾ سين جي اڳيان مونکي بي عزتو پيو ڪر۔ مان بابا کي نوڪر واري حيثيت بہ نٿي ڏيان۔ اھو تون الائي ڪھڙي نيت سان پيو ڳالھائين۔ ٺيڪ آھي! مان بيڪار آھيان، تہ پوءِ تون سنيال نہ گھر کي۔ اھڙو جي ھجين ھا، تہ پھريان پنھنجي پيءُ، جي تہ سنيال لھين ھا! باقي ھتي وڏي آواز ۾ مونکي بيڑو ڪري پنھنجي لاءِ بابا جي اڳيان پنھنجا نمبر پيو ناھين؟ مونکي پيو چوين؟ تو وري ڪھڙا مائٽن کي موڙ ٻڌايا آھن!؟"

ڪريمداد وبچاري، ڪا بي وقتي ٻانگ تہ ڏني، پر ھاڻ چاھت پنھنجي زبان جا سيئي دروازا کولي ڇڏيا۔ جيڪي پابنديون پاڻ مڙھيائين، يا جيڪي بہ ھن ھوڏ ۾ ھٺ ڏرمي ڪري غلط فيصلا پي ڪيا، سي سڀ ھن ڪريمداد جي ڪنڌ ۾ ويڑھي لٽڪائي ڇڏيا! سڄو ڏينھن دڙي، دڙي سڄ لاھي ڇڏيائين، پر ڪنھن بہ وچ ۾ ڪون ڳالھايس!

جان محمد جو ته، هونئن به آواز بند ٿي ويو هو جنهن ڏينهن کان سندس ڳالهاءُ بند ٿيو هو، ان ڏينهن کان زليخا ۾ سندس ڏيءُ صديقا هڪٻئي لاءِ وڏيڪ ويجهيون ٿي ويون ۾ چاهت سان گهٽو وڇڙڻ ئي ڇڏي ڏنائون_ باقي ڪريمداد! تنهن جي پيار به هاڻ رڳو ساڻس جنسي خواهش وارا خواب پي ڏنا_ پر پوءِ به سندس حُسن ۾ الائي ڪهڙي حڪمت خدا خلقي ڇڏي هئي، جو ڪريمداد مڪمل سندس ضابطي هيٺ هو ۽ سندس حُسن جي خوبصورتين ۾ قيد ٿيل هو. سندس اڳيان ڪا مجال ڪون هلندي هئس:_ ڪڏهن ڪو اتفاق سان، سندس فڪر ۾ فطرت ڏوڙندي هئي، ته ساڻس ڪجهه گرم رڳو ٿي ويندو هو ته، پوءِ ٽن ڏينهن تائين رڳو سندس حسن جا وصف واکاڻي پيو پرچائيندو هئس! ياشايد چاهت ۾ ان پنهنجن حسين خوبصورتين کان علاوه، ڪا بي اهڙي قدرتي ڪشش به هئي، جنهن ڪريمداد جا پنجئي حواس پنهنجي قابو ۾ رکياهئا، ۽ ڪريمداد پنهنجا ٻني، ٻارا گهر گام، ماءُ، پيءُ، زال بختاور ۽ پنهنجي ڏي سورٺ سميت، سين تان هٽ ڪٽي، سندس جهول ۾ پي جهُليو.

●⊙●⊙●⊙●

جان محمد کي هاڻ علي احمد سان ملڻ جي ايڏي ته اڇ۽ اُڪير ٿي پئي هئي، جو هر، هر علي احمد سندس هينئين ۾ پي هُريو پر چاکري، پنهنجا وس ويچاري کان سيئي موڪلائي ويا هئا، ليڪن انسان جي حياتيءَ ۾ سندس آخري خواهش تي خدا کي به شايد وڏيڪ رحم پئجو ويچي_ جو ڪيس ڪنهن آس جي اُڇ ۾، سندس روح کي ايجو نٽورکي!

جان محمد جي ساهه ۾ به شايد علي احمد جي سڪ گڏجي پئي هئي! هو گهڙيءَ گهڙيءَ ۾ پنهنجي ڪمري جي دروازي ڏانهن پيو ڏسندو هو ته علي احمد ته ڪون پيو اچي!؟

۽ پوءِ شايد_ فَاذْكُرُونِيٓ اَذْكُرْكُم_ اهو اقرار سچو ثابت پي ٿيو. ۽ ائين ئي ٿيو ته هڪ ڏينهن علي احمد ۽ عادل ٻئي گڏجي سندس گهر اچي نڪتا_ پر ان وچ ۾ وقت جي هڪ وڏي وٽي پئجي وئي هئي، ليڪن پوءِ به جيئن ئي جان محمد جي ٻنهي تي نظر پئي، ته درد ۽ خوشي، مسرت ۽ اذيت

سيني گڏجي، سندس ڪيفيت ۾ هڪ اهڙو سوز ۽ سرور پيدا ڪيو. جنهن جي لذت ۾ ڪيس ٻيا ته سڀ سور فلحال وسري ويا، پر سندس ڳالهائڻ بند ٿيڻ وارو سور ايڏا نئون هو تنهن سندس جِيءَ ۾ جِهير پي وڌا!

هو جان محمد سان ڪجهه ڳالهائين، تنهن کان اڳ ۾ زليخا کين سندس طبيعت بابت سڀ ڪجهه ٻڌائي چڏيو. جنهن ۾ سندس آواز بندٿيڻ واري صدمي کان عادل وات تي سامهون هٿ رکي رڳو ڪيس ڏسندو ئي رهيو. پرعلي احمد، روئڻ کانسواءِ رهي نه سگهيو.

عادل، علي احمد جي اها حالت ڏسي، ان ڪرب مان ڪڍڻ جي نيت سان ڪيس چيائين "ڪاڪا علي احمد! ائين ته پوءِ اسان، سائين جان محمد جي همٿ کي پيا هيٺو ڪريون؟ اسين ته آيا آهيون سندس همٿ کي سلام ڪرڻ. پر جيڪڏهن اسان کا دعا يا درمان نٿا ٿي سگهون، ته پوءِ ائين روئي نه رڳو سندس لاءِ، پر سڄي گهر جي لاءِ به ڏکن جو ڏيئو پيا ٻاريون. توهان اسانجا وڏڙا، جيڪڏهن اسان کي رڳو روئڻ ٿا سيکاريو، ته باقي خوشيون، اسان رڳو خواب ۾ ڏسنداسين ۽ اسان جو حوصلو ته اسان جي ڪم جوئي ڪون رهندو!"

عادل جي ان همدرداڻي رويي مان، جان محمد کي پنهنجو چيل اهو جملو ياد آيو، جيڪو هن پاڻ ان ساڳي ڪمري ۾، ڪجهه سال اڳ ۾، عادل ، ڪريمداد، چاهت ۽ زليخا، سيني جي وچ ۾ گڏيل طور چيو هو ته_ شاباش نوجوانو، اسان جتي چڏيون ٻيا، اوهان اتان کان پنهنجي شروعات ٻيا ڪريو. اهو اسان جي بقا جو هڪ سنو اهجاڻ آهي!"

اهي پنهنجا لفظ جڏهن ياد آيس، تڏهن اڻي عادل کي ڀاڪر پائي، چمي ڏيئڻ جو خيال آيس، پر سا حسرت به، سور بڻجي سندس ساهه سان گڏجي وئي! ۽ رڳو عادل جي منهن ۾ ڏسي پنهنجن نظرن جي اڇ پي پيتائين.

علي احمد به پنهنجن ڪمزور اکين جا لڙڪ اگهي، ڪجهه پاڻ کي قابو ۾ آڻي چوڻ لڳو "ادا جان محمد...تون مونکان وڌيڪ پاڳن وارو آهين يار، منهنجي زبان مونکان ته نياڳي جهلجي نڪي_ تو ته وڃي پنهنجي دل سان

دوستي لڳائي پر مونکي خدا تعاليٰ وڏل مان واندو ئي ايا نٿو ڪريا مان اها وللِ هٽي توکي بہ وَيل ۾ وجهڻ آيو هئس. پر مالڪ توتي مهر ڪري، توکي ان عذاب کان ئي آجو ڪري ڇڏيو. يار مونکي بہ ڪا دعا ڪر تہ، اکيون هونئن بہ اچي ٽڪيون آهن، باقي زبان تي تہ تالو هٽي، خدا مونکي بہ تو جيئان خاموش سڪون ادا ڪري؟ هاڻ هن عمر ۾ ڳالهائڻ بہ پنهنجي ڳچي جو ڳٽ ٽيو پوي، ڪير نٿو ٻڌي، تہ بہ زبان تہ پئي زهر اوڳاريندي آهي۔ انهيءَ زبان تہ اهڙا ذائقا چکايا اٿم، جو جڻ تہ، نفرتون منهنجي منهن ۾ موري پيون آهن. بس ادا تون مونکان اڳ جان ڇڏائي وئين، مون تي ايڏالائي ڪيترو ڪرب ڪڍهندوا؟"

زليخا، علي احمد جي ان گفتگو ۾ ايذاءُ محسوس ڪندي چيو "بس ادا! ماڻهو کي تہ پنهنجي من جي بہ خبر نٿي رهي۔ اهي امتحان تہ سڀ اوچتو اچي ڪڙڪندا آهن. جن مان جيئري ئي گذرڻو پوي ٿو ڏکيائي جي وقت تہ، دل کي بہ ڏڍ ڏکيو ٿو لڳي ۽ صبر توڙي سهپ، سڀ سور بڻجو پون، پر پوءِ آهن تہ سڀ انسان جي لاءِ۔ بس هُو وڏو سخي ۽ ٻاجهارو آهي، اسان بہ سندس ٻاجهہ ۾ اکيون اٽڪايو وينا آهيون، اميد آهي تہ، ٻاجهہ سان ٻيڙو اُڪاريندوا؟"

جان محمد، زليخا جي ان ٻاجهاري ٻولي مان اهو محسوس ڪرڻ لڳو تہ، شايد اهي صدائون رڳو منهنجي موت لاءِ پيون اٿن"، پر هو مضبوط دل ماڻهو هو، پنهنجي ان وهميل احساس جوڪنهن کي انت ئي ڪون پي ڏنائين۔ ليڪن انسان پنهنجي وجود کي تہ نٿو لڪائي سگهيا ڪيڏا بہ حيلا ۽ همٿون ڪري، پر پوءِ بہ فنا جي منزل اکين اڳيان ڏسي، سندس سيئي عضوا، سندس چئي چوڻ جا پابند نٿا رهن! اهو ئي وقت، انسان کي پنهنجي وجود جي جدائي تي، وڏيڪ ايذائيندڙ وڏيڪ اذيتناڪ ۽ سيڪان وڏيڪ پنهنجي حال تي رئاريندڙ ٿئي ٿو. جي مرڻا اڳ مئا ۽ مري ٿيا نہ مات۔ هي جهان انهن، اهڙن، جيئري مري جيئڻ وارن جو آهي۔ حق جي راهہ تي گپ ۾ گيدي بڻجي عمر گذاريندڙ تہ گدڙن جي جهان ۾ ٿو رهي، سو سماج جا سور تہ ڇا پنهنجي

مٿي جي جُونءَ ۾ ساري نہ سگھندو آھي. زندگي تہ ڪربل جو سفر آھي، هن ۾ ڪرب جي اڄ جان محمد جيئان شربت سمجھي صبح، شام پيئٽي پوي ٿي!

جيئن موت کي پنھنجي ساھ سان گڏ ويندل ڏسي، ماڻھو کي پنھنجي فڪر ۾ فنا جو تصور اجايو تڙپائي ٿو- جان محمد ۾ اھڙي سوچ ۾ سڙندو رھندو ھو. سندس بيمار حالت تي جيڪو ۾ ماڻھو سندس عيادت لاءِ ايندو ھو تہ ان کي جان محمد مان ھاڻ رڳو موت نظر ايندو ھو. ۽ ھر ڪو روئي اٿندو ھو. ائين ھر ڪوئي سندس مضبوطي کي، پيو لوڏيندو ھوا پر ھن ڪڏھن ۾ بزدل ٿي موت کي ليلائيو ڪون، ڪيس خبر ھئي تہ موت کي منٿ ڪرڻ، پنھنجي وجود سان نفرت کان وڌيڪ ٻيو ڪجھ ۾ ناھي. ۽ اھا تہ سا پنھنجو پاڻ سان دشمني ڪرٽي پوي ٿي"

ھن زليخا کي اشارن ۾ چيو "ھنن کان پڇ سندن ڪوئي خاص ڪم ھجي تہ ٻڌائين، مان اڄا چني چپاتي لکي پڙھي سگھان ٿو"

پر زليخا کي خبر ھئي تہ، ڪيس لکڻ ڪرڻ سان وڏي تڪليف ٿي ٿئي، تنھن ڪري، ھن سندس اشارو پوري طرح سمجھي ٻُجھي ۾، سندس تڪليف جي بچاءُ ۾، ڀالھ بدلائيندي چيو "ادا علي احمد، جان محمد چوي ٻيو تہ، مونکان ڪي غلطيون، ڇڪون ٿيون ھجن تہ مونکي معاف ڪري ڇڏجانءِ؟"

زليخا جي ان بدليل بيان تان، جان محمد جي من ۾ اھا دانھن اُٿي تہ "ھاءِ...او... منھنجي زليخا، اڄ تو ۾ جھڙو مونکي ڇئي ڏنو تہ، پنھنجو پاڻ سنيال!"

زليخا توڙي جو سندس تڪليف جي بچاءُ ۾ اھو ھٿرادو ڪوڙ ناھي ٻڌايو، پر ڪوڙ پنھنجي بچاءُ لاءِ ھجي يا ڪو وڏاءُ ھجي- نئون ھجي يا پراڻو سو تہ ماڻھو جي وقار کي فنا ڪندڙ آھي. زليخا تڪڙ ۾ اھو سوچيو ئي ڪون، تہ اھو معمولي ڪوڙ ۾، منھنجي جانيءَ جي جيءَ کي ڀاھي ڇڏيندو!

جان محمد ان ڏک وچان، پنھنجو اشاري وارو ڀالھائڻ ۾ بندڪري ڇڏيو!

منهجند جو وقت هو ۽ مئي جو مهينو، گرمين هر گهر ۾، پگهر سان ڪپڑا پي پسايا، ماڻهن جي بغلن ۾ بدبوءِ ائين گهر ڪريو وينو هئي، جڙ اهي بغل نہ هئا، ڪوئن جا آکيرا هئا. هر ماڻهو جي سوچ تڪڙو ساهہ پي ڪنيو، ڪريمداد ۽ صديقا، پنهنجي پنهنجي ڏيوتي تان موٽيا هئا، چاهت پنهنجي ڪنهن حقي موڪل سبب گهر ۾ اڪيئي موجود هئي- ڪريمداد، پنهنجي پيءُ ۽ عادل سان ايجا مليو ئي ڪون هو، تہ چاهت ڪيس اڳ ۾ ئي پنهنجي نيت جو ڪروڙ ڪاڙهيندي چيس "اڄ هو تو وارو مڙهو- وري آيو اٽئي پنڙ، پهريان سندس پاڙي خرچ جو انتظام ڪري، پوءِ وڃي ملينس، توکي چيو هئم تہ، هيڏانهن اچڙ کان ڪيس منع ڪري ڇڏ، پوءِ وري ڇاجي لاءِ آيو آهي؟ سويلي کان وينو آهي، هاڻ تہ بابا کي پورو ڪري پوءِ ويندو- ان تو واري جڏي پيءُ کي روئڙ کانسواءِ، خدا ٻيو ڪجهہ ڪونهي ڏنو ڇا؟"

ڪريمدد وائڙو ٿي پڇيس "پر- وڃي ڪير آيو اٽس؟ ڪنهن سان گڏجي آيو آهي؟"

"وڃي ڪير ايندس- چاهت چيو- ٻيو هوندو ادا عادل کي پويان ٽنڊڙي، پوءِ ادا عادل ٻلا ڪيڏانهن ڪريس ها! وڃي آيو ٽس پاڙ سان- پر هاڻ وڃي اتان اٽارينس تہ ادا عادل کي ماني کارايون!؟"

صديقا تہ جيئن آئي تيئن هلي وئي پنهنجي پيءُ جي ڪمري ڏانهن، سا اتي عادل کي ڏسي ويهي رهي، ڪريمداد اتي ويو ۽ عادل سان خير عافيت ڪري، پنهنجي پيءُ کي، ماني جي بهاني سان اتان اٽارڙ جي ڪوشش ڪئي- پر علي احمد اتان اٽڙ تان صاف انڪار ڪري ڇڏيو- مان هتان اٽندس تہ ڀوڻ هليو ويندس. جيڪا گهڙي هتي آهيان، جان محمد وٽ ئي وينو هوندس- ابا هاڻي هي گهڙين جي گڏجاڻي ۾، ڇو ٿا اسان کي هڪٻئي کان جدا ڪريو- ڪهڙي خبر تہ وري گڏجون يا نہ گڏجون!"

ڪريمداد واپس اچي، گهر جي ڪنهن ملازم واري انداز ۾ چاهت کي ٻڌايو بابا اتان نڪو اٿي- پوءِ ٻلا سيني کي اتي ئي ماني کارائجي ڇو ڪهڙو فرق ٿو پوي؟"

"ڇو؟ ڇاجي لاءِ نڪو اٿي؟ چاهت آکڙ مان چيو- مان پاڻهي ٿي اٽاريانس، اکين کان اڌ ماڻهو، اتي بابي جي ڪمري ۾ ٻوڙ ٻاڙي هاري ڪندو

ڪن، ايترو بہ عقل ڪونهينس، ٻاهر اچي فضيلت سان ماني ڪائي" ائين هلندي چوندي، ڪمري جي دروازي تي وڃي بيٺي. چاچا علي احمد، توهان هيڏانهن ٻاهر اچي ماني ڪائو؟"

علي احمد ارمان وچان تڙي ڪڙي جواب ڏنس- بابا مان تنهنجي ماني ڪائڻ ڪون آيو آهيان، مان بس اتي ئي ويٺو آهيان- هتي ڪو ٽُڪر مليو تہ ڪائيندس نہ تہ بہ خير آهي- اوهين پلي ڪائو!"

چاهت کي اهو جواب پسند نہ آيو، هن هڪ دفعو وري بہ چيس- چاچا اتي ماني جي هار وِير ٿيندي، توهان کي اسان ماني جي لاءِ پيا چئون، تہ اها ڳالهہ توهان کي ڏکي ڇو پئي لڳي؟"

ائين چوندي چاهت اندر ڪمري ۾ گهڙي، تہ ڪريمداد جون پريشانيون ماکوڙين جيئان، سندس سوچن جي ڪيفيت ۾ سرڙ لڳيون- هن سوچيو تہ- خدا ڪري، شل بابا ڪوئي ڪچو ڦڪو گفتو نہ وات مان ڪڍي!؟" هو انهيءَ سوچ ۾ هو تہ، علي احمد چيو "امان! ڪا ڏکي ڳالهہ لڳندي، تہ بہ توکي ان جو ڪهڙو ڏک ٿيندو!؟"

"ڇو چاچا علي احمد! مان انسان ناهيان ڇا؟" چاهت چيس ۽ علي احمد نماڻو منهن ڪري چيس "نہ بابا، تون انسان تہ آهين، پر الائي ڇو تنهنجي طبيعت کان مان ڏجان ٿو، شايد مان مڙهو ماڻهو، مون ۾ هاڻ جهت،جهڙپ جو جهلو رهيو ناهي تڏهن شايد!"

بس پوءِ، تہ چاهت جي طبيعت کي جڙ ڪنهن ٻاهريِ جو تئو اچي وبو ۽ پڙڪو ڏئي چوڙ لڳي "چاچا مان ڪا چتي ناهيان ٿي، نڪي جانور آهيان جو ماڻهن کي جهت ۽ جهڙپون ڏيندي وتان- تون هتي اچين تہ، توکي ڪارائي پياري، ڏؤ ڪرائي پچاڙي پاڙا خرچ بہ ڏيون، پوءِ بہ تون هتان ڳوٺ وڃو منهنجون گلائون ڪرين- تون اچي ڏاڙهي ۾ اُتي ماڻهن کي ٿو چوين تہ، اها زال ايڏي ڪا ضديري آهي، جوپرائي، پنهنجي بہ ساڃاهہ نٿي ڪري- وڃ ڪٽي تہ ماڻهو جو منهن پٽيو وڻي- مون الائي ڪنهن جا منهن پٽيا آهن- تنهنجي تہ نڪ تي بہ ڪا رهڙ ڪونهي- پوءِ بہ جي تنهنجو هتي منهن ٿو پٽجي، پوءِ ڇاجي لاءِ ٿو اچين؟ ۽ هتي اچي وري اهڙو ميسڙو منهن ٿو ڏاهين، جو ٻيو ڪوئي سمجهندو تہ، هي ڪو خدا جو ولي آهي. پر تو جيڪي ڳوٺ

۾ ڳالهيون ڪيون آهن سي ته شيطان کان به ڪون ٽيندين. اُهي جي تنهنجا پول پڌرا ڪريان- ته بابا کي ڪر تنهنجي شڪل کان به نفرت ٽي پوي!"

تڏهن وچ ۾ ماءُ چيس "چاهت ڪجهه حيا ڪر، سُهرو اٽئي- سُهرو پيءُ جي برابر هوندو آهي!"

وچ ۾ ڪنهن جوڳالهائڻ ته، چاهت جي طبيعت کي وڌيڪ تيز ڪري ڇڏيندو هو. ان مهل به سندس ماءُ جو اهو ٿورو چوڻ به کيس جڙ ڇُوچڙي ٽي لڳو. ۽ تِيسي ۾ اچي چوڻ لڳي "هي منهنجو سُهرو آهي- امان تون هن کي ٽي منهنجي پيءُ جي برابر ڪرين؟ هي جيتري وڏي عمر جو آهي- اوترو وڏو گلا خور آهي! هن منهنجي لاءِ ڳوٺ وڃي چيو آهي ته- اها زال ڪونهي زهر آهي- پنهنجي پيءُ جو به حيا نٽي ڪري- منهنجي پٺ کي ته الاءِ چا...پياريو ٽس، جو رات ڏينهن پيو سندس پير چٽي- ۽ امان! تون هن کي بابا جي برابر ٽي چوين مان چوان ٽي، ڪيوس هن گهر مان هينئر جو هينئر هتان ڪيوس- نه ته مان پاڻ ٽي اٽاري ڪيانس."

ڪريمداد کيس ويجهو ٽي، پاڪر پائي ٽڏي ڪرڻ جي کيس ڪوشش ڪئي، ته سندس ٻانهون اچلينديِ چيائين "پري ٽي مون کان- مان چوانءِ ٽي مونکي هينئر ويجهو به نه اچ- پهريان هن پنهنجي- جڏي کي هتان ڪيي روانو ڪر...؟"

ته ڪريمداد چيس "پلا ماني ته کائڻ ڏينديئينس- ماني ٻه، نه کائي...؟"

"نه نه، ڪونهي هن جي لاءِ مون وٽ ماني- بچي پئي ته ٻاهر گهٽي ۾ اچلي ڇڏيندیس- جانور کائي ويندا!"

ڪريمداد هاڻ ٻي واهه نه ڏسي، عادل ڏانهن لکي اشارو ڪيو ته "ٻيلي هاڻ تون منهن ڏيئينس؟"

عادل اڳا پنهنجي جڳهه تان چُريو ئي مس ته هو سمجهي وئي ۽ اتان چوڻ لڳس "ادا توهان اسان جي وچ ۾ نه اچو مان هينئر پنهنجي وس ۾ ناهيان- هن پوڙهي مونکي تمام گهٽو ذليل ۽ بدنام ڪيو آهي- مون کي هن کان تڪليف آهي- مان هينئر ڪنهن جي ڪان ٻڌندیس- توهان به اجايو پوءِ دل ۾ ڪندا!"

ايترو چئي عادل جي دل ڏکائي، سندس نظرن ۾ تہ پاڻ کي ڪيرائي چڪي هئي. ان اجائي جذباتي هُل ۾ عادل جي بہ سچاٽپ چڏي، ايترو پي هن ڳالهايو جو عادل جون نظرون ڪيس ڏسي، ڏسي ٿڪي پيون هيون، تنهنڪري عادل چيس "نہ منهنجي پيٽ،مان توهان جي وچ ۾ ڪون ٿو اچان۔ اسان ٻئي ٿا ويون۔ڪاڪا علي احمد کي تہ وڃي مان آيو هئس۔ سائين جان محمد جي گهٽي ناچاڪي جو ٻڌي، مان چيو مانس تہ، هل مان توکي وڃي ٿو هلان۔ پر هاڻ توهان کي اها ڳالهہ نہ وڻي تہ اهڙي ڪا ڳالهہ ڪونهي۔ زندگي ۾ ائين ٿيندو آهي۔ مان وري ڪنهن ٻي مهل ايندس!!" ۽ وري علي احمد کي چوڻ لڳو "ڪاڪا علي احمد منهنجي خيال ۾ تو جيءَ ٻري سائين سان ڪچهري ڪري ورتي۔ هاڻ ٻلا هلجي۔ سائين جان محمد کان موڪلايو تہ هلون!؟"

جان محمد الائي ڪيڏي مهل کان اکيون پوري پي رنو، ويچارو زليخا کي بہ ان مهل وسري ويو هو. تنهن جي ڪنهن بہ سار ڪون پي لڌي، جنهن مهل علي احمد کانئس موڪلائڻ جي ڪئي، تڏهن سين ڏنو تہ جان محمد جي اکين مان پاڻي ڪون پي وهيو، پر جهڙوڪورو رت پي وهيو! پوءِ بہ چاهت کان ايترو ڪون ٿي سگهيو جو رڳو چوي ڪٽي "ادا عادل، ماني کائي پوءِ وڃجو!"

۽ هو جان محمد سان ڳالهائڻ جي سگهہ نہ ساري۔ جنهن مهل ٻاهر پي نڪتا، تنهن مهل زليخا روئي عادل کي چيو "عادل...ابا خبرناهي تہ اسان جو الائي ڇا ٿيندو... بس منهنجي، هن صديقا جي توکي پارت آهي عادل!"

عادل ڪنهن سڳي پٽ جيئان، پنهنجي هڪڙي ٻانهن جو ڪيس ٻک وجهي، دلداريون ڏيندو پنهنجي اکين ۾ پرجي آيل پاڻي اکين ۾ ئي جهلي، علي احمد کي ساڻ وڃي، ڳوٺ هليو ويو.

۽ علي احمد پنهنجي پٽ اڳيان، پنهنجي هيڏي ساري تذليل ٿيندي بہ، پنهنجين اکين مان، هڪڙو لڙڪ بہ ڪون ڳاڙيو، ائين پي لڳو تہ، هن روئي، روئي، اکين جو پاڻي سڪائي، پنهنجون اکيون، سُڪو ٽڪر ڪري چڏيون هيون. ۽ هاڻ جيڪو بہ هو۔ سو سپ سندس جيءَ اندر ۾ جڻ قاتل زهر ٿهي پيو هو.

●⊙●⊙●⊙●

عادل ۽ علي احمد شام جو نيرٽي وچينءَ مهل ڳوٺ پهتا. گهر اچي عادل کي ته معاملو سمجهه ۾ ئي نه پيو اچي ته، آخر ان معاملي جو ڇا ڪجي؟ ۽ ڪهڙي طرح سندن خانداني دوريون گهٽجن!؟

علي احمد ته جيئن ئي پهتو ته، ساٽو ٽي ڪٽ تي سمهي پيو. چون ٿا جنهن مهل سندس پوڙهي زال پاڳان، پنهنجي پٽ ڪريمداد بابت ڪجهه پڇيس ته، هن کي اُلٽيون شروع ٿي ويون، ۽ ايتريون ته، اُلٽيون ڪيائين، جو پڇاڙي، سندس پيٽ مان رڳو سائو ۽ ڪِنو زهر جهڙو پاڻي پي نڪتو ۽ انهيءَ رات ئي تقريبن ٻه وڳي ڌاري هن پنهنجو دم ڏٽي حوالي ڪيو- جنهن کانپوءِ ٻه ڪجهه دير تائين اهو زهر جهڙو پاڻي سندس وات مان وهيو پي!

جنهن مهل دم ڏنائين، ان مهل ئي، ڪريمداد جي مامي، جنهن ڪريمداد سان ڳالهائڻ ڪرڻ سپ ڇڏي ڏنو هو، تنهن عادل کي سندس گهر ۾ ننڊ مان اٺاري اچي ٻڌايو ته- پوڙهو علي احمد وفات ڪري ويو. ڪريمداد کي وٺي اچ، يا ڪيئن ٻه ڪري ڪيس گهرائي وٺ!؟"

عادل جئين ئي اها ڳالهه ٻڌي، ته ڪا شئي سندس سڄي وجود کي ڪپي، ڪوري ۽ سندس حلق ۾ اچي ڦسي ٻيهه رهي! ۽ اشڪ آلود اکين سان دل ۾ چيائين "او منهنجا بدنصيب دوست- قيامت ۾ توکان ته پنهنجو پيءُ ٻه انڪاري هوندو!"

"وَالْاَرْحَامَ اِنّ اللهَ كَانَ عَلَيكُم رَقِيباً." (سُورةُ النِسَآءِ)

۽ مائٽي (چنڊ ڪان (ٻه ڊڇو) ڇو ته الله اوهان تي نگهبان آهي.

بس پوءِ ان مهل ئي، گاڏي ڪري، عادل رات جو چار وڳي ڪريمداد جي گهر جو در وڄي کڙڪايو ته ڪريمداد پاڻ نڪري آيو. عادل اجايو وقت وڃائڻ بجاءِ ڪيس بيني پيرن ڇيو "مان گاڏي ڪري آيو آهيان، گهر وارن کي ٻه تيار ڪر ته ڳوٺ هلون- ڪاڪا علي احمد وفات ڪري ويو. ۽ تنهنجو پيءُ آهي، توکي اتي جلدي پهچڻ گهرجي. مان بس اتي اِتيئي ٻيٺو آهيان، توهان رڳو تياري ڪري اچو ته هلون ۽ ها سائين جان محمد کي فلحال نه ٻڌائجو؟" ڪريمداد ڪجهه ڳالهائي ڪون سگهيو ۽ واپس وڃي، چاهت کي

ننڍ مان اٹاري، ڪيس چيائين، "اُٽ ڪپڑا بدلائي- ننڍڙي سورٹ ڪڍ- جلدي ڪر ڳوٹ هلون- بابا گذاري ويو آهي- ادا عادل ٻاهر گاڏي سان بينو آهي؟"

چاهت ڪيس بستري ۾ ئي جواب ڏنو- مان ڇا هلي ڪنديس؟ تون وڃين ته پلي وڃ!" "پر ادا عادل چوي پيو ته، چاهت کي وٹيو هل- پوءِ تون ڪٹي ادا عادل جي گهر رهجان!؟"

"مان پنهنجي هن معصوم کي ڪٹي پئي رولينديس- مون کي ڏکيائي ٹيندي- تون ادا عادل کي چئو ته، ننڍڙي سورٹ جي ڪري، چاهت ڪون ٹي هلي بس- ڇڏ منهنجي جان- ننڍ خراب نه ڪر منهنجي!" ۽ هاڻ ڪريمداد پنهنجي بيوسي مان چيس "ٹهيو پلا مونکي ڪجهه پيسا ته ڏي؟" "هاڻي مان اٹان ڪون ٹي، ٹيبل جي خاني ۾ ٻه سؤ پيا آهن، سي کنيو وڃ!" "ٻه سؤ مان ڇا ٹيندو؟ ڪريمداد چيو- منهنجو پيءُ هو چاهت، مونکي ڪفن، دفن جو خرچ ڪرٹو آهي!؟"

تڏهن ڪروڌ مان چاهت پنهنجي مٹان پيل چادر اڇلينديِ اُٹي ۽ الماري ڏانهن ويندي چيائين "هاڻي مرن ته ٻه، خرچ اسان تي- پنهنجي ٻني هئس وڪڻي نٹي ڇڏيائين ڇو؟ ۽ پوءِ هزار روپيا ڏيندي چيس- اڇي بس اهي آهن. بجلي جي بقايا ڏيڻي هئي، پر هاڻ اهي ٻه جهڙا مفت ۾ ويا!" ڪريمداد هزار روپيا کيسي ۾ وجهي، ٻاهر اکيلو نڪتو ته عادل چيس "تون اکيلو ٹو هلين ڪريمداد؟" "ها." ڪريمداد کوڙ ڳالهائيندي چيو- ننڍڙي سورٹ جي طبيعت ٹيڪ نٹي رهي عادل... بس هلو؟"

"نه ڪريمداد، اهو ٹيڪ نٹو لڳي- ادي چاهت نٹي هلي ته صديقا کي وٹيو هل- سڄي گهر مان تنهنجو سڪٹو هلڻ اهو ته مناسب ئي ڪون ٹيندو؟" ڪريمداد لاچار واپس ويو- ۽ صديقا کي ننڍ مان اٹاري، رڳو بس ايترو ئي چيائين "بابا ڳوٹ وفات ڪري ويو آهي!" بس هڪدم بسترو ڇڏيندي ڏهن منٹن ۾ ئي پنهنجي ماءُ کي ٻڌائي هلي آئي. پر صديقا جي چاهت سان ڪريمداد ڳالهه ئي ڪون ڪئي ۽ صبح جو سج اپرندي ئي ڪريمداد جڏهن ٹن سالن کانپوءِ پنهنجي ان جنمي گهر ۾ پير رکيا ته، بختاور جي اکين کي اهڙي آسيس آئي، جو ان لاءِ ته گهر ۾ جڻ قضيو ٹيو ئي

ڪون هوا! تدفين جو سڀ خرچ عادل پاڻ ڪيو. جنهن مهل ڪريمداد ان خرچي جو پڇيس تہ ڪيس چوڻ لڳو "ڪريمدادا! موت هر ماڻهو جي ڳولا ۾ آهي- اهو توکي ۽ مونکي بہ هڪ ڏينهن ڳولي ونندو- پر تو جيئان موت کي ڪنهن جوڏس ڏيڻ، اهو ڪم ڪيئن نہ اٽڄاڻائي ۾ ٽيو وڃي؟ پر ڪريمدادا! هاڻ پنهنجي پوڙهي ماءُ کي ائين نہ وسارجان يارا!" ڪريمداد رڳو عادل جي منهن ۾ ڏنو ۽ خاموش ٿي ويو- رات جي وقت، اوڙي پاڙي وارا پٽر تي اچي گڏ ٿيا تہ ڪريمداد کي پنهنجي پيءُ جي پٽر تي وينل ڏسي، هر ڪنهن پنهنجو تبصرو شروع ڪري ڏنو ڪو چوي پيو تہ "پيلي چگو ٿيو پنهنجي پيءُ جو ڪانڊي تہ ٿيوا!" تہ ڪو چوي پيو "اڙي نياڳو رڳو پنهنجي خواري ڪان آيو آهي- نہ تہ مُئي تہ جهڙي ماڻس بہ پئي آهي- پر هاڻ ويچاري پراون درن تي پئي ڏڪا ڪائيندي!؟"

تہ ڪنهن وري الله لڳ بي ڊپو ٿي وڏي آواز چيو "ادا جنهن جي انسانيت ئي پنهنجي مئل هجي، تہ اهو مرده ماڻهو مائٽ لاءِ تہ جهڙو جيئرو، تهڙو مئل- ڪريمداد نہ اچي ها، تڏهن بہ ڪاڪا علي احمد جي مَيت کي اسان ڏپ ڪرڻ ٿورو ئي ڏيون ها!" ۽ هڪڙو شخص ڪريمداد کي ويجهو ئي وينل هو، چيو پي "مرڻو تہ هر ڪنهن کي آهي، پر چاچو علي احمد ويچارو، جيئري ئي مُئن واريون خبرون پيو ڪندو هو، اهوعادل هو، جنهن سندس مئل دل ۾ ساهہ پي وڌا، نہ تہ اڄ ڪلهہ نباهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي!" ان رات جيتري دير بہ ماڻهو تڏي تي وينل هئا، سي مُئن جون مقالون چڏي، پچاڙي تائين، رڳو ڪريمداد تي ڳالهائيندي، آهستي، آهستي سڀ اُٿي ويا.

ٻئي ڏينهن صبح جو ڪوئي اٺي وڳين ڏاري، عادل پنهنجي گهر وينو هو، تہ پاڙي جي ڪنهن ماڻهو اچي ٻڌايس "عادل! اوطاق تي ڪو نئون مهمان آيو آهي، تنهنجي پڇا پيو ڪري، پر چوي پيو تہ، پائوُ عادل سان مونکي ٿورو جلد ملايو." عادل ان مهل ئي وڃي ان شخص کي رڳو هٿ ڏنو، تہ ان بناڪنهن پڇڻ، ڳاڇڻ جي خود چئي ڏنو "ادا مونکي جي جِيءَ زليخا موڪليو آهي. هتي توهان وٽ سائين جان محمد جي نياڻي، ادي صديقا آيل آهي، سائين جان محمد رات وفات ڪري ويو، مونکي پيڻ صديقا لاءِ موڪليو ويو آهي!"

عادل کانئس وڌيڪ ڪجھ پڇي، ان کان اڳ ۾ سندس اندر واري شاعر چيو "واھ جھان جا خلقٽھار، تنھنجو دنيا ۾ رشتن جو رسو ڳنڍڻ- رُڳارين گڏ، ڪلائين بہ گڏ، ۽ وري پاڻ ڏانھن گھُرائين، تڏھن سپ ڪنھن کي جُدا جُدا- ماڻھن کي عذابن ۽ گناھن ۾، ڪيئن تو لڪائي رکيو آھي." جان محمد جي وصيت ٿيل ھئي تہ "مونکي پنھنجي محسن ربنواز ڏوہي جي پيراندئ کان دفن ڪجو." تنھن کي سندس محسن جي پيراندئ کان دفن ڪيو ويو- پر علي احمد جي تہ وصيت ئي رُلي وئي!! پاڳان پنھنجي ڏئ جي گھر ئي عمر گذاري مئي ۽ صديقا، پنھنجي ماءُ کي ساڻ ونئي عادل آزاد جي ڳوٺ اچي رھڻ لڳا- ۽ سڄي عمر نہ پاڻ کي سجايائين سينگاريائين ۽ نہ شادي ڪيائين!!

جتن جاڙيجن سان، صلح ڪر سنگھار،
تون وڃ ڇڏين ٿو ويسرا، ھوءَ چمڪيا چوڌار،
تو جيڏا تو يار، لاکي گڻين لڏائيا. (شاه)

24 _نومبر_2009ع

Add: Hyder Darya Zaur, Mirpur Bathoro, Distt: Thatto

0302_2315714_ 0334–3306372